# وطن واویلا

ناول

- غلام نبي مغل

# وطنَ واويلا

## ناول

غلام نبي مغل

صادقين پبلشنگ هائوس حيدرآباد
2008ع

# صادقين پبلشنگ هائوس جو ڪتاب


پريس: شيخ پرنٽرز گاڏي کاتو حيدرآباد

ڪمپيوٽر ڪمپوزرس: الرزاق ڪمپيوٽرز رابي سينٽر گاڏي کاتو حيدرآباد

پهريون ايڊيشن: مئي 2008ع

قيمت پڪي جلد سان: ڏيڍ سئو رپيا

---

**Watan Wavella** (Novel) By: GHULAM NABI MUGHAL.
Published by: Sadequain Publishing House, Hyderabad. Sindh.
Contact: 022-2782770, 0300-9371650
First Edition: May 2008
Price Per Copy: Rs: 150/=



(ليکڪ جا سڀ حق واسطا قائم)


هن ناول ۾ جيڪي ڪردار، واقعا ۽ ماڳ ذڪر ڪيل آهن سي برابر ڪيترائي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن ۽ هر واهڻ، وستي، ڀهراڙي توڙي شهرن ۾، پڙهندڙن کي محسوس ٿيندا ۽ نظر به ايندا هوندا. پر جي ڪنهن شخص، يا واقعي يا ماڳ سان ڪٿ به هڪجهڙائي محسوس ٿئي يا نظر اچي ته اهو هڪ رڳو اتفاق ئي سمجهجي ٿو:

# وطنَ واويلا

**غلام نبي مغل**، 12 مارچ 1944ع ۾ حيدرآباد ۾ ڄائو ۽ سندس پهرين ڪهاڻي ”تر“ جي نالي سان ماهوار مخزن ”روح رهاڻ“ ۾ 1960ع ۾ ڇپي. ان کان پوءِ سندس ٻي ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ تماهي مخزن ”مهراڻ“ ۾ 1962ع ۾ ڇپي. مغل جو پهريون ڪهاڻي – ڪتاب ”نئون شهر“ 1964ع ۾ ڇپيو. 1963ع ۾ هندستان ۾ ”سنڌي شارٽ اسٽوريز“ نالي هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ڇپيو جنهن ۾ ”حشو ڪيولراماڻيءَ“ اٺ ڪهاڻيون هندي سنڌي ڪهاڻيڪارن جون ۽ چار ڪهاڻيون سنڌ جي ليکڪن جون ترجمو ڪري شامل ڪيون. جن مان هڪ مغل جي ڪهاڻي ”شيشي جو گهر“ هئي. 1965ع ۾ مغل فرينچ ليکڪ ”پيري لوئي“ جو ناوليٽ ”وومين اينڊ دي پپيٽ“ جو ترجمو ڪيو ۽ ڪتاب ”عورت ۽ پيار“ جي نالي سان ڇپيو. مغل جو ٻيو ڪهاڻي ڪتاب ”رات جا نيڻ“ 1968ع ۾ ڇپيو. ٽيون ڪهاڻي – ڪتاب ”رات منهنجي روح ۾.....“ 1978ع ۾ ڇپيو ۽ 1979ع ۾ انهيءَ ڪتاب کي ”سنڌالاجي، يونيورسٽي آف سنڌ“ طرفان سال جي بهترين افسانوي ادب جو انعام مليو. چوٿون ڪهاڻي – ڪتاب ”سٺ ستر اسي“، 1989ع ۾ ڇپيو. مغل جو پهريون ناول ”اوڙاهه“ 1994ع ۾ ڇپيو ۽ ٻيو ناول ”دونهاتيل راتيون ۽ رولاڪ“ 1996ع ۾ ڇپيو. انهيءَ ناول کي 1997ع ۾ سنڌي ادبي سنگت سنڌ، سال جي بهترين ناول جو اعزاز بخشيو. انهيءَ کان اڳ، 1995ع ۾ مغل، پنجابي ليکڪ ”فخر زمان“ جي ناول ”بنديوان“ کي ٻه ترجمو ڪيو آهي جيڪو ”قيدي“ جي نالي سان ڇپيو. مغل جو ٽيون اصلوڪو ناول ”مونکي ساهه کڻڻ ڏيو“، ڪاروڪاريءَ جي موضوع تي 2004ع ۾ ڇپيو آهي. هي چوٿون ناول ”وطن واويلا“ آهي. مغل هيستائين پنهنجا چار ڪهاڻين جا ڪتاب، چار ناول لکيا آهن ۽ ٽي پرڏيهي ڪتاب ترجمو ڪيا آهن. اِنهي کانسواءِ ڪيترين اخبارن ۾ ڪالم لکيا آهن.

غلام نبي مغل، حيدرآباد سنڌ ۾ رهي ٿو.

# ڪجهه اکر
# پنهنجي پاران........

> The man who, writes about himself and his own time is the only man who writes about all people and about all time.
>
> -G.Bernard Shaw

جڏهن ناول وطن واويلا لکڻ شروع ڪيم ڪجهه واقعا ذهن جي ورن ۾ موجود هئا. پر آهستي آهستي منهنجو سمورو ذهن، سوچ ۽ سمجهه، مونکي اهڙن پيچرن ڏانهن گيلهڻ لڳا جو آءٌ هڪ عجيب هنڌ تي اچي مُنجهي بيهي رهيس ۽ محسوس ڪيم ته هن وقت وطن سمورو هڪ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاسي چُڪو آهي جت ساڃاهه وند ماڻهو پنهنجي اندر ۾ ئي دُکن پيا ۽ سوچيم جيڪي چٽگون واضع طور نظر اچن پيون سي جي ٻري پيون ته الائي ڇا ٿيندو؟

هن ناول ۾ غربت ۾ رهندڙ انسانن بابت اشارا آهن. پيٽ جو خال ڀرڻ لاءِ، هڪ عام پورهيت پنهنجو هڪ گردو وڪڻي، پنهجين حالتن کي سڌارڻ چاهي ٿو. ته به نٿو سڌاري سگهي!
پڙهيل ۽ بي روزگار نوجوان، جن جا ذهن ٻرندڙ باهه سان ڀريل آهن، سي ڪارجيڪنگ ۾ ٻيا به ڏوهه ڪري، هن دنيا ۾ رهڻ جهڙا ٿيڻ چاهين ٿا.
وطن ۾ مڊل ڪلاس نه پيو اُسري! وڏيرڪو ڪلاس پنهنجي آزارن ۾ ڦاٿل آهي. گذريل ٽيهن پنجٽيهن سالن کان وطن ۾ ڪاموري جو رول، سواءِ ڪجهه چڱن ماڻهن جي، نهايت منفي رهيو آهي. هُو ambitious وڏيرڪي ڪلاس کي اُن وقت استعمال ڪري ٿو جڏهن هو ٿلهو فيوڊل

> Every man is the creature of the age in which he lives, very few are able to raise themselves above the ideas of the time.
>
> -Voltaire

ڪلاس، عام ماڻهن جي ووٽن جي سهاري، اسيمبلين جي ايئرڪنڊيشنڊ هالن ۾ سماجي، قانوني ۽ انتظامي قوت حاصل ڪري، آدم-بُو آدم-بُو ڪري، ڪروڙ- اڏ- ڪروڙ جي گاڏين ۾ چڙهي، وطن جي پڪن ڪچن رستن تي اچن ٿا. ڪامورا اهڙن ambitious ۽ corrupt وڏيرن کي استعمال ڪن ٿا ۽ سندن برقرار بادشاهي لاءِ گس ٻڌائين ٿا. انهن ٻن ڪلاسن جو ميلاپ وطن ۾ واويلا مچائي ٿو ۽ ڪِٿ نوجوان پڙهي، يونيورسٽيءَ مان نڪرڻ شرط سڀ آدرش وساري انهي ڪلاس کي وڏيڪ سگهه پهچائي ٿو يا ذهن ۾ دڪيل چٽگن ڪري، سماج ۾ وڏيڪ منفي ڪردار ادا ڪري ٿو. جمهوريت جا پيداوار وڏيرا طاقت ۽ سالياني بجٽ ۽ ڊونر ايجنسين جي ڪروڙين ڊالرس جي آڌار تي حرفتي ڪامورڪو ذهن، سياسي ۽ جمهوري آٽوڪريسي ۽ ٻين مسئلن سان گڏ، سنڌ کي اڏوهي وانگر لڳل آهن.

**هن ناول** ۾ اوهانکي ڪجهه انساني سمجهه کان مٿي اونداها ۽ ڊونهاٽيل ڪردار ٻه نظر ايندا جيڪي سنڌ ۾ استحصال ڪندڙ ڪلاس کي غير فطري طور تي ختم ڪرڻ چاهين ٿا. ڇو فطري طريقا پنهنجو اثر وڃائي چُڪا آهن؟ اهو سوال اهم آهي!

هڪ ٻيو ڪردار ٻه ملندو. هڪ ذهني ۽ جسماني طور تي معذور صحتمند ڇوڪريءَ جو ڪردار جيڪا هن سوسائٽيءَ ۾، جيئڻ جي باوجود، هڪ ساهه نڪتل انسان وانگي زندگيءَ جا ڏينهن گذاري پئي. هڪ جوان ڇوڪري آهي جنهن جو نالو گلاب آهي پر سندس جسم ۽ ذهن ۾ ڪا

خوشبو ناهي. هوءَ 1990 جي ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ دهشتگرد بگهڙن جي ور چڙهيل هڪ سنڌياڻي آهي. هڪ عام شهري سنڌياڻي – جنهن وٽ طاقت نہ آهي!
ـ هڪ عام سنڌي نياڻي! دهشتگردن جو شڪار!

جنهن ڏينهن هي ناول مون ختم ڪيو. انهيءَ ڏينهن، سنڌ راڻي بينظير بہ بگهڙن جي خواهشن ۽ رت سان پريل سندن اکين ۾ لکل خوابن مطابق، تحليل ٿي ويئي.
مون هي ناول، سنڌ جي ٻن نياڻين جي نالي ڪرڻ چاهيو ٿي پر پوءِ مون هڪ نياڻيءَ کي ”انسان جي علم“، ۾ ڊاڪتريٽ ڪرڻ لاءِ ست سمنڊ پار موڪلي ڏنو ڇو تہ هِت انسان، جي آهن تہ انسان جو علم دونهين جي چادر ۾ ويڙهيل آهي!
باقي، سنڌ وارا ”سنڌ راڻي“ جهڙو ٻيو ڪردار ڪڏهن حاصل ڪندا؟ خبر ناهي. انهيءَ ڪري هيءَ ناول سنڌ جي نياڻين ۽ **سنڌ راڻيءَ** کي ارپي، اکين جا لڙڪ اکين ۾ ئي سُڪائي، سج اُڀرڻ جي اوسيئڙي ۾ ويهي رهيس تہ رات تہ ختم ٿيڻي آهي. رڳو اهو ڏسڻو آهي تہ ٻاريل ڏيئا ڪيستائين اونده ۾ ساٿ ڏيندا. اسان سنڌ ۾ سج اُڀرندي ڏسڻ جي آس ۾ آهيون!.

You can blow out a candle
But you can't blow out a fire
And the flames begin to catch
The wind will blow it higher.

**غلام نبي مغل**
A_45، گلستانِ سجاد، حيدرآباد.



ايڪيهين صديءَ جي شروعاتي سالن جي هڪ سياري جي مُند، ملڪ مٿان ڪر موڙي، چائنجڻ شروع ڪيو هو. اجان غريب غربي گرم ڪپڙن بابت سوچيو بہ ڪونہ هوندو پر صاحب وڏن ۽ صاحبن جهڙن هموطنن ۽ يارن دوستن، ڪجهہ گذريل سالن جا اوني ڪپڙا ڪڍيا هئا. شام کان ٿڌ وڌڻ لڳي هئي. پر اهڙي بہ ٿڌ ڪونہ هئي جو ڪمين، ڪاسبين ۽ وچولي آمدنيءَ وارن جا لڱ اهنج محسوس ڪرڻ لڳن. شام جو سج، جڏهن درياهہ جي ٻئي پر، آبادين، رڻ پٽن ۽ خاموش ساوڪن جي پريان، آڪاش جي هنج ۾، ٿڪل پير مرد وانگر لهي ويندو هو تہ سانوري سنجها، هڪ منگيل ڇوڪريءَ وانگر، ڪجهہ وقت لاءِ ڌرتيءَ کي پنهنجي لوئيءَ ۾ ويڙهي ويندي هئي. درياهہ جي ٻنهي پاسي هلڪيون، جهيڻيون روشنيون، هڪٻئي جي پرسان پري کان ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. ڪونڙيءَ واري پُل، پريان راڪاسن جي لشڪر جي مُهڙ وانگر محسوس ٿيندي هئي. اڳ بہ شايد لکيو هوم تہ سنڌ ملڪ جي نصيب جو پاٽي، انهيءَ پل هينان وهي ويو آهي ۽ اسان کي پاٽيءَ جي وهڪري ۽ وقت جي گذري وڃڻ جو خيال ٿيو ئي ڪونہ ۽ جي ٿيو بہ تہ جڏهن سمورو پاٽي پل هينان وهي چڪو هو. انگريز بادشاهہ اها پُل شايد، اسان کي ٺاهي ئي انهيءَ ڪري ڏني هئي تہ اسان پاٽي ۽ انهيءَ جي وهڪري بابت سوچيندا رهون ۽ سمجهہ ۽ ساڃاهہ جي راهہ تي اچون.

”اسان جا وڏا توڪل ۾ ويساهہ رکندا هئا. انهيءَ ڪري سوچڻ جو

ڪم چڏيۂ قدرت جي ڪم جي تسلسل ۾ رنڊڪ ڪونہ ٿيا. جيئن رب جي مرضي تيئن اسان جي مرضي!“

”پر انسان تہ سوچيندو آهي. سمجهندو آهي ۽ ......“ نوجوان، پوڙهي ڏانهن ڏسندي چيو.

”تنهنجي معنيٰ تہ اسان انسان هئڻ جي ناطي صدين کان نہ سوچيو نہ سمجهيو! اسان هموطن، انسان آهيون؟ تنهنجو اِهو مطلب آهي؟“ پوڙهي مرڪندي چيو.

”اِهي صديون ۽ اِهي سوچيون......! اِهي ڳالهيون منهنجي سمجهہ کان مٿي آهن. مونکي تہ اها خبر آهي تہ آءُ يا منهنجا وڏا ائين درياهہ جي پيٽ ۾ سڪل واريءَ تي ڪڏهن ڪونہ هلياسين ۽ اِنهيءَ بابت ڪڏهن ڪا ڳالهہ، سوچ ۾ بہ نہ آئي. وڏڙن کان آڪاڻين ۾ بہ ڪونہ ٻڌوسين.“

پوڙهي شخص کان ٽهڪ نڪري ويو.

”نوجوان! انسان ئي سوچيندو آهي ۽ عمل ڪندو آهي. جانور تہ جَم کان موت تائين، پنهنجي فطرت مطابق حياتي گذاريندو آهي. سندن وس ۾ ڪجهہ نہ هوندو آهي. انسان جي وس ۾ سڀ ڪجهہ آهي. قدرت هڙئي پنهنجيون صِفتون، انسان جي ذهن ۽ ٻاڙُن ۾ سموئي ڇڏيون آهن. يا پنهنجي ئي تخليق ڪيل انسان ۾ موجود قوتون ۽ رويا پاڻ وٽ بہ رکي ڇڏيا جيئن آئين ۾ يا ملڪ جي دستور ۾ اختيارن جي صوبن ۽ مرڪز وٽ هڪ concurrent list آهي. پوءِ، قدرت تخليق کان پوءِ، انسان کي بنا ضابطي آزاد ڪيو ۽ ٻڌايو تہ هو سڄي ڪائنات کي explore ڪري. قدرت جي انهيءَ فياضيءَ کي انسان ائين استعمال ڪيو جو ڪيس روڪڻ لاءِ قدرت کي هڪ لک چوويهہ هزار پيغمبر موڪلڻا پيا. پر همراهہ وڻ گهوڙو ٻڌڻ نہ ڏنو جيتوڻيڪ قدرت وٽ سمورا ۽ وڌيڪ اختيار هئا. پر قدرت جا پنهنجا اصول ۽ رستا مقرر آهن. انسان پنهنجا اصول ۽ رستا ناهيا. انسان کي اها بہ ڄاڻ آهي تہ قدرت وٽ سڀ طاقت موجود آهي. پر انسانيت جي سموري تاريخ شاهد آهي، انهيءَ ڄاڻ هوندي بہ، انسانن جي وڏي اڪثريت، ارادي

طور تي يا اڻ ڄاڻائيءَ ۾ پنهنجا ناهيل اصول ڪتب آندا ۽ پنهنجن ناهيل رستن کي استعمال ڪيو.“

سچ جي روشن قوت ختم ٿيڻ کان پوءِ، ڏرتيءَ جي اصليت ظاهر ٿي پئي ۽ اونده جي چادر ڦهلجڻ شروع ڪيو.

”سائين اونده پئي ٿئي واپس هلون.“ نوجوان چيو.

”ها پر ترس ٿورو اڳتي هلون. آءُ ڏسڻ چاهيان ٿو ته لکين ميل پري تارن ۽ چنڊ جي روشني، سچ جي راڪاس شڪتي جي جڳهه بدلجڻ ڪري، ڪيئن ڏرتيءَ تي لهي اچي ٿي. يار ڌرتي سڄي ڪائنات ۾ انهيءَ ڪنوار مثل آهي جيڪا، سڄي ڪاڄ ۾ سڀ کان سهڻي ۽ سڀ کان وڏيڪ اهم هوندي آهي.“

”هلو پلي. پر سنڀالي هلو. ڪٿي ڪڏي ڪُپي يا پٽر سان ٿاٻڙجي نه پوءِ.“ نوجوان چيو. ”پاڻ ڪيترن مهينن کان پوءِ مليا آهيون. اوهان مونکان احوال به ڪونه ورتو ته جيڪي درخواستون، اوهان منهنجي غربت جي رجسٽريشن لاءِ ملڪ جي بادشاهه ۽ ڪائنات جي شهنشاهه کي موڪليون هيون، تن جو ڇا ٿيو؟ منهنجو ڇا ٿيو!“

پوڙهو شخص کلڻ لڳو.

”ڪابه ڳالهه يا حقيقت يا معاملو ريڪارڊ تي آڻڻ تمام وڏي ڳالهه آهي. اختياري وارن کي ضرور ڪونه ڪو قدم کڻڻو پوندو آهي. وتائي فقير کي جڏهن ماڻس ٻڌايو ته هُو غربت جي ليڪ کان هيٺ پيا رهن يا انهيءَ زماني جي ڪمزور اصطلاح موجب مسڪين ٿي ويا آهن ته وتايو فقير سڌو دنيا جي مالڪ جي گهر ويو ۽ مطالبو ڪيو.. مطالبو لفظ صحيح نه آهي. سياسي لڳي ٿو. منهنجو مطلب ته وتائي فقير ڏٽيءَ کي اطلاع ڏنو ته هو مسڪين ٿي ويو آهي ۽ جي تون ڪُٺي پيو آهين ته مونکي رائٽنگ ۾ ڏي. وتائي فقير شايد رزق جي ورهاست جو رڪارڊ رکڻ ٿي چاهيو. وتائي فقير جو زباني اطلاع آهي ته لکت ۾ نيٺ ڊسپوزل نه ٿيو پر رزق جي فراهمي جاري ٿي ويئي. سو تنهنجو به يار ڪونه ڪو ڪم ضرور ٿيو هوندو.“

نوجوان ڪلڻ لڳو. اوندھ وڌڻ لڳي پر آسمان تي بہ ستارا ساھ کڻڻ لڳا. سندن ساھ ۾ روشني هئي ۽ پريان ڪنهن آباديءَ مٿان سورهين سترهين تاريخ جو چنڊ بہ جهڪي روشني واري شمعدان وانگر اُڀ جي چاڙهي چڙهڻ جا سانپاها ڪرڻ لاءِ پاتال مان جند ڇڏائي، نروار ٿيڻ جي لاءِ سموري سگهہ ۽ سهائي سهيڙي رهيو هو. درياھ جي پيٽ جي واري ۽ ڪٿي ڪٿي پاڻيءَ جي ڏُهن ۾ تارا لکين ميلن کان ڇٽيل هلڪي ٿڌي روشني سان ٽمڪيا پئي ۽ ڦهليل واريءَ جا ذرا جهيٽي چانڊاڻ ۾ ويڙهيل، هلڪي ٿڌي روشنيءَ سان پريان نظر آيا پئي.

"سائين اوهان جيڪي خط لکيا هئا، تن جا جواب مونکي پهتا هئا." نوجوان چيو.

پوڙهي شخص، دلچسپيءَ منجهان نوجوان ڏانهن نهاريو.

"ملڪ جي گاديءَ واري شهر منجهان، مُلڪ جي مرد_اول جي سيڪريٽريٽ مان جواب آيو تہ حڪومت ڪوشش ڪري پئي تہ غربت جي سطح کي گهٽ ڪري، هن ملڪ جا نوجوان ۽ باقي رعيت جلدي محسوس ڪندي تہ اڪنامڪ حالتون بهتر ٿينديون ۽ روزگار جا موقعا وڌندا. سرڪاري ادارا ۽ ملڪيتون پرائيويٽ سيڪٽر جي حوالي ڪري هڪ تہ ملڪي خزاني جي حالت سڌارڻ جي ڪوشش ڪريون پيا ۽ ٻيو تہ پرائيويٽ سيڪٽر، نوجوانن کي روزگار فراهم ڪرڻ ۾ پاڻهن ٻيلي ٿيندو. اوهان ٿورو انتظار ڪريو ۽ ملڪي بئنڪن مان مائڪرو لون وٺي ڪو ننڍو ڪاروبار ڪريو."

"معنيٰ تہ توکي ۽ تنهنجي فئمليءَ جي ڀاتين کي غربت جي ليڪ هيٺان رهندڙ انسانن جي فهرست ۾ درج نہ ڪيائون."

"ڇا غريبن جي فهرست ۾ نالا لکائڻ اسانجو ائين ئي حق آهي جيئن ووٽرن جي فهرست يا آدمشماريءَ جي لسٽ ۾ نالا لکرائڻ اسان تي فرض آهي؟" نوجوان پُڇيو.

"اسان تي فرض رڳو پنج وقت نماز ۽ روزا آهن. الله جي وحدت ۾

ايمان آٽٺو آهي. باقي اهي لسٽون ۽ فهرستون، سرڪاري ريڪارڊ ۽ بين الاقوامي انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ لاءِ آهن تہ جيئن غريب ۽ سرندي وارن جو انگ معلوم ڪري سگهجي ۽ ملڪي بجيٽ تاهي ۽ غير ملڪي قرض وٺي سگهجن ۽ ڏٺي سڀوري ڪي انسان جي ڏاڏائي ۽ هيٺائي جي خبر پئجي سگهي. خير پوءِ ڇا ٿيو؟

”پوءِ جيڪا درخواست جي ڪاپي ڏٺي سڀوري ڏانهن اوهان موڪلي هئي، سا اسان جي حد جي ٿاڻي تي اچي پهتي. ادا ڪي ۽ مونکي گهران وٺي ويا. بہ ٽي ڏينهن جانچ هلي. مونکي صوبيدار سڃاڻندو هو ۽ ڪيس اسان جي يارن ڪيترا سال اڳ ڄامشوري جي ٽڏين هوائن ۾ ماروي هاسٽل سامهون مار ڏني هئي. ڪيس اها بہ خبر هئي تہ اڄان بہ ساڳيا يار، شاگرد اڳواڻ بہ آهن ۽ مڙس_ ماڻهو بہ آهن. اوهان ڪي خبر آهي تہ اڳي جنهن ڳوٺ ۾ مارويون هونديون هيون اُت رڳو عمر سومري جو جگر هو تہ ڪا ڪاروائي ڪري پئي ڪنهن ڪي اجازت نہ هئي. هاڻي تہ ٽي .وي چئنلن جي مهرباني ڪري مارويون پنهنجي مرضيءَ سان عمر سومرن وٽ بہ وڃن پيون تہ هوت ڪي بہ خوش ڪريو وينيون آهن. اِها سندن مرضي آهي تہ gender discrimination نہ آهي ۽ نڪو سنڌي اخبارن جي اصطلاع موجب ”لڄالٽ“ آهي. مطلب تہ ٿاڻي تي وڏيڪ ڪجهہ نہ ٿيو پر ادا دل هاري وينو تہ هن عمر ۾ جوان پاءُ ڪمائي، سڪ تہ ڪونہ ڏنا پر ٿاڻن جا منهن ڏيکاريائين.“

”بس وڌيڪ ڪجهہ نہ ٿيو؟“ پوڙهي شخص پڇيو.

”پيو خط ضلعي جي ڪنهن ڪاموري وٽان آيو تہ اوهان ڪي زڪوات وٺڻ واري لسٽ ۾ شمار ڪيو ويو آهي ۽ اوهان مستحقين منجهان آهيو.“

پوڙهي شخص ٽهڪ ڏنو. ”خير ڪجهہ تہ ٿيو!“

نوجوان بہ کلڻ لڳو. ”اڄان وڏا قصا آهن. پوءِ مونکي گرفتار ڪري ويا. الائي ڪيترا سال اڳ حيدرآباد ۾ هڪ بس ڪي باهہ لڳي هئي. ايف. آءِ. آر بلائينڊ درج ٿيل هئي. تفتيش ۾ نيٺ منهنجي نالي جو ڪُٺو نڪتو. جهلي

ويا. ٽي مهينا ٽاڻي ۾ جيل ۾ هوس. نيٺ دوستن ضمانت ڪرائي. پر پنيان منهنجا گهر وارا صحيح ٿي ويا.“

”صحيح ٿي ويا! مون ڪونہ سمجهيو.“ پوڙهي شخص پڇيو.

”سائين اها وڏي ڪهاڻي آهي. ڪنهن سنڌي ٽي وي چئنل تي مفت ۾ لکڻ جهڙي آهي.“

نوجوان خاموش ٿي ويو.

”سائين اوهان کي ڇا ٻڌايان. منهنجي پاءُ پنهنجو هڪ گردو وڪڻي ڇڏيو. ڏيڍ لک مليس. پنجاهہ هزار وچ وارا ايجنٽ کڻي ويا. گهر جا ڪيترائي مسئلا حل ٿي ويا. وڏي ڀاڄائي کي سلهہ هئي. انهيءَ جو صحيح علاج ٿيو. منهنجي ڀيڻ جيڪا عمر ۾ مونکان بہ وڏي هئي. مڱي ويئي هئي. تنهنکي ساهرا پرڻائي وٺي ويا. ڀاءُ ڪجهہ نيڪ ٿيو تہ وري وڃي پنهنجي ڏنڌي سان لڳو. گهر ۾ بہ وقت ڳنڍڻ اچڻ لڳو.“

پوڙهو شخص خاموش ٿي ويو.

نوجوان بہ وڌيڪ ڪونہ ڳالهائيو. چنڊ جهيڻي روشنيءَ جي ميري چادر لاهي، گهڻو مٿي چڙهي آيو هو. هاڻي چانڊوڪيءَ ۾ ٻنهي ڄڻن جا چهرا صاف نظر آيا پئي. پريان ڪونڊڙيءَ جي پل ڪاري راڪاس جي روپ ۾ وڌيڪ ڀوائتي لڳي پئي.

”هڪ ڳالهہ ٻڌايو. اوهان وڌيڪ سمجهدار آهيو.“ نوجوان چيو.

پوڙهو شخص کيس نهارڻ لڳو.

”قدرت، انسان کي ڪجهہ عضوا وڌيڪ ڇو ڏنا آهن. مثال طور بہ ڪن، ٻہ اکيون يا ٻڪيون يا ٻہ .... ٻانهون بہ ٻہ آهن ۽ ٽنگون بہ ٻہ آهن. اسانجو فرض آهي تہ اسين فالتو عضوا ٻين ضرورتمند انسانن کي donate ڪريون يا وڪڻي ڏيون؟

پوڙهو شخص گهڻي دير کان پوءِ ماٺ ختم ڪئي.

”ائين ناهي. جيئري اسين پنهنجو ڪوبہ عضوو نٿا ڏيئي سگهون. موت کان پوءِ بہ اسان چاهيون تہ عطئي طور وصيت ڪري سگهون ٿا.“

”پر جيڪي ماڻهو پنجاهہ سيڪڙي کان وڌ، ڪنهن ملڪ ۾ غربت جي ليڪ هيٺ رهندڙ آهن سي تہ جيئري بہ مئل آهن. جي اسين پنج ڪروڙ انسان، پنهنجا پنج ڪروڙ گردا ۽ پنج ڪروڙ اکيون، سرندي وارن، پنهنجي هموطنن کي وڪڻون يا ايڪسپورٽ واپار ڪريون تہ ڇا ائين ڪرڻ سان غربت جي ملڪي سيڪڙي جو انگ گهٽ نہ ٿيندو. اسين هڪ ٻانهن بہ وڪڻي سگهون ٿا يا روانگي واپار ۾ شامل ڪري سگهون ٿا. جڏهن اسين ملڪي ادارن يا سرڪاري ملڪيتن کي، اڄوڪي اڪنامڪ اصولن مطابق پراوٽائز ڪري، خانگي ماڻهن يا ادارن کي ڏيئي ملڪ جي ڀلائڻ لاءِ خزاني ۾ رقم جمع ڪرائي سگهون ٿا تہ انسان پنهنجا اسپيئر پارٽس، پنهنجين ضرورتن لاءِ وڪڻي سگهي ٿو؟“

پوڙهي شخص نوجوان جي ڪلهي تي همدرديءَ وچان هٿ رکيو: ”اها مايوسي آهي. تون نوجوان آهين. نوان رستا ڳوليو. محنت جا در کوليو.“

نوجوان پوڙهي شخص ڏانهن ڏٺو: ”سائين منهنجي ذهن ۽ بدن ۾ مايوسي ۽ طاقت آهي. مايوسي ڇڏيندس تہ اکين سان، ٻن اکين سان وڏيڪ ظلم ڏسندس. الائي ڪنهنجون اکيون ڪيڏي ويهي رهان. گُردن منجهان شفاف پيشاب نڪري ٿو. الائي ڪيترن، ملڪ جي پوٽارن جي مُنهن ۾ مُتي ويهي رهان. بهتر آهي تہ هڪ ٻانهن نہ هجي. طاقت جو اڌ ختم ٿي وڃي نہ تہ ٻن ٻانُن جو زور الائي ڪيترن زور آورن جا ڳلا گهُٽي ڇڏي. منهنجي پاءُ ۾ طاقت نہ هئي ۽ پنهنجي هڪ ٻُڪيءَ کي وڪڻي ڇڏيائين. شايد آءٌ انهن خريدارن جا پيٽ ڦاڙي ڇڏيان ها!“

”پراوا پيٽ ڪونہ ڦاڙيا آهن پر ڪوشش ڪبي آهي تہ پنهنجا پيٽ ڀرجن!“ پوڙهي شخص چيو.

”اوهان سائين گذريل ڇهن مهينن ۾ وڏيڪ پوڙها ٿي ويا آهيو.“ نوجوان اجان بہ گنڀير لڳو پئي. ”آءٌ هت گدو بندر ۾ اهڙن صحتمند نوجوانن جي رت جي گروپن جو رڪارڊ رکندو آهيان تہ جيئن ضرورت مهل غريب مريضن جي گهرج پوري ڪري سگهون. اميرن کي پئسن تي بہ

رت نہ ڏيندا آهيون. سائين پنهنجا پيٽ تورو گهٽو تڏهن پرجي سگهبا جڏهن پريل پيٽن کي ڪجهہ هلڪو ڪبو. منهنجي يونيورسٽي جي چانسلر، ڊينس ۽ پروفيسرن جا پيٽ ڪامورن وانگر ڪجهہ وڏيڪ پريل آهن ۽ چانسلر بہ وڏيرن ۽ پوتارن جهڙو دهشتگرد آهي جنهنجا پيٽ ۽ گُنديون پاڻ ۾ سندن چاڙتا لاڳيتو پريندا رهندا آهن. ڪامورن ۽ فيوڊل لارڊس جا پيٽ جائي جمر کان خالي ٿيٽا ئي نہ آهن. جي انهن جا پيٽ سرجري ڪري right sized ڪري ڇڏجن ۽ باقي بچيل اَنُ ۽ ڌنُ محنت ڪندڙن ۽ بيروزگارن نوجوانن کي محنت ڪرائي، ڦٽڪائي کين ڏجي تہ انهيءَ ۾ ڪهڙي خرابي آهي. ڪنهن نوجوان جي پيءُ يا پاءُ کي پنهنجو گردو تہ وڪڻو نہ پوندو. ڏيءَ! پيڻ! اِهي بہ پنهنجن ڄڻيندڙن جي لڱن جو حصو آهن. صدين کان اسان مرد پنهنجي جسم جا اهي حصا، ٽڪن تي وڪڻندا آيا آهيون. ايڪويهين صديءَ ۾ ڌيءَ ۽ پيڻ سان گڏ لاچار انسان پنهنجا عضوا بہ پيو وڪڻي. اوهان سائين تجربيڪار ۽ Man of wisdom & vision آهيو مهرباني ڪري هِن دؤر جي مايوس نوجوانن کي ليڪچر نہ ڏيو. بحث نہ ڪريو. کين علم ۽ چاڻ ڏيو ۽ ذريعا ڏيو تہ جيئن اهي مُلڪ جي تباهيءَ ۾ حصيدار نہ ٿين."

"يونيورسٽيءَ جو ذڪر ڇو آيو؟" پوڙهي شخص کلندي ۽ آرام سان پڇيو. "يونيورسٽي تہ مادر علمي آهي. ماءُ آهي. سندس هنج ۾ اولاد اکين سان دنيا ڏسي ٿو ۽ چاڻ حاصل ڪري دنيا ۾ پنهنجو رول ادا ڪرڻ لاءِ روانو ٿئي ٿو. جيئن ماءُ جي پيرن هيٺان جنت آهي تيئن علم جي حاصل ڪرڻ وارين جڳهين ۾ بہ. جي انسان عبادت ڪري تہ اُت بہ کيس جنت ئي ملندي."

"سائين انهن عبادت ۽ جنت وارين عمارتن منجهان ڏوڪڙ ميڙي، اسانجا سائين ولايت ۾ ڇهن سوَن والن جي بنگلن ۽ فليٽن ۾ وڃي آباد ٿيا آهن. مادر علميءَ جا سائين، وڏن سائين کي انبن ۽ بلئڪ لئبل جا ڪريٽ ۽ پاڻ کان وڏن کي ڪٽئي جو اڌ يا پاءُ ڏيئي، عزت احترام جا پلا ۾ سَنَدُون وٺي، دنيا جي اهڙي پاس وڃي وينا آهن. جتي روشني آهي تہ اسان وٽ

اونده آهي ۽ اسان وٽ روشني آهي تہ اُتي اونده آهي. ڪيئن ڳولجي اهڙن وائس چانسلرن، ڪامورن، سياستدانن يا مايوس ٿي ويندڙ صاحبن کي! سائين اسان وٽ سزا ۽ جزا جو نظام نہ آهي. ڪا accountability ناهي. سڀ هلي ٿو. پوتار، پوتارن سان reconciliation ڪري ٿو. اها سندن مجبوري آهي. “

ٿورڙي دير ٻئي ڄڻا خاموش رهيا. چؤطرف اونده پنهنجي قوت ڦهلائي ڇڏي هئي. چنڊ ۽ تارا لکين ميلن تان بہ پنهنجي وس آهر روشني، ڌرتيءَ تي ڦهلائي رهيا هئا. انهيءَ جهڪي روشنيءَ ۾ بہ خالي ۽ پاٽيءَ کان وانجهيل سنڌو درياهہ جو خشڪ وهڪرو صاف نظر آيو پئي.

”پلا هتي ڪجهہ دير وڏيڪ ويهي ڳالهايون؟“ پوڙهي پڇيو.

”پلي ويهو. اسان انهيءَ اونده جا هيراڪ آهيون. اوهانجي گاڏي ٻاهر بيٺي آهي. مونکي انهيءَ جي ڳڻتي آهي. “

”ڇو ڳڻتي آهي؟“ پوڙهي شخص پڇيو.

”جوان گهمن پيا. جوان بگهڙ ٿي پيا آهن. “نوجوان چيو.

”نہ منهنجو ڊرائيور گڏ آهي. اڄ درياهہ جي سڪل پيٽ ۾ ويهڻ وٽي پيو. جوان ڇو بگهڙ ٿي پيا آهن. بگهڙ پڙهن ڇو نٿا؟“

”منهنجا بہ بگهڙ دوست آهن. تن سنڌ ڪميشن جو امتحان ڏنو. لکت پاس ڪيائون. زباني امتحان ۾ فيل ٿي پيا. گهران خالي هٿين آيا هئا. هت دوستن کين ٽي ٽي پستل ڏنا ۽ بگهڙ ٿي پيا. ڪراچي منجهہ ٽي ڪارون هاءِ جيڪ ڪيائون. نيٽ ورڪ جا پوتار ساڻن گڏ هئا. ڪارون لکن ۾ ڏيئي ڪراچي ڇڏي آيا ۽ ٻنهي وٽ پنجاهہ پنجاهہ هزار روپيا هئا. ڏهہ ڪن، ڳوٺ مائٽن کي ڏيئي آيا. امڙ ابي جي لکن دعائن سان گڏ واپس قاسم آباد پهتا. اڄان سندن رت پوري طرح ڪرمنل ڪونہ ٿيو آهي ۽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن لاءِ تياري ڪن پيا. ڪنهن وڏي بگهڙ جي گهر ۾ لڪل آهن. اڄ مون وٽ آيا هئا. پوءِ ويا هليا. “

پوڙهو شخص خاموش رهيو ۽ سندس ذهن الائي ڪهڙي پاسي ويو هليو.

”اهي بہ دوست پنهنجي ليکي پڙهي لکي ويا آهن. وٽن سفارش ۽ ڏوڪڙ ناهن نہ تہ زباني امتحان بہ پاس ڪري وٺن ها. ٻيو سندن پيءُ يا چاچو ايم اين اي ڪونهي، ايم پي اي ڪونهي، ڪو سيڪريٽري يا وڏو ڪامورو ڪونهي_ انهيءَ خامين هوندي هو ڪيئن زباني امتحان پاس ڪندا! ڪُتي پيا تہ وري ڪنهن اوهان جهڙي جي ڪار تي نظر وجهندا.“

”منهنجي ڪار تي؟“ پوڙهي شخص کان رڙ نڪتي.

”اوهانجي ڪار ضرور انشور ٿيل هوندي!“

”ها انشورنس تہ ٿيل آهي. پر يار ائين ڪرڻ صحيح نہ آهي. ڪين ڪجهہ پئسن جي ضرورت هجي تہ مون ڏانهن موڪلي ڏين. اوهين نوجوان ڪهڙي پاسي وڃو پيا؟“

نوجوان ٺهڪ ڏنو.

”اسين غربت جي بين الاقوامي ليڪ جي هيٺ سفر ڪريون پيا. منهنجي ياءُ پنهنجو هڪڙو اسپئر گردو وڪڻي ڇڏيو. آءٌ ”يونيورسٽيءَ مان ڊگري وٺڻ کان پوءِ بہ صحيح سنڌي ۽ انگريزي لکي پڙهي نٿو سگهان. جڏهن صاحبن کي خبر آهي تہ اڳتي سڄو ڪم انگريزي ۾ ڪونہ هلندو پوءِ انٽرويو مهل ڇپو مُنهن ڪري، گهران ياد ڪري آيل بہ ٽي سوال انگريزيءَ ۾ ڇو نا پڇن. ڪانئن اهو ساڳيو انٽرويو ٿورو وڏو صاحب وٺي تہ پاڻ بہ فيل ٿي پون. اجوڪي دؤر ۾ ائين ئي ٿئي پيو....“

”نوجوان تون چارلي چئپلن کي سڃاڻين ٿو.“ پوڙهي شخص پڇيو.

”ها هڪ بہ گونگي فلم چارلي چئپلن جي وي، سي. آر تي ڏٺي اٿم.“

”لنڊن ۾ هڪ مقابلو ٿيو تہ ڪير ٿو وڌيڪ بهتر چارلي چئپلن جو روپ ڌاري اچي. اِلاهي نوجوان ۽ پوڙها آيا. مزي جي ڳالهہ تہ چارلي چئپلن پاڻ هڪيئي نالي سان مقابلي ۾ آيو. سخت مقابلي کان پوءِ اصلي چارلي چئپلن هارجي ويو ۽ ٽيون نمبر آيو. پهريون ۽ ٻيون نمبر ٻيا نوجوان آيا. سو نوجوان انٽرويو وٺڻ سؤلو آهي ۽ ڏيڻ ڏکيو آهي. پر يار جيڪي پڙهن ٿا. محنت ڪن ٿا سي پاس ٿين ٿا.

”سائين اوهين ڪڏهن ڳالهين ۾ سيريس چرچا بہ ڪري ويندا آهيو. سيريس چرچا مونکي بہ ايندا آهن.“ نوجوان چيو.

پوڙهو شخص کيس ڏسڻ لڳو.

”سائين سڀ کان serious چرچو اهو آهي تہ منهنجي ياءُ پنهنجو هڪ گردو وڪڻي ڇڏيو. ڪنهنکي ٻڌائي نٿو سگهي. فائدو: ياءُ جو علاج ٿيو. پيڻ پنهنجي گهر ۾ وچي سُکي ٿي يا آزار ۾ پئي. مون کي خبر نہ آهي. پر ادا کي جيڪا انفيڪشن ٿي پيئي آهي. تنهنجي ڪري روز بخار اٿس اينٽي بايوٽيڪ ۽ پين ڪلر، سندس مانيءَ سان گڏ خوراڪ آهي.“

”تنهنجو ياءُ....؟“ پوڙهي سوال پڇيو.

”اُهو نيڪ آهي. نيڪيدارن کان مڇي ۽ پلا وٺي ٿو. وڪڻي ٿو. گهر جو خرچ هلائي ٿو ۽ ياجائيءَ جي پيٽ کي وري ڪيترن سالن کان پوءِ، لاڳيتو پيرڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي. امان بہ کيس ٻڌائي رهي هئي تہ هاڻ مڙيئي خيال ڪر. چوڪريءَ جو پير ڀرو ٿي پيو آهي. اڳ بہ چار دفعا پير ڀرو ڪري چڪو آهي. بہ پٽ ۽ بہ نياڻيون اٿس.“

”اهو اولاد ڪافي آهي. غريب ماڻهوءَ کي هرويرو زور ٻار ڄڻڻ تي هوندو آهي.“ پوڙهي شخص چيو.

”غريب ڇا ڪري؟ سڄو ڏينهن پورهيو ڪري. راڪاس جهڙي رات آخر ڪيئن گذاري؟ غريبن جي تفريح بہ غربت کي وڌائي ٿي.“

ٿڌ وڌي ويئي. هو ٻئي جٽا اٿيا ۽ آهستي آهستي قدم کڻندا واپس ورڻ لڳا. پوڙهي شخص کي پنهنجي ڪار متعلق خيال آيو.

”يار اڄ منهنجي ڪار جو وارو تہ ڪونهي؟“ پوڙهي شخص پڇيو.

”آءٌ ياڻيان ٿو نہ .... اُنهي ڏينهن اوهانجو وارو هو. همراهہ سنبري آيا هئا پر مون اوهان کي چتاءُ ڏنو هو تہ سياٽي نہ اچجو....“

پوڙهو شخص، حيران ٿي نوجوان کي نهارڻ لڳو. اوندهہ ۾ نوجوان جو چهرو صاف نظر نہ پئي آيو.

”مونکي ياد آهي تو چيو تہ جڏهن درياهہ وهي اچي تڏهن اچجو!

ڪڏهن درياهہ وهي ايندو؟"

نوجوان بہ پوڙهي شخص ڏانهن ڏٺو.

"وڏا چوندا هئا تہ مائٽ يعني ماءُ پيءُ ۽ درياهہ ڪڏهن رُسندا ڪونہ آهن. انسان ذات کي پاليندا آهن. صدين کان درياهہ پاڻ سان خزانا آڻيندو آهي ۽ صدين کان ماءُ اولاد کي ٿڃ پياريندي ۽ نپائي وڏو ڪندي آهي. صدين کان پيءُ جي شفقت جو هٿ اولاد جي مٿان هوندو آهي. هاڻ درياهہ رُسي ويو آهي. آسمان تي ابر آهي بہ تہ وسي ڪونہ ٿو."

"هيٺ جر ۾ بہ تہ پاڻي کارو آهي...."

"ائين ڇو آهي؟ نوجوان پڇيو. "هزارن سالن کان درياهہ جي پاڻيءَ جو ميناج ڪيڏانهن ويو؟ ڇا اسانجي ڌرتيءَ، سنڌوءَ جو پاڻي ميناج پاڻ ۾ سموئي ڪونہ ٿي؟ ذري گهٽ سڄي سنڌ جو جر کارو آهي."

"ائين ناهي. اسانجي ڌرتيءَ جو ڏوهہ ناهي. اسان کان مٿي اُتر جي ميداني علائقن ۾ وڏي پئماني تي درياهہ بہ آهن ۽ هزارن سالن کان پوک بہ ٿئي ٿي. اسانجي ڌرتي هماليہ جبل کان وٺي سمنڊ تائين ٿهيل قدرتي لاهيءَ جي ڇوڙ يا tail تي آهي. اُتر پاسي جبلن جي گرنڊڙ برف جو پاڻي پهرين اتر جا پَٽ آباد ڪري، مٿاڇري تان وهي سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو تہ هيٺ جر ۾ اُتر جي سِمر بہ سنڌ ڌرتيءَ ۾ رَسجي وڃي ٿي. اُن جو رخ بہ انهيءَ قدرتي لاهي ڏانهن آهي. اهو اُتر جي سمر جو ڪڙو ۽ کارو پاڻي، سنڌ ڌرتيءَ جي پاتال کي بہ کارو ڪندو وڃي ٿو ۽ شايد اهوئي سبب آهي جو سنڌ جا رهاڪو ڪڏهن بہ مِٺ محبت ۽ قومي ايڪي ۾ نہ رهيا آهن ڪڏهن بہ ويرين آڏو مُتحد ٿي نہ وڙهيا. انهيءَ ڪري آرين کين "شودر زرعي غلام" بڻايو ۽ آريا اُنهن سنڌي شودر غلامن جا ائين ئي مالڪ هئا جيئن ڪنهن چوپائي ڌڻ جا هئا. اِهي شودر غلام اڄ بہ مالڪن جو جڻ چوپايو ڌڻ آهي. اُنهن مالڪن لاءِ اڄ کان 3000 سال اڳ، اهي شودر زرعي غلام، زمينون کيڙيندا هئا ۽ يجر ويد مطابق گيت ڳائيندا هئا: "ايشور ڪري تہ منهنجي لاءِ کير، رس، گيهہ، ماکي، کاڌو پيتو بارش، فتح يابي، ملڪ گيري، دولت ۽ مال اناج، بک

کان ازاديءَ لاءِ خوراڪ، چانور، جَوَ، تِرَ، ڪڻڪ، دال، ٻاجهري ۽ جنگلي جانور پيدا ٿين ۽ ﻳﮕﻴﻪ ذريعي ترقي ٿئي. 'ايشور ڪري تہ منهنجي لاءِ پٿر، مٽيءَ جا ٽڪرا، ٻوٽا، زرعي زمين جي پيداوار، پالتو ۽ جنگلي جانورن ۾ واڌ اچي. ﻳﮕﻴﻪ جي ذريعہ!' يار نوجوان! آريا سپ کان پهريان حملي آور هئا جيڪي سنڌو واديءَ ۾، قبضو ڪرڻ لاءِ آيا هئا. قتلام ڪرڻ آيا هئا. مڪاني ماڻهن جو نظام تباهہ برباد ڪري، پنهنجو نظام آندائون. سڪندر مقدوني بہ قتلام ۽ اُن وقت موجود نظام تباهہ ڪرڻ ۽ لٽمار ڪرڻ وارن جو سرواڻ هو. اهو نظام، قدرت جي اصولن مطابق، يعني طاقت ور ڪمزور کي تباهہ ڪري ٿو. سنڌو ۽ گنگا جي ماترين ۾ صدين تائين رائج رهيو. سپ، وچ ايشيائي، افغاني يا ايراني طاقت جا ڏٽي، هندستان جي دولت لٽڻ لاءِ ائين ايندا هئا جو اِها ڪرت سندن ساليانيexcursion هئي. سندن ملڪن ۾ سردي، پاري ۽ برفباري کان بچڻ لاءِ، سنڌو ۽ گنگا جي گهٽ سرد ميدانن ۾ گهوڙن ۽ هٿيارن سان لهي ايندا هئا. اِهو سندن ساليانو ڪاروبار هو. پوءِ مسلمان حملي آور بہ سندن ڏاڏن پڙ ڏاڏن ۽ انهن جي پڙ ڏاڏن جي آرين جي رت منجهان هئا. هند سنڌ جا settled آريا گرم ماترين ۽ نرم ۽ ساوَن ميدانن ۾ لاڳيتو رهي شاهوڪار تہ ٿيا پر سندن مارشل race منجهان مارشلزم وڃائي چڪا هئا. سندن پويان صدين تائين پنهنجن ملڪن ۾ ائين ئي وحشي ۽ جانور رهيا ـــ پوءِ مذهب جي نيٺ ورڪ ۾ اچي، مذهبي تهذيب سان گڏ پنهنجن وڏن واري environmental animal instinet سان گڏ. سردين ۾ وچ ايشيائي ملڪن جي جابلو ۽ برفاني ميدانن منجهان، هٿيار پنهوار ساڻ ڪري، ايران جي ڏاکڻن علائقن ۽ هندستان جي جادوئي، گرم پاڻين جي سحر انگيز، رنگارنگي مذهبي وايومنڊل ۽ بي شمار دولت خاطر اهڙن انسانن جي ڳوٺن، شهرن ۽ ماڳن تي حملو ڪندا هئا جيڪي، مذهبي تهذيب، انساني تمدن ۽ سون، چاندي ۽ هيرن جواهرن جي ماحول ۽ ساوَن ميدانن منجهہ گهڻو مهذب هئا پر ذهني توڙي جسماني طور تي هيڻا ٿي چڪا هئا. انهن سيني حملي آور زورآورن ۾

رولاڪ برلاس تُرڪ. بابر ئي هڪ اهڙو دورانديش، جمالياتي ذوق ۽ بادشاهي قائم ڪرڻ وارو انسان هو جنهن هڪ بادشاهت جو بنياد وڌو ۽ جيڪا اڳتي هلي شهنشاهت ۾ تبديلي ٿي ۽ هندستان کي هڪ نئين سجاڳپ ۽ روپ سان نوازيو. بابر ترڪ نسل منجهان هو ۽ انهن وچ ايشيائي اڻ سڌريل زورآورن جي گروهه منجهان ڇڇيل ۽ ڌڪاريل ٿهيءَ جو نمائندو هو جن جا وڏا ۽ پاڙيسري جڏهن سنڌو ۽ گنگا جي ميداني علائقن ۾ آيا هئا تہ پاڻ کي آريا سڏايو هئائون.“

”سائين اِهي هزارن سالن جا پراڻا داستان مونکي ڇو ٿا ٻڌايو. ڇا اسان جي وڏن وٽ رڳو ماضيءَ جا اڻ کُٽ قصا آهن جن تي هو پنهنجي شان شوڪت ۽ وڏائي جا قلعا ۽ محل اڏڻ چاهين ٿا ۽ انهن جي سهاري، موجوده ٿهيءَ کي هرويرو هڪ اجائي، ماضيءَ جي اوڙاهہ جي سيڪ منجهہ، عظمت ڏانهن گهلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سائين ماضي بگهڙ آهي، انهيءَ ڏانهن رجوع ٿيو تہ اسان کي چيري ڦاڙي، حال ۾ بہ هلڻ جهڙو ڪونہ ڇڏيندو. اڳيان مستقبل جو راڪاس بيٺل آهي. اسان کي بادشاهين ۽ شهنشاهين جا گذريل قصا نہ ٻڌايو. ٻڌايو تہ ڇو منهنجي پاءُ پنهنجو هڪ گردو وڪيو؟ ٻڌايو ڇو منهنجي دل بہ چاهي ٿي تہ يارن سان گڏ وڃي ڪارناما ڪريان؟ اهو ٻڌايو تہ منهنجي ٿهيءَ جي نوجوانن جي ذهنن ۾ ٻريل مچ کي ڪيئن ٺارجي؟ اوهان منهنجي ڪٽنب جي غربت لاءِ زمين ۽ آسمان جي مالڪن کي خط لکيا. ڇا ٿيو؟ اوهان وٽ رڳو ماضيءَ جا قصا آهن!“

”نہ يار ائين بہ هرويرو نہ آهي. ماضيءَ جي آڌار تي قومون، پنهنجا حال ۽ مستقبل سنواريندڀون آهن. ماضي تمام اهم آهي.“

”اسان ڇا سنواريو آهي؟ ماضيءَ ڇا ڪيو آهي؟“

”ماضيءَ جو ڏوهہ ڪونهي!“ پوڙهي شخص چيو.

”پوءِ ڪنهن جو ڏوهہ آهي؟“

”ڏوهہ! ڏوهہ سڀني جو آهي. تون الائي سمجهين بہ ٿو يا نہ _ پر اهو ٻڌاءِ اسين قوم آهيون؟ قوم وانگر هلون ٿا. يار منهنجي خيال ۾ اسان اڃا قوم

بنجي نـ سگهيا آهيون."

"انهيءَ ۾ منهنجو ڏوهـ ڪيترو آهي؟" نوجوان مرڪندي چيو.

"اڌ ماضيءَ جو آهي يعني اسان جهڙن جو ۽ اڌ حال جو آهي. اوهان جهڙن جو. اسان بي همت هٿاسين ۽ بنا سمجهه ۾ ڏگ جي الائي ڪهڙا ڪهڙا فيصلا، ٻين جا ڪيل، مڃي، اڳتي رُج ۾ هليا وياسين. اوهان نوجوان بي ست، منجهيل، ڪرپٽ، اهليت کان وانجهيل، ترڪيءَ تي بهشت چاهيو ٿا. اسان جا پير ڌرتي تي هٿا پر ڌرتيءَ کي سنواري نـ سگهياسين. اسان جي ٿهي ۾ منهنجا وڏا ذميوار آهن. جو اسان کان صحيح فيصلا نـ ٿي سگهيا _ ۽ اوهان کي نـ اسان ئي ڪو رخ ڏيئي سگهياسين ۽ نڪي اوهان پنهنجي لاءِ ڪو ڏگ مقرر ڪيو. اسان جي ٿهي هڪ تسبيح مثل هئي جيڪا عبادت لاءِ يا مقصد لاءِ استعمال نـ ٿي سگهي _ اوهان اُنهي تسبيح جا وڪريل داڻا آهيو. وڪريل داڻن جي ڪا حيثيت ناهي جيسين اُهي تسبيح جي ڌاڳي ۾ ڳنڍيا سان ٻڌل نـ آهن ۽ اُنهيءَ تسبيح جي ڪا حيثيت ناهي جيڪا مقصد کي بار بار ورجائي، عمل ڏانهن ذهنن کي مائل نٿي ڪري."

"سائين اِهي تسبيحون پاڻ وٽ رکو." نوجوان جو آواز کُهرو هو. "مونکي ٻڌايو تـ اوهان جي وڏن يا اوهان جي ٿهيءَ، يا انهن جي بـ وڏن _ اسان لاءِ، هِن دؤر جي ماڻهن لاءِ ڇا ڪيو؟ آءُ تـ ايئن ئي سمجهان ٿو تـ اسين گذريل هزار سالن کان رڍن جي ڌڻ مثل حياتيون گذاري آيا آهيون. اهڙا رڍن جا ڌڻ جيڪي هر ڌڻيءَ جي لَڪُڻ جي اشاري تي هلندا رهيا. پر ويهين صدي ۾ بـ اسان صحيح سوچ ڏانهن ڪڏهن بـ فيصلا نـ ڪري سگهياسين."

"ڪهڙا فيصلا؟" پوڙهو شخص بيزار ٿيڻ لڳو.

"اوهان ڇا ٿا سمجهو اسان نوجوان يا هن دؤر جا هموطن ڪجهه نٿا سمجهون؟"

"ڇا ٿا سَمجهو؟ ڪيتري سمجهه حاصل ڪئي اٿوَ؟"

"اسان ارغونن آڏو ڇا ڪيو؟" نوجوان پڇيو.

"Might is right" پوڙهي شخص جواب ڏنو.

"ترخانن ۽ مغل گورنرس جي دؤر ۾ اسان جي قوم جيڪڏهن قوم هئي تہ اُنهي قوم ڇا ڪيو؟"

"زور اڳيان زاري!" جواب مليو. "ماڻهو جڙ رڍون هئا."

"ڪلهوڙا پنهنجا هئا _ تن مُلڪ لاءِ ڇا ڪيو؟"

نوجوان جو آواز وڌيڪ ڪُهرو ۽ ڳرو ٿيندو ويو پئي.

"ڪلهوڙا؟" "پوڙهي شخص طنز منجهان مرڪيو. "هڪ پڪو قلعو حيدرآباد ۾ هڪ ڪچو قلعو حيدرآباد ۾ ڪجهہ سڄي سنڌ ۾ ٽڙيل پکڙيل پنهنجي لاءِ ٺهرايل مقبرا. ڪجهہ درياهہ مان نڪتل ڦاٽ جهنڪي واهن جي شڪل ڏنئون تہ جيئن سندن مقرر ڪيل جاگيردار پنهنجيون زمينون آباد ڪري سگهن."

"ٽالپرن ڪهڙا ڦاڙها ماريا؟ ۽ سنڌ سڌاري ۽ ماڻهن کي وقت جي آفتن ۽ حالتن جي ڄاڻ ڏني!"

"ٽالپر ويچارا تہ پاڻ سڄي بادشاهي، اڻ ڄاڻائي ۾ ڪري ويا. ڪين هندو elite استعمال ڪيو. حاڪم ۽ سردار بہ سندن قرضي هئا. يا ڪلهوڙا، بلوچ زور آورن کي گهرائي، ڪين وزير ۽ جاگيردار بنائي، منجهان اڙ جي ويا. انهن منجهان بہ سمجهدارن جي سمجهہ مطابق نہ هليا _ ٽالپر طبيعت جا سادا ۽ نئڙت وارا ڏاڍا مڙس هئا. سندن چؤطرف دشمن هئا. اُتر ڏانهن پٺاڻ، سک ۽ ايراني _ ڏکڻ، اوير ۽ اُتر ڏانهن انگريز ۽ سندن ڊپلوميسي ڦهليل هئي. پر پنهنجي ڪا فوج ڪونہ رکيائون. بروچ جاگيردارن جي سرڪاري ۽ mandatory وعدن تي اعتبار ۽ رب تي توڪل ڪندا هئا. ٻنيون ختم ڪري، پنهنجي لاءِ ۽ نوان ايجاد ڪيل شهزادن جي سُک خاطر زرعي زمين ختم ڪري، شڪارگاهون ناهيندا هئا. سرائيڪي، گهرن ۽ پاڻ ۾ ڳالهائيندا هئا. دربار جيڪا بہ ٺهيل هئي، تنهن ۾ وقت جي ضرورت مطابق، فارسي ڳالهائيندا هئا. ٻيا بہ اوسي پاسي، چئن پاسي جا بادشاهہ سواءِ سمنڊ جي، سڀ فارسي ڳالهائيندا هئا. ٽالپرن،

بلوچي الائي ڪڏهن ڳالهائي؟ ڪيترين بلوچ تاريخن ۾ سندن نالي ماتر بہ بلوچ هئڻ جو ذڪر ڪونهي.

"پنهنجي حاڪميت جي دؤر ۾ ڪڏهن بہ سنڌي رعيت جي نڪي پرگهور لڌائون ۽ نڪو انهن کي اِنهيءَ قابل سمجهيائون تہ اُهي ہروچ جاگيردارن جي بي ضابطہ بهادر فوجن سان ڳڏجي، انگريزن سان يا ملڪ دشمن عناصر سان مهاڏو اٽڪائين. ڪمال جا سنوان سڌا سپاجها حاڪم هئا. جن انگريزن سان لاڳيتو تيتاليهہ سال يعني 1800ع کان 1843ع تائين دوستي رکڻ جي خواهش ۾ گذاريا ۽ چاڻ هوندي بہ ڪو فوجي بندوبست ڪونہ ڪيائون. چارلس نيئپر گهوٽڪيءَ کان مياڻيءَ تائين اڍائي سؤ ميل ڪن، فوج سان سنڌ لتاڙي، بي کُٽڪي سنڌ جي گادي واري شهر تائين اچي پهتو پر وقت جي حڪومت ڪٿي بہ ڏارين فوج کي نہ روڪيو. مياڻيءَ ۽ دُبي جون لڙائيون عجيب لڙائيون هيون جن ۾ ملڪ جي اصلي ماڻهن کي وطن بچائڻ لاءِ سڏ ئي ڪونہ ٿيو. ٽالپرن جاٽي واٽي ائين نہ ڪيو. پر پنهنجي سمجهہ مطابق بهادر ۽ ويڙهاڪ ہروچن جا لشڪر گڏ ڪيائون. حيدرآباد شهر جي بہ سنڌين کي بادشاهي بدلجڻ جي خبر تڏهن پئي جڏهن مير صاحبان، لشڪر جو چڱو حصو شهيد ڪرائي، مياڻيءَ جي ميدان تان سج لهڻ کان اڳ، مڙسن وانگر، شاهي بازار منجهان، گهوڙن تي سوار ٿي واپس قلعي ڏانهن موٽيا هئا. شهر ۾ هٽ تاڙ هئي ۽ شهر جا رهاڪو پنهنجن گهرن ۾ وينا هئا. پڪ تڏهن ٿي جڏهن ٻن ڏينهن کان پوءِ، انگريزن جي گهوڙي سوار فوج جا دستا، چوٽڪي گهٽيءَ کان مٽي چڙهي، بازار لتاڙي قلعيءِ سنڌ ملڪ تي قابض ٿيا ۽ مير صاحبان جيڪي بادشاهہ واري ڪيتگريءَ جا هئا سي شهر جي اولهہ ۾ ٽنڊي جهانيان ۽ مائي ماهڻ جي ٽنڊي آڏو ڦهليل پٽن تي قائم انگريز ڇانوڻيءَ جي خيمن ۾ قيد ٿيل هئا. اُنهن ٿي پٽن پنيان سنڌوءَ جي ٻئي پر سج بہ لهندو هو. ٽالپر حاڪم ۽ سنڌ ملڪ ٻئي ايترا سادا، نهنا، نماڻا ۽ نئڙت پريا هئا جو ظالم نيئپر کي بہ اِهو مٺو پيو ۽ پنهنجن حاڪمن ڏانهن اهڙ پيغام موڪليائين. مون سنڌ فتح

ڪئي آهي. مون گناهه ڪيو آهي! ٻيو توکي اڄ جا نوجوان ڇا ٻڌايان؟ اهو سنڌ جو ماضي اٿئي!"

"اڄا ماضيءَ جا ٿهر تہ ويهين صديءَ ۾ ٿيا هئا."

"ويهين صديءَ ۾ اسانجن وڏن بي سمجهيءَ ۾ ٿهر ڪيا. انگريزي تعليم حاصل نہ ڪيائون. تعليم ۾ شروعات کان ئي پوئتي رهيا. عالمن ۽ ڪجھ پڙهيل ڳڙهيل اڳواڻن جي هڪ گروهہ جي چوڻ تي ملڪ کي دالحرب قرار ڏيئي، سنڌين، افغانستان ڏانهن هجرت ڪئي. عقل، سياست، مذهب ۽ ليڊرشپ جو عجيب منفي مظاهرو هو. هجرت ڪيل سنڌين جو افغانستان ۾ جيڪو حال ٿيو سو ڪنهن بہ تاريخ دان ڪونہ لکيو آهي. پر سندن اڳواڻ جان محمد جوڻيجو مايوسيءَ منجهان واپس وريو ۽ ڌڪا ٿاٻا کائي، نيٺ اجمير ۾ گذاري ويو ۽ اتيئي ڪنهن درگاهہ ۾ سندس قبر آهي. باقي سنڌي بہ افغانين جي روايتي بي رخيءَ ڪري، خوار ٿي، رلندا ۽ پننداواپس وطن پهتا."

"سائين معاف ڪجو خلافت تحريڪ بہ ڏارين خاطر وڙهڻ جي تحريڪ هئي جيڪي پاڻ وڙهڻ لاءِ تيار ئي نہ هئا. اسان عشق ۾ انڌا هئاسين." نوجوان مُهاٽي چيو.

"انهيءَ تحريڪ منجهان سنڌين کي هڪ فائدو پهتو. خلافت کي خلافت جا مالڪ ئي بچائڻ لاءِ تيار نہ هئا _ پر اسان جي ذهنن ۾ ويهين صديءَ جي سياست جا گُر ڪجھ حد تائين سمائجڻ لڳا."

نوجوان مهاٽي ٺهڪ ڏنو: "سنڌين سياست سکي! سائين 1940ع جي لاهور قرارداد ۾ پاڪستان جو ڪو ذڪر ڪونهي."

"ها بلڪل ڪونهي."

"پر اسان جي سنڌ اسيمبليءَ اُن کي وڏيڪ واضح ڪرڻ جي قرارداد پاس ڪئي. سنڌ مُلڪ نہ نهندو. انگريزن اسان کان مُلڪ ڦريو هو. اسان سنڌ اسيمبليءَ جي فلور تي قرارداد پاس ڪري سنڌ کي، نئين ملڪ جو هڪ حصو بنائڻ جو مطالبو ڪيو _ پر انگريزن کي، اسان جي وڏن ايترو

ڪونہ ڇيو تہ هيءَ سنڌ، هندستان جو حصو ڪونہ هئي. اوهان گريٽ ٽالپر حاڪمن کان سنڌ ملڪ وڙهي هٿ ڪيو هو. انهيءَ ڪري اوهان جي وچڻ واري عمل ۾ سنڌ واپس سنڌين کي، مُلڪ جي حيثيت ۾ ڏني وڃي. سنڌ ملڪ مغل دهليءَ شهنشاهت جو حصو ڪونہ هو. آزاد خودمختيار ملڪ هو. 17 فيبروري 1843ع جي ڏينهن تائين، جڏهن انگريزن جي جنرل، ٻروچن جو رت وهائي، ملڪ هٿ ڪري، رڪارڊ تي مڃيو هو تہ ڪائنس گناهہ ٿيو آهي. اوهان جي وڏن جي سمجهہ ۾ اها ڳالهہ بہ نہ آئي ۽ هندستاني ليڊرشپ جي آڏو وري رڍن جي ڌڻ جو ڪردار ادا ڪيو. جيڪو سنڌ جا ماڻهو 711ع کان ڪندا آيا آهن. اڄ اسين جن بگهڙن جي ور چڙهيل آهيون تنهن لاءِ اسان جي ٿهي اوهان جي وڏن کي ڪڏهن بہ نہ بخشيندي معاف ڪجو مونکي چوڻ ڏيو تہ اوهان جي وڏن ڪا سياست نہ سکي. خلافت، خلافت واري جي هئي. اسان جي اُنهن وڏن جو اولاد هاڻ سياست سکيو آهي. ۽ اڄ سنڌ تي رڍن جي ڌڻ وانگر حڪومت پيو ڪري.“

”تون نوجوان هن وقت سنڌ جي ڀوتارن، وڏيرن ۽ عوام جي چونڊيل حاڪمن کي ”رڍن جو ڌڻ“ ٿو سڏين؟“ پوڙهي شخص پڇيو.

”ها _ اهي بلڪل رڍن جو ڌڻ آهن. سندن پيٽ پريل آهن. غريب پنهنجي جسم جا عضوا ٽا وڪڻن. اِنهيءَ ڌڻ وٽ مستقبل لاءِ perception ناهي. اِهي ڀوتار پاڻ کي سياستدان سڏائين ٿا ۽ سندن نعرو اهو آهي تہ سياست ۾ ڪابہ شيءِ آخري ناهي ۽ سياستدان يا سياسي پارٽيءَ جا ڳالهين لاءِ دروازا هميشہ کليل رهندا آهن ۽ سندن مفاد واري ڳالهہ جي سدائين آجيان ڪندا آهن. ۽ هميشہ اصولن تي سوديبازي ڪندا آهن. سندن سياسي دروازا ۽ اصول سدائين سنڌ جي عام مفاد وٽان نہ هوندا آهن پر سندن ذاتي اقتدار ۽ مفاد سان پريل هوندا آهن. انهن ڀوتارن جا ڪيترائي روپ هوندا آهن. پر سندن بہ روپ نهايت ڀوائتا آهن. هڪ هُو زورآور آڏو رڍ مثل هوندا آهن ٻيو سندن وات منجهان نڪتل لفظ غريب عوام لاءِ بگهڙ جي روپ ۾ هوندا آهن. سندن ڊفينس سوسائٽيءَ جي

بنگلن ۾ englightened moderation جا مظاهرا چوويھ ڪلاڪ ٿيندا رهندا آهن ۽ اُت هُو سردار بہ آهن، سنجيده بہ آهن، مهذب بہ آهن، سهڻين ۽ قاتل عورتن جي اسڪينڊلن ۾ بہ ملوث آهن ۽ جي اقتدار ۾ آهن تہ سندن ايجنٽ ۽ شهري حرفت باز ڪين شهر منجهان، پنهنجي وزارت منجهان ۽ سندن سرڪاري اثر رسوخ منجهان، ڏکھي مُدي ۽ ترت پئسن ڪمائڻ جا گُر پڌائڻ لاءِ ڊرائنگ روم جي پر واري ڪمري ۾ وينا هوندا آهن. يا وري اهڙن سٽين گِرهن کي پنهنجي بيڊ روم ۾ وهاري وڏيڪ راز نياز جون ڳالهيون ڪندا آهن. ڳوٺ اچي هُو بگهڙ جو روپ ڌاريندا آهن. انهن بن رُوپن تي داستان لکي سگهجن ٿا.“

”يار! هِن دؤر جا نوجوان! داستان تہ روز نوجوانن جا بہ ٻڌندا رهندا آهيون. 1972ع کان وٺي جيترا ڪرپٽ اسان جا نوجوان ٿيا آهن اوترو ڪو بيو طبقو نہ آهي. انهن نوجوانن ۾ قومپرست نوجوانن جا مختلف نسل ۽ گروپ بہ آهن. انهن نوجوانن ۾ نااهل ڪرپٽ آفيسر بہ آهن. انهن نوجوانن ۾ ڏاڙيل ۽ ڪار لفتر ۽ اقتدار ۾ شامل پوتارن جا خوشامدي بہ آهن. انهن نوجوانن ۾ ڏيڍ سر جي مسجد جهڙين پارٽين ۽ تنظيمن جا سربراهہ بہ آهن. انهن نوجوانن ۾ پرائمري استاد کان وٺي يونيورسٽيءَ جا پي ايچ ڊي استاد بہ آهن، جيڪي پاڻ اڻ پڙهيل آهن جن جي مٿن ۾ علم، ڪنهن بيٺل ڍپ ڪيل پاڻي وانگر پريل آهي. اسان جو دانشور اديب ۽ شاعر بہ ڏاڍو ambitious ۽ shallow بنجي ويو آهي. مطلب تہ سڄي سوسائيٽي deteriorate ٿي رهي آهي ۽ نارمل ناهي. باقي ڪجھ وڏيرا، ڪجھ نوجوان، ڪجھ ساڃاهہ وند ڪجھ علم وارا _ سڀ هڪ مُنجهيل ڍگ تي بيٺا آهن ۽ سامهون ڪين depression ۽ پريان ڪا ٿورڙي روشني نظر اچي ٿي. جيئن مائٽ کي پُٽ مان وڏيون اميدون هونديون آهن تيئن قوم کي پنهنجن نوجوانن تي فخر ۽ آس هوندي آهي.“

”ڳالهايو سنو ٿا. هيڏي وڏي حياتيءَ جو تجربو اٿوَ.“ نوجوان چيو.

پوڙهو شخص ڪلي ٿو ۽ درياهہ جي سڪل پيٽ مٿان راڪاس جهڙي

پُل ڏانهن ڏسڻ لڳي ته جيڪا چنڊ جي روشنيءَ ۾ وڏيڪ واضح نظر اچي رهي هئي.

”يار ٻين ڳالهين کي ڇڏيو. درياهه متعلق ڳالهايون. چنگيز خان انهيءَ درياهه کي ڏسي اڳتي هندستان ڏانهن ڪونه وڌيو. سندس ڪو پوٽو يا پڙ پوٽو بہ اٽڪ وٽ سنڌوءَ جي وشال پيٽ وٽ مغلن جي ڪٽڪ سان اچي بيهي رهيو. چياٽين هيءَ تہ مهراڻ آهي. واپس وريو! مهراڻ ترڪي زبان ۾ اُن وقت سمنڊ کي چئبو هو. اهوئي سنڌو درياهه آهي جنهن کي يوناني سڪندر جون فوجون ڪجهه هنڌن تان مس پار ڪري سگهيون. پر پوءِ انهن فوجن منجهان وڏيڪ وڙهڻ، وڏيڪ قتلام ۽ وڏيڪ اڳتي وڌڻ جي سگهہ جڻ ختم ٿي ويئي ۽ فوجين وڏيڪ وڙهڻ کان ڪيٻايو ۽ واپس وطن ورڻ جا سانباها ڪيا. انهيءَ درياهه سيوهڻ ۽ پٽيالا جي هنڌ، قديم سنڌ کي مقدوني فوجن کان بچايو ۽ سڪندر کي نيٺ هڪ سنڌي شودر جو تير بہ پانهن ۾ لڳو ۽ انهي زخم سان درياهه جي ڪناري ڪناري، اجوڪي بلوچستان جي سامونڊي ڪناري سان واپس ورڻ لڳو. اِتي هڪ اهو بہ سوال اُٿي ٿو تہ بلوچستان جهڙي وسيع علائقي کي ڪڏهن کان بلوچستان سڏيو ويو. اڳ ڇا هو؟ سنڌ، هند يا پنجاب تہ قديم تاريخي دؤر کان بہ اڳ ۾ موجود هئا. ويدن ۾ بہ سنڌ ۽ ان جي درياهه جو گهڻو ذڪر موجود آهي. گنگا جو ايترو ذڪر ناهي جيترو سنڌوءَ جو آهي. انهيءَ جو سبب اهو بہ آهي تہ آريا پهرين پنجاب ۽ سنڌ جي سرزمين تي آيا جنهنکي سپت سنڌو يعني ستن درياهن واري ماتري سڏيائون.“

پوڙهو شخص ٿورڙي ويرم لاءِ خاموش ٿيو.

”هاڻ ٿڌ ۽ رات وڏيڪ ڦهلجي پئي. پاڻ کي هلڻ کپي.“

”هلو!“ نوجوان چيو. ”منهنجي خيال ۾ اڄ منهنجي گهر هلو ۽ منهنجي پاءُ سان مُلو جنهنجو گردو تہ نڪتو آهي پر ڪيس اجا بہ سور جڻ بينو آهي. انهيءَ سور ڪري هيڏو پهلوان مڙس جڻ جڏو ٿي پيو آهي.“

”سور شايد انهيءَ ڪري آهي جو تنهنجي پاءُ کي infection نہ ٿي

پئي هجي."

"منهنجو ياءُ سنڌ وانگر سوُرن ۾ تہ ورتل آهي پر سنڌو درياھ وانگر Infected بہ ٿي پيو آهي."

بہ انسان اوندھ ۾ قدم سنڀاليندا, درياھ جي شڪل پيٽ مان نڪري، ڪناري وٽ پهتا ۽ ڪناري سان گڏ هڪ ڦٽل باغ جا اهڃاڻ بہ جڻ اوندھ جي سلھ ۾ ورتل هئا. پريان ڪنهن بجليءَ جي ٿنڀي ۽ سٺ واٽ جو بيمار بلب, سائيءَ جي بيمار شخص جي چهري وانگر مايوس نظر آيو پئي.

"تنهنجو گهر ڪيترو پري آهي؟" پوڙهي شخص پڇيو.

"ايترو پري ڪونهي. سامهون گهٽيءَ ۾ آهي." نوجوان ساڄي پاسي ويندڙ ڪچي پڪي رستي ڏانهن اشارو ڪيو. ٻئي ڄڻا ڦٽل باغ جي ٻاهر بيٺا هئا. ڪجھ دڪان, ڪئبن ۽ ڪوٺڙي ڏانهن ويندڙ موڙ ٿورو پرتي هو پر اتي جون روشنيون نظر آيون پئي.

"منهنجي ڪار ۽ ڊرائيور ڪونهن. هتي بيٺا هئا."

پوڙهي شخص ڪان جڻ رڙ نڪتي ۽ نوجوان هيٺ ڏامر جي رستي ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"ڊرائيور ڪيڏانهن ويو آهي! سگريٽن جو شوق اٿس." پوڙهي شخص چيو پر سندس ذهن ۾ ڪا ٻي ولوڙ هئي.

نوجوان ڪنڌ ڪنيو ۽ آهستي سان چيو: "ڊرائيور ڪيڏانهن ڪونہ ويو آهي. ڪلاڪ ٻن ڪان پوءِ اوهان وٽ گهر پهچي ويندو."

"مون تنهنجي ڳالھ نہ سمجهي." پوڙهو شخص پريشان هو.

"سائين! اوهين پريشان نہ ٿيو." نوجوان آهستي سان چيو." اوهان جي سامهون غربت جي ليڪ جي هيٺ رهندڙ قوم جو هڪ رجسٽرڊ نوجوان بيٺو آهي. رجسٽريشن بہ اوهان ڪرائي آهي. منهنجا يار اوهانجي گاڏي ڪٽي ويا آهن."

"تنهنجا دوست گاڏي ڪٽي ويا آهن" پوڙهي شخص ڪان رڙ نڪتي،

"پر ڇو؟"

”چو جو جواب، حد جي صوبيدار وٽ بہ نہ هوندو.“

”مونکي توتي افسوس آهي. آءُ ريٽائرڊ شخص، تو نوجوان جي مستقبل سنوارڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچي رهيو هوس.“ پوڙهو شخص پنهنجن حواسن کي سنڀالي چوڻ لڳو. ”يار نوجوان تو اهو چڱو ڪم نہ ڪيو.“

”سائين مون گهڻو چڱو ڪم ڪيو آهي.“ نوجوان اطمينان سان چوڻ لڳو: ”همراهن جو خيال هو تہ اوهان کي بہ ڪٽجي. ڏهہ ويهہ لک ملي ويندا. مون کين انهيءَ ڳالهہ تان لاٿو ۽ اوهانجي وائٽ ڪالر واري شخصيت جو ذڪر ڪيو.“

پوڙهو شخص مرڪڻ لڳو. پر سندس مُرڪ ۾ سنجيدگي هئي.

”اوهان فڪر نہ ڪريو.“

پوڙهو شخص خاموش، نوجوان ڏانهن ڏسڻ لڳو.

”چا ڪريان؟“

”اوهان پهرين منهنجي گهر هلو. منهنجي پاءُ کي ڏسو ۽ منهنجي گهر ۾ ڦهليل Infection کي ڏسو. اوهان غربت جي ليڪ، اخبارن ۾ ۽ اقوام متحده جي رپورٽن ۽ ورلڊ بئنڪ جي ڊاڪيومينٽس ۾ پڙهي هوندي. منهنجي گهر هلو ايڪيهين صديءَ جي يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽ ۽ بنا پاڻيءَ جي سنڌو درياهہ جي هڪ مُهاڻي جي گهر هلو تہ اوهان کي غربت جي ليڪ ڏيکاريان. بہ ٽي منٽ ويهو. پاڻي ڍڪ پيئو. جر جو پاڻي! اوهان ماضيءَ جي اشراف طبقي کي رڳو حال ۽ مستقبل جا ماڻهو ۽ حالتون نظر اچن ٿيون. پنهنجين اکين سان ڏسو. ملڪ جي بادشاهن کي پڇايو تہ ماڻهن وٽ کائڻ لاءِ نہ آهي ۽ درياهہ ۾ پيئڻ لاءِ بہ پاڻي نہ آهي. اهي ماڻهو چا ڪن؟“

”منهنجي ڪار چوري ڪن؟“ پوڙهي شخص چيو.

”نہ اوهانجي ڪار چوري نہ ٿي آهي. اوهان اسان جي گهران ٿي، پنهنجي گهر وڃو ۽ اوهان جي ڪار ٻن ٽن ڏينهن ۾ ملي ويندي. رڳو هڪڙو ڪم ڪجو.“ نوجوان چيو.

”اچا بہ ڪو ڪم رهيل آهي چا؟“ پوڙهي شخص پڇيو.

”پيو ڪمر نه آهي. اوهان رڳو ڪينٽ ٿاڻي تي گاڏي چوري تي وڃڻ جي ايف. آءِ آر لکرائجو. گاڏي اوهان کي ڪجهه ڏينهن ۾ ملي ويندي. ايف. آءِ آر ضروري آهي نه ته اوهان آزار ۾ پئجي ويندا.“ نوجوان چيو.

”پر گاڏي ته گدو بندر ٿاڻي جي حد مان کڄي ويئي آهي!“

”اجايو مونکي آزار ۾ نه وجهو. مون اوهان کي ٻڌايو ته اوهان کي گاڏي ملي ويندي. ٻه ٽي ڏينهن انتظار ڪريو.“

”گاڏيءَ کي وارداتن ۾ استعمال ڪندا ڇا؟“

”وڌيڪ نه پڇو. اجوڪي تاريخ ۾ ايف. آءِ آر داخل ٿيل هجي.“

پوڙهو شخص چپ ٿي ويو. ٻيو ڪري به ڇا پئي سگهيو. نوجوان به ڪنڌ هيٺ ڪري آهستي آهستي، ساڄي طرف ويڪري گهٽيءَ ڏانهن هلڻ لڳو.

”اڇو اسان جي گهران ٿيندا وڃو.“ نوجوان چيو.

پوڙهي شخص جواب نه ڏنو ۽ آهستي آهستي قدم کڻندو نوجوان سان گڏ هلڻ لڳو. ڪجهه ئي دير ۾ هو وري ساڄي پاسي سنهڙي گهٽيءَ ۾ مڙيا جنهن جي وچ مان گسي وهي پئي ۽ ڪٿي ڪٿي انساني گند ڪري ڪسي پريل هئي ۽ گندو پاڻي ٻاهر وهي آيو هو. ٻئي ڄڻا گهٽيءَ جي ڪنڊ تي هڪ سؤ واٽ جي بلب جي ٿڌ ۾ ورتل روشنيءَ ۾ قدم سنڀاليندا هڪ جهوني در جي اڳيان اچي بيٺا. گهر ۾ اندر روشني هئي ۽ در به بند ٿيل نه هئا.

”تو چيو هو ته تنهنجي گهر بجلي ناهي.“ پوڙهي شخص چيو.

”ها هيءَ ڪنيڪشن سڌو ٿنڀي منجهان آهي. گهٽيءَ جي ڪنڊ تي به لڳل بلب اسانجو ئي لڳل آهي.“

”تون بجليءَ جو ڪنيڪشن ڇو نٿو وٺين؟“

”اڳيان بل رهيل آهن.“ نوجوان آهستي سان وراڻيو.

”تنهنجي پاءُ پنهنجو گردو وڪيو آهي. بجلي جي ڪنيڪشن لاءِ ڪيترا پئسا لڳندا؟ اجايو اوندهه ۾ رهو پيا.“

”اڳوڻا سڀ بل ملائي ويهه پنجويهه هزار روپيا ٿين ٿا. منهنجي پاءُ

انهيءَ ڪري گردو ڪونہ وڪٽيو هو تہ واپڊا جي اربين روپين جو ڪوٽ بجيٽ ۾ پنجويهہ هزار بل جمع ڪرائي. ۽ ڇٽا واپڊا جا لائن مئن هتان رت ۾ ٻاڙها تي ويا آهن. ۽ ڪيس ڪورٽ ۾ سرڪاري ملازم جي ڊيوٽيءَ ۾ اتڪاءِ ۽ زخمي ڪرڻ جا هلن پيا. شنوائي تي وبندو آهيان ۽ گهر ۾ گهٽيءَ ۾ روشني آهي."

"تنهنجا افعال بہ تنهنجي سنگت جهڙا آهن." پوڙهي شخص چيو.

"مون سال ڪن پهرين قسطن لاءِ چيو هو. پر صاحب ڪونہ مڃيا. پوءِ مون چيو مان تہ جت چاليهہ سيڪڙو لائن لاسز واپڊا برداشت ڪري تي اُت ۽ يا تي بلب گدو بندر جي هڪ بيروزگار نوجوان پنهنجي گهر ٻار يا تہ ملڪ جي بجيٽ ڪي ڪوہ لوڏو ڪونہ ايندو. هيءَ بہ عجيب اتفاق آهي سرڪاري چوي تي تہ چاليهہ في سيڪڙو ڪن ماڻهو غربت جي ليڪ کان هيٺ رهن ٿا. واپڊا جي بجلي بہ چاليهہ في سيڪڙو ضايع ٿئي تي يا چوري ٿئي تي ۽ هر اليڪشن ۾ بہ ذري گهٽ چاليهہ سيڪڙو ماڻهو ووٽ وجهندا آهن. باقي سٺ سيڪڙو ماڻهن جي حڪومت کي پرواهہ نہ آهي. اهي سٺ سيڪڙو غربت کان مٿي آهن؟ سرنديءَ وارا بہ آهن؟ امير بہ آهن. اوهان ٻڌايو؟"

"هاڻ بڪ بند ڪر. اندر گهر ۾ هلڻو آهي يا نہ؟" پوڙهو شخص بيزار پئي لڳو.

پهرين نوجوان اندر ويو ۽ ڪجهہ منٽن کان پوءِ ٻاهر آيو ۽ پوڙهي شخص کي وٺي ويو. اندر اڱڻ ۾ پڪين سِرن جو فرش هو پر گهٽي عرصي تائين استعمال ٿيڻ ڪري گهڻن هنڌان سرون ڀڳل هيون. اهڙوئي هڪ ورانڊو هو ۽ اُن سان گڏ بہ ڪمرا هئا سي بہ پڪين سرن سان ٺهيل هئا ۽ سيمينٽ ۽ گچ جي ٿيل پلاستر جا ڪٿي ڪٿي چاپوڙا لٿل هئا. ٻاهر ورانڊي جي مٿان "اوم" لکيل هو. ڪنهن غريب هندوءَ جو گهر لڳو ٿي. جيڪو شايد ورهاڱي جي ڪري سنڌ ڇڏي ويو هجي. ورانڊي جي کاٻي پاسي واري ڪمري ۾ نوجوان جو پياءُ وهاڻن کي ٽيڪ ڏيئي وبنو هو. وهاڻن

جون ڇهون ۾ ڪٽ تي وڇايل رلي ميري هئي پر نوجوان جي ڀاءُ جي مٿان پيل رلي صاف سٿري نظر آئي پئي. نوجوان، پوڙهي شخص کي پنهنجي ڀاءُ سان ملايو.

”سائينءَ جو نالو ڇا آهي مونکي خبر ناهي. اڌ سال کان مٿي ڄاڻ سڃاڻ آهي.“

”نالو تہ منهنجو علي بخش خان آهي. اصل حيدرآباد جو رهاڪو آهيان. تنهنجي ڀاءُ سان ڄاڻ سڃاڻ نہ آهي پر مون تہ ڪيس دوست سمجهڻ شروع ڪيو هو.“

نوجوان جو ڪنڌ هيٺ هو.

”سائين پڙهيل ڳڙهيل لوفر آهي. اوهان ويهو. خوش آهيو. آءُ اٿي نٿو سگهان. سور گهٽ ٿئي تہ اٿڻ جهڙو ٿيان.“

”جواني شروع ٿي ارڏائيءَ سان ٿيندي آهي جنهنکي پاڻ سولي سنڌيءَ ۾ لوفرپائي چوندا آهيون.“ علي بخش خان چيو.

”جت نوجوان لوفر هجن، تنهن گهر جا بنياد ڪاچيل هوندا آهن.“

”ادا هي سائين توکي پڇڻ آيو آهي.“ آواز ۾ کهراڻ هئي.

”سمجهان ٿو. تون چانهہ جو بندوبست ڪر. آءُ پنهنجي سُورن جو احوال ڏيانس ٿو.“

”چانهہ آءُ“ پيئندو ڪونہ آهيان. باقي پاڻي پلي پياريو.“

”سائين وڏا ماڻهو جڏهن وڏي عمر ۾ پير رکندا آهن تہ چانهہ ڪونہ پيئندا آهن. اسان تہ گذارو چانهہ مانيءَ تي ڪندا آهيون. منهنجو ابو ڳڙ ماني يا بصر مُٺ سان پچي ڪٽڪ جي مانيءَ سان کائيندو هو ۾ تريل پلا، وقت تي، ٻہ ٻہ ڪائي ويندو هو. اُهي جُڳ ويا. هاڻ صاحب چانهہ مانيءَ لاءِ ٻہ انسان کي گردا وڪڻا پون ٿا.“

”تو گردو ڇو وڪيو؟“

”سائين علي بخش خان. آءُ غريب ماڻهو آهيان. منهنجو پيءُ، ڏاڏو پڙ ڏاڏو ۾ انهن جا وڏا سڀ غريب هئا. انهيءَ درياهہ جي آسري ۾ سهاري الائي

ڪيتريون پيڙهيون گذري ويون آهن. نيٺ درياهه شاهه به ويچارو ٿڪجي پيو ۽ اسين وڏيڪ غريب ٿي وياسين. گردو هڪ اسپيئر (Spare) لڳل هو. صحيح حالت ۾ هو. شڪاري به گهميا پيا. وڪٽي چڙيم. پر سائين اجا سور بيٺو آهي. گردو ڪيڻ وارا ته گم ٿي ويا _ پر ڏوڪڙ ڏيئي ويا. انهيءَ چوڪر رحمان جي پاجائي کي سلهه هئي. انهن جو علاج ڪرايم. انهيءَ اوهان جي دوست رحمان کي پوليس ڪٽي ويئي. ڪجهه ڏوڪڙ پوليس ورتا. ڪجهه وڪيل ورتا. اسان لاءِ بئي ساڳيا آهن. منهنجو نالو الهه ورايو آهي. ابو ڏاڏو ماڇي هئا. هاڻ پاڪستان ۾ ميربحر ۽ سولنگي ٿي پيا آهيون. اڳتي به مالڪ چڱي ڪندو.“

”پر الهه ورايا توکي گردي وڪڻڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“ علي بخش خان چيو ”ماڻهو مونکي تون سمجهه ساڃهه وارو لڳين ٿو.“

”سائين، ماڻهو پنهنجا پار وڪٽي چڙين ٿا _ مون ته رڳو هڪ فالتو گردو وڪيو آهي. رب ڪي عضوا ٻه ٻه ڏنا آهن. ٻه اکيون آهن هڪ اک سان ڏسي سگهجي ٿو. ٻي اک جو واپار ڪري سگهجي ٿو. ٻه ٻانهون آهن. ڪو وقت ايندو ته هڪ ٻانهن بازار ۾ وڪامجندي ۽ هڪ ٻانهن سان ڪم ڪار ڪبو. ائين شايد هڪ ٽنگ به اڳتي هلي، واپاري دنيا ۾ هلي وڃي. انسان مجبور آهي ۽ انسان حرفتي به آهي. طاقت اٿس ته ٻين جا گردا، ساهه ۽ مال ڪيدي ٿو. ٻي ست ۾ هيٺو آهي ته مون وارا ڪم ڪري ٿو.“

علي بخش خان ٿهڪ ڏيئي ٿو.

”يار الهه ورايا _ تون ماڻهو ڪچهريءَ ڪرڻ جهڙو آهين. هينئر مون کي ڪنهن ڳالهه جي تڪڙ آهي. ويٺو اٿم. بئي پيري اچان ته پوءِ ڪچهري ڪنداسين.“

”ضرور ڪنداسين. پر صاحب اهو ته ٻڌاءِ پلا درياهه ۾ پاڻي ايندو يا ماڻهن وانگر درياهه به غريب ٿي ويو آهي؟“

”رک الله تي الهه ورايا _ برف ڳرندي جبل هلڪا ٿيندا ۽ درياهه به پربا. _“

”برف ته هوندي ڳرڻ لاءِ آهي. سائين اهي اسانجا اعمال آهن. سائين

بابا چوندو هو تہ سندس ڏاڏو ٻڌائيندو هو تہ ڪي جُڳ اڳي، اهو پاڻ وارو درياهہ ڪي راڪاس چورائي ويا هئا. اسان کي اعتبار ڪونہ ايندو هو. پر هاڻ سڀ ڪجهہ تي سگهي ٿو. رڳو طاقت هجي. هڪ هنڌ گڏ ٿيل طاقت هجي تہ عرش تان بہ درياهہ ورائي اچي سگهون ٿا."

علي بخش خان ڪلڻ لڳو ۽ الهہ ورائي سان هٿ ملائي اٿيو.

"يار ضرور ايندس."

"اچو تہ دل جا داستان کوليون. رڳو دعا ڪريو سور گهٽ ٿئي."

علي بخش خان ۽ رحمان گهٽيءَ جي سوڙهہ ۽ ڦهليل گندگيءَ منجهان نڪري، ٻاهر ڪچي پڪي رستي تي آيا.

"تنهنجو پاءُ هن عمر ۾ بہ زندهہ دل لڳي ٿو."

"ها، ادا پنهنجي جوانيءَ ۾ ڦڏائي ۽ رانجهو مڙس هو. ميهار ۽ پنهونءَ کي ڪنگهندو بہ نہ هو. جام تماچيءَ کي پاراتا ڏيندو هو تہ محبت جهڙي املهہ شيءِ ڪڪ جي ڍيرن ۾ وبهي ڪندو هو."

"تہ وانگر پڙهيل ڳڙهيل نہ هو؟"

" نہ آهي. پر ڪجهہ درجا سنڌيءَ جا!

"تہ وانگر چور ۽ چالاڪ بہ نہ هو!"

رحمان، پوڙهي شخص ڏانهن ڪجهہ ساعتن لاءِ ڏٺو ۽ بي پرواهيءَ سان جواب ڏنائين: "نہ ــ پر هڪ ڳالهہ ٻڌو مون اوهان سان وعدو ڪيو آهي تہ اوهانکي نقصان نہ ٿيندو. اوهان بہ ڪو ڦڏي جهڙو ڪم نہ ڪري وجهجو. اجايو ڏچي ۾ پئجي ويندا. گاڏي حيدر چوڪ وٽان ڪينٽ ٽاڻي جي حد مان گن پوائنٽ تي ڦرجي ويئي هئي. سچ لهڻ مهل! اِهو ياد ڪجو."

علي بخش خان، نوجوان ڏانهن گهوري ڏٺو جيڪو نظرون هيٺ ڪري هليو پئي.

چوڪ تي پهچي، رحمان هڪ ٽانگي واري کي سڏيو.

"جمعا! سائينءَ کي حيدرآباد شهر وني وڃ. جت چئي اُت لاهجانس."

علي بخش خان، بيوس بنجي چڪو هو ۽ ٽانگي ۾ چڙهي ويٺو. ٽانگو

شهر ڏانهن هلڻ لڳو. پوڙهو شخص ٽيهن پنجٽيهن سالن کان پوءِ ٽانگي تي چڙهيو هو. ڪيس ٽانگي جا لوڏا ۽ گهوڙي جي رفتار وڻي پئي پر ذهن ۾ جا سوچ ڦهليل هئي تنهنڪري هو ڪجهه پريشان به هو.

ٽاٽي تان ٿي، علي بخش خان گهر ويو. ڪينٽ ٿاڻي تان به ٽي فون آيا ۽ خود ضلعي جي ايس پيءَ پڻ ڳالهائڻ چاهيو پر علي بخش خان طرفان سندس زال سمبارا کين جواب ڏنو:

”صاحب ٽرنڪولائزر وٺي آرام ڪري پيو.“

پوليس آفيسر اهو ٻڌي وري چيو ته جڏهن به اُٿن ته مون سان رابطو قائم ڪن. باقي اسان چؤطرف پوليس کي، گاڏي چوري ٿيڻ جو اطلاع ڏيئي ڇڏيو آهي.“

سمبارا ڪجهه پريشان ٿي ويئي. هوءَ پنهنجي بيڊروم ۾ ويئي ته علي بخش خان پلنگ جي پرسان پيل آرام ڪرسيءَ تي ريلڪسنگ انداز ۾ ويٺو هو.

”ڇا گاڏي چوري ٿي ويئي؟“ سمبارا پڇيو.

”ها _ پر فڪر جي ڳالهه ناهي....

”فڪر جي ڳالهه واقعي ناهي جو آءٌ ته صحيح سلامت آهيان. فڪر مند نوجوانن کي اجا منهنجي ضرورت، شايد نه هئي. کين گاڏي کپي ٿي. سڪل سنڌو درياهه منجهه واڪ ڪري موٽيس ته گاڏي ڪونه هئي. ڊرائيور فيضو به گم هو. پر مون سان جيڪو نوجوان هو تنهن چيو ته فڪر نه ڪريو اوهان کي گاڏي هڪ ٻن ڏينهن ۾ ملي ويندي.“

”نوجوان؟“ سمبارا پڇيو. ”اوهان جو مطلب ته فڪرمند نوجوانن منجهان هڪ نوجوان؟“

”ها هڪ فڪرمند نوجوان!“ علي بخش خان ڪي گهڙيون چپ ٿي ويو. ”هن دؤر جو فڪرمند نوجوان. درياهہ ۾ پاڻيءَ جي بدران واري هئي. مونسان گڏ واڪ بہ ڪندو هو. هن دؤر جو so called ۽ frustrated نوجوان. جنهنجي پاءُ هڪ گردو وڪڻي پنهنجي زال جي ٿي بيءَ جو علاج ڪرايو. فڪرمند نوجوان جي ضمانت ڪرائي جيل مان ڪڍايو. مچيون ۽ پلا، ٺيڪيدارن ڪان ونې، شهر ۾ وڪڻي، گهر جو خرچ ڪڍي ٿو. ننڍو پاءُ گريجوئيٽ ٿي ويو. مڇي ۽ پلي ڪائڻ جو شوقين آهي پر انهيءَ واپار ۾ هٿ وجهڻ پنهنجي بي عزتي سمجهي ٿو. ٿاڻا، جيل، عدالت، ضمانت، ڪار جيڪنگ تقريرون ۽ اخباري بيان ڏيڻ ۾ پنهنجي عزت ۽ مڙسي سمجهي ٿو_ خير چڏ انهن ڳالهين کي. هن دؤر جا Corrupt نوجوان آهن ۽ نوجوان تڏهن ئي ڪرپٽ ٿيندا آهن جڏهن سندن دؤر جا ليڊر ۽ اڳواڻ corrupt ٿيندا آهن. خير ......... في الحال انهن ڳالهين کي ڇڏ _ مونکي گرم چانهہ جو هڪ اهڙو ڪوپ پيار جهڙي تون تر جي ٿڌين راتين ۾ گرم هوندي هئينءَ.“

علي بخش خان مُرڪي ٿو ۽ سمبارا ڏانهن ڏسي ٿو. جنهنجي جواني ٻاڦ مثل ذري گهٽ سندس لڳن منجهان اڏامي چڪي هئي پر اجا بہ سندس قدآور جسم جي ڪاٺي، سنئين سڌي هئي ۽ اکين ۾ لهندڙسج جي ڳاڙهاڻ، پڻ موجود هئي. سندس مُرڪ بہ تر جي نريل ۽ گنڀير رات جي پوئين پهر وانگر هئي. علي بخش سمبارا کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو ۽ جنهن مهل پنهنجي مستيءَ ۾ هوندو هو تہ هڪ مرد وانگر سمبارا جي زناني انگن ۽ سونهن جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ دل جا دفتر کولي ويهندو هو. جڏهن موتي زماني جي ماٺهوءَ جي ماڻهپي ۾ ايندو هو تہ سمبارا شهري مهذب عورت بنجي ويندي هئي. هاڻ تہ ٻنهي جا سج اچي لٿا هئا پر سندن چاهت ڏسڻ وٽان هئي ۽ ٻڌڻ وٽان هئي.

”اج ڪي شاگرد اچڻا هئا.“ علي بخش خان پڇيو. ”مونکي ڳالهہ وسري ويئي. ڪجهہ دير بہ ٿي ويئي اٿم.“

”ڪجهہ تہ وينا آهن ڊرائنگ روم ۾.“ سمبارا وراڻيو.

علي بخش خان اٿيو ۽ ڊرائنگ روم ڏانهن وڃڻ لڳو ۽ سمبارا ڪيس وڃڻ مهل چيو: ”اوهان کي انهن ڇوڪرن جي سنگت ۾ ڪلاڪ بہ لڳي ويندا. آءٌ درزيءَ وٽان ٿي اچان.“

”پنڊ وڃ!“

”پنڊ؟ ڇو؟“

”ڪار ڪجهہ نوجوان دوستن کي کپي ٿي. ڪين ڏيئي آيو آهيان توکي سوير ٻڌايم جو. درزيءَ وٽ وڃڻ ضروري آهي؟“

”نہ اهڙو ضروري بہ نہ آهي. آءٌ اڪيلي ويهي ڇا ڪريان؟ اوهان تہ بہ ڪلاڪ ٻزي ٿي ويا.“

”اسان کي چانهہ سينڊوچ موڪل ـــ ۽ پوءِ منهنجي لاءِ چڪن ڪريم سوپ.

”اوهان لاءِ ڪريم چڱي ناهي. ٻيو ڪو سوپ ناهي وٺان؟“

”تنهنجي مرضي. پر ڪريم هجي تہ چڱو آهي. نہ تہ وسڪي پيئندس.“ علي بخش خان کلڻ لڳو. سمبارا چيو تہ ڪريم سوپ ناهيان ٿي.“ ٻئي ڄڻا کلڻ لڳا.

علي بخش خان ڊرائنگ روم ۾ ويو جت ڇهہ ست ڇوڪرا وينا هئا ۽ علي بخش خان کي ڏسي سڀ اٿي بينا ۽ سلام ڪيائون.

”ويهو يار ويهو. آءِ ايم سوري. آءِ ايم ليٽ ـــ بس ڪو حادثو ٿي ويو. ائين ئي نارمل هو. بس زندگيءَ ۾ حرڪت ضروري آهي.“

”سائين خير تہ آهي؟“

”خير آهي بہ ۽ خير ناهي بہ. سنڌ جي ڪجهہ نوجوانن کي منهنجي ڪار کپي ٿي. سي ڪار ڪٽي ويا. سمجهيو هوندائون تہ ريٽائرڊ آفيسر آهي. خوب ڪمايو هوندائين سو ڪار ”اگني ديوتا“ جي قرباني لاءِ ڪٽي ويا تہ ڇا ٿي پيو!“

”سائين ڪير هئا ـــ ڪجهہ ڪا خبر اٿوَ.“ هڪ نوجوان پڇيو جنهجو

نالو شهزاد هو. ڪيس علي بخش خان بہ سڃاڻندو هو. ڏهہ سال يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ رهيو هو. ڪئنٽين لانڊري ائڊمنسٽريشن بلاڪ، يار دوست ۽ ڪجهہ ٽيچرس مافيا سان سندس چڱا تعلقات هئا. پنهنجي دوستن جي تنظيم سان بيوفائيءَ ڪري، يونيورسٽيءَ جي ديسي آمريڪن پوتار ڪيس بنا پڙهڻ جي گريجوئيٽ جي فرسٽ ڪلاس ڊگري ڏيئي، ڪراچيءَ ۾ نوڪري بہ وٺي ڏني تہ جيئن يونيورسٽي ۾ سندس جان ڇُٽي. انهيءَ سان گڏ، يونيورسٽيءِ ۾ وينل رينجرز کي تاڪيد ڪري ڇڏيو تہ هي ڇوڪرو وري يونيورسٽي پريمسز ۾ نظر نہ اچي. ڄامشوري ٿاڻي تي بہ ڪا پراڻي فساد ۽ قلم 326 پاڪستان پينل ڪوڊ هيٺ ايف.آءِ.آر داخل ٿيل هيس. هاڻ ڪجهہ سالن کان تنظيم وارن سان اختلاف ٿيڻ ڪري هڪ NGO جي سڄاڳ ۽ باشعور ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ويهي رهيو. ڪيس بہ ويهہ هزار پگهار ملندو هو ۽ جوڻس کي بہ سينئر هئڻ ڪري پنجويهہ هزار پگهار ملندا هئا. انهيءَ ڪري سيني جهنجٽن مان جان ڇڏائي، ٻيئي زال مڙس ڌرتيءَ کي ڇڏي ڌرتيءَ جي ٺڏڪار ڏانهن واپس آيا ۽ ڪراچيءَ ۾ هڪ گهڻ ماڙ پلازه جي ستين فلور تي فليٽ ۾ رهندا هئا ۽ ايئن همراهہ جي پيرن هيٺان زمين نڪري ويئي ۽ ٿورڙو آسمان ڏانهن کڃي ويو.

”سائين ڪير هئا؟“ شهزاد اُتاولو ٿي ويو.

علي بخش کلڻ لڳو: ”يار مون سمجهيو تہ اُهو نوجوان جنهن ڪجهہ ڏينهن مونسان سنڌوءَ منجهہ پسار ڪيو هو سو هاڻ منهنجو دوست ٿي ويو آهي. مون تہ سندس فئملي جي غربت جي ڄاڻ ملڪ جي ڊڪٽيٽر سائينءَ کي بہ ڏني هئي ۽ اُن جي ڪاپي E_mail ۾ باءِ پوسٽ الله تعاليٰ کي بہ اطلاع خاطر endorse ڪئي هئي ۽ سلجهيل جوان لڳو پئي. آءٌ تہ سندس گهران بہ ٿي آيو آهيان. سندس ياءُ غربت خاطر پنهنجو هڪ گردو بہ وڪڻي ڇڏيو هو. خير اُهي ڪهاڻيون پوءِ ٻيون ٿينديون. اوهان اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ آيا آهيو. اوهان جا ڪهڙا حال آهن. منهنجي ڪار تہ ليزنگ تي ورتل هئي ۽ انشورنس ٿيل هئي. اوهان فڪر نہ ڪريو.“

”سائين فڪر ڪرڻ ڪپي.“ شهزاد چيو. ”ڪار اجا شهر کان ٻاهر ڪانه نڪتي هوندي، هتان اُتي، آءُ پنهنجن پراڻن سنگتين کان پڇا ڳاڇا ڪريان ٿو. اوهان رڳو سنڌو درياهه ۾ اوهان سان واڪ ڪندڙ اوهان جي دوست جو نالو ٻڌايو.“

علي بخش خان اجا مُرڪي رهيو هو ۽ باقي پنج ڇهه ڇوڪرا خاموش هئا.

”نالو رحمان هوس. مائٽ ماڇي اٿس. پاڻ الائي ڪهڙي ذات سڏائيندو آهي.“

شهزاد چپ ٿي ويو ۽ ”سائين آءُ اچان ٿو!“ چئي ويو هليو.

”پاڻ پنهنجي ڪچهري ڪريون. اوهان گذريل مهيني ۾ ڇا پڙهيو؟ يار مون به ڪجهه پڙهيو آهي. پر پهرين اوهان ٻڌايو.“

”سائين مون نوڪري جوائن ڪئي آهي.“ هڪ سانوري نوجوان جنهن قميص جو مٿيون ٻٽڻ ڇڇيل هو ۽ ڇاتيءَ تي گهاٽن ڪارن وارن منجهه ڇڳا خاصا اڇا وار به نظر آيا پئي.

”يار اها ڳالهه ته واهه جي آهي. ڪيترا سال بي روزگار رهيو آهين. تنهنجو نالو احمد علي بجير آهي نه؟“

”ها سائين! اسان بجير _ اربابن، ڏيپلي جي ميمڻن، نڪرن ۽ ٻين اوچين ذاتين ۾ هڪ گهٽ ذات وارو بجير به آهي. مسلمانن ۾ به گهٽ ذات وارا آهن. اوهان شايد اهڙي ڳالهه ٻڌي هجي!“

”نه احمد علي خان بجير تون گهٽ ذات وارو ناهين. پنهنجي مذهب ۾ ڪوبه گهٽ وڌ ناهي. ريڪارڊ تي به سيد، شيخ، بجير، مغل، افغان يا ڪوبه پاڻ کي خان سمجهي يا صاحب سمجهي، سڀ هڪجهڙا آهن. سيد ۽ بجير ۾ افغان يا مغل يا ميمڻ ۾ ڪي خاص Make جا پرزا لڳل نه آهن نڪي سنڌن رت ۾ ڪي اعليٰ جزا مليل آهن. جيڪي جزا رت جا پنگين، ڪولهين يا مسڪينن ۾ قدرت خلقيا آهن سي سيدن يا وڏن پيرتارن ۾ به ساڳيا آهن. وڏائي يا برتري رڳو تقويٰ تي آهي يعني ڪير ڪيتري رب

جي عبادت ۾ رب جي خلقيل انسان جا حق ادا ڪري ٿو سو ماڻھو وڏو آھي. اعليٰ آھي. تون اڄ ڪان پاڻ کي احمد علي خان بجير لکندو ڪر. ڪھڙي گريڊ ۾ نوڪري ملي اٿئي؟

”سائين ارڙھين گريڊ جي نوڪريءَ برابر آھي.“

”بس يار تون احمد علي خان ٿي ويئين. اھي نڪر يا ارباب يا ميمڻ، جڏھن تو ۾ ڪم ڦاسندو تہ توکي احمد علي صاحب تہ ضرور چوندا. صاحب، خان ٿي ويندا ۽ خان سردار بہ ٿي ويندا آھن. پاڻ کي اِنھن وڏن ماڻھن جي اڳيان جھڪائي گھٽ نہ ڪر. انھن وڏيرن جا ابا ڏاڏا، توکان بہ گھٽ حيثيت جا ھئا _ ۽ انگريز اسسٽنٽ ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر جي ڪين پنھنجي آفيس ۾ ڪرسيءَ تي ويھڻ جي اجازت ڏيندو ھو تہ اھو پروانو يا اجازت نامو ڳوٺن جا ڳوٺ ڏسڻ ايندا ھئا. پوتاري پڳھر وارن ۽ ٻُو وارن ڪپڙن ۾ ماپندو ڪونہ ھو ۽ اجا بہ وڏا شھپر رکرائيندو ھو. مختيارڪار جي اڳيان بہ جھڪي ڪيس خانصاحب جي خطاب سان مخاطب ٿيندا ھئا. رڳو گذريل ٻن ٽن ٻُٽن ۾ جيڪا ڪمزوري ۽ جي حضوريءَ جا جيوڙا موجود رھيا آھن ۽ توکي وراثت ۾ ڪجھہ مقدار ۾ مليا آھن سي ذھن مان ڪڍي ڇڏ. احساس ڪمتريءَ مان نڪري اڄ ھاڻي.“

”سائين ٿر ۾ ماڻھو ڏاڍو ھيٺو آھي. ڌرتي پڪي نہ آھي انسان جا پير ڪُپن ئي نٿا. وڏو ماڻھو انڌ جي گھوڙي تي سوار ھوندو آھي. ذات پات جي معاملي ۾ ھندو مسلمان _ ڳالھہ مٽريئي ساڳئي آھي.“

”يار مون اوھانکي ٻڌايو نہ تہ سڀ انسان برابر آھن. رڳو پئسي جي طاقت ۽ طاقت وارن جي ناھيل سماج جي سگھہ، انسان کي اونچ نيچ ڏيکاري ٿي.“

ايتري ۾ نوڪر چانھہ پڪوڙا ۽ پاپڙ ڪٽي آيو.

علي بخش خان ريٽائرڊ ڪامورو تہ ھو پر ڪيس نوجوانن سان اُنس ھو. چوندو ھو تہ اھي نوجوان مستقبل جي روشني آھن. پر اوندھہ بہ ڪري سگھن ٿا. جي ڪين ماحول ۾ چوطرف گھُٽ ۽ ناانصافي نظر اچي. پر علي

بخش خان وٽ گهڻو ڪري نوجوانن جو اهو لڏو ايندو هو جيڪو روشن خيال ۽ بهتر مسبقبل کي حاصل ڪندڙ هئا.

ٻئي ڏينهن علي بخش خان، پنهنجي پٽ جي ايف.ايڪس سوزوڪيءَ تي، رحمان جي گهر آيو. اڄ رحمان جو پاءُ مڙيئي بهتر حالت ۾ هو ۽ هڪ پراڻي ڪرسيءَ تي ويٺو هو. علي بخش خان، پرسان پيل هڪ منجيءَ تي ويهي رهيو. ڪيس منجيءَ تي ويهڻ عجيب لڳو پر ڪيس اها ڳالهه وڻي پئي تہ الائي ڪيترا سال آرام ڪرسين ۽ صوفن تي ويٺو آهيان ۽ منجيءَ تي ويهڻ سان ڪيس مزو ئي ڪجهہ اوڙ پئي آيو. سوچيائين تہ اسانجا ابا ڏاڏا ڪيتر اسادا هوندا هئا. سندن رهڻي ڪهڻي ڪيتري قدرتي هوندي هئي. انسان سمجهہ ۾ جانور کان ڪجهہ مٿي آهي. منجيءَ بہ فرش کان ڪجهہ مٿيري آهي.

”اڄ طبيعت ڪجهہ ٺيڪ نظر اچي پئي.“ علي بخش خان چيو.

”ها سائين اڄ بہ ڊاڪٽر آيا هئا. ٽن ٽپاسيو ۽ ڪجهہ گوريون ڏيئي ويا. سور گهٽ آهي. سور گهٽ ٿين ٿا تہ انسان اُتي ڪڙو ٿئي ٿو. مون بہ اڄ ڪجهہ پسار ڪيو آهي.“

”آخر ڊاڪٽر ڇا ٿا چون؟“

”سب آسرا تہ اهي ئي ڏيئي ويا آهن تہ باقي پنڌرهن ويهن ڏينهن ۾ آءُ گهمڻ ڦرڻ جهڙو ٿي ويندس.“

علي بخش خان، منجيءَ تي سؤلو ٿي ويٺو.

”سائين ڪٽ تي ويهو. آرام سان.“

”يار اهڙو آرام ريٽائرمينٽ ٿائين بہ نصيب ڪونہ ٿيو هو. اڄ بابا سائين ۽ پنهنجو گهر ياد اچي پيو.“

”اوهان وڏن ماڻهن جون وڏيون ڳالهيون آهن. اسان وٽ جيڪي آهي سو اوهان جي سامهون. پلا چانهہ پيئندا يا ٿڌو گهرائي ونان؟“

”نہ يار چانهہ پيٽي آهي. شام ٿڌي آهي.“

”سائين هيءَ گدويندر آهي. وڏا چوندا هئا تہ هت شام جي ٿڌاڻ جنت

منجهان هيٺ لهي ايندي آهي. هتي جا ٽڏا سيءُ، بہ جنت ۾ صبح جو لڳندڙ هير مثل آهن. سائين ڪنهن مهل فجر جو هتي اچو ۽ گدوبندر تي بيهي سج ايرڻ جو منظر ڏسو. آءٌ سمجهان ٿو دنيا ۾ ڪٿي بہ سج اهڙي سونهن ۽ سانت، ٺڏ ۽ روشنيءَ سان نہ ايرندو هوندو. سائين منهنجو نانو ڏاڍو سياڻو انسان هو. سمجهہ ۾ ساڃاهہ ۾ بہ ورلي پڄندس."

"اڃا نانو جيئرو آهي؟"

"نہ سائين گذاري ويو ۽ گذاري بہ پنهنجي عمر پوري ويو. شايد نوي کن جو هوندو. بلا سان وڙهندي ڳڪجي پيو. نيٺ ڪهاڙيءَ جا ڏڪ هڻي انهيءَ راڪاس جهڙي بلا کي ماري وڌائين پر ڪيس پنهنجي زهر جي حوالي ڪري ويئي. گهڻيون ئي ڦڪيون، حڪيم ۽ پوپا آيا ويا ــ پر جيڪا حياتي لکيل هئي سا ويچارو پوري ڪري چڪو هو."

"پر هو پيو تو وارو نانو ڪٿي آهي؟"

"رحمان جو تا پڇو؟ ٻن ڏينهن کان گم آهي. ناني جهڙي پلي ماڻهوءَ جو نالو مٽس رکيل آهي. پر منجهس افعال ٽڪي جا بہ ڪونهن."

سنجها جي مهل ٿي چڪي هئي. گدوبندر ذري گهٽ اوندهہ ۾ ٻڏل هو. ڪٿي لالٽين ٻريل هئا تہ ڪٿي سرڪاري 60 واٽ جا بلب ٿنڀن ۾ لٽڪيل هئا. هڪ اڌ چانهہ جي هوٽل ۾ ٽيوب لائٽ ٻري پئي. الهہ ورائي جي گهر ۾ بہ ٽي سٺ جا بلب، پاڙس جي مڙسيءَ جي پاور تي ٻريا پئي ۽ سندن گهٽيءَ ۾ بہ سو واٽ جو بلب، ٿنڀي ۾ اٽڪيل هو ۽ گهٽي روشن هئي ــ ۽ روشنيءَ ۾ گهٽيءَ جي سڄي گندگي نظر آئي پئي. علي بخش خان اٿڻ جي ڪئي.

"سائين اڄ ڪجهہ دير ويهو. دل تي ڪري تہ ڪچهري ڪجي. شايد رحمان بہ اچي وڃي."

"يار الهہ ورايا! آءٌ تہ وهڻ لاءِ تيار آهيان پر واپسي ۾ ڪار پٽ جي حوالي ڪرڻي آهي. جوانيءَ ۾ تہ درياهہ بہ پار ڪري ويندا هئاسين حيدرآباد کان هِت پنڌ ايندا هئاسون ۽ پنڌ ويندا هئاسين. يار اهو ڪو پنڌ آهي، پر عمر پاڙي ڪري وڌو آهي. بدن ۾ هاڻ اهو اڳوڻو ست نہ رهيو آهي."

”سائين واپسيءَ جو خيال نہ ڪريو جمعي ٽانگي واري کي چونداسين اوهانکي ڇڏي ايندو. پاڙي ۾ رهي ٿو ڪيس پاڙو ملي ويندو.“

”ائين تہ بندوبست آهي پر دل چوي ٿي تہ اڄ هت ويهجي.“

اڄ رات جو ماني اسان وٽ کائو جيڪا بہ غريباڻي حيثيت آهي سا حاضر ڪنداسين.“

الهہ ورائي جوٽس کي سڏيو. چاليهن سالن جي ڏکي سنهي ۽ سٽ جي بلب جهڙي ڇهري تي جهڪي روشني ڇانيل هيس, سا آئي.

”سائين ماني کائي تہ ڇا ڪارائينديون؟“

الهہ ورائي جي زال جو نالو قاپل هو. تنهن مٿو ڍڪي هٿ تي رئو ويڙهي علي بخش خان کي هٿ ڏنو ۽ مڙس ڏانهن منهن ڪري چيو: ”ڪير آهي, پٽ آهي. چؤنڪ تان پڪوڙا گهرائي وٺنداسين, اڌو پلو بہ رکيو آهي سو بہ تري وٺنديس.“

”بس وارو ڪر _ ڪلاڪ کن ۾ سڀ تيار ڪري وٺ.“

قاپل واپس مُڙي. سندس بدن پنهنجي عمر جي حساب سان صحيح بيهڪ تي هو. قداور هئڻ ڪري, منجهس اڃا ڪشش جا ڪجهہ داڻا بچيل هئا. آواز ۾ بہ مِٺي کُهراڻ هئس. لڱن منجهان پلي جي تازن ڇلرن جهڙي سرهاڻ آئي پئي.

علي بخش سوچڻ لڳو تہ اِها سُرهاڻ بہ عورت جي جسم جي عجيب ۽ اوريجنل يوڊي ڪولون آهي. جدا جدا ماحول جي عورتن منجهان پنهنجي آسپاس جي ماحول جي بُو ايندي آهي. جيڪا پنهنجي مرد کي ڇڪي ايندي آهي. شهر جون فيشن زده عورتن ۾ سونهن ۽ سُرهاڻ تہ هوندي آهي پر منجهان عورت جي originality گهٽ ٿيندي رهندي آهي ۽ هڪ ماڊرن ۽ امپورٽيڊ ڪشش وڌندي رهندي آهي.

ڪلاڪ کن ۾, قاپل گرم گرم کير جا بہ وڏا شيشي جا گلاس ڪٽ اڳيان رکيل ٽپائي تي رکي ويئي ۽ موٽي ٻن ٿالهين ۾ ڪوسو پٽ, تريل پٽاٽا ۽ گدوءَ جي چوڪ تان گهرايل پڪوڙا کڻي آئي.

”ڪير ٻيو ٻـ ٻيو آهي. ڪپي تـ گهُرجو.“ ڦاپل جو آواز هز ماسٽرس وائس گرامو فون منجهان شمشاد بيگم جي آواز وانگر وٽندڙ ڪهُرو ۽ صاف هو جنهن ۾ پرٽيل عورت جي maturity پڻ محسوس ٿي پئي.

علي بخش خان کي ائين پئي لڳو جڻ هو ڪا غير ملڪي ڊش کائي رهيو آهي. ڪيس ياد نـ پئي آيو تـ ڪڏهن پٽ سان ڪير کاڌو هئائين. تريل پٽاٽا تـ خير نيڪ هئا. ڪيس پڪوڙا بـ پٽ سان چڱا لڳا پئي.

ڦاپل جو پاڇو پيهر ظاهر ٿيو. هاڻ سندس هٿ ۾ اڌ تريل پلو هو. هُن پلي واري ٿالهي علي بخش خان جي اڳيان رکي ۽ پهريون پيرو اڪيون ڪٽي ڪيس چڱي طرح ڏنو ۽ دل ۾ سوچڻ لڳي تـ ڪن ماڻهن جي پيري بـ واهـ جي هوندي آهي. ڪي تـ جوانيءَ ۾ بـ اجايا پيا لڳندا آهن. ڦاپل ويئي هلي. الهورايو سِرڪي اچي ڪٽ تي ويٺو ۽ ماني کائڻ لڳو. علي بخش خان کي ذهن جڻ ويهـ سال پوئتي وٺي ويو.

”سائين حجاب نـ ڪجو. غريبن وٽ اهوئي سڀ ڪجهـ آهي. پر وري بـ شڪر ڪندا آهيون. رب جا ٿورا مڃيندا آهيون.“

”نـ يار اسان جا بنيادي کاڌا ڏاڍا سوادي ۽ پاڪ صاف هوندا هئا. هينئر تـ تهذيبن جي ميلاپ ۾ ڪجهـ ماڻهن وٽ گهٽي پئسي اچڻ ڪري سڀ ڳالهيون اوڙ تي پيون آهن. پر ڪير ۽ پلو پيٽ ۾ وڙهندو تـ ڪونـ؟“

الهـ ورائي ٺهڪ ڏنو. جوٽس ڦاپل ٻئي طرف منهن ڪري مُرڪي ڏنو.

”سائين! پيٽ اهڙي مشن آهي جنهن جي راڪاس آنڊن اڳيان رُڪ جا چٽا بـ پيسجي ويندا آهن. ويچاري پلي جي ڪير پير جي اڳيان ڪهڙي حيثيت! اوهان فڪر نـ ڪريو. مولا تي رکو.“

علي بخش خان کلي ڏنو.

”سائين منهنجو نانو ڏاڍو وڏو ماڻهو هو. اڌ عمر درياهـ، ٽُنبن، ٻٽيلن، جارن منجهـ گذاريائين. پوءِ هڪ ديوان سيٺ گڏجي ويس. اُهو پڙهيل ڳڙهيل. هي اڻ پڙهـ! نيٺ ٻئي يار ٿي پيا. ديوان ڪيس ٽيهن سالن جي عمر ۾ اسڪول ۾ داخل ڪرائي ڇهن سٽن سالن ۾ ڪاميٽيءَ جو امتحان پاس

ڪرائي، اباڻو ڏنڊو ڇڏائي، سنڌي ماستري وني ڏنائين. ناني جا رنگ ٿي ٻيا ٿي پيا. رهڻي ڪهڻي جن ڏني سي ساراهه جا ڏک پرينڌا هئا ته واهه ٻچائي جا پٽ تنهنجا رنگ! پلي جي ڪک سان، لڱن تي چار جا نشان، سج جي تپش ڪري ميرانجهڙو رنگ به الائي ڪڏانهن گم ٿي ويو.“

”تنهنجي ناني اسڪول ۾ پڙهايو؟“

”ها سائين انهيءَ ڇٽ، واڻين جي اسڪول ۾ پنجويهه سال پڙهايو. ديوانن ڪيس ريٽائر ٿيڻ ئي نه ڏنو. ديوان سمجهندا هئا ته اسان وارو نانو ڏيئن ۾ ويهارڻ لائق هو. پر سائين عمر جو چڱو عرصو گذارڻ ڪان پوءِ به ڪيتريون داديون ۽ عامليائيون مهاڻيون مٿس موهت هونديون هيون. سندس لڱن منجهان سنڌوءَ جي ميرانجهڙي پاڻيءَ جي سرهاڻ ايندي هئي ۽ هيٺ رڳن، نسن ۽ شريانين ۾ پلي جا مڻ رت جي شڪل ۾ ٻرپل هئس. ڇا مرد هو. پوڙهو ته ٿيو ئي ڪونه ۽ نڪي بدن لڙو ٿيس.“

”ڇا پڙهائيندو هو؟“

”سائين حسابن ۽ سنڌي گرامر نانا ڪان پوءِ دنگ هو. انگريزي ميٽرڪ پاس ديوان به سنڌي گرامر سکڻ نانا وٽ ايندا هئا.“

”بس رڳو پاڻ پڙهيو؟ ڪتنب ۾ ٻئي ڇوڪري تي هٿ ڪونه رکيائين.؟“

”سائين نانا چار شاديون ڪيون پر اولاد ڪونه ٿيس يا ٻچيو ڪونه! مون کي پاليندو هو. آءُ سندس وڏي زال جي ڏيءَ جو چڻ پيريءَ جو اولاد هئس. مونکي به ست درجا سنڌي ۽ ٽي درجا انگريزي جا پڙهايائين. ڪجهه سال ماستري به ڪيم. ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. ديوان ويا. سيٺ ويا نانا جا يار ويا. سندس جوانيءَ جون سنگتياڻيون ٻارن ٻچن سان ڪراچي بندر ڪان سمنڊ اُڪاري ويون. اسڪول بند ٿي ويو. اسڪول تي قبضو ٿي ويو. ڪنهن واڻئي جي ذاتي ملڪيت هو. ملڪيت جا نوان مالڪ پهچي ويا هئا. نانا ورهاڱي کان پوءِ ويهه سال ڪن جيئرو هو. مون اجا ماستري ڪئي پئي ته پاڻ وڃي رب کي پرتو. ڪانئس پوءِ مون وارو پاءُ رحمان ڄائو. سيني گڏجي نانا جو نالو مٿس رکيو. نالو ته نانا جو هوس مٿان پر ناني جي نالي

کي لجائي پيو. مون بہ ماستري ڇڏي ۽ اباڻي ڪرت کي لڳس ۽ سٺي آمدني ٿيندي هئي. رحمان کي پڙهائڻ جو سوچيم. پر عجيب سرشتو هو تعليم جو. اڃيس ڪجھ بہ ڪونہ بي اي پاس آهي. الائي ڪيترا پيرا ٽاٽن، لاڪپن، اسپتالن ۽ جيل مان گھمي آيو آهي. گھر ۾ غربت پير جمائڻ شروع ڪيا. درياھ سڪڻ لڳو. مون سمجھيو تہ ماڻهو ڇتا ٿي پوندا پر ماڻهو مايوس ٿيڻ لڳا. اسان تي بہ قرض جا انبار چڙهي ويا."

"پوءِ رحمان ڪا نوڪري نہ ڪئي؟ گھر کي سنڀاليائين بہ نہ؟"

"سائين نوڪري تہ مونکي نظر نٿي اچي پر هڪ وقت آيو تہ گھر ۾ سندس پئسا بہ اچڻ لڳا ۽ پوليس جڻ روز بيٺي هوندي هئي. مونکي پوليس ڏٺي ڪانہ وڻندي هئي. بابو بہ پوليس يونيفارم پائي اچي تہ اهو بہ پيءُ طور قبول نہ ڪري سگھان. مون سندس گھر ۾ پئسن ڏيڻ تي پابندي هڻي ڇڏي ڪڏهن ڪڏهن مون واري جوءِ ڦاپل کي ڪجھ پئسا ڏيئي ويندو آهي. سال کن اڳ ڪيس سلھ تي پئي. اُهي دوائون وٺي ڏيئي ويندو هو. دوائون مونکان زور هيون. ڦاپل ڪيس پاليو بہ آهي. انهيءَ ڪري پائيندي بہ آهيس. مون کي سندس دوست نہ وڻندا آهن."

"ڇا ڪن چورن ڪاٽڪن سان دوستي اٿس ڇا!"

"نہ سائين سڀ دوست سهڻا موچارا پڙهيل ڳڙهيل اٿس. پر آهن سڀ بي روزگارا پر لڳن نہ ٿا. هي تہ لاڪپ ۾ هويا جيل ۾ مون هڪ گردو نالي ۾ تہ ڪنهن کي عطيي طور ڏنو پر پئسا ورتم. قرض لاٿم. سندس ضمانت تي بہ پئسا خرچيم.

الهورايو ڪجھ دير خاموش ٿي ويو ۽ وري چوڻ لڳو.

"الاهي ڇا توڪري؟ آءٌ تہ سدائين فڪرمند هوندو آهيان."

رات جا ڏهہ کن لڳي چڪا هئا. چؤطرف تڏاڻ ٺهلجي چڪي هئي. علي بخش خان اٿيو ۽ موڪلائي ٻاهر روشن, گند پري گهٽيءَ مان نڪري, پنڌرهن سال پراڻي ايف.ايڪس ڪار کي هلائي گهر موٽيو.

صبح جا نو کن ٿيا هئا. علي بخش خان, سنڌي اخبار پڙهڻ سان, نيرن بہ ڪئي پئي. هڪ هيڊنگ تي اچي بيهي رهيو: ”هڪ دونهاتيل نوجوان ۽ تعليم يافتہ چوڪريءَ شڪارپور جي پرسان رستم ڳوٺ وٽ هڪ رئيس کي لونڊڙي تي ٺي ٺي پستول جي هڪ گولي سان ماري وڌو. انهيءَ رئيس پنڌرهن ڏينهن اڳ جرڳي ۾ فيصلو ڏنو هو تہ ٻن فلاڻين ڌرين کي پنڌرهن سالن جي خوني جهيڙي کان بچائڻ لاءِ, ٽن معصوم نياڻين کي چٽيءَ ۾ هڪ ڌر کان وٺي ٻي ڌر جي حوالي ڪيو هو_ ۽ ڳوٺ ۾ جهيڙي جي حالت ختم ڪئي.“ اڳتي لکيل هو تہ معصوم نياڻيون ڪلي رهيون هيون.

علي بخش خان اها معصوم چوڪرين جي چٽيءَ ۾ ڏيڻ جي خبر, اڳ بہ پڙهي هئي پر رئيس کي لونڊڙي ۾ گولي ۽ نوجوان سو بہ دونهاتيل نوجوان ۽ تعليم يافتہ چوڪري _ اها ڳالهہ علي بخش خان جي سمجهہ کان ٻاهر هئي. بار بار خبر کي پڙهڻ لڳو.

ٿوري دير کان پوءِ علي بخش خان اخبار جي نيوز ايڊيٽر سان ڳالهائي رهيو.

”سائين خبر جا تفصيل اڄ ايندا. رات جيئن خبر ٽيليفون تي پهتي اسان هلائي ڇڏي پوليس کان بہ پڇيوسين. انهن بہ رئيس جي قتل جي تصديق ڪئي. پر اڃا اها خبر نہ پئي آهي. نوجوان سو بہ دونهاتيل ۽ چوڪري ڪير هئا ۽ بہ سؤ ميل پريان اچي اها واردات ڪري ويا هليا.“

علي بخش مفاصلي جي ڪٿ ڪئي تہ بہ سؤ ميل شڪارپور کان حيدرآباد يا گدوبندر تائين پيا ٿين.

علي بخش خان ٻنپهرن جو ٻن پروفيسر دوستن سان گڏ ماني پئي کاڌي
”يار ڪنهن رئيس جو خون ٿيو ڪا وڏي ڳالهه نه آهي.“ علي بخش خان چيو: ”اهو ائين ٿي آهي جڻ ڪنهن ڪانياواڙيءَ تماڪ جو پان کائي، رستي جي ڪنڊ پاسي ٿڪ ڦٽي ڪئي. الائي ڪيترا رئيس پيا مرن ۽ قتل ٿين. پر ائين رستي تي لاش ڦٽو ڪرڻ ۽ اخبار موجب اڻ اسڃاتل، ٻنهين ۾ ويڙهيل نوجوان، رئيس کي لونڊڙيءَ تي گولي هنئي آهي ۽ ساٽس گڏ هڪ نوجوان ڇوڪري به آهي. ڳالهه ڪجهه منجهيل ۽ سمجهه ۾ اچڻ جهڙي ناهي.“
پروفيسر حميدالله يوسف زئي چيو: ”ٻيون ڳالهيون ته سڀ ٺيڪ آهن پر ڏونهاتيل نوجوان مونکي به سمجهه ۾ نه آيو.“
پروفيسر شگفته حميدالله ڪجهه وڌيڪ حيران هئي. پنجاهه کن جي هئي پر سندس هاٺي ۽ موچاري منهن ڪيس پنهنجي عمر کان ڏهه سال کن ننڍو پئي ڪيو. سندس لڱن مان ڪا هلڪي خوشبو پئي نڪتي جيڪا سڄي ڪمري ۾ ڦليل هئي. ڪي ڪي انسان خوشبودار ٿيندا آهن. پروفيسر شگفته يونيورسٽيءَ ۾ اينٿروپالاجي پڙهائيندي هئي ۽ سندس گهر وارو حميدالله يوسف زئي فزڪس جهڙو خشڪ سبجيڪٽ جو نهايت هوشيار استاد هو.
پروفيسر شگفته چيو ته ”تاريخ جي ورقن کي ڦهولهي ڏسو ته جڏهن به ظلم جي حد وڌندي آهي ته ڪي اڻ ڄاتل ۽ اعتبار نه ڪرڻ جهڙا ڪردار سامهون ايندا آهن ۽ اهڙا ڪم ڪندا آهن جيڪي انسان جي عقل کان ٻاهر هوندا آهن. پر ڏونهاتيل نوجوان _ ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.“
پروفيسر حميدالله چيو: ”ٿي سگهي ٿو ته اها ڳالهه اخبارن جي ييلوجرنلزم جو حصو هجي. آخر اخبار کي به ته وڪڻڻو آهي. هر ڌنڌي جا پنهنجا اصول آهن.“
لنچ هليو پئي.
”منهنجي خيال ۾ پاڻ ڪنهن اڻ ڄاتل آزار ڏانهن وڌون پيا.“ علي

بخش خان چيو. "سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي!"

حميدالله يوسف زئي، پشاور جو پٺاڻ هو. پر گذريل پنجاهه سالن کان سنڌ ۾ رهيل هو ۽ سندس پشاور سان اهي ناتا به هاڻ نه رهيا هئا. سندس مائٽ هاڻ فقط هڪ وڏي پيڻ بچي هئي جيڪا هڪ بيوروڪريٽ جي بيواهه هئي. سندس هڪ پٽ ۽ ڌيءَ ٻئي آمريڪا ۾ هئا. پاڻ انڪم ٽئڪس جي ريٽائرڊ بيوروڪريٽ جي پنج ايڪڙ زمين ۽ شهر کان ٻاهر محل جهڙي گهر ۾ حياتيءَ جا آخري پنج ڏهه سال گذارڻ لاءِ پنهنجي ملڪ ۾ رهيل هئي ۽ روايتن جي امين ٿيو ويٺي هئي. انڪم ٽئڪس بيوروڪريٽ جي ملڪيت مرڻ کان پوءِ به سال به سال وڌندي رهي پئي. حميدالله ڪي پائينديءَ هئي. ڪيس سال کن ۾ ايترا پئسا موڪليندي هئي جو هو هر سال گاڏي بدلائيندو هو.

"سائين سنڌ ۾ ڇا ٿي سگهي ٿو؟" حميدالله چيو. "مون تاريخ ڪجهه پڙهي آهي. سنڌ ۾ ٻاهريان قاتل رهزن ايندا رهندا هئا. حڪومت ڪندا رهندا هئا ۽ سنڌي ڪڏهن ڪڏهن ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو حادثو ڪري وجهندا هئا _ اهڙن ڇڙوڇڙ حادثن سان سنڌ جي تاريخ ڀريل آهي. باقي سنڌي ڪڏهن به گڏجي نه وڙهيا. اهو رئيس به ائين آهي: "جنگل مين مور ناچا ڪس ني ديکها!"

شام جو علي بخش خان جو خيال هو ته گدو وڃي ۽ رحمان جي پاءَ سان ڪچهري ڪري ۽ رحمان متعلق به ڪا پڇا ڪري. اوچتو ڪيس خبر پئي ته ڇهين بجي صوبي جي انسپيڪٽر جنرل آف پوليس جي پريس ڪانفرنس آهي، جيڪا ٽيليويزن تي به ايندي.

ٽيليويزن تي آءِ جي پوليس ويٺو هو ۽ ڪيترائي چونڊ صحافي پڻ

سليقي سان هڪ پوليس ڪانفرنس هال ۾ ويٺا هئا. آءِ جي پوليس جو بدن عام پوليس وارن کان ٿورو بدليل هو. هو ڏڳهو هو ۽ پوليس وارن جي ليبل واري بدن بدران هڪ عام انسان جهڙو لڳو پئي. پر سندس منهن, هڪ خاص پوليس واري غيرانساني کهراڻ ظاهر ڪري رهيو هو. سندس اکين ۽ منهن تي ڍِلي ماس جي ذري ذري ۾ عام پاٽيات بدران نيٽ وسڪي جي رهيل پاٽيات ۽ سوڄ نظر آئي پئي. سپيريئر سروسز جي هن ڪاموري جي نوڪري ۾ آخري هڪ ٻه سال مس هئا پر سيني ڪاموري بيمارين يعني هاءِ بلڊ پريشر, ڊايابٽس ميليٽس ۽ پراسٽيٽ گليندس ۾ به روايتي طور مبتلا هو. ڇهه اٺ مهينا اڳ, لنڊن مان دل جي باءِ پاس آپريشن به ڪرائي آيو هو. پر نوڪريءَ جا باقي ٻه سال ڪرڻ به سندس شديد خواهش منجهان هڪ خواهش هئي ڪمزور سياسي حاڪمن کي اهڙا سمجهدار, تابعدار ۽ تجربيڪار آفيسر گهربل هئا. هو انگريزي جڻ پشتو زبان ۾ ڳالهائيندو هو ۽ اردو انگريزي انداز ۾ ڳالهائيندو هو. سندس جواني ۾ هو مشهور هوندو هو ته سندس بنگلي ۾ اوورهيڊ ٽينڪ ۾ پاڻي ايترو نه هوندو هو جيتري سندس گهر ۾ اڏيل بار ۾ وسڪي, شيمپئين, امپورٽيڊ بيئر جا ٽن ۽ ووڊڪا هوندي هئي. هاڻ وسڪي, آپريشن کان پوءِ به پنهنجي ليول جي ٻين ڪامورن جيتري مقدار رکندو هو.

آءِ جي صاحب ڳالهائڻ شروع ڪيو: "اسان جي صوبي ۾ گذريل ڇنڇر ڪلاڪن ۾ به عجيب ۽ هڪ جهڙيون وارداتون ٿيون آهن. هڪ ته اوهان اجوڪي اخبارن ۾ پڙهي هوندي ته شڪارپور ضلعي جي رئيس شمن خان کي گهر منجهان ڪِدي, ڏيڍ ميل پري انڊس هاءِ وي تي, مٿي ۾ ٽي ٽي پستول جا به فائر ڪري ماريو ويو ۽ سندس لاش رستي تي ڦٽو ڪيو ويو آهي. اهو وقت صبح جو سوير هو. اجان سج به نه نڪتو هو ته ڪجهه ڳوناٺا, اوسي پاسي کان نڪري آيا. پر سندن بيان عجيب آهن. هُو چون ٿا ته هنن صاف ڏٺو ته هڪ نوجوان هو ۽ هڪ جوان ڇوڪري هئي. پر اسين پوليس وارا سمجهون ٿا ته انهن ٻن کان علاوه ڪجهه ٻيا نوجوان به انهن سان گڏ

هوندا جن رئيس کي ٻسندس بنگلي منجهان کنيو آهي. نوڪرن ۽ محافظن کي ڪابه خبر ناهي. رئيس اغوا ٿيو. ڏيڍ ميل جي مفاصلي تي، مين رستي تي گوليون هڻي کيس ماريو ويو آهي. ظاهري طور رئيس جو ڪوبه ڏوهه يا دشمني نظر نٿي اچي. ڪجهه هفتا اڳ رئيس هڪ جرڳي ۾ فيصلو ڏنو هو ته هڪ ڏر، خونن جي بدلي، چٽيءَ طور، ٻي ڌر کي پنهنجون ٽي صغير نياڻيون، بالغ ٿيڻ تي حوالي ڪندي امن امان تي ويو. ٻئي ڌريون انهيءَ فيصلي تي راضي هيون. ٻڌائن ٿا ته رئيس شمن خان اهڙا ڪيترائي فيصلا ڪيا آهن."

هڪ ٻن صحافين وچ ۾ ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر آءِ.جي کين ماٺ ڪرائي ڇڏيو.

"اڃان مون پنهنجو بيان ختم نه ڪيو آهي. اهڙو ٻيو واقعو اڄ اڍائي ۽ ٽين بجي جي وچ ۾ ٿيو آهي. اهو واقعو وڌيڪ خطرناڪ ۽ ڏينهن ڏٺي جو ٿيو آهي. ٽئي ۽ سونڊا جي وچ ۾ سيد الحاج هوندل شاهه جو لاش جهمپير جي جابلو علائقن ۾ مليو آهي. لاش سڃاڻڻ ۾ نٿو اچي. پر صبح جو مريد ۽ علائقي جي ڪمن ڪارين وارا ماڻهو جيڪي شاهه صاحب سان گڏ هئا تن ڪپڙن ۽ واچ کي ڏسي سڃاڻپ ڪئي ۽ انهن ماڻهن جي اڳيان چار نوجوان، شاهه صاحب کي اغوا ڪري ويا. شاهه صاحب صبح جو يارهن بجي گهٽو ڪري روز اهڙن ماڻهن سان گڏ، سرڪاري آفيسن ۾ ڪمن ڪارين لاءِ ويندو هو. شاهه صاحب نيڪ ۽ پنهنجي علائقي جو وڏو ماڻهو هو. حڪومت جي مرضيءَ سان سينيٽر به چونڊيل هو."

"اغوا مهل اُت موجود ماڻهن شاهه جي مدد نه ڪئي؟" هڪ صحافيءَ پڇيو.

"هڪ ته ڪلاشنڪوف جا برست هئا ۽ ٻيو هڪ عجيب ڳالهه نظر آئي آهي ته جيڪي نوجوان شروع ۾ نظر آيا پئي، سي شاهه صاحب کي جيپ ۾ وجهي جڏهن وڃڻ لڳا ته دونهون، هڪ عجيب قسم جو دونهون سندن چؤطرف ڦهلجي ويو ۽ ڪير به کين سڃاڻي نه سگهيو."

"اوهين هڪ سينئر پوليس آفيسر جي حيثيت ۾ چا ٿا

سمجهو؟“ هڪ پيو سوال.

”هن وقت آءٌ ڪجهہ چئي نٿو سگهان. حڪومت انڪوائريءَ جو حڪم جاري ڪيو آهي. اوهان انڪوائري ۾ حڪومت جي مدد ڪريو. معاملو ڪجهہ پراسرار لڳي پيو.“

”سائين ائين تہ ناهي ڪنهن ٽولي وٽ سپر نيچرل طاقت آهي ۽ هُو ملڪ ۾ ماڻهو ماري پيو.“ هڪ ٻئي صحافيءَ چيو.

”سپر نيچرل طاقت تہ نان سينس آهي.“ آءِ.جي چيو: ”باقي اها دونهين واري ڳالهہ عجيب آهي.“

”اوهانجي خيال ۾ ساڳيو ٽولو آهي جنهن شڪارپور جي پيرسان رئيس کي ماريو ۽ هاڻ سيد سڳوري کي ماريو آهي.“

”لڳي ائين ٿو.“

”انهيءَ ٽولي ۾ ڇوڪريون بہ آهن؟“

”هڪ ڇوڪريءَ بابت تہ معلومات ملي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ وڌيڪ بہ هجن. پر پوليس ۽ ايجنسين کان وڌيڪ لڪي نہ سگهندا. انشاءَالله اوهان کي ڏينهن ٻن ۾ خوشخبري ٻڌائيندا سين!“

پريس ڪانفرنس ختم.

علي بخش خان پنهنجن خيالن ۾ گم ٿي ويو. ڪيس سمجهہ ۾ نہ پئي آيو تہ هي ڪهڙي قسم جو ڏوهہ آهي. بي گناهہ ماڻهن کي مارڻ عجيب لڳو پئي. ڪا ڦرلٽ يا ڌاڙو بہ نظر نٿو اچي.

علي بخش خان گهر منجهان نڪتو ۽ گدوءَ ڏانهن ويندڙ سڙڪ ڏانهن وڃڻ لڳو. سج لهي چڪو هو ۽ اوندهہ جي چادر ڦهلجندي پئي ويئي. رستي تي لڳل ٿنڀن ۾ بلب روشن ٿي چڪا هئا. جنهن ڪري ڏامر جي سڌي

رستي تي روشني جا عڪس نظر آيا پئي. ڪارن، موٽرسائيڪلن ۽ رڪشائن جي ٽريفڪ جاري هئي.

ٿورو اڳتي هلي علي بخش خان رڪشا ۾ وينو.

اڄ الهه ورائي جي طبيعت وڌيڪ بهتر هئي.

"ڪيئن آهين الهه ورايا؟"

"سائين اڄ گهڻو بهتر آهيان." الهه ورايو ڪلڻ لڳو. ڦاپل به پرسان لنگهي ويئي ۽ مهمان کي، پوتيءَ جي پلاند سان ڍڪيل هٿ ڏيئي ويئي.

"ڪيئن سور گهٽ اٿئي؟"

الهه ورائي مُرڪندي آهستي سان وراڻيو: "اڄ پاڻ کي انسان پيو ڀانيان. شام کان ڦاپل جي لڱن مان ايندڙ پلي جي سُرهاڻ هر هر مٿو ڦيرائي تي چڙهي. سائين وڏا چوندا هئا ته پلي جي سرهاڻ انسان کي اُيو ڪري بيهاري ٿي. جي روز پلو کائي ماڻهو سؤ ورهيه مردانگي سنڀالي سگهي ٿو."

"رحمان ڪٿي آهي؟"

"اڄ ٽين چئين ڏاري آيو آهي ۽ اندر ٻنو پيو آهي. ڪا ورهين جي ننڍ اٿس. رول پارٽي آهي. الائي ڪٿي پيو رُلي؟."

"اٿاريوس."

"سائين هاڻ پوليس اڃي اٿاريس ته تڏهن به ڪونه اٿندو!"

الهه ورائي جواب ڏنو.

"نه اٿاريوس! منهنجو ٻڌايوس ته آيو آهي."

ڦاپل پريان ٻڌي هئي. مڙس جو اشارو ملندئي اندر ڪمري ۾ ويئي ۽ ڪجهه دير کان پوءِ ٻاهر آئي ۽ "اچي ٿو. اٿيو آهي!" چئي رڌڻي ڏانهن هلي ويئي.

ٿوري دير کان پوءِ رحمان اٿيو ۽ ٻاهر آيو. سندس اکيون اوجاڳي ڪري سُڄيل هيون. سلام ڪري کٽ جي ايس تي ويهي رهيو.

"صاحب تون آهين ڪٿي؟" علي بخش خان پڇيو.

"بس مڙيئي دوستن جي دعوت تي ويو هوس."

"شڪارپور ويو هئين."

”نه _ سانگهڙ ويو هوس. اُت به راتيون هئس.“

”پر اجا به هڪ رات جو حساب رهي ٿو؟“ علي بخش خان پڇيو.

”پوليس وارن جهڙا سوال پيا ڪريو. ٽين رات سيڪاٽ ۾ سمن وٽ هئس. اوهانکي گاڏي ملي؟“

”نه _“

”اوهانجي گاڏي اڄ فجر کان هيرآباد جي پوسٽ آفيس واري گهٽيءَ ۾ بيٺي اٿوَ. چابي سيٽ جي هيٺان اٿوَ. پوليس کي اطلاع ڏيئي گاڏي کڻي وڃو.“

”گاڏي ڪٿي ويئي هئي؟“

”اوهان يقين ڪريو اوهان جي گاڏي اتي حيدرآباد ۾ ئي ڪٿي بيٺي هئي. مون تي اعتبار ڪريو.“

علي بخش خان کلي ڏنو. ”يار اعتبار ته ڪرڻو ئي پوندو!“

علي بخش خان وري چيو: ”منهنجو گهر ڏٺو اٿئي؟“

”ها اوهانجو بنگلو ڏٺو اٿم.“ رحمان جي اکرن ۾ ميناج بلڪل نه هو.

”صبح جو گهڻي بجي اٿندو آهين؟“

”اهوئي ڏهين يارهين بجي!“

”يارهين بجي مون وٽ اچجانءِ.“

”ڇو پوليس کان پڪڙائيندا ڇا؟“ رحمان ايس تان اٿيو.

”پوليس کان پڪڙائڻو هجي ها ته پهرئين ڏينهن ئي اهو ڪم ڪريان ها.“

”صبح جو ايندس.“ ائين چئي رحمان اندر ڪمري ڏانهن ويو هليو.

”سائين اڄ پلا گهرايا هئم!“ الهه ورائي چيو. ”يا ته ويهو رهاڻ ڪريون ۽ پلو ڦاپل جي هٿ جو کائو _ جي نه ته هڪ پلو کڻي وڃو.“

”يار الهه ورايا نڪي هتي ويهي پلو کائيندس ۽ نڪي کڻي ويندس. ڏينهن ٻن ۾ ايندس پوءِ ڪچهري به ڪنداسين ۽ پلا به کائينداسين.“

”اڄ نصيب سان پلا مليا آهن. خير اوهان جي نصيب ۾ ناهن وري اچي نصيب آزمائجو.“

علي بخش خان اتيو ۽ تڪڙا قدم کڻندو رستي تي آيو. ريٽائرڊ علي بخش خان، پنهنجي عمر جي سٺ جي ڏهاڪي جي شروعاتي هو. پر اجا ڪڙو تڙو هو. پنڌ جو شوقين هو. پر گذريل ٽيهه پنجٽيهن سالن کان اهڙي زندگي گذارڻ جي طور طريقي ڪيس عام طور تي پنڌ هلڻ جي عادت ئي ختم ڪرائي ڇڏي هئي. پر اڄ علي بخش خان سوچيو ته گدوءَ کان حيدرآباد تائين هڪ ٽي چار ڪلوميٽرن جو پنڌ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي. جي ٿڪجي پيس ته رڪشا ڪٽي ڪبي. علي بخش خان، آرام سان، هڪ جيترا قدم کڻندو حيدرآباد ڏانهن وڌڻ لڳو. سندس ذهن ۾ عجيب سوال هئا. علي بخش خان سنڌ جي تاريخ کي الائي ڪيترائي ڀيرا ورجايو آهي. هڪ عجيب ملڪ کيس لڳندو هو. ڪيس سنڌ اهو ملڪ نظر ايندو هو جنهن ۾ پنهنجا ماڻهو موجود نه هئا. هت سنڌي ٻڻ جي اڻ هوند هئي. سنڌي نسل ڪڏهڪو ختم ٿي چڪو هو. محمد بن قاسم جي حملي وقت، هت ٻڌ ڌرم ۽ ڪجهه هندو ڌرم جا پوئلڳ هئا جيڪي ڪجهه، تاريخن مطابق، مسلمانن جي بهتر ۽ وڌيڪ ترقي پسند حياتيءَ جي روين ۽ فاتحن جي ڏاڍ ڪري، مسلمان ٿيا ۽ ٻيا اصل رهاڪو يعني ٻڌ ڌرم وارا ۽ هندو ٻاهران ايندڙ مذهب جي دٻاءُ کان بچڻ خاطر سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر نڪري ويا. سندن سيپتا ۽ رهڻي ڪهڻي منجهه انهن علائقن جو اثر به اچڻ لڳو ۽ سنڌ ۾ خال ڀرڻ لاءِ عرب فوجين منجهان ڪيترا ماڻهو رهجي ويا.

علي بخش خان جا قدم، ڏامر جي رستي جي ڪناري ڪنارو کڄندا ويا ۽ جيئن لڱن ۾ رت جي گردش وڌندي ويئي تيئن ذهن ۾ به سوچ ۽ سمجهه جا ڦيرا آيا پئي. پرسان لنگهندڙ ٽريفڪ به سندس خيالن کي روڪي نه پئي سگهي.

سنڌ جي قوم جي composition، اُن دؤر کان ئي هڪ نئين انداز

ڪي اختيار ڪرڻ لڳي. عربن جي حڪومت، ان کان پوءِ اسماعليي تبليغي معلم ۽ ويڙهاڪ، يمن ۽ وچ اوير کي ڇڏي سنڌ آيا ۽ هت اسلام پنهنجي اصل طور طريقي بدران هڪ قابل قبول ۽ سؤلي طريقي سان ڦهلائڻ لڳا. پوءِ اُهي ئي اسماعيلي تبليغي معلم، لوڪل مسلم ڪيل سنڌين جي مدد سان ڏهين صديءَ ڌاري سنڌ ۽ ملتان تائين جدا جدا هنڌن تي پنهنجيون حڪومتون قائم ڪري ويهي رهيا. اسماعيلي اسلام، نهايت نرم ۽ ماڻهن کي سهولت ڏيڻ وارو هو. بنيادي طور تي اسماعيلي شيعا هئا ۽ امام جعفر صادق جي وڏي پٽ اسماعيل جو اولاد ۽ پوئلڳ هئا. اسماعيلين هت مڪاني ماڻهن کي نالي ۾ مسلمان ته ڪيو پر ڪين پنهنجا نالا ۽ تهذيبي حالتون برقرار رکڻ جي به اجازت هئي. حضرت علي رضہ ۽ پنج تن پاڪ جي تعليم تي به زور هو پر اسماعيلين ڪين پنهنجن اڳواڻن اؤتارن مثل ڪري پيش ڪيو. سنڌ ۾ هڪ نئين رنگ ۾ اسلام ڦهلجي رهيو هو. ٻئي طرف صوفي عالم، پنهنجي آزاد روشن خيال ۽ اسلام جي بنيادي اصولن کي ڦهلائڻ لڳا. ٻن قسمن جي اسلام ۾ ٽڪراءُ هو پر ايترو گهڻو نہ هو. هڪ ٻيو عنصر، راسخ العقيدي وارن اسلامي عالمن جو به سنڌ ۾ پهتل هو. تن وٽ اسلام جو اصل ۽ اُصولي براند هو. انهيءَ دؤر ۾ سنڌ جو اسلام ۽ ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي عجيب طرح جي گڏيل سڏيل هئي. جيڪي هندو پنهنجي ڌرم تي قائم رهڻ چاهيندا هئا تن، انهن تہ مُنهين تبليغ ۽ مذهب کان ٻچي جان بچائي ۽ اوير ڏانهن ڪچ، جيسلمير ۽ راجستان ڏانهن ويا هليا. جتان جڏهن به واپس سنڌ آيا تہ زماني مطابق، ٻين ذاتين جي ڇاپ ۽ راجپوت هئڻ جا نپا هڻي سنڌ پهتا. راجپوت مسلمان، کشتري مسلمان ۽ ٻين مسلمان ذاتين سان آيا ۽ پاڻ کي سنڌ جي سماٽ ڪئنواس ۾ فٽ ڪيائون. جيڪي هندو هاٽوڪي بلوچستان جي وڏي رياست قلات سيوا ڏانهن ويا سي يا تہ ٻروچن جي ڪن نُکن جي نپن سان سنڌ ۾ واپس آيا يا پنجاب ڏانهن ويل گهڻا هندو سک مذهب کي به پوري طرح يا partially اختيار ڪري سنڌ ۾ آيا. تيستائين محمود غزنوي اسماعيلين جي حاڪمن

۽ تبليغي عالمن کي، صوفي عالمن جي چوڻ تي وڙهي، ڪين ملتان ۽ سنڌ جي سرحدن مان ڪيڏي ڪانياواڙ ۽ عربي سمنڊ جي ڪناري وارن علائقن ڏانهن ڌڪي ڇڏيو. هت سنڌ ۾ اسماعيلي، خوجا ٿي ويا ۽ بدين ۽ لاڙ ڏانهن ڦهلجي ويا پر سنڌن اسلام جو طريقو ساڳيو رهيو. مسلمان نالا هندو نالا، مسلمان رسم رواج، هندو رسم رواج ۽ انهن سان شيعت جو ذهني لاڙو بہ گڏ رهيو. سومرا گهڻا صوفي عالمن جي ور چڙهي ويا ۽ شيعت مان نڪري سنڌن اسلامي عقيدي جي ڄار ۾ اچي ويا. باقي رهيل اسماعيلي اثر کي محمد غوريءَ جي سپهہ سالار ختم ڪيو.

علي بخش خان حيران پئي ٿيو تہ اڌ فاصلو راڻي باغ تائين پنڌ هلندو پهچي ويو ۽ کو ٿڪ محسوس نہ پئي ڪيائين. کيس ياد هو تہ ننڍي هوندي انهيءَ باغ کي داس گارڊن چوندا هئا. پهرين هن سوچيو تہ رڪشا ڪريان پر الائي ڇو ذهني ولوڙ کيس پنڌ هلڻ تي مجبور ڪيو ۽ هُو هڪ جهڙا قدم کڻندو اڳتي حيدرآباد شهر ڏانهن وڌڻ لڳو. پر سندس ذهن ۾ عجيب ماضيءَ جون ڪئنسٽون هليون پئي.

”سومرن يا سمن جو راڄ ڪو پوري سنڌ تي نہ هو. سمن جي پڇاڙي وارن ڪجهہ حاڪمن جي دؤر ۾ سنڌ جو گهڻو علائقو سندن قبضي ۾ هو. ڪٿي ڪٿي اڃا بہ ننڍڙيون، هندو حاڪمن جون رياستون هيون، جن وٽ ڪو ايڏو اختيار يا سگهہ نہ هئي.

”پوءِ وچ ايشيا جا رهزن، لٽيرا ۽ پنج وقت نماز پڙهندڙ ۽ پنهنجي دؤر جي مطابق حاصل ڪيل علم سان agressors ۽ ٻين جي ملڪن کي ڦريندڙ ارغون ۽ ترخان وچ ايشائي جابلو ملڪن منجهان آيا. اُن وقت بہ سنڌي قوم جو ڪو متحد وجود نہ هو. هر ڪو پنهنجي ليکي پاڻ کي وڏيرو سمجهيو زمين تڪر سنياليو ويٺو هو. پوءِ پل مسلمان هجي يا هندوءَ پر ڪين اها خبر يا ساڃاهہ ڪانہ هئي تہ هڪ ڌاريو حاڪم، هزار ڏيڍ ميلن جي مفاصلي کان اچي، ڪين ڦري، سنڌ تي حڪومت ڪندو. اهو ڌاريو لٽيرو، پنهنجي ملڪن جي وڏن زورآورن ۽ لٽيرن جي خانن يعني مغلن کي پڇجي

نہ سگهيو ۽ سنڌ جي حاڪم جي ماءُ مدينا ماڇياڻي جي عرض تي فوجون سنڌ ۾ آئي، سنڌين جي پنهنجي حڪومت ختم ڪيائين. اجان تائين ماڇين کي مسلمان گهٽ ذات ڪري سمجهندا آهن. جيتوڻيڪ منهنجي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن. ماڇين جي امڙ مدينا شايد اسانجي تاريخ ۾ صحيح طور تي نروار نہ ٿي آهي. پر ڪيترن ماڇين جن وٽ گذريل صديءَ ۾ ڪجھ ڏوڪڙ ۽ زمين جا ٽڪر آيا سي، راجپوتن جي هڪ نک سولنڪي ٿي پيا ۽ سنڌيءَ ۾ ڪين سولنگي سڏڻ لڳا. هونئن بہ برهمڻن جڏهن ٻاهران آيل زورآور ۽ ٻي مذهب قومن کي، مذهب جي دائري ۾ آندو پئي تہ آرين لاءِ ٿي ورن يا طبقا ناهيون جن ۾ ٻاهر کي مٿان رکيائون ۽ ٻين زورآورن ۽ اتر جي جابلو علائقن مان آيل ويڙهاڪن خاص ڪري هُن (Hun) کي راجپوت يعني راجائن جي اولاد ڪري اجمير جي ڀرسان ابو جبل تي هڪ وڏي تقريب ڪري راجپوت نک جو اعلان ڪيائون ۽ سندن عورتن کي هندو راجائن جي حرم ۾ ڏنائون ڪجھ هندو عورتون (Hun) زورآورن جي سرواڻن جي حوالي ڪري، انهن کي هندو ڌرم جي چار ۾ آنداڻون. اها عجيب ڳالھ آهي نڪي سنڌ ۾ اصل سنڌي وچي رهيا نڪي هند ۾ اصل هندستاني رهيا. هند جي برهمڻ آرين کي حڪومت ۽ واپاري جي هڪ هٽي يعني ڪشتري ۽ وئش بڻائي، ڪين هندو مذهب ۾ آندو. سنڌ ۾ اسلام جي متوالن ۽ صوفين، راضپي سان يا زوري هندن کي مسلمان ڪيو. پر تاريخ شاهد آهي تہ اڪثريت انهن هندن جي هئي جيڪي شودر هئا ۽ هندن جي مذهب جي فريم ورڪ ۾ هوندي بہ اُهي سماجي طور قابل قبول نہ هئا. وڏو مثال شودر قوم جي انهيءَ طبقي جو آهي جنهن کي راجستان، مهاشتر ۾ مهر چون ٿا. اهو طبقو هندو هوندي بہ هندن جي سسٽم ۾ چوٿين ڪلاس ۾ هو ۽ مئل ڍؤر ڪٽي وجڻ، انهن جون کلون لاهڻ ۽ وڪڻڻ ۽ ڳوٺن ۽ شهرن جي صفائي جو ڪم ڪندا هئا ۽ سندن سماجي حيثيت چمار، چنڊال ۽ ٻين نيچ ذاتين واري مقرر ٿيل هئي. پر ويهين صديءَ ۾ انهي نيچ قوم مهر ۾ هڪ نهايت اعليٰ مدبر ۽ دانشور پيدا ٿيو جنهن جو نالو ڊاڪٽر

امبيڊ ڪر آهي. اهو زبردست عالم هو جنهن آزاد هندستان ملڪ جو آئين لکيو ۽ اڄا تائين دنيا ۾ اهو آئين بهتر دستورن منجهان هڪ آهي. ڊاڪٽر امبيڊڪر کي پنهنجي اڇوت قوم مهر لاءِ به خيال هو ته انهن کي هندستاني سماج ۾ عزت ڀريو رتبو ڏيارجي. پهريائين سوچيائين ته مهرن کي مسلمان ڪجي جت نِنڍ وڏائي ناهي. پر دورانديش ماڻهو هو. تنهن 1955ع ۾ يڪمشت پنج لک مهرن کي ٻڌ ڌرم اختيار ڪرايو جنهن ۾ ذات پات ۽ نِنڍ وڏائي جو مسئلو نه هو. مهر به يڪدم مسلمان ٿيڻ لاءِ هٻڪيا پئي. ٻڌ ڌرم اختيار ڪرڻ ڪري کين هندو مذهب جي دائري ۾ به تهذيبي طور اجازت هئي. سو ڊاڪٽر امبيڊڪر کين زمين تان اٿاري عام هندن جي برابر ڪيو پر اُهي مهر ٻڌ ڌرم ۽ هندو رسم رواجن ۾ اڄا موجود آهن. پوءِ اهي ئي اڇوت، صوفين جي بادشاهي ۽ مسلمانن جي شهنشاهت ۾ پڪا مسلمان ٿيندا هئا. جيڪي ورهاڱي کان پوءِ پاڪ ملڪ ڏانهن هليا آيا_ ۽ جن جي نالن جي اڳيان پويان ڪا ذات ناهي اهي سڀ انهيءَ طبقن منجهان آهن جن کي هندن اڇوت، هريجن، شودر يا اهڙا خطاب ڏنا هئا. اسان وٽ جيڪي اهڙا مسلمان ٿيا سي ظاهر آهي ته سيد نه ٿي سگهيا ته سماٽ جي orbi ۾ پاڻ لڪائي ويهي رهيا.

ان کان پوءِ سنڌ جي ذاتين جي ٽڪنڊي ۾ عرب، ايران ۽ افغانستان جي پاسي، هرات، بخارا يا ٻين شهرن منجهان جيڪي آيا سي سيد سڳورا هئا، يا قريشي هئا، صديقي هئا يا اهڙن ئي نالن وارا پاڻ کي اعليٰ ڪلاس سمجهڻ لڳا. سيد ته ويچارا هئا ئي رسول سڳوري جي اهلبيت منجهان. سنڌ ۾ جيڪا جاهل پڻ ۽ اڻ ڄاڻائيءَ جي لهر ٻارهين صدي عيسويءَ کان 1947ع تائين هلي ۽ عام ماڻهن کي علم سان آشنا ئي نه هئي ۽ نوي سيڪڙي کان وڌيڪ بي علم ۽ ماضيءَ کان ڇڄيل ماڻهن کي پنهنجي اصل ذات پات جي پوري ڄاڻ نه هئي. نه ته اڳ اهو رواج هوندو هو ته ماڻهو پنهنجي شجري کي ڄڻ پاڪ ڪتاب جو حصو سمجهندا هئا. سيدن کي خبر نه هئي ته هو ڪهڙي امام جي اولاد منجهان آهن. هو بي علمي ۽ سنڌ

جي زمين تي رهڻ ڪري ڪي لڪياري تي پيا، ڪي متعلوي تي پيا. ڪي ٽکڙائي تي پيا. ڪي ارغون ترخانن سان گڏ شيراز منجهان آيا سي شيرازي تي پيا. رگو مغلن جي شيعہ عملدارن سان گڏ جيڪي فوج ۾ روهڙي آيا تن ڪي پنهنجي اصل نسل جي شروعات ڪان ڄاڻ هئي. پر سنڌ ۾ رهڻ ڪري اُهي بہ سنڌي نالي "ڪوٺائي" سيدن جي لقب سان سڏجڻ لڳا.

جڏهن يوپيءَ جا باعلم شيعا يا غير شيعا سيد 1947ع ڪان پوءِ سنڌ ۾ آيا تہ انهن سنڌي سيدن کي ، پنهنجي قائم ڪيل ادارن معرفت ڄاڻ ڏني تہ اوهان لڪياري سيد ڪيئن آهيو؟ متعلوي ڇا آهي؟ ٽکڙائيءَ جي بہ ڪا ڳالهہ سمجهي ۾ نٿي اچي. بخاري بہ سيد ڪيئن ٿيو. ٻارهن امامن جو اولاد آهيو _ ۽ ٻيو سيد جيڪڏهن شيعو نہ آهي تہ اُن جي سيد هئڻ ۾ ڪا سمجهہ ناهي. سنڌ ۾ اڳ نوي پنجانوي سيڪڙو عام ماڻهو ۽ سيدن سميت سڀ سني هئا _ پر مولا علي جا شيدائي هئا. يوپيءَ جا شيعا سيد، مغل يا ٻيون ذاتيون حيران ٿيڻ لڳيون تہ حيدرآباد شهر ۾ محمد صديق ٻالو امام جو علم ڪوڙي وينو آهي. ماتم ڪري ٿو. محرم جي آمد جي خير مقدميءَ ۾ نغارا وڄائي ٿو ۽ امام جي ياد ۾ مجلس سان گڏ سبيلون بہ جاري ڪري ٿو. ٻئي پاسي ٽنڊي نوڙهي، ٽنڊي آغا ۽ ٽنڊي جهانيان ۾ سخت عقيدي جا شيعا مرزا، سيد هئا. ويهين صديءَ جي پڇاڙي اڌ ۾ هڪ مذهبي تهذيب جي تبديلي شروع ٿي ۽ اها تبديلي هاڻ پنهنجي ڪلائمڪس ڏانهن وڃي پئي ۽ عام فسادن جي ماحول ڏانهن انهيءَ تبديليءَ جو پيچرو وڃي رهيو آهي. انهيءَ تبديلي جي ذميواري اسين يوپيءَ مان آيل ذهنيت ۽ سنڌن ڪچهہ علم جي ڦهلاءَ تي بہ وجهي سگهون ٿا. علم جو ڦهلاءُ منفي يعني nagetive اثر پيو ڇڏي ڄاڻ ڏائڻ جي روپ ۾ سامهون اچي رهي آهي. مذهب ماڻهو ملائيندو آهي پر اڄ اسين مذهب جي انهيءَ پيچري جا پانڌي آهيون. جيڪو ڪُڏن ڪُٻن ۽ گپ سان ڀريل آهي. ذهنن جي ورن ۾ بہ گپ پئي وڌي!

"تمام ويجهي مستقبل ۾ الائي ڇا ٿيندو؟ انسانن منجهہ نفرتن جو فصل پچي ويو. شايد جلد لاباري واري مند بہ اچي مٿان سر تي بيهي!"

علي بخش خان جا قدم تيز هئا تہ سندس ذهن ۾ خيال ۽ زبان تي لفظ بہ ائين پئي نڪتا. اوسي پاسي ڪي هن جهڙا پنڌ ڪرڻ وارا نہ هئا نہ تہ سمجهن ها تہ شايد ڪو مينٽل هاسپيٽل مان گهُٽ ڏيئي نڪري آيو آهي.

گهر پهچي، علي بخش خان ساهہ پٽيو ۽ پاڻي پي چانهہ طلبي. هو جڏهن سانت ۾ آيو تہ ڪينٽ پوليس ٿاڻي تي فون ڪيائين. ٻئي طرف انچارج پوليس انسپيڪٽر هو.

”مونکي هينئر فون تي اطلاع مليو آهي تہ مون واري گاڏي هير آباد جي پوسٽ آفيس واري گهٽيءَ ۾ بيٺي آهي.“

”سائين اوهان اچو تہ اوهان کي ڪو پوليس جو ماڻهو ڏيون ۽ گاڏي کڻي اچو.“

”نہ يار آءٌ ڪونہ ٿو اچان. منهنجو ڊرائيور بہ هينئر ناهي. اوهين ڪاهي اچي ٿاڻي تي بيهاريو. آءٌ صبح جو ايندس.“

علي بخش خان ٿڪل هو.

”سائين اسان کي فرصت ناهي. اوهانکي شايد خبر نہ هوندي تہ صبح جو تندي الهيار ڏانهن جنهن ايم پي اي جو خون ٿيو هو تنهنجو هڪ دونهاتيل خوني گرفتار ٿيو آهي. انهيءَ کي ٿاڻي تي آڻين پيا....“

”ڪهڙو ايم پي اي؟“

”رئيس ڏگاٽو خان بلوچ!“

”Oh! My God!“ علي بخش خان کان رڙ نڪري ويئي.

”سر بهتر آهي اوهين اچو ۽ پنهنجي گاڏي حاصل ڪريو _ نہ تہ اجڪلهہ سڀ ڪجهہ ممڪن آهي.“

”آءٌ“ اچان ٿو! پر خوني دونهاتيل آهي مونکي سمجهہ ۾ ڳالهہ نہ آئي!“

”سائين سمجهہ ۾ اسانکي بہ نٿو اچي. شايد قاتلن جي گروپ جو نالو ”دونهاٽيل“ هجي. پر ائين بہ نہ آهي. رپورٽ آهي واقعي نوجوان قاتل دونهاٽيل آهي.“

فون بند ٿي ويو.

ڪجهہ دير ڪان پوءِ علي بخش خان ٿاڻي تي وينو هو. سندس ڪار ٻاهر بيٺي هئي. ڪار صحيح سلامت هئي. ڪجهہ ضلعي جا اعليٰ عملدار ۽ ايس پي ۽ ڪجهہ جونيئر پوليس آفيسر، وڏي هال ۾ وينا هئا. علي بخش خان سان گهڻن جي واقفيت هئي. انهيءَ ڪري هُو انهن سان گڏ اُتي وينو هو.

”هي قاتلن جو ڪو نئون ٽولو آهي. هيستائين بہ اسيمبليءَ ميمبر ۽ ٻہ وڏيرا قتل ٿي چڪا آهن. ڪيترن ماڻهن خونين کي ڏٺو بہ آهي. پر عجيب ڳالهہ ڪن ٿا تہ خوني هڪ دونهين جي چادر ۾ ويڙهيل هوندا آهن. ٻن کي ڪلاشنڪوف سان ماريو ويو آهي. هڪ جي لونڊڙيءَ جي آرپار چار ٽي ٽرٽي بور جي گولين جا لڳل نشان آهن. باقي ٻن رئيسن کي اغوا ڪري، سندن پيٽ ڦاڙي، مين روڊ تي ڦٽو ڪري ويا آهن.“

”اها عجب جهڙي ڳالهہ نہ آهي؟“ علي بخش خان پڇيو.

”ڪرائم جي دنيا ۾ اهڙا عجيب واقعا ٿيندا رهندا آهن.“ ايس پي جواب ڏنو: ”اوهان کي گاڏي ملي؟“

”ها!“

”اوهين خوش نصيب آهيو. هاڻي منهنجي مرضي آهي تہ اوهان گهر وڃي آرام ڪريو.“

علي بخش خان اٿيو ۽ ٿاڻي منجهان نڪري ويو.

ايس پي ۽ ٻيا آفيسر وينا هئا تہ پرسان هڪ ڪمري منجهان هڪ سب انسپيڪٽر نڪتو. ايس پيءَ ڏانهنس سوال وارين نظرن سان ڏٺو.

”سر ڪا بہ ڳالهہ نٿو ڪري؟“

”اوهان پنهنجي ڪاروائي ڪئي؟“

”سائين ڪو اثر ناهي. عجيب ماڻهو آهي. پر مونکي عجيب مخلوق

لڳي ٿو.“

”ڪجهه ڳالهائي ٿو؟“

”سر ڪجهه ڳالهائي نٿو. اسان زوريءَ سندس وات پٽيو. عجيب ڳالهه آهي. وات ۾ زبان ڪونه اٿس.“

”زبان ڪونه اٿس؟“ سڀ وينل حيران ٿيا.

ايس پي ۽ ٻه آفيسر ٻيا اٿيا ۽ انهيءَ ڪمري منجهه ويا جت سندن جهليل هڪ قاتل ڪرسيءَ تي وينو هو. اڳيان ننڍڙي ميز رکيل هئي.

ايس پيءَ هڪ ڪاغذ ڏنس ۽ پين ٻه! ”تنهنجي زبان کي ڇا ٿيو؟ لکي ڏي“

عجب جهڙو نوجوان آرام سسان وينو هو. هن ڪاغذ تي لکيو: ”اسان سنڌين جي زبان کي خون ڪيو ويو آهي!“

ايس پي ڪاغذ هٿ ۾ جهلي اُن کي ڏسندو رهيو ۽ پوءِ نوجوان کي غور سان ڏسڻ لڳو.

”مونکي سڃاڻين ٿو؟ مونکي سڃاڻين ٿو؟“ ايس پيءَ زور سان چيو ۽ نوجوان جو منهن مٿي ڪري ڪيس غور سان ڏسڻ لڳو.

نيٺ ايس پيءَ آهستي سان نوجوان کي چيو: ”مان توکي سڃاڻان ٿو. مون توکي يونيورسٽيءَ ۾ ڏٺو آهي. لِک لِک!“

نوجوان جنهن جي اکين ۾ دونهون پريل لڳو پئي، تنهن تمام آرام سان سامهون پيل پني تي لکيو: ”تو جهڙا ٻه لسٽ ۾ شامل آهن!“

”ڪهڙي لسٽ ۾؟“ ايس پي رڙ ڪئي.

نوجوان وري لکيو: ”لسٽ ۾!“

ايس پي اُٿان هٿيو ۽ هڪ سب انسپيڪٽر کي چيائين: ”هن کان سچي ڪرايو. ڪنهن زبان ڪيڏي اٿس ۽ ٻين کي ڪٽي ڇڏيو. پنهنجي حد ۾ ٿيل رئيس ڏڳاٽي خان بابت سچي ڪرايوس. ٻُت تان کل لاهيوس. ڪجهه ننهن. پڪڙ سان ڪڍوس تڏهن به سچي نه ڪري هلڪا ٻرل ڪريوس.“

ايس پي وچڙ لڳو تہ سب انسپيڪٽر ڪيس هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويو: ”سر مونکي عجيب مخلوق محسوس ٿئي ٿي. هن جي اکين منجهان ڪنهن ڪنهن مهل دونهان بہ نڪرن ٿا.“

”بڪ نہ ڪر. پنهنجو ڪم ڪر.“

ايس پي ٻاهر وڏي هال ۾ آيو. ٽيليفون تي ڊي آءِ جي سان ڳالهائڻ لڳو. ٿوري دير کان پوءِ ٽاٽي منجهان ٻاهر نڪتو ۽ گاڏي ۾ ويٺو. ٻاهر بيٺل انسپيڪٽر انچارج کي پاڻ ڏانهن سڏي چيائين:

”هن علي بخش خان تي بہ نظر رکو۽ مونکي سڀاڻي شام جو رپورٽ ڏيو.“

صبح جو ايس پي پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو تہ رات واري انسپيڪٽر جون فون آيو.

”ڇا آهي؟“ ايس پيءَ رڙ ڪئي، ”مئجسٽريٽ کان ريمانڊ مليو؟“

”سر نوجوان گم ٿي ويو!“ آواز ۾ حيرت ۽ خوف شامل هو.

”ڇا بڪين پيو.....؟“

”سائين جيئن ئي اونداهي ڪوٺيءَ مان نڪري ٻاهر روشنيءَ ۾ آيو تہ سيني ڏٺو تہ ملزم ڪجہ دونهين ۾ ويڙهجي ويو ۽ پوءِ نظر نہ آيو.“

”فلمن واريون ڳالهيون نہ ڪر _ اجايو تون مارجي ويندين.“

”سر اندر ڪمري ۾ ٽي چار پرچيون پيون آهن جن تي لکيل آهي تہ تون بہ لسٽ ۾ شامل آهين.“

”ڪيس هٿڪڙيون لڳل هيون؟“

”سي زمين تي پيون آهن. سر مون ڪوٺيءَ کي بہ سيل ڪري ڇڏيو آهي ۽ سڄي واردات جو مشيرنامو ۽ شاهدن جا بيان بہ وٺي ڇڏيا آهن.“

ايس پيءَ جواب نہ ڏنو ۽ ٽيليفون بند ڪري ڇڏيائين.

شام جي اخبارن ۾ پهرين خبر اها هئي تہ گرفتار نوجوان پوليس تحويل منجهان ڀڄي ويو. ٻي خبر انچارج انسپيڪٽر جي سسپينشن جي هئي. ٽين خبر عجيب هئي تہ نوجوان ٺاٺي کان ٻاهر صبح جو ڏهين بجي، روشن صبح جو، پوليس جي پهري ۾ تحويل منجهان گم ٿي ويو ۽ پنيان ٻنهين جي هڪ ليڪ ڇڏي ويو. پيل هٿ ڪڙيون زمين تي اڻ کليل حالت ۾ پيون هيون.

لنچ کان پوءِ پوليس هيڊڪوارٽرس جي ڪانفرنس روم ۾ سڀ سينئر آفيسر ويٺا هئا.

ايس پي بريفنگ پئي ڏني: "پوليس، رئيس ڏڱاٽي خان جي قتل جي شڪ ۾ هڪ نوجوان کي گرفتار ڪيو. هن جي قبضي منجهان ٽي ترٽي بور جي پستل هٿ آئي. رئيس کي بہ انهيءَ بور جون گوليون لڳل هيون. گرفتاري سج لهڻ کان پوءِ عمل ۾ آئي. نوجوان جو چهرو دونهاتيل پئي لڳو. پر غور سان ۽ روشني پوڻ سان سندس چهرو ڪجهہ سڃاڻپ ۾ آيو پئي. پنهنجي متعلق ڪجهہ بہ نہ پئي ڳالهايائين. جڏهن پڇا ڳاڇا جي ڪاروائي شروع ٿي تہ مونکي انسپيڪٽر ٻڌايو تہ ملزم جي وات ۾ زبان ڪانهي. مون پچيومانس جواب ڪونہ ڏنائين. وات زوري کوليوسين تہ واقعي زبان ڪونہ هئي. مون کيس ڪاغذ ۽ قلم ڏنو تہ ٻڌائي تہ زبان ڪيڏانهن ويئي تہ لکي ڏنائين: "قتل ٿي ويئي!" عجيب انسان لڳو پئي. اسٽاف جي ميمبرن مونکي ٻڌايو تہ هن جي اکين مان ڪنهن مهل ڪجهہ دونهون نڪري ٿو. سندس ڪپڙن منجهان بہ دونهين جي بو اچي ٿي. مون پهرين نہ مڃيو پر جڏهن هن اکيون کڻي مونکي ڏٺو تہ مونکي بہ دونهون محسوس ٿيڻ لڳو. پر مون اعتبار نہ پئي ڪيو."

ايس ايس پيءَ جي صاحب، اوٻاسي ڏيندي چيو: "الف ليلائي ڪهاڻي پيو ٻڌائين. ڪير اعتبار ڪندو؟ تفتيش ڪرايو. انهيءَ سسپينڊ ٿيل انسپيڪٽر کان بہ پڇا ڳاڇا ڪريو ۽ رات نوين بجي کان اڳ رپورٽ ڏيو تہ مونکي صوبائي هيڊڪوارٽرس فيڪس ڪرڻي آهي."

”سائين لڳي ائين ٿو جڻ ڪو ڏاڙيلن جو ٽولو آهي جيڪو وڏن ماڻهن کي ماري، انهن جي ملڪيت تي قبضو ڪندو؟“

”ڪهڙا وڏا ماڻهو؟“ ڊي آءِ جي سوال ڪيو.

”ايم پي اي، هڪ ٻه وڏيرا ۽ هڪ شاهه صاحب!“

”انهن کان گهڻا پئسا ۽ مال ڦريو آهي انهيءَ ڏاڙيلن جي ٽوليءَ؟“

”ڪا خبر نه پئي آهي. نڪي ڪا ايف آءِ آر درج ٿي آهي.“

”ايس پي صاحب تهنجو مغز خراب آهي. آءٌ سمجهان ٿو ته تو ۾ ايتري ٿوم ئي ڪانهي جو اهڙين وارداتن کي سمجهين. ڪڏهن پي ايس پي ڪئي اٿئي؟“

”سائين ڊائريڪٽ ڊي ايس پي ٿيو هوس. پٽي صاحب جي زماني ۾! جنرل ضياالحق جي زماني ۾ ٻيهر ڊي ايس پي ٿيس.“ ايس پيءَ جو موڊ خراب ٿيڻ لڳو.

”ڊي ايس پي ٿيڻ کان پهرين ڇا ڪندو هئين؟“

”سائين پهرين گاجي کهاوڙ ۾ ٻيڙيون ٻڌندو هوس. غريب ماڻهن جو ٻار هوس. پوءِ نوابشاهه ۾ خوراڪ کاتي ۾ ڪلارڪ ٿيس ۽ راشن ڪارڊ ٺاهيندو هوس. اصل لاڙڪاڻي جو آهيان. نوجوان هوس. گريجوئيشن ڪئي هئم ـــ ۽ ڪجهه ميرٽ ۽ ڪجهه لوڪل عوامي انقلابي ليڊرن جي سفارش تي ڊي ايس پي ٿي ويس. منهنجو رڪارڊ تمام عاليشان آهي ۽ مون ڪيترن ڏاڙيلن کي ٻڌو ۽ ڪيترن کي مقابلي ۾ ماريو به اٿم.“

”زالون گهڻيون اٿئي؟“

ايس پي هٻڪڻ لڳو. اڳيان هڪ سينئر پناڻ ڊي آءِ جي هوس جيڪو آءِ جي ٿيڻ جي انتظار ۾ هو.

”سر ٽي!“

”ڪراچيءَ ۾ گهڻيون اٿئي؟“

”ها!“

”نڪاح ٻڌيون زالون نه پيو پڇان. سنگتياڻيون پيو پڇان؟“

ايس پي ڪلڻ لڳو.

”مسٽر مظهرالدين. آءُ بلڪل سنجيده آهيان. ٻہ بنگلا ڊفينس ۾ اٿئي. ڇهہ فليٽ ڪلفٽن ۾ ڪينٽ ۾ گلشن اقبال ۾ هڪ بنگلو اٿئي. حيدرآباد ۾ نيشنل هاءِ وي تي پيٽرول پمپ ڪيترا اٿئي؟“

”ٻن عورتن کي قتل ڪيو اٿئي. هڪ تفتيش مون وٽ آهي. گاڏيون گهڻيون اٿئي؟ ڪراچي مان ڪنيل ڪيتريون گاڏيون ڳوٺ ۾ بيٺل اٿئي؟ فارم هائوس جو سودو بہ ڪرين پيو؟ پيٽرول پمپ تہ هت سنڌ ۾ آنيسٽ پوليس آفيسرن جا هوندا آهن. ائين نہ؟

ايس پي پگهرجي ويو.

”سر اوهان جو مطلب ڇا آهي؟“

”توکي هيستائين برداشت پيا ڪريون. تنهنجي پويان جيڪي هٿ آهن تن کي دعا ڏي، نہ تہ هي هٿ ڪڙيون تنهنجن هٿن ۾ هڻڻ کپن. منهنجو مطلب تمام سادو آهي. مون کي رات جو نوين بجي صحيح رپورٽ کپي. سال کان هن شهر ۾ آهين. سڀ حلالي حرامي تنهنجا يار آهن. سسپينڊ ٿيل انسپيڪٽر ڪان بہ پڇ. مونکي رات جو رپورٽ کپي تہ هي ڇا آهي؟ مان الف ليلائي ڪهاڻين تي اعتبار نٿو ڪريان.“

انهيءَ رات نوين بجي ايس پيءَ ڪهڙي رپورٽ ڏني ۽ مچريل ڊي آءِ جيءَ ڪهڙو ائڪشن ڪنيو؟ خبر ناهي پر صبح جو سنڌي اخبارون عجيب مخلوق ۽ عجيب خبرن سان ڀريون پيون هيون. اردو ۽ انگريزي اخبارن ۾ صرف عام رپورٽ ٿيل هئي. اردو ۽ انگريزي دانن کي عجيب مخلوق جي عجيب وارداتن تي نڪي اعتبار پئي آيو ۽ نڪي ڪين اهي وارداتون وڏيون خبرون لڳيون پئي. هت هن صوبي ۾ صحافين جا بہ پنهنجا اسٽينڊرڊ آهن ۽ خبرن ڏيڻ جا angles آهن. ماڻهن جي گروهن جا بہ پنهنجا پنهنجا ڪعبا قبلا آهن. هرڪو گروهہ پنهنجي پسند جي اخبارن جي رپورٽنگ تي ايمان رکي ٿو.

انهيءَ رات اهو ساڳيو ايس پي مظهرالدين، علي بخش خان جي گهر

وينو هو.

”سر عجيب وارداتون ٿين پيون. منهنجي ٽيهه سالن جي نوڪريءَ ۾ مون اهڙا قتل ڪونه ڏٺا ۽ نڪي اهڙا جادوگر قاتل ڏٺا.“

علي بخش ڪلڻ لڳو. ”اوهان قانون جا رکوالا ڇا ڪري سگهو ٿا؟ ضرور اهي ماڻهو هتي ئي جا هوندا.“

”ها آهن ته هتي جا! ڪيڏانهن ويندا؟ پوليس جا هٿ ڊگها آهن. پر اوهان به معتبر ماڻهو آهيو. ريٽائرڊ آفيسر هئڻ سان گڏ سوشل به آهيو ـــ ۽ نيشنلسٽ طبقي ڪي گهڻو سڃاڻو ٿا. اهي قوم پرست مايوس ٿي سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا.“

علي بخش خان کي ايس پي صاحب جي اها ڳالهه نه وڻي.

”ايس پي صاحب! اوهانجو ڇا مطلب آهي ته هت ڪو نيشنلسٽ طبقو به آهي. ڇا تون نيشنلسٽ نه آهين؟ ڇا توکي پنهنجي وطن سان پيار نه آهي. جنهن کي وطن سان پيار آهي تنهنکي قوم سان به پيار آهي. تون به پنهنجي ڪاليج واري زماني ۾ قوم پرست هئين. تو اسٽوڊنٽس سياست ۾ حصو نه ورتو؟ تو جيئي سنڌ جا نعرا نه هنيا. تون پيٽي صاحب جي سپاف ۾ شامل نه ٿئي. تو پيٽي صاحب جي اڳيان نعرا هنيا ۽ ڊانس ڪيا ۽ تون ڊائريڪٽ ڊي ايس پي ٿيو هئين. تو بي اي ٿرڊ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. پوءِ تو ضياءَالحق جي ڏينهن ۾ انهيءَ پارٽي جي ڪارڪنن کي جهلي سمري ملٽري ڪورٽن ۾ پيش نه ڪيو ۽ ڪين عام چوراهن تي ٽنڪا نه هڻايا. رات جو شراب، جوا ۽ رنن سان هوندو هئين ۽ ڏينهن جو ضياءَالحق جي آفيسرن سان گڏ نمازون پڙهندو هئين. ڇا توکي منهنجي متعلق ڪو شڪ آهي؟“

”نه سائين اوهانجي متعلق ڪو شڪ نه آهي. وڏا صاحب چون ٿا ته اوهانجي ڪار ڪجي ويئي. تنڊوالهيار تعلقي ۾ قتل ٿي ويو ۽ گاڏي ملي ويئي...

”انهيءَ جي معنيٰ آءٌ به انهيءَ واردات ۾ شامل آهيان؟“

”نه سائين منهنجو اهو مطلب نه آهي. پر وڏا آفيسر چون ٿا ته شايد اوهان ڪجهه مدد ڪري سگهو.“

”مونکي اوهين نٽا سڃاڻو. آءٌ هن ملڪ جو هوشمند ماڻهو آهيان. جڏهن تون شاگردن جي سياست ۾ هئين تہ آءٌ ڪلاس ون آفيسر هئس. گريڊ تہ پوءِ ٿيا. هاڻ اوهان اڃان گريڊن کي ڇهتا پيا آهيو _ حڪومت گريڊ ختم ڪري ڇڏيا. پنهنجي ڊيوٽي ڏيو. ڌوهارين کي پڪڙيو. ملڪ ۾ انصاف ۽ امن ڦهلايو. باقي ايس پي صاحب! منهنجا ڪجھ مون جهڙا جهونا وڪيل دوست وينا هئا سي انهيءَ خيال جا هئا تہ اي ايس آءِ ڪان وٺي اوهانجي آسماني آفيسر تائين سڀني جي خلاف ايف آءِ آر ڪٽائجي. ملڪ جي تباهيءَ ۾ ٻين سان گڏ اوهين بہ ذميوار آهيو. ايف آءِ آر ڊائريڪٽ هاءِ ڪورٽس يا سپريم ڪورٽ ۾ داخل ڪجي.“

”سائين اوهين بزرگ آهيو. مان تہ اوهانکي ڪجھ چئي نٿو سگهان. پر وڏن صاحبن کي الائي ڇو شڪ آهي. ڪا بہ اهڙي ڳالھ ٿئي اوهان مونسان رابطو ڪجو.“

علي بخش خان ٽڏو ڏي ويو: ”منهنجي وطن جا نااهل ايس پي صاحب توکي ڪجھ ٿئي تہ مون سان رابطو ڪجائين. ويھ! آءٌ هينئر تنهنجي چيف سيڪريٽري سان ڳالهيان ٿو _ ۽ تون ٻڌ!“ ايس پي ٽڪڙو اٿيو ۽ ڪيپ پائي، سلام ڪري ٻاهر نڪري ويو.

شام مهل علي بخش خان گھر منجهان نڪتو پئي تہ چيف سيڪريٽري جو فون آيو.

”سر ڪهڙا حال آهن؟“

”حال سڀ ٺيڪ آهن. اوهانجا ڪهڙا حال آهن.“ علي بخش خان چيو.

”ٿنگس آر نارمل!“

”پر يار منهنجا! هت تنهنجن پوليس آفيسرن جا حال ٺيڪ نہ آهن.“

”ها هڪ بہ خون ٿي ويا آهن. ڪجھ معاملو بہ عجيب لڳي پيو. پر اوهان ڇو پريشان آهيو؟“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو.

”صاحب ڪجھ ڏينهن پهرين منهنجي گاڏي ڪجي ويئي. ڪالھ هت

ضلعي جي ڪنهن تعلقي جو ڪو زميندار خون ٿيو آهي ۽ اتفاق سان منهنجي گاڏي بہ شهر جي ڪنهن حصي ۾ بيٺل ملي آهي. پوليس تفتيش جي دائري منجهہ گاڏي ۽ مونکي بہ گيلهي پئي. اوهانجو نااهل ايس پي مظهرالدين اڍائي ڪلاڪ مون وٽان ويهي ويو آهي.“

”بيوقوف آهي. سائين پوليس جي ڪم ڪرڻ جو طريقو اوهان کي خبر آهي. اوهين فڪر نہ ڪريو. مان آءِ جي سان ڳالهايان ٿو. گاڏي ملي؟“

”ها گاڏي تہ ملي. پر هنن wooden headed پوليس مان اڙجي ويو آهيان.“

پئي پاسي ٿهڪ جو آواز آيو: ”اوهان اطمينان ڪريو.“

ٽيليفون بند ٿي ويو.

علي بخش خان گاڏي پاڻ هلائي گدو بندر رحمان جي گهر ويو. رحمان جو پاءُ الهہ ورايو ڪرسيءَ تي ويٺو هو ۽ علي بخش خان کي گهر اندر وٺي ويو. خوش خير عافيت ٿي.

”رحمان ڪٿي آهي؟

”اندر ڪوٺيءَ ۾ ستو پيو آهي. روز رات جو گم آهي. ڏينهن سجو ڍنو پيو آهي. نڪو ڪم نڪو ڪار. گهر ۾ رعب تنهن ڪانسواءِ. ڇا ڪجي؟ نوجوان آهن. ڪجهہ چئجي ٿو تہ وڙهن ٿا. ننڍ وڏي جو خيال ناهي.

”اٿاريوس!“ علي بخش خان چيو.

”سائين ڪونہ اٿندو.“

”نہ ضرور اٿندو_ منهنجي نالي چئوس.“

الهہ ورايو اندر ويو ۽ ٻاهر واپس آيو.

”سائين اٿڻ جو خيال ڪونہ اٿس. چئي ٿو تہ گاڏي اوهان کي ملي؟“

”گاڏي تہ ملي _ پر اٿاريوس. منهنجو ضروري ڪم آهي.“

الهہ ورايو وري ڪوٺيءَ ۾ اندر ويو.

رحمان صاف جواب ڏنو.

الهہ ورايو ٻاهر آيو: ”سائين بي محابو آهي. مهمان جو بہ خيال ڪونہ اٿس.“

علي بخش خان، رحمان جي مٿان وڃي ويٺو.

”سائين هينئر ڪونه اٿندس. سياڻي ملو.“

”صبح جو منهنجي گهر اچ _ يارهن بجي!“

”ٺيڪ آهي. پوليس جو بندوبست نہ ڪجو!“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو.

”اهڙا ڪم ڪرين ٿو ڇا؟“

رحمان پاسو ورائي سمهي رهيو ۽ علي بخش خان ٻاهر نڪري آيو.

ٻئي ڏينهن صبح جو رحمان، علي بخش خان جي گهر ويٺو هو. رحمان کي جينز پاتل هئي ۽ هلڪي نيري رنگ جي قميص پيل هئس. رحمان سان گڏ هڪ ڏکهي، سنهي ۽ سانوري ڇوڪري بہ گڏ هئي.

”ڪهڙا حال اٿئي؟“

”سائين جيئرا آهيون! بس.“

”عام خلق جو پروگرام الله سائين وٽ آهي. اسان جهڙن شودرن جو پروگرام ڪانسٽيٽوشن جي صوبائي يا وفاقي ڪنڪرنٽ لسٽن ۾ هوندو آهي.“

علي بخش خان کلي چيو: ”اوهان شُودر ڪئين ٿيا؟“

”سنڌ سڄي شُودر ٿي پئي آهي. اسان جا وڏا محمد بن قاسم جي دؤر کان درياهہ ڪناري رهندا اچن. سائين اسين concieve ٿي ٻتيلن جي لوڏن ۾ ٿيا آهيون. اُهي جهونا ميد هئا. اسين ماڇي ٿياسين. ماڇي پرجهلا ۽ درياهہ جي ڇولين کان پريرو ٿيا تہ سولنگي ٿيا ۽ سولنگين پاڻ کي راجپوتن سان ڳنڍيو. راجپوتن جي تاريخ نہ پڇو تہ بهتر آهي. برهمڻن جيئن راجپوت ناهيا سو برهمڻن جو ڪمال آهي. انهيءَ ڪري آءٌ پاڻ کي رحمان شُودر ٿي محسوس ڪندو آهيان.“

”تاريخ ٿوري گهٽي پڙهي اٿئي.“ علي بخش خان چيو.

”مظلوم قومن جا فرد ضرور تاريخ پڙهن جيڪي تاريخ جي جنڊ ۾ پيسجي رهيا آهن.“

”خير تاريخ کي ڇڏ _ جاگرافي تي اچ! علي بخش خان چيو.

”هي اجڪلهه پنهنجا ماڻهو خون ٿين پيا. تنهنجو سبب ڇا آهي؟ نوجوانن کي ڇاڻ گهٽي هوندي آهي.

رحمان ٺهڪ ڏيئي ڪليو: ”سائين اسان جهڙن کي جڏهن چاهين ٽاٽي ۾ واڙي ڇڏين. آءُ انٽر کان گريجوئيشن تائين الائي ڪيترا ڀيرا ٽاٽي تان ٽپي آيو آهيان. ڪجهه مهينا جيل به ڪاٽي آيو آهيان. اهي ڳالهيون شودرن جي زندگيءَ ۾ روزمره ٿينديون رهنديون آهن.“

”منهنجي سوال جي جواب جي ڪا خبر اٿئي!“

”انهن منجهان هڪ واردات هِن ڪئي آهي!“

”هِن؟“ رحمان، سنهي ۽ ڊگهي ڇوڪري ڏانهن اشارو ڪيو.

”مون اوهانکي هن دوست جي واقفيت نه ڪرائي. هيءَ گُلاب آهي. پرسان ويهندا ته هن مان خوشبو ايندي آهي. منهنجي ننڍپڻ کان دوست آهي. منهنجي اسڪول جي ساٿي به آهي ۽ يونيورسٽيءَ ۾ آءٌ سندس ساٿ، گريجوئيشن تائين ڏيئي سگهيس. هن پوسٽ گريجوئيشن ڪئي ۽ وڌيڪ پڙهڻ لاءِ لنڊن وڃي پئي. ويزا ۽ ٻين ڪاغذن جي انتظار ۾ آهي.“

علي بخش خان گلاب کي غور سان ڏٺو. عام ڇوڪرين کان قد ۾ ڊگهي هئي. رنگ سنڌوءَ جي پاٽيءَ جهڙو سانورو هئس. سنهي هانيءَ هئڻ باوجود ماس بدن تي (proportionally) صحيح طور موجود هو ۽ عورت جا curve پڻ سندس سونهن کي بهتر بنائي رهيا هئا.

”منهنجي خيال ۾ مون کي به اوهانجو دوست ٿيڻ کپي!“ علي بخش خان چيو.

”ها بلڪل! مونکي خوشي ٿيندي.“ گلاب جواب ڏنو. سندس آواز عام ڇوڪرين وانگر منو يا زناني اندازو وارو نه هو. ٿورڙو کُهرو ۽ پُراٽن ڪٽ ڇڙهيل گُهونگرن مان ايندڙ ڪلاسيڪل آواز جهڙو هو.

”منهنجي خيال ۾ گلاب جو قد ته conspicuous آهي پر سندس آواز به ويهين صديءَ جي ٽئين يا چوٿين ڏهاڪي ۾ فرسٽ ڪلاس سنگرس جهڙو آهي. جيئن نورجهان ان وقت هئي. زهره بائي انبالا والي يا

مردن ۾ سهڳل هو. ائين گلاب جو آواز بہ گذريل صديءَ جو لڳي ٿو.“

گلاب ڪلندي رهي. سندس مرڪ تہ پُرڪشش هئي پر مرڪ منجهان نڪرندڙ آواز عجيب هو.

”پنهنجي دوستي پڪي _ ٺيڪ آهي؟“

”پڪي! ٺيڪ آهي.“ گلاب، علي بخش خان سان هٿ ملايو.

”يار هن عمر ۾ آءٌ رڳو دوستي ڪرڻ چاهيان ٿو نہ تہ تو جهڙين ڪلاسڪ عورتن سان محبت يا پيار نہ پر عشق ڪجي.“

گلاب ٽهڪ ڏنو.

”سر! مرد ڪنهن بہ عمر ۾ هجي ٿري گهري پنهنجي مرد هئڻ جي جذبن جو اظهار ضرور ڪندو آهي. منهنجي قسمت چڱي نہ آهي جو اوهان پنهنجي ذهن ۽ بدن مان عشق جو سمورو ذخيرو استعمال ڪري چڪا آهيو. نہ تہ اوهان جهڙا عاشق تہ اخبار ۾ اشتهار ڏيڻ سان بہ نہ ملندا.“

”My friends بدن بدن کي وساري ڇڏ. ذهن ۾ شايد عشق ذرو ڪجهہ موجود هجي. سو مون پنهنجي زال لاءِ بئنڪ لاڪر ۾ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. آخر هن جي ٽيهن سالن جي رفاقت بہ تہ ڪو مُلهہ لهڻي. لاڪر ۾ انهيءَ ڪري آهي متان ٻين عورتن ۾ ورهائجي وڃي!“

”پنهنجي _ زال سان عشق کي مُلهہ سان ٿا ماپيو. You are crazy interesting man!“

”منهنجي ذوق ۽ شوق کي شڪ جي نظر سان نہ ڏس. I am not only intersting man but intresting gentleman“

علي بخش خان ڀرپور ٽهڪ ڏنو: ”يار هن عمر ۾ بہ آءٌ ڪڏهن ڪڏهن نوجوان مردن جهڙيون ڳالهيون ڪندو آهيان. شايد منهنجي nature ۾ سمايل آهن. شايد مرد جي psyche ۾ موجود آهي. Don't mind. هاڻي پنهنجي جاگرافي واري سوال تي اچون!“

”سر گلاب جهڙيون الائي ڪيتريون عورتون پنهنجي ملڪ ۾ روز عذاب مجهان گذرن ٿيون. اهي عذاب ڪين ڀاءُ بہ ڏيئي ٿو. ابو بہ ڏيئي ٿو.

ڪو مائٽ بہ وسان ڪونہ ٿو گھٽائي. ڳوٺن جا چڱا مڙس، سردار ۽ رئيس بہ اهڙن ثواب جهڙن ڪمن ۾ گهٽ نہ آهن. انهيءَ ڪري آءٌ سمجهان ٿو تہ شڪارپور ڏانهن، مين روڊ تي جنهن جرڳي جي مهندار جو لاش پيو هو ۽ انهيءَ مهندار پنهنجي فيصلي ۾ هڪ مرد جي قتل جي عيوضي ۾ ٻي ڏر جون پنج معصوم نياڻيون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو _ تنهنڪي اُتيجي جي ڪنهن گلاب ئي خون ڪيو هوندو!"

علي بخش خان کي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.

"پر اُتيجي جي گلاب سان گڏ ضرور ڪو رحمان شودر بہ گڏ هوندو؟ تون ڊرامي جي مرداني ڪردار کي ذڪر منجهان ڪيئي تو ڇڏين."

"نہ سائين ضرور ڪو بيوس بلوچ نوجوان، ڪو مهر نوجوان، ڪو سام پونڊڙ ابڙو نوجوان، ڪو ٽين چوٿين پيڙهي، اڳ مسلمان ٿيل مائٽن جو هندن منجهان شيخ ٿيل نوجوان، مُنجهيل ماضيءَ جي سجاٽپ واري چار ۾ اجان تائين ڦاٿل سومرو نوجوان _ گلاب سان گڏ ضرور هوندو. اسانجي ملڪ ۾ وس وارا جڏهن بہ چاهين تہ ڪنهن بہ گلاب ۽ ڪنهن بہ رحمان شودر کي ايف.آءِ.آر جي ٽياس تي ٽنگي سگهن ٿا. پر چڱي مڙس علي بخش خان جهڙي لبرل، قانون جي پابند ۽ اشراف ماڻهوءَ کي بہ ڪرمنل ڪوڊ جي ڪنهن قلم هيٺ آڻي سگهن ٿا _ چو جو هر لبرل ۽ ساڃاهہ وند ماڻهوءَ جي پيرن هينان ڌرتيءَ جي بدران ڊُٻڻ محسوس ٿئي ٿي. سائين وڏا ماڻهو جبل جهڙي ۽ رُڪ جهڙي زمين تي هلندا رهندا آهن."

"يار! اِهي تنهنجون شايد يونيورسٽي واري زماني جي تقريرن جا حصا آهن. آءٌ حقيقت سمجهڻ چاهيان ٿو!"

"اوهان کي حقيقت سمجهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي. اشراف ماڻهو آهيو. ٽيهہ پنجٽيهہ سال سرڪاري جي خدمت ڪري باعزت ريٽائر ٿيا آهيو. اوهانجي نالي سان خان بہ لڳل آهي. وڏا ماڻهو ٿي سگهو ٿا."

"آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو منهنجو حق آهي تہ ملڪ ۾ ڇا ٿئي پيو. تنهنجي چارڻ رڪان ۾ مسئلا سمجهان."

رحمان ٺهڪ ڏنو. گلاب جي ڇهري تي مُرڪ ڦهلجي ويئي.

”معاف ڪجو سائين! آءٌ اهڙا بي سُرا ٺهڪ ڏيندو آهيان. مونکي خوشي آهي تہ اسانجي پڙهيل لکيل ماڻهن کي سٺ سال جي عمر کان پوءِ اهو احساس تہ ٿيو تہ ملڪ جي مسئلن بابت ڪجھ سوچڻ لڳا آهن. سائين اسان کي اوهان جي ضرورت ان وقت هئي جڏهن اوهان نوجوان هئا. جڏهن اوهان سماج جا باشعور ۽ سمجهدار فرد هئا. هاڻ اوهان، جهڙا، معاف ڪجو سنڌيءَ ۾ ڏکيو لفظ آهي پر انگريزيءَ مطابق Spent Force آهيو.....“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو: ”سنڌيءَ ۾ اسين چُتل ڪارتوس آهيون.“

”اوهين سمجهو ٿا!“ رحمان کلندي چيو.

”خير چتل ڪارتوس کي ڇڏائي تہ ڪالهہ رات ٽاٽي تي جيڪو نوجوان پوليس ڪسٽڊي ۾ هو. تنهنجي زبان ڪٽيل هئي ۽ هو سائنس ٿرلرس ۽ سائنس فڪشن جي هيرو وانگر پوليس جي قبضي مان گم ٿي ويو. يا تہ جادو آهي. يا پوليس جو بيوقوفي وارو بيان آهي يا قدرت جا ڪارناما آهن. ڇا آهي آخر؟“

”اسان وٽ زبان ڪٽي آهي؟“ رحما ن چيو. ”ملڪ جي نوجوانن کي نيٽ سائنس فڪشن تي هلڻو پوندو. حالتن ڪري پيدا ٿيل حقيقتن، اسان کي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي ڳالهہ ڇڏي ونو. اسان شايد اهي نوجوان هجون جن لاءِ شاهہ سائين چئي ويو آهي تہ جن کي جئيڻ ڪپي ها سي وڏيڪ جي نہ سگهيا ۽ اُهي ٺي جيئندا جن کي اڳ مرڻو هو.“

”اها سائنس فڪشن ڇا آهي؟“ علي بخش خان پڇيو.

”مونکي بہ ايتري خبر آهي تہ سائنس فڪشن، سائنس فڪشن آهي. آءٌ خوابن ۽ خواهشن کي بہ سائنس فڪشن سمجهندو آهيان. خاص ڪري اسان جي ملڪ جي بيوس نوجوانن لاءِ....“

”رحمان تون ڀُليل آهين. نوجوان ڪڏهن بہ بيوس نہ هوندو آهي. هُن جي ٻانهن ۾ طاقت هوندي آهي ۽ انهيءَ سان گڏ ذهن ۾ علم جي طاقت بہ هجيس تہ هُو دنيا جو هر ڪو ڪم ڪري سگهي ٿو.“

”اسان جي وڏن اسان جي طاقت کي يا دٻائي ڇڏيو آهي يا انهيءَ طاقت کي پنهنجي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو آهي.“

”هاڻ.........؟“ علي بخش خان پڇيو.

”اوهان شايد منهنجو قلم سؤ چوهٺ هيٺ بيان پيا رڪارڊ ڪريو!“

علي بخش خان ٿڪ ڏنو ۽ گلاب به ٿورڙي بيزاري محسوس ڪئي.

”سائين هلجي. هاڻ گهڻي دير ٿي ويئي آهي.“

شام جو لوڪل اخبارن جو اسپيشل ايڊيشن نڪتو:

عجيب خبر هئي.

شهر جي ايس پي مظهرالدين جو لاش ڪراچيءَ ڏانهن ويندڙ هاءِ وي تي پيو هو. سندس جسم ۾ الائي ڪيترين گولين لڱل هيون. سي ته پوسٽ مارٽم وارا ڊاڪٽر ٻڌائيندا. پر اخبار موجب ايس پيءَ جو ڊرائيور پنهنجو ذهني توازن وڃائي چڪو آهي ۽ ڪجهه به ٻڌائي نٿو سگهي.

ٻئي ڏينهن جي صبح سوير اخبار ۾ تفصيل هئا:

تفصيل مطابق ڊرائيور بيان ڏنو ته اوچتو هاءِ وي تي دونهون ڦهلجي ويو. سندس پاجيرو جيپ جنهن ۾ ايس پي صاحب سان گڏ هڪ گذريل اليڪشن ۾ هاريل وڏيرو ايم پي وينو هو سا رستي تان لهي ڪچي تي هڪ ڪڏ ۾ بيهي رهي. ايس پي ۽ وڏيرو ايم پي اي جيپ منجهان نڪتا. دونهون وڌي رهيو هو ۽ دونهون گهٽجي رهيو هو. ايس پي روالور ڪڍيو جو ڪيس سامهون دونهين جي چادر ۾ ٻه پاڇا نظر آيا. ڪجهه نظر نه پئي آيو رڳو انساني پاڇا هئا. سڃاڻپ نه پئي ٿي. ايس پيءَ روالور هلايو. هاريل وڏيرو ايم پي اي واپس ڀڄڻ لڳو. دونهاٽيل نوجوانن منجهان ڪلاشنڪوف جون گوليون هليون. ايس پي به ڪري پيو ۽ وڏيرو به ڍير ٿي ويو. آءٌ گاڏي مان لٽبي ۽ رستي ڏانهن ڊوڙڻ لڳس. منهنجي پنيان ڪابه گولي نه آئي ۽ پوءِ آءٌ به هاءِ وي تي ڪري پيس ۽ دهشت منجهه بيهوش ٿي ويس.

ڊرائيور جا آخري جملا: ”ايس پي، ڪراچيءَ جي بيگم احمد نواز شيخ جي فارم هائوس جي ڪاڪ مهل جهڙي ماحول ۽ ڪراچي ۽ لاهور

جي ٽورڙين پراڻين ۾ تجربيڪار ماڊلس ۾ بيگم شيخ جي هڪ هنڌ بيٺل جوانيءَ ۾ سونهن ۾ بدن جي بيهڪ بابت ڳالهائي رهيو هو ۾ ٽرماس منجهان بلئڪ لئبل جا ڍڪ پيري رهيو هو.

هارايل وڏيرو ايم پي اي ڇا ڪري رهيو هو؟ اهو انهيءَ فڪر ۾ هو ته متي جا وار پلي ڪُسي وڃن پر شهپر پنهنجي وارن جي اصل مقدار سان قائم رهن. هارايل وڏيرو ايم پي اي چئي رهيو هو ته جي افغانستان ۾ عراق وار نه ٿئي ها ته هو صوبي جي گورنر جي عهدي جو حلف کڻي ها. سڀ انٽرويو ڀنٽرويو ٿي ويا هئا. منهنجي گورنر نه ٿيڻ ۾ انٽرنيشنل سازش آهي. انهيءَ کان علاوه وڏيرو چئي رهيو هو ته سڀ بندوبست ٿي ويا هئا ۾ حلف کڻندي ئي برادريءَ جو جرڳو گهرائي سرداريءَ جي پڳ به ٻڌان ها. مون وڏيري صاحب کي عرض ڪيو هو ته سائين منهنجو ڪاڪو بيروزگار آهي. تنهن کي اي ايس آءِ جي نوڪري وٺي ڏيو. وڏيري صاحب چيو ته پُٽ پوليس ۾ نوڪري ته تنهنجي ڪاڪي کي وٺي ڏبي پر اسان جا نوجوان ڪا ڪا پوليس جو پتو ٻڌندا آهن ته پوءِ اسان کي ئي ٻڌندا آهن. ڪي ڪي حلالي پٽ هوندا آهن ته اُهي خيال ڪندا آهن. سائين منهنجو پٽ حلالي آهي. ايس پي صاحب نشي ۾ هو. تنهن رڙ ڪئي. هاڻ بڪ بند ڪر. اها حلالي حراميءَ جي خبر جوڻهين کي هوندي، تون اجايو پيو ڳالهائين. صاحب اُن کان پوءِ دونهون وڌندو ويو ۾ ايس پي ته اُتيئي ڪري پيو ۾ هارايل وڏيرو گورنر ٿيڻ جي خواهشن سان هاءِ وي پريان پيو هو. منهنجي دماغ جي انجڻ جڻ سيز ٿي ويئي ۾ ڪيترا ڪلاڪ اکين اڳيان دونهون هو. پر دونهين وارا عجيب انسان گم ٿي ويا.

ڊرائيور جو عجيب بيان هو. پوليس ۾ سياست جي چڳن مڙسن کي اعتبار نه پئي آيو. هڪڙي جهوني گڙنگ ڊي ايس پيءَ چيو: ”سر! ڊرائيور جي ڳُڻيءَ ۾ مرچون وجهي گيئر چينج ڪريوس پاڻهين دونهين منجهان ٻاهر نڪري ايندو ۾ سچي ڪندو!“

ڊي آءِ جي ۾ ٻيا سياسي سرڪاري پوتار ڪجهه ٻيو سوچي رهيا هئا.

سندن سموري تجربي منجهہ اهڙيون وارداتون نہ ٿيون هيون.

”تي سگهي ٿو تہ صوبي تي يا ڪنهن جن جو پاچو چانئجي ويو آهي يا ڪا آئوٽر اسپيس منجهان ٽرمينيٽر جهڙي مخلوق اچي نازل ٿي آهي.“ ڪراڙي ڊي ايس پيءَ وري ڳالهايو. وڏن آفيسرن سيني جو سندن زماني ۾ خاص ماٿو رهيو هو. گهٽو ڪري مارڪيٽ ٿاڻي تي ننڍو صوبيدار يا ايس ايچ او رهندو هو. ٿاڻي جي حد ۾ شهر جو چڪلو هوندو هو. سيني رنن جي ڪمائيءَ جو هڪ حصو ٿاڻي تي جمع ٿيندو هو ۽ جيڪا رن باهر ڏنڏي تي ويندي هئي يا ڪا مجرو ڪرڻ ويندي هئي، سا اڳ ۾ ٿاڻي جي صاحبن کي intimation ۽ permission لاءِ پنهنجي پڙوي معرفت اطلاع پهچائيندي هئي. اُن زماني ۾ موبائل فون ڪونہ هئا. جو ڊائريڪٽ رابطو رکي سگهن. صوبيدار يا ننڍو صوبيدار وڏن صاحبن جي اڳوات ڪيل، ڪنهن بہ رن لاءِ فرمائش ڏسي، اجازت ڏيندو هو ۽ صبح جو ٻہ ٽي ڪڙپيل ڪانسٽيبل چڪلي جي سوڙهين گهٽين ۽ ڪوٺين ۾ ماڙين جي شرافت سان چڪاس ڪندا هئا تہ رات جيڪا آدمشماري گهٽ ٿي سا پوري ٿي يا اجا ڪٽل آهي. رنن ۽ صوبيدارن جو موبائل فون تي ڊائريڪٽ رابطو تہ نہ هوندو هو. پر ويڪلي يا منٿلي انڪم جي ورهاست ڪاٽي جي عرش تي ويٺل آفيسرن تائين ڊائريڪٽ هوندي آهي. جيڪي ڪاڄ پر غيرتمند صوبيدار هوندا هئا سي مارڪيٽ ٿاڻي تي پنهنجي پوسٽنگ نہ ڪرائيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ رنون سڄي رات پُورجن ٿيون ۽ سندن ڪمائيءَ جو هڪ حصو ٿاڻي جو حق آهي ۽ جڏهن ٿاڻي تي حق پهچي ٿو تہ سيني واسطيدار صاحبن کي سندن حق پهچائڻو بہ ٿاڻي جي انچارج جي ذميوارين ۾ شامل آهي. پوءِ اهڙا غيرتمند ايس ايچ اوز انهيءَ ڪمائيءَ کي ”پڙوت“ چوندا هئا ۽ چؤ چؤاءِ ڪرائي اهڙن ٿاڻن تي پوسٽنگ نہ ڪرائيندا هئا.

اوچتو هڪ آفيسر ڊرائيور جي ڳچيءَ ۾ هٿ وڌو ۽ پڇيو: ”توکي ڪٿين خبر پئي تہ جيڪو شراب ايس پي مظهر الدين پئي پيتو سو بليڪ

ليبل آهي."

ڊرائيور انهيءَ اوچتي ڪاروائيءَ تي ڏڪي ويو.

"سر، صاحب گهڻي وقت کان رڳو بلئڪ ليبل پيئندو هو."

"ڪيتري وقت کان؟"

ڊرائيور چپ ٿي ويو.

نيٺ چيائين: " سائين ضياءَالحق جي وقت ۾ سائين وري ڊي ايس پي ٿيو. نماز بہ پابنديءَ سان پڙهندو هو ۽ رات جي وقت پنهنجي گهر ۾ لڪ چپ ۾ جِن يا بيئر گڏي پيئندو هو. جڏهن ضياءَالحق مارجي ويو تہ سال اندر صاحب کي پروموشن مليو ۽ عوامي جمهوري راڄ ۾ بلئڪ ليبل جو رواج هليو تہ صاحب پڻ پاڪستاني شراب کان توبهہ ڪئي. هونئن بہ سائين آفيسرن ۽ عوام جي نمائندن کي پاڪستاني شراب استعمال ڪرڻ سونهين نٿو."

ڊي آءِ جي اٿيو ۽ وجهڻ لڳو: "تون ڳالهائين گهڻو ٿو. زبان ۾ ڪيترا گيئر لڳل اٿئي. اها فور وهيل ڊرائيو واري بڪ بڪ ڪڏهن ڇڏيندو سائين. سوئر جا پٽ!"

سوئر جو پٽ يڪدم چپ ٿي ويو ۽ پرسان بيٺل ڊي ايس پي پٽ تي ڏک هٽندي چيو: "صاحبن لاءِ ڪونہ ڳالهائبو آهي. ڪڏهن مارجي ويندين."

سوئر جو پٽ ڊرائيور جو چهرو عجيب ٿي ويو ۽ وري پنهنجو پاڻ بڪ ڪرڻ شروع ڪيائين: "صاحبن لاءِ انهيءَ ڪري ڳالهايان ٿو جو صاحبن جو ڊرائيور آهيان. ڊرائيور ڪو نہ ڳالهائيندا آهن. پر سمجهان ٿو منهنجي مٿي منجهان اڃا دونهين جو اثر ختم نہ ٿيو آهي. شايد مون تي جادو جو ڪو اثر ٿي ويو آهي. مان اڃا گهڻو ڳالهائي سگهان ٿو پر مارجي ويندس پنهنجن صاحبن کان. مونکي اونداهي لاڪ اپ ۾ بند ڪرائي ڇڏيو نہ تہ هي زبان پئي هلندي."

ڊي ايس پيءَ کيس ٺڏو هنيو ۽ هن ڪانسٽيبلن کي چيائين: "هن سوئر جي پٽ کي اڪيلو بند ڪري ڇڏيو. سيني صاحبن جا اڃا ڪارا

پڏرا ڪري ڇڏيندو. اهو دونهون جادوءَ جو هو. وسڪي وانگر جڏهن اثر ختم ٿئي پوءِ ٻاهر ڪڍ ڪجوس. هينئر بيان وغيره نہ ونجوس.“

ڪانسٽيبل ڊرائيور کي ڌڪا ڏيندا، هڪ ڪوٺڙيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيائون. سيل ۾، اڪيلو سٺ واٽ جو مسڪين بلب مار ڪاڏل ڏوهين وانگر خاموش لٽڪيل هو. هڪ ڪانسٽيبل هٿ مٿي ڪري بلب لاهي ورتو. ٻئي ڪانسٽيبل هلندي هلندي ڊرائيور کي چيو:

”صاحب نالو ڇا اٿئي؟“

”نالو؟ نالو اٿم سپ ـ سچ ـ ٻڌائيندڙ خان!“

”يار پوليس جي مار کان پوءِ ماڻهو سچ ٻڌائيندا آهن ۽ تون اڳواٽ سچ ٻڌائيندو پيو. اڃا شايد دونهين جو نشو ڪونہ لٿو اٿئي. خير صبح جو خبر ان ٿينديون.“

”هي رات سچي زبان هلندي؟ انهيءَ جو نڪو داد نڪو تدارڪ!“

ڊرائيور سپ ـ سچ ـ ٻڌائيندڙ خان چوڻ لڳو.

”اونداهہ ۾ ڀل پيو ڳالهائي.“ ڪانسٽيبل در بند ڪري تالو هنيو.

”اونداهہ ۾ تہ وات مان نڪتل اکر مُنجهي پوندا. اونداهہ ۾ ڳالهايل اکرن وزن دار ۽ ٻي ڇيا هوندا آهن. مونکي صاحبن جي ڊرائنگ روم وٺي هلو. سپ بتيون ٻاريو. پوءِ منهنجي زبان کي ٽاپ گيئر ۾ ٻڌو. ڊبل ٽاپ ۾!“

پوليس وارا ويا هليا. ڊرائيور سيمنٽ جي اُڪرڙيل فرش تي ويهي رهيو.

صبح جو ڏهين بجي مارڪيٽ پوليس ٿاڻي تي رهيل صوبيدار آيو جيڪو هاڻي ڊي ايس پي بہ هو ۽ پيٽ بہ پورن مهينن واري عورت جهڙو هوس. انهيءَ ڪري پنهنجا پتا آرڊر تي ٺهرائيندو هو.

ڊرائيور کي ٻاهر ڪڍائي پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيو ۽ ماٺس کي ائين

گار ڏنائين جڻ ماڻس سان الائي ڪيترن سالن کان تعلق هوس. ڊرائيور گار سهي ويو. پوليس ۾ ڪم ڪيو هئائين. خبر هئي ته اهي عام رواجي گاريون آهن جيڪي پوليس وارن جي زبانن منجهان نڪري، هوا ۾ ڦهلجي وينديون آهن ۽ ڪنهن کي لڳنديون نه آهن. انهيءَ ڪري ڪيس خبر هئي ته سندس مرحوم ماءُ گهٽ ۾ گهٽ انهن گارين کان محفوظ هئي. باقي پوليس وارو پينٽ جا بٽڻ کولي ۽ سامهون عورت جا ڪپڙا لهرائي پوءِ ڪيس خبر هئي ته بادشاهه پير يا ڪو بيو انهيءَ Status جو وڏو ماڻهو به انهيءَ عورت جي لڱن تي هلنڊڙ فور وهيل ڊرائيو جيپ ۽ اسپيشل گيئر کي روڪي نٿو سگهي. ڊرائيور کي خوشي هئي ته سندس ماءُ هن دنيا ۾ ڪونه هئي.

”هاڻي وڏي کي بيان لکرائي!“ ڊي ايس پيءَ چيو.

ڊرائيور اُن وقت مارجي ويل ايس پيءَ جي ڊرائيور جي حيثيت ۾ واپس وري چڪو هو. بيان اڳيئي لکيل هو.

”سائين جيڪو چئو بيان لکرايان.“

”هاڻي ماڻهوءَ جو پٽ ٿيو آهين! بس هٿ صحيح ڪر!“

بيان لکجي تيار ٿيو ۽ صحيح به ٿي ويو.

ڊي ايس پي بالا آفيسر کي فون ڪيو ۽ سموري ڳالهه ٻڌائي.

جواب آيو: ”ٺيڪ آهي. ڪابه ٻڪ نه هجي. ڪنهن تي شڪ به ظاهر نه ڪريو. اهو به بيان ۾ لکو ته مون هڪ نوجوان کي ڏٺو ضرور هو پر نالي جي خبر ناهي. ڏسندس ته سڃاڻندس.“

”اهو بيان ۾ شامل نه آهي.“

”لال محمد خان تون هيڊ ڪٺپيل پوليس آفيسر آهين. ڪانسٽيبل کان ڊي ايس پي ٿيو آهين. ٽيٽيهه سال نوڪري ڪئي اٿئي. تون ڪا ڳالهه سمجهي نه ٿو.“

ڊي ايس پي لال محمد چيو: ”سائين اهڙي ڪرائم واري سائڊ تي گهٽ رهيو آهيان. ٽيٽيهه سالن منجهان ويهه سال مارڪيٽ ٽاڻي تي رهيو آهيان. مارڪيٽ ٽاڻي جي اوهان کي خبر آهي. جي حڪم ٿئي ته 1960ع کان

ونئي نوي پيانوي تائين جيڪي بہ رنون چڪلي ۾ جايون، لاهور، پشاور ۽ ڪشمير ڪان آيون، ڪيترا سال هتي ڏنڊو ڪيائون انهن متعلق سڀ خبر اٿم. گذريل ڏهن سالن ۾ جيڪي جوان ٿيون تن مان ڪهڙيون ڪهڙيون پوليس آفيسرن ۽ ٻين آفيسرن جون ڏيون هيون يا ڪهڙن وڏيرن ۽ پوتارن جا ٻج پوڪيل هئا _ تن سڀني تي ڪتاب لکي سگهان ٿو. او _ماهہ پارا ۽ ڪوثر جي زماني ڪان وٺي _

"ماهہ پارا ڪوثر؟"

"سائين ماهہ پارا سنڌي فلمن جي هيروئن هئي ۽ هن ڪان بہ اڳ سعيده جي نالي سان هيروئن ٿي. ڇڪوري بہ پوءِ سلور اسڪرين تي اُتان ئي آئي. تن سڀني جي راتين جي مشغولين جا تفصيل ڊائرين ۾ محفوظ آهن. مان سائين پنهنجن صاحبن سان سدائين آنيسٽ رهيس."

"ڇڱو بڪ بند ڪر. توکي بہ دونهين جو اثر ٿي ويو آهي ڇا. ڪيس جا پيپر ناهيو. آءِ جي صاحب شام جو ايندو ۽ پريس ڪانفرنس ڪندو."

ٽيليفون بند ٿي ويو.

شام جو پريس ڪانفرنس ٿي. صحافين وٽ گهٽائي سوال هئا پر پنجٽيهہ سالن ڪان مٿي پوليس جي صاحبيءَ جو تجربو وڏي ڳالهہ هئي ۽ اهڙا سوين صحافي، آءِ جي صاحب کپائي ڇڏيا هئا.

آءِ جي ڳالهايو: "اهو قاتلن جو ڪو نئون ٽولو ناهي. پراڻا چهرا نئين انداز ۾ سامهون آيا آهن. مونکان پڇن ٿا. هي ٽولو ڦرمار نٿو ڪري، رڳو خون ٿو ڪري، وٽن دونهين جا ڪي لوڪل اوزار اٿن. باقي هڪ ڳالهہ تي اوهان کي سوچڻ جي دعوت ڏيان ٿو. اوهين باشعور ماڻهو آهيو. ايترو سوچيو تہ صوبي جي سوسائٽيءَ جو ڪهڙو طبقو شڪار ٿي رهيو آهي.

طبقو هڪ جهڙو آهي يا ڪو فرق آهي؟ ٻيو ته انهن وارداتن پويان جيڪو مقصد آهي سو ڪنهن خاص سوچ کي اڳتي آڻي ٿو يا روزمره جي وارداتن جهڙا خون آهن. انهيءَ تي سوچ ويچار ڪري تجزيا اڳيان آڻيو_ ۽ منهنجو وعدو آهي ته اڳئين هفتي وري هت ايندس اوهان سان دل کولي ڪچهري ڪندس ۽ اوهين به ڪجهه سوچ ويچار ڪري ونو.“

انهيءَ ڏينهن صبح جو اخبارن ۾ چئن ڪالمن جي هيڊنگ هئي ته ٻه صوبائي ڪوليشن جا ايم پي اي ۽ هڪ مرڪزي اسيمبلي جي هارايل سرڪاري اميدوار رات جو ٻين ۽ ٽين بجي وچ ۾ مارجي ويا. وڌيڪ تفصيل ڪونه هئا. پر علي بخش خان صبح جو انين بجي ٽي وي تي پرائيويٽ نيوز چئنل کوليو ته تفصيل هليا پئي. ٻه صوبائي ميمبر رئيس الاهي بخش خان ۽ سردار احمدٰ داد خان جا لاش انڊس هاءِ وي تي ٻن مختلف هنڌن تي مليا هڪ نصيرآباد شهر کان ٻاهر ۽ ٻيو لاش ساڳئي رستي تي، مخدوم بلاول جي مقبري کان ٿورو پريرو لاڙڪاڻي ڏانهن ويندڙ رستي جي ڪاٻي پاسي، سارين جي ٻيٺل پاڻيءَ منجهان مليو. ڪنهن گاڏي يا ڊرائيور جي ڪا ڄاڻ اجا نه ملي سگهي هئي. ٽيون مرڪزي اسيمبلي جي هارايل ميمبر کي چار گوليون لڳل هيون پر اجا ساهه هوس. انهيءَ ڪري انهيءَ کي ڪراچي پهچائي آغا خان اسپتال ۾ داخل ڪرايو ويو هو. جت سندس ٻه آپريشن ٿي چڪا هئا. قاتلن جي ڪا خبر نه هئي. سيني ٽاڻن کي الرٽ ڪيو ويو هو.

علي بخش خان ناشتو ڪري، گاڏي ڪڍي، رحمان جي گهر ڏانهن ويو. رحمان جو پاڻ گهر ۾ نه هو پر پاڇائي ۽ ٻيا پاتي هئا جن علي بخش خان کي گهر اندر گهرائي ورانڊي ۾ ويهاريو. اڄ گهر ۾ رحمان جي پاڇائيءَ سان گڏ سندس چوڏهن سالن جي ڌيءَ رابيل ۽ ائن سالن جو پٽ درياهه به هو. رابيل ۽ درياهه، علي بخش خان کي ويهاريو هو ۽ ڪجهه منٽن کان پوءِ سندن ماءُ ڦاپل به رئيس سان هٿ اگهندي، مٿو ڍڪيندي، ورانڊي ڏانهن آئي

۽ هٿ رئي سان ويڙهي، علي بخش خان کي هٿ ڏنو ۽ علي بخش خان ڪلي چيو:

”رنڌڻي مان اچين پئي“

”ها. اوهانکي ڪيئن خبر پئي؟ ڦاپل هلڪي مرڪ سان چيو.

”تون سڄو رنڌڻوئي پاڻ سان کنيو آئي آهين. رنڌڻي ۾ پلو ڏوتو اٿئي. مصالحا ڏنا اٿئي. ڏاٽا ۽ ڏاڙهون ڪٽيا اٿئي. سيني جي بوءِ يا خوشبو توسان گڏ هٿ ۾ آئي آهي.“

”منهنجا هٿ ڪڪا آهن.“ ڦاپل پنهنجي ڪلاسڪ آواز ۾ چيو.

”اها ڪک نہ آهي پر سنڌ ۾ صدين کان وهندڙ سنڌوءَ جي تخليق ٿيل مخلوق جي بوُ آهي. جيڪا سنڌوءَ جي پاڻيءَ سان ملي سرهاڻ ٿي پوندي آهي. تون اها ڳالهہ الائي سمجهين يا نہ؟“

”نہ ادا آءُ اڻ پڙهيل ناهيان. مون ميٽرڪ تائين پڙهيو آهي پر بابا ميٽرڪ جو امتحان ڏيارڻ بدران شادي ڪرائي ڇڏي. هاڻ رابيل ۽ درياهہ پڙهندا.“

”رابيل بابا ڇا ٿا پڙهو؟“

”سر آءُ اينٽ پاس ڪري هاڻ نائنٿ ۾ آئي آهيان.“

”هي درياهہ خان؟“

”نہ هي رڳو درياهہ آهي. اسين خان نہ آهيون.“ ڦاپل مرڪندي چيو.

”ها پٽ تون ڇا ٿو پڙهين؟“

”سر آءُ هاڻ $7^{th}$ جو امتحان ڏيندس.“

”آئون توکي يار River Khan چوندس.“

”بابا بہ چوي ٿو پاڻ خان نہ آهيون.“

”پٽ جائي جم سنڌ ۾ ڪوبہ خان نہ هو. پر جڏهن سنڌي طاقت ۽ دولت حاصل ڪندا آهن تہ پاڻ مرادو خان ٿي پوندا آهن.“

”آءُ سنهڙو آهيان. خرچي بابا ٻن ڏينهن کان پوءِ ربيو ڏيندو آهي. مون کي خان ٿيڻ جو شوق ناهي. توهان کي خان ٿيڻ جو شوق هو؟“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو.

"يار الائي مونکي هاڻ ياد ناهي. شايد بابي کان وراثت ۾ مليو هجيم."

ڦاپل وچ ۾ چيو: اسان وٽ ادا وارث آهن وراثت ڪجهه به نه آهي سواءِ پيٽ جي. بس سڄي عمر انهيءَ پيٽ پرڻ ۾ پورا آهيون."

"تنهنجي ميٽرڪ پئي ڳالهائي. صحيح ٿي چئين. پيٽ پرڻ سڄي دنيا جو پهريون مسئلو آهي. اهو پيٽ پرڻ ئي ماڻهوءَ کي ماٺپو سيکاري ٿو ۽ ماڻهن کي ڏوهن جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو. ڏوهه سڀ انهيءَ پيٽ جي ڪڏ کي پرڻ ڪري ٿين ٿا. خير هو صاحب وڏو ڪتي آهي."

ڦاپل هلڪو ٽهڪ ڏنو. سندس آواز ۾ علي بخش کي پراڻي زماني جي اداڪار سؤرن لتا ۽ سنگر شمشاد جي آواز جو ميناج محسوس ٿيو ۽ سندس سگهه وچايل هڏن ۽ سٺ کان مٿي ورهيه استعمال ٿيل ذهن ۾ سمايل مرد سمجهڻ لڳو ته جڏهن عورت تخليق ٿي هوندي ته شايد انهيءَ اوريجنل روپ ۾ هوندي جنهن ۾ سمورن لڱن ۾ پلي جي سرهاڻ هجي. زماني جي لُڙهيل ڦاپل، ڪيس مڪمل عورت لڳي پئي جنهن جي لڱن ۾ زندگي جي ميناج جڻ ختم ٿيڻ تي آهي. اکين ۾ ہريل ڏيئا اسر ويل ٽڪل ۽ سگهه وچائيندڙ چلڪات ڏيئي رهيا هئا. پر سندس چهري تي مُرڪ درياهه جي لهرن وانگر دائمي ۽ پرڪشش هئي. الائي ڇو وهي گهاري آيل علي بخش خان ڦاپل کي ڏسندو هو ته ڪيس پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ياد ايندا هئا ۽ ڪتابن ۾ پڙهيل عورت جي جسم، هاني ۽ مرڪ بابت ڪلاسڪ تفصيل ياد ايندا هئا. خاص ڪري يورپ جي وڪٽورين زماني ۾ لکيل پورنوگرافڪ ڪتابن ۾ عورتن جا ذڪر يا وچ اوپر ۾ الف ليلائي زماني جون ڪريل ۽ محبت ڪرڻ واريون عورتن جا پڙهيل ذڪر ذهن جي مٿاڇري تي نروار ٿيڻ لڳندا هئا.

"ڪالهه شام کان ستو پيو آهي." ڦاپل وراڻيو. "رات ماني به ڪانه کاڌي اٿس."

اوڏي مهل، ڪمري منجهان اکيون مهٽيندي رحمان باهر نڪتو.

"سر ڪيڏي مهل آيا آهيو؟"

علي بخش خان کي، رحمان ڪجھ بهتر لڳو. سندس اکين مان سموري ننڊ، ڪيس محسوس ٿيو تہ ختم ٿي چڪي آهي.

"بس ٿوري دير ٿي آهي. هي رابيل ۾ درياھ اچ مليا آهن."

"درياھ سُست آهي." رحمان ڪٿ تي چڙهي ويٺو." پر رابيل جي مٿي ۾ چٽنگون آهن. ڪڏهن ويهي ڪچهري ڪري ڏسوس. اهڙيون چٽنگون اسان جي اينڊرٻڻ ڪي ورٿي ۾ ملنديون."

"يار اينڊرٻڻ، ورٿو ۾ چٽنگ .....! اِهي پڻ چڱيون ڳالهيون آهن."

"سائين فهم ڏسڻ ٿا چاهيو؟"

"نہ ٻڌڻ ٿو چاهيان. آءُ هلان ٿو. شام جو مون وٽ اچ تہ ڪچهري ڪريون."

"شام جو انڊس هوٽل جي ڪيوپڊ هال ۾ ننڍڙو سيمينار آهي. ڪجھ دوست شهر کان ٻاهران بہ ايندا. اوهان اچو!"

"گهڻي بجي؟"

"پنجين بجي!"

"پوءِ سياڻي صبح مهل مون وٽ اچ. پاڻ ڪجھ ڳالهايون."

رحمان کلڻ لڳو.

"اوهانجو حڪم اکين تي."

"ها ٻيو حڪم اهو تہ هن ڏکي چوڪريءَ کي بہ وٺي اچجان."

"ڏکي بلا کي " رحمان کليو.

"نالو ڇا هئس؟"

"گلاب!"

"ها گلاب!"

"اوهان جي لڱن ۾ مرد آهي يا نہ پر ذهن ۾ ضرور آهي."

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو: "آءُ جائي جم کان مرد آهيان. پر اڳي زماني جو آهيان. ساڃاھ اٿم. هاڻ ڇا بچيو هوندو؟ تون فڪر نہ ڪر!"

"سر اولڊ از گولڊ! اوهان جي زبان ۾ اوهانجو ذهن. اها

combination ڏاڍي خطرناڪ آهي. فيض چيو آهي نہ تہ ڪيترين ئي سهڻين عورتون جن جا لڱ برف جهڙا سخت هئا. مرد جي هٿن جي ڇهاءَ ۾ وڳهري ويون.“

”يار فيض ڪي بہ پڙهيو آهي. لطيف پڙهہ. راڳ ٻڌ تہ لڱن مان جانور نڪري وڃي.“

”سر. جيسين رت جو دؤرو پنهنجي اسپيڊ سان هلندو ۽ ذهن ۾ حالتن جي سمجهہ محسوس ٿيندي رهندي تيستائين انسان سان گڏ جسم ۾ جانور بہ موجود رهندو.“

”يار فلاسفي پيو ڳالهائين!“ علي بخش خان ٿهڪ ڏنو ۽ وچڙ لاءِ مڙيو.

”سائين بيروزگار ۽ وطن.....“

”بس وڏيڪ سياڻي....“

شام جو انڊس هوٽل جي ڪيوبڊ هال ۾ سؤ سوا ڇوڪرا ڇوڪريون ۽ وڏي عمر جا دانشوري جا ٽپا لڳل جهونا بہ ويٺا هئا.

ساڳيون تقريرون هيون جيڪي نوجوان گذريل اڌ صديءَ کان ڪندا رهيا آهن. دانشورن بہ ڪارل مارڪس کان پنهنجيون تقريرون شروع ڪيون. پر هڪ چاليهن سالن کان وڏيڪ عمر جو جوان جڏهن اسٽيج تي آيو تہ ٻڌايو ويو تہ هي اينٿروپالاجي ۾ Ph.D آهي ۽ هينئر ڪنهن آمريڪن يونيورسٽي ۾ پڙهائي ٿو.

علي بخش خان کي اهو نوجوان وڻيو. هن مختصر ڳالهايو پر ڪجهہ نئين انداز ۾ ڳالهايائين: ”هن وطن جي composition گذريل هزار سال کان، انسان جي علم مطابق ڪجهہ عجيب طور تي ٿي آهي. اسان وٽ يا تہ غريب مسڪين ڪلاس موجود رهيو آهي يا ڌارين فاتحن قومن جو اپر ڪلاس. انهيءَ وچ ۾ مڊل ڪلاس تہ رهيو ئي ڪونهي پر هڪ اهڙو لوئر ديسي اپر ڪلاس وجود ۾ رهيو آهي جنهن هميشہ فاتحن جا هٿ مضبوط ڪيا آهن ۽ پنهنجن ماڻهن کي دٻاءُ ۽ جهالت ۾ رکيو آهي. اهو سلسلو ويهين صديءَ جا خاتمي تائين هلندو رهيو. پر هڪ عجيب معاملو وجود ۾

آيو آهي. اسان سدائين مڊل ڪلاس جا مطالبا ڪيا. اصل ۾ جنهن بہ سوسائٽيءَ ۾ مڊل ڪلاس هوندو آهي. اُها سوسائٽي پنهنجي balance ۾ هلندي آهي. عجيب معاملو اهو ٿيو تہ هزار سالن جي عرصي گذرڻ کان پوءِ اوچتو ويهين صديءَ جي پوئين اڌ ۾ يا اڃا بہ وڌيڪ صحيح چوان تہ ويهين صديءَ جي آخري ٽيهن سالن ۾ اسان وٽ مڊل ڪلاس کي اوچتو اُسرڻ ڏنو ويو ۽ اهو اُسرڻ جو غير قدرتي طريقو هو. ايگريڪلچر، واپار ۽ صنعتن بدران، ڪيترن ئي نوجوانن کي ٽڏو ڪري ويهارڻ لاءِ ڪين اهڙيون سرڪاري نوڪريون ڏنيون ويون جن جي ذريعي هو ڪرپٽ ٿي پيا. نااهل اڳ ئي هئا. هت اهو واضح ڪريان انهن نوجوانن جي اڪثريت نااهل هئا. انهن کي جڏهن فيوڊل سياست جي مُهرن ٺيڙ ڪري، جيڪا خوشحالي ملي تہ هُو پاڻ کي سوسائٽيءَ جي مڊل ڪلاس ۾ رهڻ بدران، اپر ڪلاس جي فريم ۾ فٽ ڪرڻ لڳا. انهيءَ فريم ۾ رهڻ لاءِ ڪين فيوڊل سياستدانن ۽ وزيرن ۽ سرڪاري پوتارن جي پوئلڳ ٿيڻ جي ضرورت محسوس ٿي ـــ ۽ پوئلڳ ٿيا. جيتوڻيڪ افسوس جي ڳالهہ اها آهي انهن سيني ڪرپٽ ڪامورن، شاگرديءَ جي زماني ۾ وڏيري شاهي ۽ فيوڊلزم جي خلاف تحريڪون هلايون هيون. هاڻ ٽيهہ سال اڳ ٿيل ڪامورا اپر ڪلاس ۽ خاندان بنجي، پنهنجي انجام کي پهچڻ وارا آهن سندن ريٽائرمينٽ ۾ ڪجهہ سال آهن. جن عمرون غلط لکايون سي شايد سال بہ وڌيڪ هلن. پر سندن legacy ۾ گذريل ٽيهن سالن ۾ جيڪي اهل يا نااهل نوجوان ڪامورا ٿيا سي سڀ ڪان پهرين ٿهيءَ جي ٺاهيل پيچرن تي هلڻ لڳا. اهي ڪامورا two in one آهن ـــ يعني ساڳئي وقت urban class ۾ بہ آهن تہ rural class ۽ اُن جي benefits کي بہ پنهنجي قبضي ۾ رکيو اچن. اهي ڪامورا بہ ـــ مُنهين بلا جو رول ادا ڪن پيا. شهرن ۾ مڊل ڪلاس ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ ڪرپشن جي زور تي سڀ ڪجهہ اپر ڪلاس وارا يار اٿن. ڀهراڙين ۾ ابن ڏاڏن جي موروثي زمينن کي سڌاري يا وڌيڪ زمين خريد ڪري، زميندار ۽ ڪي ڪي تہ لوڪل وڏيري شاهيءَ جي اداري جا فعال

ميمبر ۽ وجهه ملين تہ پاڻ کي، ناجائز پئسي ۽ شهري بيورو ڪريسي ۽ فوجي آفيسرن سان تعلقاتن جي بنياد تي ۽ زور تي سردار بہ ڊڪليئر ڪري، وطن جي سوسائٽي کي reverse gear ۾ هلائن ٿا. اهي شهرن ۾ اپر ڪلاس ٿي هلڻ وارا ڪامورا، ڪنهن انڊسٽريءَ ۾ ڪن ڪمرشل ادارن ۾ يا سندن ايگريڪلچرل انڊسٽريز ۾ رقم سيڙائن تہ هو اسانجي سوسائٽيءَ ۾ مڊل ڪلاس جو رول ادا ڪري سگهن ٿا پر سندن ڪم جڏا آهن. هڪ بہ ٿي شاديون نٽا ڪن تہ هڪ يا بہ يا ٽي پروفيشنل ۽ شهري elite جو نيو لڳل عورتون يا ٽورڙيون استعمال ٿيل ماڊلس کي باقاعده پاڻ وٽ يا جت اُهي رهن تيون اُتي maintain ڪن ٿا. انهن جو سمورو خرچ فليٽ، بنگلو ڪار، نوڪر سڀ صاحب جي ڪيسي ۽ بريف ڪيس ۾ عام ماڻهن ۽ ٺيڪيدارن جي جائز يا ناجائز ڪمائيءَ منجهان آيل رقم جي آڌار تي هوندو آهي. سندن وڏن بہ ڊي لڪس وسڪي پيتي تہ چا ٻڌي ۽ ڏٺي بہ نہ هوندي. پاڻ صاحب ڊي لڪس کان گهٽ ڪونہ پيئندا آهن. ڪار ۽ جيپس ۽ شڪار جي لاءِ گنس ۽ رائفلون، رنن وانگر نون ماڊلس اچڻ تي تبديل ڪندا رهن ٿا. اهي ناجائز يا جائز پئسا ڪاروبار يا انڊسٽري ۾ لڳن تہ وطن جو نقشو ئي ٻيو هجي ۽ سياسي سماجي منظرنامو پڻ بهتر کان بهترين ٿي پوي. انهن مان ڪي اهڙا ڪامورا بہ آهن، سڀ نہ، جيڪي بيوروڪريٽ وڏيرن، وزيرن ۽ بهتر ماڻهن جون دعوتون بہ ڪندا آهن ۽ شهر جون بهترين رنون، هڪ يا بہ پڻ گهرائيندا آهن ۽ اهي رنون آخر ۾ انهيءَ صاحب جي حصي ۾ ايندڙيون آهن جيڪو صاحب صبح، جو ميزبان ڪاموري جي بهتر پوسٽنگ آرڊر، پروموشن يا انڪوائري ختم ڪرائڻ ۾ مدد ڪندو آهي ۽ انهيءَ ڪم جا پئسا الڳ وٺندو آهي.

اهڙا ڪامورا نهايت غريب گهر سان بہ تعلق رکندا هئا. ڪي پٽيوالي جا پٽ هوندا آهن تہ ڪي آبدار يا داروغي يا هاري يا ڪنهن غريب غربي جا پٽ بہ هوندا آهن. ڪين ماضي وسري ويندو آهي!

اهو ادارو ايڏو مضبوط ٿي چڪو آهي جو اڪثر نوجوان سياسي

سفارشن ۽ ميرٽ تي نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت ۾ مصروف آهن _ ۽ پوءِ اداري جي چانوَ ۾ پنهنجو ڪيريئر شروع ڪرڻ چاهين ٿا. منهنجو اهو مطلب نہ آهي تہ غريب غربو بهتر ذريعن کي حاصل نہ ڪري پر اسان جي هيٺين درجي سان لاڳاپيل نوجوانن جي ذهنن ۾ اپر ڪلاس جي رنگينين ۽ وڏپڻ جا خواب آهن. ڪين اها بہ ڄاڻ آهي تہ وطن ۾ مڊل ڪلاس جي غير موجودگي ڪيتري هاڃيڪار آهي. اِهي نوجوان انهيءَ سرشتي سان تعلق رکن ٿا جن ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ فيوڊل سسٽم، وڏيري شاهي ۽ ڏاريا شاهي جي خلاف تحريڪون هلايون. هاڻ پاڻ انهن جا ميمبر ٿيو وينا آهن. ميمبر تہ وري بہ سهڻ جوڳا آهيون. پر ڏاريا شاهيءَ کي حڪومت ناهڻ لاءِ جن ٿنين جي ضرورت آهي اُت پاڻ ۽ ڪٿي ڪٿي ٻار ٻچن سان انهن ڏاريا شاهي جي حمايت ۾ پاڻ تہ وڪڻن ٿا پر وطن جو بہ سودو ڪن ٿا. انگريز هندستان ۾ ڪيئن آيا _ !ڪين بنگال ۾ مير جعفر جهڙا ماڻهو مليا. دکن ۾ مير صادق جهڙو غدار مليو_ هت اسان وٽ ڪين ڄام صادق جهڙا ذهين ماڻهو مليا. ڄام اسڪيم مطابق حڪومت ناهڻ ۽ هاڻ ڏاريا شاهيءَ جو تسلط قائم ڪرڻ سؤلو ٿي پيو آهي. گذريل ويهن صديءَ جي غدارن جي لسٽ ناهبي تہ اهڙا ڄام صادق ڄام ملندا پر شايد ڄام صادق لسٽ ۾ سڀ کان مٿي هجي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو اسانکي ڄام شاهيءَ جو تيار ڪيل ڄار وڏيڪ ويڙهيندو ويندو _ ۽ ملڪ مڙيوئي ڄام ٿيندو ويندو! ضرورت آهي، اهڙين حالتن کي منهن ڏجي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي بچائجي پيو جمهوريت جي نالي ۾ پيدا ٿيل ڏاڙيل شاهيءَ کي بہ ختم ڪجي. غدارن کي غدار چئو! سياسي ڏاڙيلن کي چونڊ ڪري ختم ڪريو. ڪين ووٽ نہ ڏيو. پاڻ ئي ختم ٿي ويندا. نالي ۾ نهال عوام جي پئسي مان خوشحال ٿيل ڪامورا، سياستدان سڀ ختم ڪريو. ڪين اختيار نہ ڏيو. ڪامورن جا پاور ختم ڪري سندن اختيارن جي domain ۾ public participation ڪريو. هڪ ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اختيار نہ ڏيو جيستائين اسانجي ذهنن منجهان ڪرپشن جو ڪلچر ختم

نہ ٿئي. ڪامورن جي رڳو هڪ يا گهڻو بي نسل ۾ ڏسو ڇا ملڪيت هئي ۽ هاڻ ڇا آهي؟ ساڳي ڳالهہ سياستدانن سان بہ لاڳو آهي. سيني کي وائکو ڪريو. پٽ ۽ ڪير لپ ڪائيندڙ يا دٻڪيءَ ۾ ماني ڪائيندڙ ابي جو پٽ هاڻ ٽن لکن جي ڪرسٽل شيشي جي ٽيبل تي هزار پنڌرنهن سؤ والن جي بنگلي ۾ رهي شوگرليس جام، برائون ڊبل روٽي ۽ بنا کنڊ جي چانهہ سان ناشتو ڪري، انسولين جي انجيڪشن هڻي، چار پنج دوا جون گوريون کائي، پنهنجي صبح جي شروعات ڪري ٿو. اهو ڪامورو هجي يا سياستدان، ٺيڪيدار هجي يا وزير سفير يا شاطر ڪاروباري شخص _ اهي سڀ سنڌ جي حال ۽ مستقبل کي بهتر نہ ڪرڻ لاءِ، پنهنجي مفاد جو رول ادا ڪن ٿا. ايئن لڳي ٿو تہ ٽيهہ چاليهن سالن کان سنڌ ڪنهن بہ ترقي جي رستي ڏانهن گامزن ناهي پر پراڻن پيچرن ڏانهن واپس وري پئي ۽ ڌاريا زمين توڙي ذريعن تي قابض ٿيندا وڃن.!

.... نوجوان ڳالهائيندو رهيو: ” سنڌ کي اڳيان نہ وڌڻ وارن کي ختم ڪريو. ڪين اجوڪي دنيا ۽ ايندڙ زماني جو صحيح wisdom ڏيو. جهالت جي چار مان چڪي ٻاهر ڪيو.... نہ تہ اهي انسان زمين جي اندر ڏيڻ وانگر لهندا ويندا. اسانجو ديس ڏيڻ ٿيندو ويندو.

..... نوجوان ڳالهائيندو رهيو.

ٻئي ڏينهن شام جو رحمان واعدي مطابق نہ آيو. علي بخش خان وٽ بہ ننڍي هوندي جا دوست آيا هئا جيڪي سرڪاري نوڪريءَ تان ريٽائر ٿيا هئا _ پر منجهان عبدالواحد سهتو وري ٻن سالن جي ڪانٽريڪٽ تي پروانشل گورنمينٽ ۾ لڳي ويو هو پر سندس ٻيو دوست محمد علي ميمڻ ريٽائرمينٽ جي زندگي گذاري رهيو. تمام گهڻو ڪمايو هئائين. ماءُ جي پيٽان پاڳ ڪٽي آيو هو. نوڪريءَ جي زماني ۾ ٻن وڏين فلور ملز ۾ شيئر هوس. ريٽائر ٿي سمورا شيئر خريد ڪري، ٻن فلور ملز جو مينيجنگ ڊائريڪٽر ٿي وينو. سندس پيءُ جا چاچا ڪوهستان ۾ اڄ کان پنجاهہ سال

اڳ سيڌي جو دڪان هلائيندا هئا ۽ وٽن راشن شاپ به هوندو. ملڪ ۾ ڪڻڪ جي ۽ اٽي جي ڪوٽ هوندي هئي. ڪڻڪ ڪوٽڙيءَ مان ڪڻندا هئا ۽ جيترا بوگس ڪارڊ هوندا هئن اوتري مقدار ڪڻڪ جي ڪوٽڙيءَ ۾ ئي بليڪ تي وڪڻي ڇڏيندا هئا ۽ باقي ڇهه ست ڳوڻيون ڪوهستان ڪڻي ويندا هئا ۽ ايمانداري سان ورهاست ڪندا هئا. اٽو حيدرآباد جي ملن تي ئي وڪڻي ڇڏيندا ۽ ڪجهه ٻوريون دڪانن تي ڪڻي ويندا هئا. ڪوٽ سبب ڪين چڱا پئسا ملي ويندا هئا ۽ صاحبن کي پنهنجو حساب ڪتاب ڏيئي باقي پئسا ور ۾ وجهي ٽاٽي احمد خان جو رخ ڪندا هئا. قرض تي به ڪجهه پئسا ڏيندا هئا. اهو وياج الڳ ملندو هون. انهيءَ ڪري عام طور سيٺ مشهور هئا. نماز پنج وقت پڙهندا هئا ۽ سونهاري به ڇڏيل هوندي هين. سهتو صاحب ننڍي هوندي کان هوشيار هو. سو سندس پيءُ چؤ چوا ڪرائي ڪيس فوڊ انسپيڪٽري وٺي ڏني . پنجتيهه سالن ۾ ڊائريڪٽر ٿي ويو. پر پٽس جيسين راشننگ هئي راشن شاپ نه ڇڏيو. چوندو هو ته بابا اهي راشن جا ڪمال آهن جو پاڻ سدائين سکيا رهياسين. اِهي سيٺ ٽيڻ انهن دڪانن جو ڪمال آهي. ٻيا سنگتي سڀ انسپيڪٽر يا ڪو هڪ به گريڊ ڪٽي چڙهي سگهيا. علي بخش خان کي گهٽا ڪامريڊ يار چوندا هئا. ته عوامي پارٽي، جنهنجي پنيان سڄي سنڌ جا ووٽر هئا، يا ضياءالحق جي فرقه واريت واري سياست، هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف جو ڦهلاءُ، سنڌ جي وڏيرن ۽ سردارن کي، پيرن کي ۽ شهري زور آورن کي شاهوڪار بنايو ته جيئن سنڌ جي 1979ع واري سياست کي منهن ڏيئي سگهجي. سپريئر سروسز ۾ جيڪي سنڌي ڇوڪرا فيل ٿيا تن کي پاس ڪري صاحب بڻايون ۽ ايم آر ڊي تحريڪ کي فوجي بمباري ڪري، سنڌ جي ماحول کي ٻي ست ڪري ڇڏيائون.

”پر يار تنهنجو پٽ جنهن کي انگريزيءَ جو اکر ڪونه ايندو هو تنهنکي ڊائريڪٽر ناهڻ جو ڏوهه ضياءالحق جي حوالي تي ناهي“ محمد علي ميمڻ چيو ۽ ٺهڪ ڏنو . ”هاڻ پُٽهين پنهنجي پيءُ جي دوست کي به

ڪٽڪ جي ڪوٽا بلئڪ تي ڏيئي ٿو. ٻين ڪان پنج رپيا ڳوڻ جا وٺي ٿو. مونکان ڏهہ روپيا وٺي ٿو. آءُ توکي بہ سچاٽان تنهنجي پٽ کي بہ سڃاڻان. تون سيدن جو هارپو ڪندو هئين ۽ پٽهين ڳوڻن ۾ ڪوهن مان پاڻي ڀري گهرن ۾ پهچائي ايندو هو. نصيب جي ڪنهن سان ريس ڪانهي.

”پٽو صاحب جي حڪومت ۾ مرشد سائين جي خدمت ڪيائين گريجوئيٽ هو پر گريجوئيٽ جي اسپيل بہ ڪونہ ايندي هيس. انهيءَ کي مرشد سائين پنهنجي کاتي ۾ ننڍو آفيسر ناهيو. منهنجي پٽ ٽيهہ سال مرشد سائين کي ڳوٺ، ڪراچي، حيدرآباد ۽ اسلام آباد ۾ ديسي ۽ امپورٽڊ شراب ايترو پيارو جو قيامت ڏينهن انهيءَ جي تور ملائڪن لاءِ بہ ڏاڍي مشڪل ٿي پوندي. مرشد سائين هڪ دفعي پي تيار ٿيو تہ چيائين منهنجي کاتي ۾ جونيئر آفيسر تون سُنهين نٿو. رات جو ٽين بجي چيف سيڪريٽريءَ کي حڪم ٿيو تہ صبح جو ڊائريڪٽر جو آرڊر منهنجي ٽيبل تي هجي. مرشد سائين منسٽر بہ هو. سندس ڳالهايل اکر عوامي حڪومت جي رُڪ تي لکيل اکر هئا. هفتي اندر الله جي مهرباني ٿي تہ منهنجو پٽ ڊائريڪٽر ٿي ويو. ڪنهن بہ آفيسر جي همت نہ ٿي جو اپيل ڪري“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو: ”يار عوامي حڪومت هجي يا ڊڪٽيٽرشپ جي حڪومت! اهڙن آفيسرن جا تفصيل ملي سگهين ٿا. جنهن جو نالو هجي سنڌ آفيسرس ريپڊ اپائٽمينٽ آرڊرس اهڙن آفيسرن جي 1970ع کان وٺي ڊڪشنري ناهي سگهجي ٿي. مونکي مزو ايندو آهي تہ تنهنجي پٽ کي جونئر آفيسر منجهان ترت سينئر آفيسر جو آرڊر ڪيڻ وارو اهڙو آفيسر هو جيڪو سنڌ جو واقعي آنيسٽ ۽ بهتر آفيسر هو. مرشد چيف منسٽر جو رات جو ٽين بجي ڪنهن صوفي پير جي درگاهہ تي نهيل ريسٽ هائوس منجهان آيل آرڊر نهايت سخت هو جنهن ۾ درگاهہ سڳوريءَ جي دعا بہ شامل هئي تہ شيواس ريگل وسڪيءَ جو جوش بہ گڏ هو.“

”يار علي بخش تون تہ پنهنجون اباڻيون زمينون سنڀالين پيو. ريٽائر ٿئي سال مس ٿيو اٿئي. پٽ ڏين دنيا ۾ هڪ اٿئي سو بہ امريڪا ۾ الائي

ڪهڙي عجيب سبجيڪٽ ۾ Ph.D پيو ڪري“

علي بخش ڳالهه ڪٽي: ”اها ڪا اهڙي اهميت واري ڳالهه نه آهي. پر گذريل سال ڪراچيءَ جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ ڪنهن شاهدي لاءِ وڃڻ ٿيو ته انهي اسان جي پروگريسو پڙهيل ڳڙهيل، عوامي ووٽن تي سنڌ جي سيد سائين ڪي هارائڻ واري چيف منسٽر بابت مون ڪورٽ جي ٿنڀن تي پوسٽر ڏٺا. جنهن تي صاحب جو فوٽو به هو. ڏوهن جا تفصيل به هئا ۽ وارنٽ گرفتاري به. مدد ڏيڻ لاءِ لکين روپين جو انعام به رکيل هو. مونکي نه رڳو ڌڪ به ٿيو پر آءٌ ڏاڍو پشيمان به ٿيس ته سنڌ ڪهڙا پروگريسو ۽ معتبر ماڻهو پيدا ڪيا آهن. هاڻ عوام سندن ٻئي ٻُڻ ڪي ووٽ پيو ڏيئي. منهنجي هڪڙي دوست چيو هو ته عوام جي ذهني انويسٽيگيشن ٿيڻ کپي. مونکي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي.“

ايتري ۾ در تي گهنٽي وڳي ۽ علي بخش خان پهرين پت تي وال ڪلاڪ ۾ ڏٺو ته ساڍا ست ٿيا هئا. نوڪر اندر داخل ٿيو ۽ رحمان جي اچڻ بابت اطلاع ڏنائين.

”اڪيلو آهي؟“

”نه سائين هڪ الاهي ڊگهي ڇوڪري به گڏ اٿس.“

علي بخش خان جا دوست ڊگهي ڇوڪريءَ جو ٻڌي کلڻ لڳا.

”هاڻ ته ريٽائر ٿي ويو آهين!“

”يار اسين ورهيه ٿياسين انسان ۾ موجود جانور جي جمالياتي ۽ تخليقي جن کان ريٽائر ٿيل آهيون.“

”مرد ڪڏهن ريٽائر ڪونه ٿيندو آهي. صوبيدار ريٽائر ٿي سگهي ٿو.“ ائين چئي سندس ٻئي دوست اٿيا ۽ موڪلائي ويا هليا. رحمان ۽ گلاب، علي بخش خان جي لائبريري روم ۾ ويٺا هئا جت هزار ڪن ڪلاسڪ ۽ نئون ادب شيلف ۾ لڳل هو.

علي بخش خان اندر داخل ٿيو ته ٻئي جڻا اٿي بيٺا. گلاب ذري گهٽ قداور رحمان کان به ڊگهي هئي. جينز جي پينٽ ۽ ڪاڏيءَ جو گهر گهلو چولو

ڀِرِيل هئس. جنهن سان سندس بت جو مٿيون اڌ سمورو ڍڪيل هو.
علي بخش خان رحمان سان هٿ ملايو.
”ينگ مئن ڪٿي آهين.“
”سائين ننڍ ڪُٽي نٽي.“
”پوءِ اهڙا جاڳڻ جا ڪم ڇو ٿو ڪرين؟“ علي بخش خان ٽهڪ ڏنو.
پوءِ هن گلاب سان هٿ ملايو. گلاب جو هٿ عام ڇوڪرين کان ٿورو وڏو هو ۽ علي بخش خان جي مرداني هٿ کي ڇوڏاري ڦري ويو. علي بخش خان محسوس ڪيو تہ اهو هٿ زناني ۽ مرداني هٿ جو عجيب امتزاج آهي. عام زنانو ماس بہ نہ پئي لڳو.
“How are you long girl?”
”سر آءِ ايم آل رائٽ.“ گلاب آهستي سان چيو.
”سر آءُ هن کي بگ گرل چوندو آهيان.“ رحمان چيو.
”ڪنهنجي؟“ علي بخش خان کليو.
”سيني دوستن جي.“ رحمان چيو.
”بيوقوف بگ گرل جي معنيٰ آهي زال Wife _ گلاب سيني جي وائف آهي؟“
گلاب اُٿي ۽ هڪ ڀرپور مُڪ رحمان کي وهائي ڪڍيائين.
”اسان جي رورل جا ڪاليج اهڙا ايڊوڪيٽيڊ نوجوان پيدا ڪري شهرن ۾ يونيورسٽين ڏانهن موڪليندا آهن.“
”پر هي تہ گدر بندري آهي يعني حيدرآباد جو هڪ حصو!“
”سر گدوبندر جي هوا صحت لاءِ سٺي ۽ دماغ لاءِ تمام خراب آهي. انهيءَ ڪري ڏسو انگريزن بہ چرين جي اسپتال گدوبندر ۾ ٺهرائي.“
رحمان ٽهڪ ڏنو.
علي بخش خان مرڪندي چيو: ”اها چرين جي اسپتال ناهي هڪ فلنٿرپسٽ پارسيءَ پاران مينٽل ڊزيز لاءِ ٺهرايل اسپتال آهي.“
”پر سائين اوسي پاسي چريائي رهن ٿا.“ گلاب کلندي چيو.

”سر اوهان جي لائبريري سٺي آهي. پر سڀ کان وڌيڪ اوهان جو ذوق ۽ ٽيسٽ مونکي وڻي ٿو.“

”گلاب هر ماڻهوءَ ۾ قدرت طرفان پنهنجي ماحول جي مطابق ٽيسٽ موجود هوندو آهي. هاڻ رحمان جي گهر پلي جي بو مونکي خوشبو محسوس ٿيندي آهي پر اسان جي گهر يا مارڪيٽ ۾ مونکي ڪک لڳندي آهي.“

”انهيءَ جو ڪو سبب هوندو؟“ گلاب اڄ کُلي ڳالهايو پئي.

”شايد انهيءَ گهر ۾ ورهين کان پلي جي موجودگي رهي، گهر ۾ پلي جي بُو خوشبو ٿي ويئي آهي.“

” ـ ۽ ماڻهو؟ گلاب وري پڇيو.

”تون ٻڌاءِ ـ“ علي بخش چيو.

”ماڻهن جي ماس ۾ پلي جي ڪک ايترو تہ جذب ٿي ويئي آهي جو رحمان منهنجي پرسان وينو هوندو آهي تہ سندس پرفيوم ۽ يوڊي ڪولون ۾ بہ مونکي ڪک جي ملاوٽ محسوس ٿيندي آهي. انهيءَ پرفيوم جي ڪوالٽيءَ اعليٰ ٿي ويندي آهي.

”رحمان جي لڱن جي خوشبوءَ متعلق ڇا راءِ آهي؟“

گلاب کلي ڏنو. پر سندس کلڻ ۾ عام ڇوڪرين وارو حيا نہ هو.“ اڄا آءُ لڱن تائين نہ پهتي آهيان.“

”!You are unfortunate girl رحمان بهتر نوجوانن منجهان آهي.“

”ٻُڌ ٻُڌ ـ سر، ڪيس مرد جي Positive خوبين بابت ٻڌايو.“ رحمان چيو.

”ڇو تون گلاب کي وڻين نٿو؟“

”وڻڻ تہ ڇڏيو. گاريون ڏيندي آهي.“

”گاريون ڏيڻ بہ محبت جو انداز آهي. پر اوهان جو پروگرام ڇا آهي؟ دير تائين ويهي ڪچهري ڪريو تہ مانيءَ جو نوڪر کي چوان. گهر واري ڪراچي ويل آهي. يا تہ ڪلاڪ ٻن ۾ پهچندي يا فون ايندو. جي ٻئي هنڌ پروگرام هجي تہ اوهان کي هلڪو ڦلڪو کارايان. چانهہ پياريان. ڪافي پياريان يا ٿڌو پياريان.“

”اوهين ڇا ڪائيندا؟“ رحمان پڇيو.

”منهنجو گهر آهي. مونکي پڇڻ کپي.“

”ضرور ڪائيندا ته صحيح . پڇيم ته ڏوهه ته ڪونه ڪيم. اوهين جهونا هر ڳالهه تي اعتراض ڪندا آهيو.“

”آءُ اعتراض ڪندو آهيان. انهيءَ ڪري جو عقلمند آهيان. بي عقل خوشامدي ها ۾ ها ڪندا آهن. بيو ته جهونو نه آهيان. عمر ۾ وڏو ضرور آهيان.

”مونکي ڏهين بجي چڪن نگيٽس، برائون بريڊ جا ٻه سلائس ۽ سمهڻ مهل وٽ آئوٽ ڪريم ڪير جو گلاس ملندو آهي. پر....“

”پر ......؟

”انهيءَ کان اڳ ٻه وسڪيءَ جا پيگ پيئندو آهيان.“

علي بخش کلي ٻنهيءَ کي ڏٺو.

”وسڪي پيئندا؟“ علي بخش خان پڇيو.

”بوتل پيئندس.“ رحمان رڙ ڪئي.

علي بخش کلي ڏٺو. ”هي گلاب ٻه پيئندي!“

”هيءَ ٻه بوتل پيئندس.“ علي بخش خان گلاب کي ڏٺو.

نه سر مون لاءِ هڪ پيگ ڪافي آهي.“ گلاب سنجيدگيءَ سان وراڻيو.

”سائين هڪ پيگ پوءِ هڪ بوتل ۾ تبديل ٿي ويندو آهي.“

علي بخش خان ڪارڊليس بيل وڄائي. هڪ پنجاهين ورهين جو صاف سٿرو نوڪر اندر داخل ٿيو.

”سائين؟“

”گلاس رک. ڪٻٽ مان بوتل ٻه ڪڍ. ماني ٻه ٺهندي ۽ منهنجي ماني جيئن ناهيندو آهين.“

”سائين ياجائي اڄي وڃي ته .....“ رحمان پڇيو.

”اڄي وڃي ته ڪو سندس ڏوهه ته نه پيا ڪريون. الله جي نافرماني ڪريون پيا. اهو گناهه بخشڻ وارو ٻه آهي. ڏالون ڪونه بخشينديون آهن.“

رحمان وري پڇيو: ”اوهان چيو ته سندس ڏوهه“ ته ڪون پيا

ڪريون“ الله ڪانسواءِ ٻين جا گناهہ بہ آهن ڇا؟“

علي بخش خاموش ٿي ويو ۽ گلاب ڏانهن ڏسي چيائين: ”هِن سان گناهہ جي حالت ۾ ڏسي تہ پوءِ منهنجي زال پوليس گهرائيندي دير نہ ڪندي“ علي بخش خان ٽهڪ ڏنو.

”اوهان مرد عورت ڏسندا آهيو تہ اوهان کي گناهہ ياد ايندو آهي.“ گلاب مرڪي چيو.

شيواز ريگل وسڪيءَ جا علي بخش خان ننڍا پيگ، ڪرسٽل گلاسن ۾ ٺاهيا. نوڪر ٻُڪ پري گلاب جا گل ٽيبل تي رکيا ۽ وري ويو ٻُڪ پري موتئي جا گل بہ گلاب جي گلن سان ٺهلائي رکي ويو. لائبريريءَ جو ننڍڙو ڪمرو هو جنهن ۾ ڪتاب سمايل، علم جي خوشبو اسڪاٽليند جي پاڪ صاف پاڻيءَ منجهان ٻارهن سالن جي ميچوئر ٿيل وسڪيءَ جي خوشبو ۽ گلابن ۽ موتئي جي خوشبو سيئي گڏجي هڪ عجيب سُرور ڏيندڙ خوشبوءِ ڪمري ۾ ڪمري منجهہ ويٺل انسانن جي ذهنن ۾ آهستي آهستي ٺهلجڻ لڳي.

اڌ پيگ رحمان ۽ گلاب جلدي خالي ڪيو. رحمان تہ گند سند پيئڻ تي هريل هو- پر گلاب جيڪا پيئڻ جي معاملي ۾ تمام احتياط ڪندي هئي، تنهن کي اها ڊي لڪس وسڪي عجيب ٽيسٽ ڏيڻ لڳي.

”پهريون پيگ ميزبان ٺاهيندو آهي. هاڻ سڀ ڪو پنهنجو پيگ ٺاهي.“

رحمان پنهنجو ۽ گلاب جو فل پيگ ٺاهيو.

”سائين اسان کي ايترو نہ پيار جو_ ”رحمان چيو“ پوءِ اوهان کي بہ گاريون ڏيڻ شروع ڪريون.“

”پيو پلي! گاريون پلي ڏيو پر مون کي نہ ڏجو. ميزبانن جو احترام ڪبو آهي.“

”سائين اوهان کي اعتراض نہ هجي تہ آءُ“ هي پيگ بہ ٽڪڙو پي وٺان. پوءِ اوهان سان صرف هڪ پيگ تي سڄي رات ڪچهري، منهنجومطلب تہ سنڌي ڪچهري نہ پر ڳالهہ ٻولهہ ۾ زندگيءَ جا ورق کولي ڳالهائي سگهان

تي. ”گلاب گلاس هٿ ۾ ڪنيو.

رحمان بہ ٻيو پيگ پورو ڪري چڪو هو ۽ ٽيليفون جي گھنٽي وڳي. علي بخش خان ٻڌندو رهيو. ڪافي دير ٽيليون هليو.

”شهر ۾ هڪ شادي جي دعوت ۾ ambush ٿيو آهي. وڏن ماڻهن جي شادي هئي. اڄ شهر ۾ بجلي بہ بند آهي. ڪو وڏو قتلام ٿيو آهي.“ علي بخش خان ڪجھ گنڀير ٿي ويو.

”ڪنهن جي شادي هئي ڪنهن سنڌي وڏيري جي هئي!“ رحمان پڇيو.

”نہ ڪنهن سنڌي ڪاموري جي پٽ جي. اوندھ ۾ ڪلاشنڪوف جا برسٽ هليا آهن. روشني آئي تہ لاش، زخمي ۽ دونهاتيل ماحول ڇانيل هو. ڪجھ نہ پيو سمجھ ۾ اچي.“

رحمان خاموش ٿي ويو. رحمان هڪ پيگ ٻيو بہ پيتو. گلاب بوتل پري ڪري رکي.

”ڇا پروگرام آهي؟“

”سائين آءٌ گهر ويندس“ رحمان چيو.“ پر گلاب ڪي هتي پاڻ وٽ رکو. آءٌ گهر وڃي سمهان ٿو. ضرور پوليس منهنجي گهر ايندي منهنجو اُتي هئڻ ضروري آهي. شهر ۾ جيڪا بہ اهڙي ننڍي وڏي واردات ٿئي ٿي اسان يونيورسٽين جا شاگرد آزار ۾ هوندا آهيون.“

”ڪيئن ويندين؟“

”موٽر سائيڪل آهي. قسطن تي ورتي اٿم. ڪاغذ بہ اٿم. اوهان فڪر نہ ڪريو. بس هن ڪي سنڀاليو. ڪٿي هيءُ ڏڇي ۾ نہ پئجي وڃي. ڇري بہ اٿوَ سنيال، ڪم اوهان جو آهي. ڪو مائٽ ٻچيو ڪونہ اٿس. آءٌ گهر ۾ هوندس تہ هر ڳالھ ڪي منهن ڏيئي سگهندس. بس اهو ياد رکجو تہ اڄ اوهان وٽ ڪونہ هوس!“

علي بخش حيران رحمان ڪي ڏسندو رهيو. ويرم ڪن ۾ ٻاهر موٽر سائيڪل اسٽارٽ ٿيڻ جو آواز آيو ۽ پوءِ آواز گم ٿي ويو. علي بخش خان ٽي وي کولي. ٽي وي تي ڪجھ بہ ڪونہ هو. نصرت فتح علي خان جي

قوالي هلي پئي. خبرون آيون وبون. ڪا بہ ڄاڻ ملي نہ سگهي. ننڍڙي ڪمري جي ماحول ۾ واپس خوشبو محسوس ٿيڻ لڳي. پر ذهنن ۾ ٿورڙو هراس اڃا ڇانيل هو.

”گلاب هي سڀ ڇا آهي؟“

”سر مون کي خبر ناهي.“

”ٻيو مڙيئي خير آهي. مون کي ڊپ آهي تہ شهر ۾ فساد نہ ٿي پون“.

”شهر تہ اسان جو آهي ئي ڪونہ تہ فساد ڇاجو؟ سنڌي ڪاموري جي پٽ جي شادي هئي. ٿي سگهي ٿو ڌاڙيل هجن.“

”سنڌي ڌاڙيل ايڏا مڙس ماڻهوڪونہ آهن جو هن شهر ۾ اچي واردات ڪن. سنڌي ڇوڪرن جو مٿو خراب ٿيندو آهي سي ڪڏهن ڪجهہ رائونڊ گولين جا هلائيندا هئا. تنهن کي بہ ورهيہ ٿيا هاڻ اڌ وچي ڪرپٽ آفيسر ٿيا ۽ اهي بہ سياست جو ڏنڌو ڪندا آهن. ۽ ڏنڌي ڌاڙي ۾ اسين سنڌي اڻين ئي incompetent آهيون. ڪا ٻي ڳالهہ آهي!

”ها اڻين ٿي سگهي ٿو!“

پر رحمان ڇو ايڏي تڪڙ ڪئي. آءٌ سمجهان ٿو تہ هو پنهنجي گهر کان وڏيڪ هتي سيف هو.“

”اڻين بہ ٿي پيرا پوليس رحمان جي پاءُ ۽ ياجائيءَ کي ٿاڻي تي ڪٺي ويا آهن. شايد انهي ڪري بہ رحمان تڪڙو پيو آهي.“

”خير اهي سڀ ڳالهيون هاڻ اسان جي سوسائٽي جو حصو ٿي وبون آهن. ٻهراڙين ۾ قتل بہ عام آهن تہ شهرن ۾ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ جي خلاف انداز ٻيو آهي. اسان جي وطن ۾ ٻهراڙين جا قتل ۽ جهيڙا جهڳتا، تاريخ جي صفحن تي گهٽ نظر اچن ٿا. چوپائي مال جي چوري ۽ انهيءَ تي پُنگ جا قصا تہ رگ ويد جي زماني کان نظر اچن ٿا. آرين جو اندر ديوتا، چوپايو مال چورائيندڙ سنڌين جي ڏاڍ مڙسيءَ جي آزار ۾ پئجي وبو هو. اها ديوتائي طاقت ۽ ٻل هو جنهن انهيءَ ڏوهہ کي گهٽ ڪيو. پر ختم نہ ڪري سگهيا.“

”سر آءٌ انهن جهيڙن، قتل، انساني رت ۽ ماڻهپي کان وانجهيل

شخصن کي تمام گهڻو ڏسي چڪي آهيان. جي پاڻ اهي ڳالهيون نہ ڪريون_" گلاب بہ پيگ پي چڪي هئي ۽ تيون سندس اڳيان رکيو هو. علي بخش خان کي بہ ائين محسوس نہ ٿي رهيو هو تہ سندس اڳيان ڪا جوان عورت وسڪي پي رهي آهي.

علي بخش کلي ڏنو ۽ سندس نوڪر ڪجهہ ڪباب ۽ چپس رکي ويو. گلاب هڪ ڪباب پنهنجي پيٽ ۾ وڌو ۽ ڪجهہ چپس کنيا ۽ هڪ ڪباب علي بخش خان جي پليٽ ۾ رکيو.

"آءٌ ڪباب نہ کائيندو آهيان!"

"اوهہ! I am sorry چو؟ وشنو آهيو؟"

"نہ جيئن جيئن عمر وڌي ٿيندي وڃي الائي چو گوشت روح کي وڻڻ گهٽ ٿي ويو آهي."

"ڊاڪٽر چيو آهي تہ ڪوليسٽرال وڌندو؟" گلاب وري مرڪيو.

"نہ منهنجو ڪوليسٽرال desireable limit کان گهٽ آهي. اهو مسئلو نہ آهي. وري بہ چڪن سا بہ صحتمند ۽...

"مادي هجي" .... گلاب ٺهڪ ڏنو ۽ سندس منهن تي اسڪاٽ ليند جي ڊي لڪس وسڪيءَ روشن ڏيئي وانگر جرڪڻ شروع ڪيو.

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو "اهو اوهان زالن جو خيال آهي. اصل ۾ کائڻ لاءِ نر جو گوشت ئي بهتر هوندو آهي. گوشت ۾ سڀ کان سٺو گوشت جوان ٻڪر جو هوندو آهي. ڳائو گوشت بہ صحتمند جوان ڳابي جو صحيح آهي. هرڻ جي گوشت لاءِ نر کي سير وجهندا آهن. قدرت پاران بہ قرباني خاطر نر دنبي، اُٺ، ڏڳي يا ٻڪر جي گوشت جو عام تي طور تي حڪم آهي. حضرت اسماعيل جي بدران بہ ويچاري نر دنبي پنهنجي جان ڏني."

"ويچارو نر...." گلاب وسڪي ۽ موتئي گلاب ۾ ويڙهيل مُرڪ مان چيو.

"نر ڪڏهن بہ ويچارو ڪونہ ٿيندو آهي. aggression هن جي فطرت ۾ آهي."

"چا خدا نر کي ۽ مادي کي الڳ الڳ material سان ناهيو هو؟"

”نہ ائين نہ آهي. انسان هڪ تمام وڏي عظمت جو مالڪ آهي....

”انسان يا ماڻهو يا مرد....؟ گلاب پڇيو.

علي بخش خان پنهنجو گلاس خالي ڪيو.

”آءٌ اوهان کي پيگ ناهي ڏيان؟“ گلاب خواهش ظاهر ڪئي.

”مون کي تمام گهڻي خوشي ٿيندي. پر ننڍو پيگ! تو جهڙو نہ!“

”نہ سر آءٌ عام طور تي گهٽ پيئندي آهيان ۽ هي ڪو ورڪر گندسند پيئندا آهن. مون کي بہ هيري چڏيائون. پر آءٌ once in a blue moon ئي وٺندي آهيان. هيراڪ نہ آهيان ۽ نڪي مون کي ڪا خراب ڇوڪري سمجهجو!“

”هي اوهان جا ڪو ورڪر گند سند پيئندا بہ آهن تہ ساٿي ڇوڪريءَ جي پيٽ ۾ پنهنجو گند سند وجهندا بہ آهن؟“

”سر ڪوڙ ڳالهائڻ ورهيہ ٿيا ڇڏي ڏنم. منهنجي ماءُ پنهنجي دؤر جي حسين ترين عورت هئي. اها چوندي هئي تہ پنهنجي دل گهرئي مرد کي ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪبو آهي. آءٌ جڏهن وڏي ٿيس تہ هڪ دفعي پڇيومانس.

”امان تنهنجومطلب پنهنجي مڙس کي انڪار نہ ڪبوآهي تہ وري منهنجي ماءُ جنهن جي ان وقت عمر پنجاهہ کان بہ مٿي هئي تہ چيائين: ڇري مون چيو پنهنجي دل گهرئي مرد کي ڪڏهن بہ انڪار نہ ڪبو آهي. اها عورت جي فطرت آهي.“

”تنهنجي ماءُ جيئري آهي.“

”نہ سائين 1992ع جي فسادن ۾ مارجي ويئي.“

”very sorry خير تنهنجي دل ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ چاهي تہ....“

”سر آءٌ سچ ايرڻ تائين بہ اوهان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان.“

”Ok پهرين ٻڌاءِ تون ڪيترو پيئنديئن؟ هي تنهنجو ٽيون پيگ آهي.“

”سر آءٌ ٻن کان وڌيڪ ڪونہ پيئندي آهيان. اڄ الائي ڇا ٿي ويو آهي. هيءُ وسڪي ذهن ۽ دل تي تمام آهستي آهستي اثر ڪري پئي. آءٌ گهڻو نہ پيئندس. پر جيترا بہ ڍڪ پيي سگهان مون کي جهلجو نہ.“

”تنهنجي عمر ۾ انسان کي جهلي نہ سگهبو آ!“

”اوهان مون کي انسان سمجهو ٿا يا هڪ عورت يا هڪ ڏکي ڇوڪري جنهن جي بدن تي قدرت اُهي سڀ سامان سينگاري ڇڏيا آهن. جن جي مرد کي ضرورت آهي. ڪهڙي ضرورت هئي قدرت کي جو مون کي خوبصورت سينو ڏنو؟ ڪهڙي ضرورت هئي جو مون کي ٻرندڙ ڏيئن جي لاٽ جهڙيون اکيون ڏنيون. ڪهڙي ضرورت هئي جو قدرت مون کي ڪاري رات جهڙا وار ڏنا. ڪهڙي ضرورت هئي جو مون کي قدرت رس سان ڀريل، رت جهڙا ڳاڙها چقمقي چپ ڏنا جن کي سڄي ڪائنات جي وجود ۾ اچڻ کان وٺي هرڪو چمڻ چاهي ٿو. ڇا رکيو آهي چپن ۾؟ قدرت مون کي hips انهي لاءِ ڏنا تہ مونکي ويهڻ ۾ سولائي ٿئي. پر اهڙا سهڻا ۽ گولائي تي ناهڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي. منهنجي سٿرن ۾ جادو ڀري ڇڏيو اٿس. منهنجي سٿرن جي وچ ۾ جيڪو پيچرو ناهيو اٿس، سو بہ تمام سؤلي ۽ بي حس نموني نهي سگهيو ٿي جنهن ۾ مرد جو عضوو پنهنجو فقط ايترو ڪم ڪري ها جو نئين نسل جي ٻج کي پهچائي، ڪائنات کي مستقبل جي انهيءَ منزل تائين پهچائي ها جيستائين قيامت جو ڏينهن اچي ها. ايتري لذت رکڻ جو مقصد مون پاڳل عورت کي سمجهہ ۾ نہ آيو. اوهين منهنجي ڳالهين منجهان بور تہ ڪونہ پيا ٿيو.“

”نہ بلڪل نہ آءُ توسان سڄي عمر اهڙي ڪچهري ڪري سگهان ٿو.“

”آءُ سمجهان ٿي شايد قدرت کي ڏرتيءَ تي انساني فسادن جي توقع هئي جو ماڻهن جي بدن جي انهن هنڌن تي جتان بدبوءَ بي شمار اچي ٿي اُت لذت جا انبار رکي ڇڏيا اٿس. ملائڪن کي شايد وڏيڪ خبر هئي. اڳوات خبردار بہ ڪيائون. پر واهہ! رنگي رنگ بنايا! پنجابي شاعر وارث هير کي ڳائي امر ڪري ڇڏيو. وارث شاهہ پاڻ تہ هير ماڻي نہ سگهيو پر مرداني تصوراتي لذت پنجابي ادب کي شاهڪار ڏيئي ڇڏيو. وارث شاهہ بہ آخر ۾ سمجهيو تہ عورت ڇا آهي؟ سندس هڪ بيت آهي: جدون رن هوئي ديال مُوت دا پاندا دي دي هي! يعني جڏهن عورت راضي ٿئي ٿي تہ اُهو ٿانو

مرد کي ڏيئي ٿي جتان مُٺي ٿي. آءٌ توري unsophisticated ٿي ويئي آهيان. مون کي معاف ڪجو مون کي ائين ڳالهائڻ نہ کپي. پر جڏهن آءٌ پاڻ کي انسان سمجهندي آهيان تہ پوءِ اهو بہ منهنجو حق آهي تہ آءٌ سڀ ڪجهہ ڳالهايان. مون کي ڪنهن ڪنهن مهل مرد پيٽ چوت لڳندا آهن. آءٌ کين يعني مردن کي اهڙيون گاريون ڏيندي آهيان جو شايد مرد بہ اهڙي زبان استعمال نہ ڪندا آهن.“

گلاب ٿورڙي ماٺ ٿي ۽ وسڪي جو وڏو ڍڪ پري گلاس ٽيبل تي رکي منهن تي آيل ڳنڀيرتا کي مُرڪ سان پاسيرو ڪري، لاٽ جهڙين اکين سان علي بخش خان کي ڏنائين تہ جيئن ماحول ڪجهہ نرم ٿئي.

”سر معاف ڪجو. آءٌ گاريون ڏيندي آهيان. ذري گهٽ هر عورت ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ گاريون ڏيندي آهي. پر منهنجون گاريون شايد مردن کي بہ شرمائين ٿيون. اوهان بُت بڻيو ويٺا آهيو. مون کان ڇو نٿا پڇو تہ آءٌ ايتري ڪڙي، ڪساري ۽ گاريون ڏيندڙ عورت ڇو آهيان؟

”آءٌ خاموش انهي ڪري آهيان جو آءٌ توکي ٻڌڻ چاهيان ٿو.“

”نہ! مون کي رڳو ٻڌو نہ پر مونکان پڇيو بہ. جيترو منهنجو قد ڊگهو آهي اوترن واقعن سان منهنجي ذهن جي خرزين پريل آهي.“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو.

”بک لڳي آهي؟“

”ها ساڳيا ڪباب ۽ چپس کائيندس.“

ٿورڙي دير ۾ گلاب جي اڳيان ڪبابن جي پليٽ هئي ۽ علي بخش خان جي اڳيان چڪن نگيٽس ۽ چپس هئا.

”مون کي ڪباب ڏيئي ويو.“ گلاب کلي چيو“ ڪنهن ٻڪر جو گوشت! اسان جي نصيب ۾ نر جو گوشت ئي لکيل آهي.“

”خير نر ۽ اُن جو گوشت اوهان سان پهرين ڏينهن سان لاڳو آهي ۽ قيامت تائين پيو هلندو. قانون قانون آهي. انهيءَ کي ڇڏ_ مون کي پهرين اهو ٻڌاءِ تون ايتري ڊگهي ڇو آهين. آءٌ ڀانيان ٿو تہ تون سڪس پلس تہ

هوندين؟“

”ها ڇهه فوٽ هڪ انچ! آءُ عام ڇوڪري يا عام عورت پيدا نه ٿي هيس. پر حالتن مون کي دربدر ڪري ڇڏيو. هاڻ انٿرو پالاجيءَ ۾ ماسٽرس ڪيل اٿم. هالينڊ جي هڪ يونيورسٽي ۾ داخلا ملي وئي اٿم. نيڪسٽ سڪس منٿس ۾ مون کي جوائن ڪرڻو آهي. Ph.d ڪندس.“

”ها پر ڇهه فوٽ هڪ انچ؟“ علي بخش مُرڪي پڇيو.

”منهنجي ماءُ به ڊگهي هئي پر هوءَ پوٽا ڇهه فوٽ هوندي. اسان جو اباڻو ڊنڊو مارڪيٽ ۾ عام گهٽين ۾ پلا مڇيون وڪڻڻ هوندو هو. اڄ کان ٽيهه چاليهه سال ۾ ان کان پهرين منهنجي ماءُ خورشيد ساٿياڻي شهر ۾ مشهور هوندي هئي پهرين جوانيءَ جي ڏينهن ۾ شهر ۾ بلئرڊ روم ۾ ختم ٿيل ڪراچي هوٽل جي سامهون ٺهيل مڇي ۽ گوشت مارڪيٽ ۾ هڪ ٿلهي تي ويهي پلا وڪڻندي هئي. ساڻس ڪي گراهڪ مذاق به ڪندا هئا ته انهن کي گاريون به دل تي ڏيندي هئي. مردن کي چوندي هئي ته ماٺ ڪري هليو وڃ نه ته جيئن ڪيرو پلو چيريو اٿم تيئن تيئن جوٽهين جا چَڏا چيري هٿ ۾ ڏيندي سائين. منهنجي ماءُ تمام سهڻي هئي رنگ ڇليل بادامي جهڙو هوس.“

”پوءِ تون ائين ميرانجهڙي آهين يا تنهنجي ماءُ توکي پنهنجو رنگ نه ڏنو؟“

گلاب وسڪيءَ جو چوٿون پيگ خالي ڪيو ۽ علي بخش خان ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”تون پنهنجو پيگ ناهي!“

”اوهان به ونو نه سر.!“

”آءُ ونان ٿو. هاڻ توسان هلي نه سگهندس. آهستي آهستي سان ساٿ ڏيندس. نه ته تنهنجون ڳالهيون سجڻ نه ٻڌي سگهندس.“

”مردن واري ٻولي ڳالهايو پيا _“ ”گلاب عورت وانگر مرڪي چيو.

”ٻولي ڇڏ _ تنهنجي ماءُ توکي پنهنجو رنگ ڇو نه ڏنو؟“

”منهنجي ماءُ مون کي پنهنجو رنگ ڇو نه ڏنو؟ مون گهڻائي دفعا پڇيو هومانس. جڏهن منهنجي عمر ڇهه ست سال هئي درياهه تي روز ويندا

هئاسين امان مون کي چولولاهي ڪلاڪ بہ پاڻيءَ جي مٿاڇري تي جهلي بيٺي هوندي هئي. پاڻ بہ ڏُن تائين پاڻيءَ ۾ هوندي هئي. ائين تارن جهليل پلن جو سودو ڪندي هئي. آئي ويئي کي سندن حيثيت مطابق پئي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هئي. گهٽائي مهاڻا ساٽس چرچا ڪندا هئا تہ خورشيد تو وارو مڙس ياڙيو توجهڙي جاني زال کي ڏڪي نہ ڪري سگهيو. امان ورنديءَ ۾ چوندي پهرين پنهنجي زال جي سٿرن تي صبح جي هٿ لائي ڏسندو ڪر تہ چنبڙيل کک تنهنجي آهي يا فلاڻ هوٽل جي مالڪ جي! بابا مانيٽي طبيعت جو هوندو هو ۽ امان کان ڊڄندو بہ هو. هو بہ پلن جي مياڻي تي ٺيڪيدارن وٽ ڪم ڪندو هو. اسان جو پنهنجو ساٿين جو پاڙو هوندو هو. اجا بہ شايد هجي. اسان جو گهر ميرن جي واري کان ساٿين جي پڙ ۾ هوندو هو. عَلم شايد اجا تائين لڳل آهي. پنهنجي ڪاروبار جي حساب موجب سُکيا ۽ آسوداهوندا هئاسين. مون اباڻو ڏنڏو نہ ڪيو آءُ پهرين نولراءِ تاراچند هوپفل اسڪول ۾ پرائمري پڙهندي هيس ۽ پوءِ پاڙي جي سامايل چوڪرين سان وومنس ٽريننگ ڪاليج جي اسڪول ۾ پنجون ڇهون ۽ ستون درجو پڙهڻ ويندي هيس. انگريزي سنڌي ۽ اردو ٽنهي زبانن جي چڱي ڄاڻ هوندي هئي. جڏهن منهنجي عمر چوڏهن پندرهن سال تي تہ آءُ ”گهر ۾ پاڙي جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي ٽيون بہ پاڙهيندي هيس.“

”اهو گهر___؟“

”هان اسان جو ناهي.“

”اهو پاڙو؟“

”هاڻ اسان جو ناهي.“

”اهو ميرن جي زماني وارو علم ۽ پڙ؟“

”اهو علم, عباس علمبردار جي نشاني اُتي موجود آهي. هاڻ بڌندي آهيان تہ محرم ۾ پاڙي جا رهاڪو جيڪي هاڻ ٽڙيل پکڙيل ۽ پنهنجن گهرن منجهان ٽڙيل آهن ۽ چوٿين پنجين محرم تي پڙ بہ سينگاري, امام جي ياد ۾ ڪيندا آهن.“

”اوهان جو گهر اوهان جو چونہ آهي؟“

”شهر جي فسادن ۾ منهنجي ماءُ جنهن جو شينهن جهڙوجگر هو سا تني پئي ۽ فسادن کانپوءِ سال اندر گذاري وئي. آءٌ فسادن کانپوءِ ڇهہ سال سرڪاري اسپتال ۾ هيس ۽ امان گهر ۾ بيمار پوءِ پاڙي جي لوڪل فسادين ۽ دهشتگردن جي مقرر ڪيل اڌ کان گهٽ قيمت تي، هڪ ڪانياواڙيءَ کي گهر وڪڻي ڇڏيوسين. آخري ڏينهن منهنجي پاءُ کي بہ عشا جي نماز مهل گهر ۾ گهڙي، دهشتگردن اڱڻ ۾ ڪٽ تي ليٽيل نوجوان جي سيني ۾ سڄي ڪلاشنڪوف خالي ڪئي. امان نماز پڙهي پئي. آءٌ اسپتال ۾ هئس. جاويد همت ڀريو قدآور نوجوان هو. ڪيس رنگ روپ پنهنجي ماءُ جهڙو مليل هو. امان، نماز ڇڏي اچي تڙپندڙ جوان پٽ جي مٿان بيٺي! هو اڳيئي ئي ختم ٿيل عورت هئي.ڪيئن بيٺي، پنهنجي جوان پٽ جو ساهہ ويندي ڏٺائين ۽ پوءِ ڏٺائين تہ جاويد جو رت ڪٽ هيٺان وهي، در کان ٻاهر ڪسيءَ ۾ وهڻ لڳوءِ ڳاڙهاڻ شهر جي مين روڊ تي ڪاسائين جي پڙ تائين اچي پهتي آهي. ان کانپوءِ منهنجي ماءُ وڏيڪ جي نہ سگهي. مون کي پاءُ ۽ ماءُ جي ختم ٿيڻ جي سال ڪن کانپوءِ خبر ملي.“

”ڇو اسپتال ۾ ڪو ملڻ ڪونہ ايندو هو ڇا؟“

گلاب ٿهڪ ڏنو: ”آءُ اسپتال ۾ ڪانہ هيس“

”پوءِ ڪٿي هئين؟“

”آءُ ڏيڍ سال مينٽل هاسپيٽل ۾ هيس جنهن کي عام طور اسين چرين جي اسپتال چوندا آهيون. مون کي رحمان بہ اتي مليو.“

”اهو بہ چريو هو ڇا؟“

”نہ سندس ڪو دوست ذهني بيمار هو انهيءَ کي ڏسڻ ايندو هو. هو ويو هليو تہ مونسان ملڻ ايندو هو.“

”هينئر تنهنجي عمر ڪيتري آهي؟ I am sorry! مون کي عورتن کلان عمر پڇڻ نہ کپي؟“

گلاب وسڪيءَ جو هڪ وڏو ڍڪ ڀريو: Why you feel sorry!

I don't know whether I am woman! اسان جي سوسائٽي سمجهي ٿي تہ عورت کي قدرت صرف sexual intercourse لاءِ ٺاهيو آهي. عورت جا ٻُبا نئين, انسان جي لاءِ غذا نٿا پيدا ڪن پر مرد جي شهوت کي جاڳائڻ جو ذريعو آهن They are bastard _ معاف ڪجو آءٌ پنهنجي زبان ڳالهائڻ لڳي آهيان. I am also bastard. My mother told me Yes sir, I am bastard! مون سويل ٻڌايو نہ تہ امان کان پڇندي هيس تون چليل بادام جهڙي ۽ آئون سنڌوءَ جي ميرانجهڙي پاڻيءَ جهڙي- چو؟ نيٺ هڪ ڏينهن مون کي ٻڌائين تہ آءٌ ڪنهن جي ڌيءَ آهيان. بابا ٺيڪيدار وٽ ڪم ڪندو هو. اُن هڪ ڪينيا مان پڳل ڏوهي شيدي نوڪري ڪندو هو. رنگ اونڌاهي رات جهڙو هوس. قد امان چوندي هئي تہ چوڪري توکان بہ مٿي هوس. بدن ڪاري لوهہ جو ٺهيل. اکين ۾ بيجان ۽ بي ست ماٺڪيون هونديون هيس. بابا پنهنجي ڪاروبار لاءِ پلن جو ٽوڪرو پري روز منجهند ڪانپوءِ امان کي موڪليندو هو ۽ امان وري پلن تان گند سند ۽ مٿي صاف ڪري ٽوڪري ۾ رکندي هئي تہ جيئن ٻئي صبح جو مارڪيٽ ۾ ڪٽي وڃي. اهو ڪارو جيستائين امان پلا ڳٽي رکندي هئي, تيستائين گوڏ ٻڌي سنڌوءَ ۾ وهنجندو هو. هڪ ڏينهن امان ڏٺو تہ هن جي گوڏ کلي ڪري پئي هئي جنهن کي هو ڪارو ڪٽڻ لاءِ جهڪيو پئي امان کي انهي ڪاري جي ڊگهي ۽ مضبوط مرداني عضوي ٿتڪائي وڌو ۽ پوءِ امان چوندي هئي تہ انهي حرامي ڪاري سان, سنڌو جي ڪناري ايندڙ چولين ۾ ڪجهہ ڏينهن اچو منهن ڪيم. هو ڪارو روبوٽ وانگر خاموش ۽ ميڪانيڪل انداز ۾ ٻئي ڪنهن جي پرواهہ نہ ڪرڻ ڪانسواءِ امان جي جيءَ جي اندر الائي ڪيترو هيٺ هليو ويندو هو ۽ امان چوندي هئي تہ مٿي جو وزن بہ ڪنهن سانڊ جهڙو هوندو هو ۽ ڪم لاهي چپ چاپ درياهہ جي پاڻي سان عضوا ڌوئي, گوڏ ٻڌي, بنا ڪنهن ڳالهہ ٻولهہ جي بوچڻ ڪلهي تي رکي ڪنهن نر جانور وانگر هليو ويندو هو. امان کي سندس نالي جي بہ خبر نہ هئي. امان کيس ڳاريون ڪونہ ڏيندي هئي.

هڪ دفعي چيائين اهو ڪارو جانور پنهنجي ماديءَ کي اهڙي لذت ڏيندو هوجيڪا شايد قدرت خلقي هئي. بابا لاءِ چوندي هئي پاڙيو مرد هو. الائي ڪيئن عورت ۾ داخل ٿيندو هو کيس سڄي عمر چمي ڏيڻ بہ نہ آئي. آءُ بہ زال جو فرض پري سور سان ادا ڪندي هيس. سڄي عمر جي هڻ هٽان منجهان هڪ پٽ جو ٻج الائي ڪيئن منهنجي اندر ۾ وجهي سگهيو.“

"Madam you are going toward pornography!"

Is it human relationship?

“Sir! every truth is always labeled porno."

”آئون مختلف مرد آهيان پاڻ کي Pornoکان پاسو ڪرڻ کپي!“

Sir, I have also been converted in to a different woman by this male society. Please let me vomit out. I shall be grateful. If allow me to describe woes of a woman.

”آءُ اوهانجي اڳيان ويٺي آهيان منهنجو سمورو جسم عورت جو آهي پر آءُ ذهني طور عورت ناهيان. پاڻ کي عورت محسوس ئي نٿي ڪريان تہ هڪ مرد جي اڳيان ويٺي آهيان ۽ چار پيگ وسڪي جا پي Please be a civilized man and listen me!

”بڪ لڳي هجي تہ ماني کائو؟“

”نہ بڪ نہ آهي. بس چيس گهرائي وٺو. اگر ڪباب بہ هجن تہ بهتر ٿيندو.“

”تنهنجي ماءُ چڱو ڪم ڪيو جو هڪ ڪينيا جي ڪاري سان ستي؟“

”الائي مون کي خبر ناهي. پر اهو ڪارو کيس آخري ڏينهن ۾ بہ ياد هوندو هو. ڪنهن نہ ڪنهن بهاني اُنهي سانڊ جهڙي ۽ اونداهہ رات جهڙي ڪاري جو ذڪر اسان جي گهر ۾ پيو هلندو هو. بابا کيس گاريون ڏيندو هو تہ حرامي سيٺ جا ۽ سندس ڪجهہ پئسا ڪٽي يچي ويو ۽ امان کيس گاريون ڏيندي هئي تہ مئو بي شرمو بي حيا هوندو هو. گوڏ ايڏي ننڍي ٻڌندو هو جو ڪنهن زال زنب جو بہ خيال نہ ڪندو هو. امان چوندي هئي تہ هن

حراميءَ کي اهو احساس ٿي شايد ڪونہ ٿيندو هو تہ هو ڪنهن زال سامهون بيٺو آهي ۽ گوڏ کي سولو ڪري ٻڏان. مٿي جا وسلا پيا نظر ايندا هئا چڙ ڪا سڙيل ڪاٺي! امان ا هي لفظ چئي ويندي هئي پر جڏهن آءُ ساماپس تہ سمجهڻ لڳس تہ امان انهن بد شد اکرن مان بہ لذت محسوس ڪندي هئي. منهنجي پيءُ شايدکيس ڪڏهن جنسي سک نہ ڏنو هو.“

”هاڻ ڳالهہ کي تورو موڙ ڏيون.“

گلاب نشي پريل اکيون کٽي کيس ڏٺو.

”ڪهڙو موڙ؟“

”تنهنجي ماءُ لاءِ چئين ٿي تہ اُن کي جنسي لذت جو پورو احساس هو_ پر پنهنجي لاءِ تنهنجو رويو مرد ڏانهن تمام Negative آهي. اهو تضاد ڇو؟“

گلاب ڪجهہ ساعتن لاءِ ماٺ ٿي ويئي_ ۽ گلاس کڻي اڌ کن پي ويئي. علي بخش خان سندس هٿ کي روڪيو ۽ گلاس وٺي اڳيان ٽيبل تي رکيو. گلاب جي بدن جو گرم ڇهاءُ سندس بدن ۾ ڦهلجي ويو.

”تڪڙ نہ ڪر. آهستي آهستي وسڪي پيءُ. اجا پاڻ کي گهٽو ڳالهائڻو آهي.“

”آءُ“ صبح تائين ڳالهائڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي گهٽو پيئڻ بہ نہ ڏيو. مون پنهنجي زندگي ۾ ايڏي سٺي وسڪي ۽ ايتري مقدار ۾ ڪڏهن ڪونہ پيتي آهي. مون کي گهٽو پيئڻ نہ ڏيو؟“

”منهنجي نيت کي نارمل سمجهہ. پر اهو ٻڌاءِ مرد تہ تو وانگر انسان آهن. تون پنهنجي ماءُ جي برعڪس ڇو آهين؟“

گلاب خاموش ٿي ويئي.

”ڳالهاءِ“

”مون کي ڳالهائڻ ۾ ڪو شرم حيا نہ آهي. منهنجا قصا تہ اخبارن ۾ ڇپيا هئا. ملڪ جي راڻيءَ اڳيان پنهنجي بربادي جو داستان ٻڌايو هو. هن جي اکين مان لڙڪ وهي آيا. هينئر منهنجي عمر چوٽيهہ ورهيہ پوري ٿي

آهي ۽ پنجتيهون سال شروع ٿيو آهي. اج کان تيرهن سال پهرين شهر ۾ فساد شروع ٿيا. منهنجي عمر ويهه ٻاويهه سال کن هئي آءُ پاڙي جي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي پنجن ڇهن سالن کان سنڌي اردو ۽ انگريزي پڙهائيندي هيس ۽ سڄي پاڙي جا ٻار مون کي آپا چوندا هئا. اسان جا پاڙي وارن سان تعلقات ايترا سٺا هئا جو نياڻيون ڏيون بنا خوف جي هڪ ٻئي وٽ ايندي ويندي هيون. هاڻ مون کي پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائڻ لاءِ ڪپڙا لاهڻا پوندا.“

گلاب پنهنجو چولو مٿي ڪيو. علي بخش خان ڪيس روڪيو.

”نہ ڪپڙا نہ لاهي، زبان سان سڀ بيان ڪري سگهين ٿي!“

”زبان ڇا بيان ڪندي!“ گلاب جي اکين منجهان لڙڪ وهي آيا. اکين جون وٿيون جڻ لڙڪن سان ڀريل هيون ۽ اُتلي پيون. زهر جهڙي مرڪ بہ سندس چهري تي ڦهلجي ويئي ۽ وسڪيءَ جي گرمائش بہ محسوس ٿي پئي.

”پهريان مرد آهيو جو عورت کي اگهاڙو ڏسڻ نٿا چاهيو؟“

”نا! اهڙي ڳالهہ نہ آهي. الائي ڪيتريون عورتون اگهاڙيون ڏٺيون اٿم. پر تون اگهاڙي ٿيڻ لاءِ هت ڪونہ آئي هئين؟“

”نہ بلڪل نا!“

”پر منهنجي ڪهاڻيءَ ۾ اگهاڙو ٿيڻ ضروري آهي.“

”پهرين ڪهاڻي ٻڌاءِ_“ علي بخش خان حيرت منجهان چيو.

”هڪ رات جڏهن شهر ۾ ڪرفيو هو. اسان کي ٻڌايو ويو هو تہ دهشتگرد گهرن تي حملا ڪندا. گهر خالي ڪري وڃو. سڄو پاڙو خالي ٿي ويو. بابا اڳ ئي گدوءَ ۾ درياهہ تي هو. اسين ٻئي ماءُ ڌيون گهر ۾ هيوسين. منهنجو ڀاءُ بہ نوابشاهہ ڏانهن ويل هو. امان پاڙي تي ڪاوڙيل هئي تہ ائين پنهنجا گهر خالي ڪبا آهن ڇا؟ پنجاهہ سالن کان گڏ وينا آهيون. ڪلمي پائي آهيون. ٻپ ڇا جو_ پر خبر تڏهن پئي جڏهن ڪلمي پائين، ڪلمي کي ڪرفيو لڳل سڙڪ تي ڇڏي، باقي پائي پاڻ ڪلاشنڪوفن سان اندر گهر ۾ ڪاهي پيا. چار ڄڻا هئا. بہ وڏا مرد ۽ بہ ڇوڪرا مون کان بہ ننڍا،

هڪ تہ منهنجو شاگرد هو ۽ مون کي آپا سڏيندو هو. ٻن مردن منهنجي ماءُ جي وارن ۾ هٿ وڌو ۽ کيس رائفل جي ٻٽ سان اڌ مئو ڪري وڌو ۽ هوءَ فرش تي ڪري پئي. آءُ ڏسان پئي منهنجي ذهن ۾ سڄي بدني سرشتي ۾ خوف بجلي وانگر ڦهلجي ويو. مون کان اُن وقت رڙ نڪتي جڏهن منهنجي شاگرد منهنجي اڌ هوش ۾ فرش تي پيل ماءُ جو چولو ڦاڙيو ۽ هٿ سان چڪي بريزر کي ڪپڙي جي ٽڪري جيان ڦاڙي ڦٽو ڪيو ۽ منهنجي ماءُ جا ٻبا پريشان حال ۾ ڪجهہ لڏي هڪ هنڌ بيهي رهيا. امان جي عمر پنجاهہ کان مٿي هئي پر اجا بہ مڪمل عورت هئي. مون کان رڙ نڪري ويئي. "ببلو تم ہي؟ مين تمهاري آپا هون يہ ميري مان هي" ببلو سان گڏ جيڪو ٻيو ڇوڪرو هو سو مون ڏانهن وڌيو جيڪا بندوق سندس هٿ ۾ هئي سان منهنجي پٺن ۾ ڪنڌ تي اهڙي زور سان هنيائين جو آءُ ٽابڙجي ڪري پيس مون کي چڪر اچي ويا ۽ اکيون جڙ بند ٿيڻ لڳيون. ڪجهہ ساعتن کانپوءِ مون اکيون کوليون تہ اڳڻ جي ڪنڊ ۾ مون کي امان جي سٿڻ نظر آئي ۽ امان جون هلڪيون ۽ ٻي ست رڙيون وراندي ۾ پيل ڪٽ تان آيون پئي هڪ ٻي ٻڍولو پيٽچوت مرد منهنجي ماءُ جي مٿان سوار هو ۽ امان هيٺ مڇيءَ وانگر ڦٽڪي پئي. وات مان گاريون ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي پر سندس سڄي بدن ۾ طاقت نالي ڪا شئي نہ هئي. ٻيو مرد مٿان بيٺو هو. ان مهل مون محسوس ڪيو تہ فرش تي پيل آهيان پر منهنجي سٿڻ ڪو ڇڪي لاهي پيو. مون اکيون کولي ڏٺو تہ ببلوءِ سندس ساٿي منهنجي سٿڻ کي ڇڪي لاهي چڪا هئا. ڇوڪرا هئا ڇوڪرا هئا. سيڪڙاٽ! گهٽو ئي منهنجي مٿان زور ڏنائون پر آءُ سگهہ واري ۽ ڪنواري ڇوڪري هننجي زور کان ڏاڍي هيس. منهنجي بدن کي کولي نہ سگهيا. گهٽيون ئي ٽڪون ٻڪون هنيائون. پر ببلو پنهنجي آپا جو ڪنوارپڻو ختم نہ ڪري سگهيو. آخر اهو مرد جيڪو منهنجي ماءُ جي پرسان بيٺو هو سو آيو. ڇورن کي بہ گاريون ڏيئي کين هٽائي، مون کي بہ ٽي زوردار ٿڦڙون هٽي، سندس واهيات، ٻيڙو ڏڪندڙ مرداڻو عضوو منهنجي سٿرن جي وچ

۾ رکي، اهڙو زور ڏنائين جو مون کان رڙ نڪري ويئي ۽ سندس عضو سڄو چاقو وانگر اندر گهڙي ويو ۽ آءُ سڄي رتورت ٿي ويس. ڪافي دير ڪانپوءِ اٿيو ۽ مون کي وري ٺڏڙون هڻي ۽ بندوق سان مٿي ۾ ڌڪ هنيائين جڏهن آئون بيهوش پئي ٿيس ۽ آخري لفظ اهي ٻڌم ته هاڻ رستو ڪلي ويو آهي ۽ جلدي ڪري پنهنجو ڪم لاهي ونو. پوءِ ڪلاڪ کن آءُ سجاڳ ته هيس پر مون ۾ ست ڪونه هو جو چُري پري سگهان. ڪوبه احساس ڪونه هو. رڳو عذاب ئي رهيو هو. جنهن کي مون ڏنو پئي پر محسوس نه پئي ڪري سگهيس. حرامي چورن جي جهٽڪن هيئنان عذاب پئي سنم ۽ ڪنن ۾ امان جون آهون ۽ روئڻ جا آواز پئي آيا. اها به ٻنهي مردن جي استعمال هيٺ هئي ايتري ۾ هڪ منهنجي ٻبن کي اٽي وانگر ڳوهيو ۽ مون کي خبر ناهي ڇا ڪيائين جو مون محسوس ڪيو ته منهنجو سڄو بدن باهه جي ور چڙهي ويو ۽ آءُ بيهوش ٿي ويس. ايتري ۾ رينجرس جي گاڏين جا آواز آيا ۽ هي هوائي فائر ڪندا ڀڄي ويا ۽ ٻئي ڏينهن جڏهن مون کي هوش آيو ته آئون ۽ا مان سول اسپتال ۾ داخل هيونسين امان کي مٿي ۾ بندوق جا ڪنداڪ لڳل هئا ۽ ڪيس پورو هوش ڪونه هو ۽ مون کي به ڪجهه جاڳ ٿي. سڄو بدن بخار ۽ سور ۾ ورتل هو. مٿي تي پٽي ٻڌل هئي. منهنجي پرسان ٻبلو جي پيءُ ۽ ماءُ، پيءُ ۽ منهنجو پيءُ ٻيٺل هو. ٻبلو جي ماءُ چوڻ لڳي: "ڏيءَ اُهي بدمعاش الائي ڪهڙي پاڙي جا هئا. اسان ته وڃي رينجرس کي اطلاع ڏني ۽ انهن جي اچڻ تي ڀڄي ويا. آءَ ڪجهه به ڳالهائي نه سگهيس ۽ محسوس ڪيم ته ڪاٻي ٻبي تي به ڊريسنگ ٿيل آهي. هٿ لاٿم ته سور ۽ پٽيءَ ڪانسواءِ ڪجهه به محسوس نه ٿيو. هاڻ آءُ وسڪي پيان؟"

علي بخش خان اڌ گلاس کان گهٽ وسڪي ڏني ۽ هوءَ هڪ ڍڪ ۾ پي ويئي:" بدمعاش بي حيا، انسانيت جا وحشي، ڪچر، سوئر، پاجوڪڙ، بي غيرت ۽ انهيءَ چوري جي ته آءُ پيٽ هئس! عورت کي عذاب ڏيئي سگهجي ٿو پر پيٽ کي ته عزت ڏبي آهي پر هاڻ مون سمجهيو آهي ته مرد لاءِ عورت فقط عورت آهي!"

علي بخش خان محسوس ڪيو پئي تہ گلاب آهستي آهستي انساني ۽ خاص ڪري عورتاڻي ساڃاهہ جي حد اُڪري پئي.

”هاڻ وڏيڪ نہ پيو- تنهنجي ذهن مان برداشت ڪيل عذاب وهي ٻاهر نڪري پيو. عذاب سهي بہ زندگيءَ کي هڪ نئين انداز ۾ گذارڻ گهرجي.“

”منهنجي ذهن ۾ جيڪي عذاب آهن سي تہ زبان رستي ٻاهر اچن ٿا. آءٌ Communicate ڪري سگهان ٿي. Convey ڪري سگهان ٿي. پر هنن ڪپڙن هيٺان جيڪي مستقل عذاب جا نشان آهن تن مون کي انسان ذات کان ۽ انسان ذات جي محبت جي جذبن کان ايترو پري ڪري ڇڏيو آهي جو ڪڏهن مون کي پنهنجي لڱن ۽ وجود مان اڻ سُهندڙ بوءِ ۽ نفرت محسوس ٿيندي آهي.“

علي بخش خان گلاب کي گهوري ڏٺو. هوءَ ڪيس هڪ عجيب مخلوق نظر آئي پئي. منجهس روايتي عورت جو ڪو روپ نہ پئي محسوس ٿيو ۽ خاص ڪري اها جوان عورت ۽ اها لبرل عورت. اها انٿراپالاجيءَ ۾ پوسٽ گريجوئيٽ تہ بلڪل نظر نہ پئي آئي. پيو تہ ڇڏجي ڪٽي ڪا ٻهراڙين جي اڻ جاڻ اڻ گهڙيل عورت جهڙي بہ نہ پئي لڳي. نڪا ڪنهن اهڙي پروفيشنل عورت وانگر جيڪا ڊارئي مرد اڳيان چار پئگ وسڪي جا پي ويٺي هجي. گلاب هڪ عجيب مخلوق لڳي پئي جيڪا Outer Space مان زمين تي لٿي هجي.

علي بخش موضوع بدلايو: ”پر هاڻ تہ وسڪي تنهنجي سموري لڱن ۾ گردش ڪري پئي ۽ اُنهيءَ ۾ خوش بو محسوس ٿيندي هوندي جيڪا عورت جي لڱن مان نڪرندي آهي.“

گلاب ٿهڪ ڏنو ۽ پهريون ڀيرو علي بخش محسوس ڪيو تہ هن جي اها ادا نج عورتن واري هئي.

”بُو يا خوشبو! الائي چا آهن. سچ پڇو مون انهيءَ بابت ڪڏهن سوچيو بہ نہ آهي. مون کي منهنجي بدن مان ڪڏهن پگهر جي

خوشبو محسوس ٿيندي آهي. اُن وقت آءُ سمجهندي آهيان تہ انسان جي جسم مان اها شايد نيچرل فليور ظاهر ٿئي ٿي. “

”جي اوهان ناراض نہ ٿيو تہ هڪ پئگ پيو ناهيان. “

”وسڪيءَ خوشيءَ سان پنهنجن يارن، دوستن ۽ دل گهرين کي پيار ٻي آهي. پر آءُ سمجهان ٿو تو چار پئگ پيتا آهن. "Is it not enough?"

”خان سائين سچ چوان ٿي تہ آءُ هڪ ڏيڍ پئگن کان وڌيڪ نہ پيئندي آهيان سو بہ ونس ان اي بلو مُون! پر اڄ الائي چار کان بہ وڌيڪ پئگ پيئڻ ڪانپوءِ بہ مون کي نشو نہ چڙهيو آهي. نارمل محسوس ڪريان پئي. اوهان بہ ائين محسوس ڪريو پيا نہ؟ باقي منهنجي زبان تي نہ وڃجو. آءُ ڏينهن ڏٺي جو هر انهيءَ ماڻهو کي گاريون ڏيئي چڙنيدي آهيان جيڪو گارين جو لائق هوندو آهي. اهڙن ماڻهن کي گارين ڏيڻ جو مزو ئي اوڙ آهي. “

علي بخش خان، گلاب لاءِ پئگ ٺاهيو.

”هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ؟ ۽ سچ ٻڌاءِ؟“

”اوهان پڇو؟ مون وٽ سچ ئي سچ آهي. ڪچ کي تہ حرامزادن پرزا پرزا ڪري ڇڏيو هو. “

”هي اڄ ڪجهہ وارداتون ٿين پيون خاص ڪري پنهنجن ماڻهن جون، مثال طور شڪارپور، ٺٽي ۽.....

”اڄ شايد حيدرآباد ۾ بہ..... “

توکي خبر آهي تہ ڇا ٿيو هوندو؟ “

”رحمان ٻڌاير پئي تہ سنڌ جا پنهنجا ويري سنڌ کي تباهہ ڪن پيا. تن کي تباهہ ڪرڻ جو ڪو منصوبو آهي. “

”اوهان ٻئي انهن تباهہ ڪرڻ وارن ۾ شامل آهيو. “

گلاب علي بخش خان کي ڏنو: ” نہ! اسين ٻئي شامل نہ آهيون. ڪجهہ مٺي ڦريل نوجوان آهن جن جي چؤطرف دونهون ڦهليل آهي. “

”دونهون؟ مون سمجهيو نہ! “

دونهون! It's a form of a mask or disguise! ڪو ڪيميڪل

اٿن جيڪو سندن وجود کي ويڙهجي چؤطرف ماحول کي سڃاڻپ کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو. هو پنهنجو ڪم ڪن ٿا ۽ گم ٿي وڃن ٿا. توهان سمجهندا هوندا آءٌ ۽ رحمان انهن سان گڏ آهيون.“

”آءٌ سمجهان ٿو!“

”وسڪيءَ جو قسم اها ڳالهه صحيح ناهي. اهي نوجوان آسمان تان لٿا آهن. خبر ناهي! انهن جا لڱ رُڪ جا نهيل آهن. مٿي منجهان سندن ذهن نڪتل آهن. اکين ۾ يا ته رت پريل اٿن يا رت جهڙي ڳاڙهاڻ آهي. سندن مٿا خالي نه آهن مٿي ۾ ڪي خاص Device لڳل آهن ۽ ريموٽ ڪنٽرول تي به ڪم ڪري سگهن ٿا. سندن ذهن ۾ ڪو پروگرام فيڊ ٿيل هوندو آهي.“

”تون آرنولڊ شوارزنگر جي Terminator ڪئريڪٽر جو ڳالهيون ڪرين پيئي.“

”اچ ڪهڙو پروگرام هو؟“

”مون کي خبر ناهي. پيو ته آءٌ انهن دونهاٿيل نوجوانن جي پروگرام جو حصو ناهيان.“

”رحمان؟“

”اهو به ناهي. پر هي سڄاڳ ۽ دردوند انسان وانگر اسين پروگرام جا حامي ٿي پيا آهيون. اوهين نه آهيو؟

”آءٌ پنهنجي ملڪ جي ڀلي خاطر اهڙن پروگرامن کي خراب نظر سان ڪيئن ڏسان“ منهنجي دل جڏهن منهنجي ملڪ ۾ انڌير کي وڌندو محسوس ڪندي آهي ته لڱن منجهان اينڊڙ رت کي accept ڪرڻ گهٽائي ڇڏيندي آهي، جنهن کي ڊاڪٽر ڪولسٽرول چون ٿا ۽ ذهن کي به گهٽ رت ڏيئي ٿي. هاضمي لاءِ پورو رت نٿي فراهم ڪري مون کي دوائون ڪاٽيون پون ٿيون.“

”انهيءَ جي معنيٰ ته هي جيڪو ڪجهه ٿئي پيو تنهن سان اوهين متفق آهيو؟“

”مون کي سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. آءٌ گذريل چاليهہ سال هڪ عجيب ماحول ۾ رهيو آهيان جنهن ۾ نيڪي ۽ بدي ۾ ٻئي عنصر منهنجي احساس ۾ ويڙهيل هئا. وطن سان ۽ ا نهيءَ جي ڌرتيءَ لاءِ پيار اٿم. وطن جي ماڻهن کي ذهن ۽ دل ۾ رکيو اٿم. پر توکي ٻڌايم تہ دل ندوري ٿيندي وڃي. ذهن ۾ سوڙهہ محسوس ڪريان ٿو. انهيءَ ڪري وطن جا گهڻا ماڻهو پنهنجي ڪردار ڪري، ذهن جي لامحدود گنجائش منجهان گهٽ ٿيندا وڃن.“

”جيڪي ماڻهو اوهان جي ذهن جي گنجائش ۾ ماپي نٿا سگهن، دونهاتيل ماڻهو انهن کي يا تہ ختم پيا ڪن يا کين انهيءَ قابل ڪن پيا تہ جيئن هو پنهنجو نيگيٽو رول ادا نہ ڪري سگهن.“

”نيگيٽو رول کي ٿورو بهتر نموني سمجهائي.“

”اسان جا پنجاهہ ۽ سٺ يا ستر جي ڏهاڪن جا اهي نوجوان جيڪي اُن وقت جي قومي تحريڪن ۾ شامل هئا. وطن لاءِ نعرا بہ هڻندا هئا پوليس لاڪپ بہ ڏسندا هئا جيل بہ گهمي ايندا هئا. شهرن جي ڀتين تي وقت جي مطابق Writing on wall جا چٽاءَ بہ لکندا هئا_ سي سڀ يا ڪجهہ سيڪڙو چڙهي، آفيسر ٿي پيا آهن. سي ايس ايس گروپس ۾، ڊاڪٽر ۽ سرجن ٿي پيا آهن. سب انجنيئر کان چيف انجنيئر ٿي پيا آهن. سياسي عنصر کي آءٌ نٿي ڇيڙيان اهي سڀ، گهڻو ڪري وطن جي هيٺين ڪلاس يعني هاري ڪڙمي، پٽيوالي، داروغي، ٽپيدار، رازي، واڍي، حجام اهڙن ئي ڪم ڪرڻ وارن جو اولاد هئا. صفا هيٺيون ڪلاس! هاڻ آفيسر، ڊاڪٽر، سرجن، انجنيئر ٿي پيا آهن اهي بہ ڪم ڪن پيا. هڪ تہ سرڪاري سياستدانن جي Umberalla هيٺان ائين آهن ۽ انهن جا ڪم غلط يا صحيح، ڪن پيا تہ جيئن ترقيءَ جي ڏاڪڻ چڙهڻ جا اهي ئي اصول کين نظر آيا آهن. مون چيو تہ سرڪاري سياستدانن يا ڏاڍن مڙسن جيڪي سرڪاري بہ آهن تہ سرڪاري نہ بہ آهن، تن جي umberalla هيٺ ائين moral or immoral سپورٽ ۽ ساهہ کڻن ٿا جيئن ڪچي ۾ ڏاڙيلن جا اصول آهن يا پڪي تي شهرن ۾ بالي ۾ نهال. نيو هٽي پاڻ کي قوم پرست

سڏائي، انهن زورآور پوتارن جا ماڻهو آهن. الله جا ماڻهو نه آهن. ويچارو وتايو فقير قبر ۾ تڙپندو به هوندو ۽ خوش به ٿيندو هوندو. اهي اسان جا گذريل سالن جا قومپرست شاگرد هينئر لکن ۽ ڪروڙن جا مالڪ آهن. اهي پئسا ڊاڪٽر بيوس بيمارن کان ڦرن ٿا. انجنيئر سرڪاري فنڊس منجهان ٺيڪيدارن معرفت ڪروڙ پتي آهن. ٻيا آفيسر به عام ماڻهن، سرڪاري پئسن ۽ واپاري طبقن کي ڳهن ٿا. اسان کين وطن ۾ غائب مڊل ڪلاس جو خال پرڻ لاءِ همٿايو هو. آس رکي هئي. اهي نوان پوتار هاڻ نه رڳو ڊفينس، ڪئنٽونمينٽ ۽ لنڊن آمريڪا ڪئناڊا ۾ رهڻ جو بندوبست ڪن پيا پر هت وطن ۾ ڪرپٽ سرڪاري سياستدانن کي نوٽن سان پريل بريف ڪيس پهچائي بهتر پوسٽنگ ۽ آئوٽ آف ٽرن پروموشن وٺن ٿا ـ ۽ پنهنجن ماضيءَ جي بهتر ڪامريڊن کي ڪنگال ۽ آزاد سمجهن ٿا. اهي ئي آفيسر آهن جن اسانجي پياري وطن ۾ ايوب خان کان وٺي هاڻ موجود سيد سگوري جي ملٽري آفيسرن کي ناجائز ڪمائي جي مزا چکايا آهن ۽ انهن سان تعلقات وڌايا آهن ۽ انهن سان سوسائٽي ۾ اي ڪلاس ڪلبن، ريس ڪورس، فارم هائوس، وقت جي ٽاپ ماڊلس جي سنگت، بيوٽي پارلرس جي بيوٽي فل مئنجمينٽ ۽ دلڪش آنٽين ۽ سندن ڌيئن سان گڏ نظر ايندا آهن. هڪ نئين دنيا ۾ Utopian اسٽائل ۾ رهن ٿا ـ ۽ جڏهن ڳوٺن ۾ موٽن ٿا ته اُت سندن ڪردار پوتار ابن پوتار جهڙو هوندو آهي. عام ماڻهو ڏينهون ڏينهن وڌيڪ عام ماڻهو ٿيندو وڃي. سنڌ جي مٿان غربت ۽ بيوسي جي چادر ڦهلجي پيئي ـ ۽ اهي ڪامورا يا آفيسر پنهنجن ڳوٺن ۾ به هڪ برتر انسان ۽ مهذب ماڻهو ۽ زورآورن جي سنگت کي يا ته prefer ڪندا آهن يا انهن کي دعوتون ڏيئي، جنگل ۾ منگل ڪن پيا ۽ حڪومت ۾ In سياستدان سندن خاص مهمان هوندا آهن. يا ٻيو ڪو اهڙو سياستدان جنهن جو اثر ڪراچي ـ اسلام آباد ۾ هوندو آهي ۽ پل اهو حڪومت ۾ نه هجي، تن کي به عزت احترام سان سيني جي وچ ۾ بهتر جاءِ تي ويهاريندا آهن. اها انهيءَ ڪاموري جي Future investment هوندي آهي.“

گلاب ڪجهه ساعتن لاءِ خاموش ٿي ويئي. علي بخش خان محسوس ڪرڻ لڳو ته هاڻ وسڪي گلاب جي ذهن ۾ لڳن جي سچي تنتي سرشتي ۾ ڦهلجي ويئي آهي. هن جي ڳالهائڻ ۾ وڌيڪ گهراڻ ۾ رانبوتن جو اثر وڌيو پئي.

سامهون ڀت تي پنجاهه سال ڪن پراڻو ڪلاسڪ وال ڪلاڪ لڳل هو جنهن ۾ لڳل پنڊولم وقت جي رفتار بابت ٻڌائي رهيو هو.

”هاڻ چار پيا لڳن. ماني کائجي ۽ آرام ڪجي.“ علي بخش خان چيو.

”ها پلي! پر هي گلاس ته ختم ڪري وٺان.“

علي بخش خان سمجهيو پئي ته گلاب پنجون پيگ پيئي پئي.“

”تو وسڪي پيئڻ ڪٿان سکي؟“ انهن ڪامريڊ چورن توکي گند سند پياريو هوندو.“

گلاب مُرڪي ڏنو: ”منهنجي عمر مون اوهان کي ٻڌائي. اهي ڪامريڊ به هرعورت سان ياڻ کي مرد جي روپ ۾ ڏسڻ چاهيندا آهن. پر سائين آءُ ته ڏسڻ ۾ عورت آهيان پر منهنجي ۽ سموري بدن ۾ ڪٿ به مرد لاءِ خلقيل عورت موجود نه آهي. ڪامريڊ وبچارا وس هلائي مجبور ٿي ويندا آهن.“

”پوءِ هي وسڪي پيئڻ توکي ڪامريڊن سيکاري؟“

”نه_ اهڙي همت ڪونه اٿن. وسڪي پيئندي مون کي هاڻ ست اٺ سال ٿيا آهن. پنهنجن تعليمي ادارن جي استادن جي گهرن ۾ جيڪي سوشل mixed gatherings ٿينديون هيون ۽ اجا به ٿين پيون اُت زوري سکي آهيان. ڪوڪا ڪولا ۾ وسڪي ملندي هئي. صبح جو اهي استاد ڪلاسن ۾ پڙهائڻ ايندا هئا ۽ سندن زالون گهرن ۾ بيڊرومس ۾ ڊنيون پيون هونديون هيون. گهڻا استاد مون کي ريجهائڻ لڳا پر مون انهن کي به ٻڌايو ته منهنجي ڊڪشنري ۾ Sex نالي لفظ Erase ٿي ويو آهي يا آهي ئي ڪونه.

”اها ڳالهه هاڻ جڻ عام پئي ٿئي يعني فئملي منجهه وسڪي پيئڻ خاص ڪري شهرن ۾ يوتارن جي بنگلن ۾، جام پئسا ڪمائيندڙ آفيسرن جي گهرن ۾ نهيل بار رومس منجهه آفيسرن کي وزيرن ۽ زور آورن

شخصيتن جي خاص ماڻهن جي لاءِ خاص مسواڙ تي ورتل بنگلن ۾ اهي پيار محبت جون صحبتون ٿينديون رهنديون آهن. انهن محفلن ۾ رات وچ ۾ لکن جي وسڪي هلندي آهي. مرڪزي ساليانا صوبائي ڊولپمينٽ پروگرام جو هڪ Chunk اهڙين محفلن تي Different sources ذريعي استعمال ٿيندو آهي. افسوس رڳو اِنهيءَ ڳالهه تي آهي تہ اسان جا ڪامورا، وزير سفير، سياسي شعبده باز دوست ۽ انهن مهمانن جي محفلن ۾ پنهنجين همر شريڪن کي بہ شريڪ ڪندا آهن ۽ ڪي آفيسر ۽ سياسي ماڻهو غيرت وچان يا فئملي روايتن موجب يا زال جي صفا انڪار ڪرڻ تي عارضي يا ڪجهہ مستقل زالون procure ڪندا آهن تہ جيئن محفلن جو ڏيک نارمل نظر اچي. الائجي اسان جي تهذيب ڪهڙو روڊ ميپ اختيار ڪري رهي آهي.

"سر اسانجي تهذيب سيڪنڊري شيءَ آهي. اوهان وس وارا، ساڄاهہ وند ۽ باشعور ماڻهو پهرين اهو تہ ڏسو وطن جي ويجهي مستقبل ۾ ڪهڙو سياسي روڊ ميپ آهي. روڊ ميپ 1991 کان تيار ٿيل آهي ۽ هاڻ انهيءَ تي عمل جي رفتار تيز ٿيندي وڃي پئي. مون کي تہ لڳي پيو يا تہ اسين موجوده سيٽ اپ ۾ سياسي ۽ تهذيبي طور تي assimilate ٿي ويندا سين يا آهستي آهستي روشنين مان نڪري ايڪيهہ صديءَ ۾ هڪ بي aborigin نسل ۾ Reduce ٿي ويندا سين. هي دؤر شايد انساني نسل جي annihiliation جو ناهي."

"هڪ ڳالهہ ٻڌاءِ؟"

"سر پڇو!" گلاب گلاس ختم ڪيو. سندس سڄي بدن ۾ گرمائش تہ هئي پر هلڪي ڏڪٽي پڻ ڪنهن ڪنهن مهل محسوس ڪيائين پئي.

"تون هڪ پرپور عورت آهين ۽ تو سويل چيو تہ Sex لفظ تنهنجي ڊڪشنريءَ ۾ آهي ئي ڪونہ!"

گلاب ٺهڪ ڏنو: "چو سر اوهان جي نيت ڇا آهي. وسڪيءَ جو اثر ٿي ويو آهي ڇا؟"

”نہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ ناهي. آءُ نارمل ۽ پنهنجي اصولن وارو ماڻهو آهيان.“

”اصولن وارا ماڻهو بہ عورت جي جسم جو خال پنهنجي جسم جي ڪنهن عضوي سان پريندا آهن. معاف ڪجو آءُ ڳالهائڻ ۾ سدوري سنڌ جي عورت جهڙي نہ رهي آهيان. ۽ عورت جو جسم هوندي بہ مون ڪي عورت جي جذبن جي چاڻ ناهي. منهنجي ذهن جو اهو حصو degenerate ٿي ويو آهي جت عورت مرد جي جسماني سنگت چاهيندي آهي. منهنجيون اکيون عام عورتن جهڙيون آهن پر انهن ۾ Sex جي چاهت جي ديد نہ آهي. منهنجي دل، منهنجي vagina ڏانهن رت پمپ ڪندي هوندي پر منهنجي لڱن جو اهو حصو بي حس آهي. ڪوبہ احساس نہ آهي. آءُ عورتن توڙي مردن سان ملندي رهندي آهيان. ڪچهريون ڪندي رهندي آهيان. هر مرد منهنجي جسم ۾ پاڻ ڪي سموئڻ جي خواهش ظاهر بہ ڪندو آهي. پر هت سڄي زمين ۾ سمر ڦهليل آهي. هڪ مرد شايد منهنجي دل جي گهرائين ۾ پهچي ويو. پر جڏهن منهنجي جيءَ مان پاهر نڪتو تہ ڪيس ائين محسوس ٿيو جڻ ربڙ جي عورت بہ مون ڪان بهتر هئي ۽ مون ڪي سندس بدن مان نڪتل effluent، آءُ چا چوان انهيءَ گندي گٽر جي پاڻيءَ ڪي، سو ڪريپ جهڙو لڳو ۽ ترت مون هڪ بہ التيون ڪيون ۽ اهڙو ئي پاڻي پنهنجي اندر مان drain out ڪيو ۽ پوءِ محسوس ڪيم تہ شايد اندر صاف ٿي ويو آهي.“

”ائين چو آهي؟ يا تون Sex جي معاملي ۾ ذهني طور disbalanced آهين.“

”اهو لفظ صحيح نہ آهي. آءُ dysfunctional آهيان. نفسياتي طور نفرت تہ ناهي پر هڪ تہ ڪريپ محسوس ٿيندي اٿم بيو hallucinations بہ جسم ڪي وڪوڙي وينديون آهن يا ڪو Mental disorder آهي.“

”frigid تہ نہ آهين.“

”frigid زالون بہ مرد ڪي راضي رکڻ لاءِ راضي ٿي ويندبون آهن ڪين ڳالهہ بہ نہ وڻندي آهي پر پنهنجي جانور ڪي اجازت ڏينديون تہ هو پاڻ ڪي

Satisfy ڪري!“

”پوءِ آخر ڳالهه ڇا آهي. ڊاڪٽرن سان اهو معاملو discuss ڪيو اٿئي؟“

”ها انهن سان ڏکيون ڪچهريون ٿيون آهن. نيٺ مون کي اهو مشورو ڏنائون نوجوانن ۽ پرڪشش مردن سان دوستيون رک. مون ائين به ڪيو ۽ اڃا به ڪندي اچان. پر منهنجي ذهني حالت ساڳي رهي. مزي جي ڳالهه اها آهي ته هر مرد پهرين ملاقات ۾ يا اڳتي هلي منهنجي سٽڻ لاهڻ جي پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ جي لاءِ ڪوشش ضرور ڪندو آهي. انهي ڳالهه ۾ انهن مردن جو به ڏوهه ناهي. انساني ۽ جانورن جي زندگي ۾ جڏهن به نر کي مادي هٿ ايندي آهي ته سندس ذهني ڪمپيوٽر ۾ اهو ئي پروگرام فيڊ ٿيل هوندو آهي.“

”آخر انهيءَ جو ڪو حل به هوندو؟“

گلاب جي وسڪيءَ جي سيڪ منجهان ڳاڙهن ڳلن تي گذريل صديءَ جي شاعرن جي لفظن مطابق اکين جي شراب خانن منجهان وسڪي جهڙا لڙڪ وهي آيا. اهي لڙڪ وهندا رهيا ۽ بند نه پيا ٿين. علي بخش خان پريشان ٿي ويو.

”مون کان ڪا غلط ڳالهه ٿي وئي.“

گلاب اکيون بند ڪري مئخانا وهڻ نه ڏنا ۽ ڪجهه ساعتن ڪانپوءِ چيائين: ”منهنجي خيال ۾ ڳالهه کي اتي ختم ڪجي.“

”ضرور ضرور__ ماني کائبي؟“

”نه ماني نه کپي__ پر هڪ ڳالهه آءُ ضرور ڪندس ته جيئن اوهان وٽ منهنجي ڪهاڻي پوري ٿئي.“

علي بخش خان کيس ڏسڻ لڳو.

”مون کي اجازت ڏيو ته آءُ ڪجهه گهڙين لاءِ اوهان جي اڳيان ڪپڙا لاهيان.“

”گلاب آءُ پانيان تو توکي نشو وڌيڪ ٿي ويو آهي.مون چيو آءُ نارمل ماڻهو آهيان ۽ ڪجهه روايتن جي پابندي ڪندو آهيان.“

”نشو چڙهي ويو آهي تڏهن تہ ڪپڙا لاهيندس. صبح جو سج پل اُيري اچي پر مون کي اونداهي ڪمري ۾ بہ منجهند جي روشني محسوس ٿيندي آهي. مون کي اجازت ڏيو. آءٌ صرف چولو لاهيندس.“

علي بخش خان ششدر ٿي ويو. سندس سڄي عمر ۾ الائي ڪيتريون زالون آيون ويون پر هو صرف عورت جي سونهن ۾ هڪ ٻئي انسان جي وجود سان پيار ۽ پروسي جهڙا تعلقات رکندو ۽ نڀائيندو هو. تمام گهڻ عورتن سان جسماني تعلق قائم ڪيائين ۽ اهي تعلق سالن جا سال هلندا رهيا. گلاب منجهہ ڪيس انسان جو هڪ عجيب روپ نظر آيو پئي. هوڪيس عام عورت نہ پئي لڳي جنهن منجهان مرد پنهنجي آسودگي ڳوليندو آهي.

گلاب ويٺي ويٺي چولو لاهي ڇڏيو. سندس لڱ بہ سنڌوءَ جي ميرانجهڙي پاڻي جهڙا هئا ۽ علي بخش خان جي سامهون هڪ ڀرپور جوان ۽ proportional عورت ويٺي هئي جنهن جي بدن ۾ ڀريل رت، ميرانجهڙي رنگ هوندي بہ جوانيءَ جي جذبن سان جرڪيو پئي پر گلاب جي اکين مان لڙڪ لاڳيتا وهي رهيا هئا. گلاب جي ڇاتين تي اجا چولي موجود هئي.

”هي داغ ڇا جا آهن؟“

”هي داغ......؟ “ گلاب آهستي سان کهري آواز ۾ چيو ۽ صوفي تان اٿي ائين گول ڦري جو علي بخش خان کي سندس مضبوط ويڪرا ۽ عام مرد اٿليت جهڙا پنا نظر اچن ٿا. سمورا پنا بہ هلڪن ڪارن، گول داغن سان ڀريل هئا.“

”هي ڇا جا داغ آهن؟“ علي بخش خان جي تشويش وڌڻ لڳي.

”اجا ترسو!“ قد آور گلاب صوفا تي ويهي پنهنجين ڇاتين کي بہ چوليءَ هٽائي ظاهر ڪيو.

”هي بہ ڏسو!“ گلاب جون ڀريل جوان ۽ گول ڇاتيون هڪ اهڙي عورت جون نظر اچي رهيون هيون جيڪا مرد جي استعمال ۾ نہ رهي هجي. علي بخش خان کي. گلاب ڏڪندڙ آڱر سان هڪ ٻيي ڏانهن توجهہ ڏياري جت

گول چاتيءَ جي ننيڙي ٻُبي هئي ڪانه ۽ هڪ وڏوڪارو داغ موجود هو. علي بخش خان اهي سڀ داغ ڏسي پنڊپهڻ ٿي ويو. سندس ذهن ۾ وسڪي جي اثر جو ڦيرو جڻ بيهي رهيو. گلاب جا نيڻ برابر وهي رهيا هئا ۽ بدن سڄو ڏڪي رهيو هو. گلاب چولي نيڪ ڪري قميص پاتي ۽ ٽشو پيپر سان ڳوڙها اگهيا ۽ پاڻ کي نارمل حالت ۾ آڻڻ لڳي.

”هي سڀ ڇا آهي؟“

”مون کي معاف ڪجو_ مون کان گستاخي ٿي ويئي هجي. مرد ته عورت جي جسم کي شوق سان ڏسندا آهن. اوهان مون کي انسان به لڳو ٿا.“

گلاب ڪجهه ساعتون خاموش ٿي وئي. علي بخش خان ڪيس حيرت منجهان ڏسندو رهيو. پوءِ گلاب پاڻ کي ذهني طور صحيح حالت ۾ آندو.

”سرا هي سڀ نشان ٻرندڙ ٻرندڙ سگريٽن جا آهن جيڪي اڄ کان پندرهن ڪن سال اڳ دهشتگردن, مون سان ريپ ڪنديءَ منهنجي بدن کي ڏنڀ ڏنا ۽ جڏهن آءٌ بي هوش ٿي وئي هيس منهنجي چاتيءَ جي هڪ ٻبيءَ کي ايتري قدر ساڙيو ويو جو ڊاڪٽرن کي نيٺ سرجري ڪرڻي پئي. هي داغ عمر سان گڏ ماس سان پرجي هلڪا ٿي ويا آهن پر انهيءَ هڪ هڪ داغ ۾ دهشتگرديءَ جا داستان پريل آهن. هاڻ اوهان کي ڇا ٻڌايان. هڪ ڪميني, مون کي سندس گند سان پرڻ ڪانپوءِ دکندڙ سگريٽ منهنجي Clitoris تي رکي بيهي رهيو. چمڙي سڙڻ لڳي ۽ مون اوهان کي اڳ به جيڪي ٻڌايو هو ته مون کي Sex جي خواهش ٿئي ئي نٿي ته منهنجا genitals به انهي عذاب منجهان گذريا آهن. آءٌ پهرين ڏڪ سان هوش وڃائي ويهي رهيس ۽ هي سڀ ڪجهه منهنجي اهڙي حالت ۾ ٿيو جو مون کي ڪنهن به ڳالهه جي خبر نه پئي. اوهان اصل ڳالهه ته ڏٺي ڪانه!“

گلاب وري چولو مٿي ڪري, هڪ چاتيءَ کي چولي منجهان ظاهر ڪيو. ”هي ڏسو هن چاتي تي دهشتگردن پنهنجي پارٽيءَ جي مهر گرم ڪري هنئي آهي. هينئر وقت سان گڏ وڏيڪ ماس چڙهي وڃڻ ڪري اها مهر چٽي نظر نٿي اچي.“

علي بخش خان اڳتي وڌي اهو عذاب ڏنو جنهن متعلق هو سوچي بہ نٿي سگهيو. گول مهر ۾ انگريزي زبان جا تي اکر جيڪي زماني سان گڏ جهڪا ٿي ويا هئا.

گلاب وري نيڪ ٿي صوفا تي ويهي رهي ۽ خاموش هئي. ڪافي دير ڪانپوءِ وري ڳالهائڻ لڳي: "سر انهيءَ پاڙي ۾ هڪ ٻي ڇوڪري سان بہ اهو ساڳيو عذاب ٿيو هو. اها ملڪ جي highest اٿارٽي جي اڳيان پيش ٿي هئي. مون کي تنهن ڇوڪري متلق پتو ناهي تہ ڪٿي آهي."

گلاب خاموش ٿي ويئي. پر سندس اکين منجهان لڙڪ برابر وهي رهيا هئا.

"تنهنجي طبيعت نيڪ آهي؟"

"سر منهنجي طبيعت نيڪ آهي. بس جڏهن ماضيءَ جي عذاب واري ڪتاب جا پنا ورائيندي آهيان تہ پرزا پرزا ٿي ويندي آهيان."

"ان ڪانپوءِ ڇا ڪندي آهين؟"

"جنهن جو وس نہ هلي اُهو ڇا ٿو ڪري سگهي! پوءِ آءُ سمهي رهندي آهيان."

"پوءِ اُٿ پنهنجي ڪمري ۾ هلي، مڪمل حفاظت جي احساس سان سمهي رهہ."

علي بخش خان، گلاب کي ٻانهن کان جهلي هڪ ڪمري ۾ وٺي آيو.

"هن ڪمري ۾ آرام ڪر! ماضي وساري ڇڏ! صبح جو وڏيڪ ڳالهائينداسين."

علي بخش خان گلاب کي پلنگ تي ويهاري، بتي بند ڪري، زيرو بلب ٻاري وڃڻ لڳو تہ پنيان گلاب ڳالهايو.

"سر....."

علي بخش مڙي کيس ڏٺو.

"ائين مون کي ننڊ نہ ايندي. اوهان وٽ ننڊ جون گوريون هجن تہ مون کي ڏيو."

”ڪهڙي گوري کائيندي آهين!“

” Relexene هجي Lexotonal هجي. Xnax هجي يا ڪا بہ ٻي.“

علي بخش خان ٿوري دير ۾ واپس آيو ۽ سندس هٿ ۾ Relexene جو پتو هجي. هن هڪ گولي گلاب کي ڏني.

”هڪ مان ڪم نہ هلندو چار يا پنج ڏيو.“

علي بخش خان ڏانهنس گهوريو. هوءَ ڪيس هڪ بيوس جاندار لڳي رهي هئي. هن پتري مان چار گوريون ڪڍي ڪيس ڏنيون ۽ گلاب پرسان رکيل جڳ مان پاڻي جو گلاس ڪٽي پيتو ۽ چارئي گوريون کائي هنڌ تي ليٽي پيئي.

”ڪوشش ڪريان تي تہ سمهي رهان!“

”ها هت تون بلڪل محفوظ آهين. در بند ڪري ڇڏ. لاڪ ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي. مون چيو تہ محفوظ آهين. آهستي آهستي انسان تي وري ڀروسو ۽ اعتبار ڪرڻ سک. تمام ٿورا انسان بگهڙ هوندا آهن هاڻ ڪجهہ بہ نہ سوچ ۽ چپ چاپ ڪري سمهي رهہ.“

”ٺيڪ آهي. ”گلاب آهستي سان چيو. ”پر صبح جو مون کي اٿارجو نہ آءٌ پاڻهي اٿندس. جنهن مهل بہ ننڊ پوري ٿي.“

علي بخش خان مرڪي ڪمري منجهان نڪري ويو ۽ گلاب اٿي در بند ڪيو ۽ لاڪ ڪيو پر پوءِ ڪجهہ ساعتون سوچي، لاڪ کولي وڃي پلنگ تي ويٺي. شايد ذهن ۾ ڀروسي جهڙا جذبا اُڀرڻ لڳا هئس.

صبح جو نوين بجي ڪن، علي بخش خان پنهنجي ڪمري ۾ پلنگ جي پرسان صوفا تي ويٺو هو. سندس هٿ ۾ اجوڪي اخبار هئي. اخبار عجيب خبرن سان ڀري پئي هئي.

اخبار جي هيڊنگ هئي: ”سنڌ جي هڪ وڏي ڪاموري جي پٽ جي شاديءَ ۾ دهشتگردن جو حملو. ڪلاشنڪوف ۽ ٽي ٽي پسٽل جو عام استعمال. سوين ڪامورا، ٻه صوبائي وزير ۽ ڪجهه ايم پي اي سخت زخمي. ڪيترن جي حالت نهايت ڳڻتي جوڳي. هڪ دهشتگرد ”دونهاٽيل“ نوجوانن جي ٽولي پاران حملو. موقعي تي بيٺل پوليس پاران فائرنگ ۾ هڪ حملي آور نوجوان مارجي ويو ۽ هڪ نهايت نازڪ حالت ۾ اسپتال داخل.

اندر صفحن ۾ ٻه ٽي ڪالم پريل انهيءَ خبر جي تفصيل سان. علي بخش خان نوڪر کي سڏيو ۽ پڇيو.

”رات واري مئڊم اڃا اٿي ڪونهي؟“

”نه سائين ڪا ٻه خبر ناهي. اندر ڪنهن ماڻهو جو ڏس پتو ٻه آهي يا نه.“

علي بخش خان اٿيو ”ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.“ ڪمري جي در تي اچي بيٺو. ڪجهه ڪڙڪو ڪري پوءِ آهستي سان در کوليو. اندر زيرو بلب ٻريو پئي ۽ گلاب رلي هيٺان بي خبر ستي پئي هئي ۽ ڪنهن ڪنهن مهل هلڪا کونگهرا هنيائين پئي. علي بخش خان چپ چاپ واپس هليو آيو ۽ در بند ڪري ڇڏيائين. واپس پنهنجي ڪمري ۾ اچي صوفا تي ويهي رهيو. هن شهر ۾ ڪجهه دوستن کي ٽيليفون ڪيا. هر هنڌ ان عجيب خبرون ٻڌڻ ۾ آيس پئي. هيڏو وڏو واقعو ٿي ويو آهي. شهر ۾ ضرور ڪرفيو لڳو هوندو. حملي ۾ جيڪي ٻه مئا آهن يا زخمي ٿيا آهن سڀ سنڌي ڪامورا يا سرندي وارا آهن. نوجوان جيڪو گرفتار ٿيو آهي سو ٻه سنڌي آهي ۽ جيڪو مارجي ويو آهي سو ٻه سنڌي آهي. انهيءَ ڪري سرڪار کي ڪرفيو هڻڻ جي ضرور نه پئي پر شهر سڄي ۾ پوليس جو تعداد وڌائي ڇڏيو اٿن. الائي ڪيتريون گرفتاريون ٿيون آهن.

شهر جي حالت عجيب هئي. هڙتال نه هئي پر دڪان سڀ بند هئا. ڪرفيو جو اعلان ٿيل نه هو. پر رستن تي تمام ٿوري آمد رفت هئي. لا اينڊ آرڊر جا صاحب ميٽنگن ۾ پورا هئا. ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي. شهر ۾

ethnic يا مذهبي ڏريون سيپ پنهنجي جاءِ تي موجود هيون. يونيورسٽيون ڪاليج بہ سيپ عام رواجي تعليم ڏيڻ ۾ نارمل ڏينهن وانگر هلي رهيا هئا. نوجوانن جي هاسٽلن جي تلاشي ورتي ويئي. عام نوجوان ڪنهن بہ طور مڃريل نہ هئا پر ڪين بہ اڇرج هو. ڪجهہ نوجوانن کي پوليس پاڻ سان وٺي ويئي. ايجنسين جي رپورٽ مطابق ethnic گروپ ۾ پوليس جي ريڪارڊ ۾ Millitants سي بہ پنهنجين آفيسن ۾ گهرن ۾ موجود هئا. ڪيترين آفيسن کي پوليس سيل ڪري ڇڏيو آهي. ڪجهہ ليڊرن کي ايجنسين ۾ پوليس هيڊڪوارٽرس تي گهرايو ويو. ڪائنن پڇا ڳاڇا بہ ٿي. ڪين ڇڏيو ويو.

شام جو انين بجي سرڪٽ هائوس ۾ صوبي جو چيف ايگزيڪيوٽو اچڻو هو ۽ شهر جي اعليٰ شهرين، عملدارن ۽ پارٽين جي ليڊرن کي بہ اچڻ لاءِ چيو ويو هو.

سج لهي، رات کي ڦهلجڻ لاءِ جاءِ ڏيئي رهيو هو!

هڪ وڏي هال ۾ ڊويزن جا ۽ صوبائي لا اينڊ آرڊر جا ڪامورا، ٻيا انتظامي صاحب، شهر ۽ ضلعي جا چڱا مڙس، سياسي توڙي سماجي، سيپ ڪانفرنس جي انداز ۾ ويٺا هئا. هڪ سينيئر پوليس آفيسر، چيف ايگزيڪيوٽو کي بريفنگ ڏيئي رهيو هو:

”سر! 21 آڪٽوبر جي رات جو نوين بجي کن، احمد خان چيف انجنيئر جي پٽ ۽ ريٽائرڊ ڊويزنل ڪمشنر عدنان بخشل خان جي ڌيءَ جي شادي هئي. شادي شهر جي گرين پبلڪ اسڪول جي لان نمبر 3 ۾ پروگرام مطابق هلي رهي هئي. شهر جا معزز ۽ صوبائي آفيسر گهڻي تعداد ۾ موجود هئا. ضلعي ۽ تعلقي جا صاحب، معتبر ماڻهو پڻ گهڻي تعداد ۾ هئا. تحقيق مطابق معلوم ٿيو آهي تہ مختلف ڊپارٽمينٽ جا آفيسر، ڊيوٽي وارا توڙي ريٽائرڊ گهڻو ڪري وڏين گول ميزن جي چوڌاري پندرهن ويهن جي انگ ۾ ويٺل هئا. ماني لڳي رهي هئي تہ اوچتو هڪ عجيب مخلوق يا هڪ عجيب لباس ۾، يا اڪين ڏٺن شاهدن جي بيانن مطابق، ڪي اهڙا

شخص هئا يا ڪي اهڙا نوجوان هئا جن جي هٿن ۾ آٽوميٽڪ هٿيار هئا ۽ هو ٻنهين ۾ ويڙهيل هئا تہ جيئن سندن سڃاڻپ نہ ٿي سگهي. تحقيق مطابق لڳي ٿو تہ ڪو ڪيميڪل سندن ڪپڙن تي لڳل هو جنهن مان دونهون نڪتو پئي- يا ڪا خدائي مخلوق هئي. پر هڪ ڄڻو اُت بيٺل گارڊ سپاهي جي فائرنگ ۾ مارجي ويو. انهيءَ جي بدن تان جڏهن دونهون ختم ٿيو تہ هڪ نوجوان ڇوڪرو ۽ وڌيڪ تحقيق مطابق انهي جي سڃاڻپ ٿي ويئي. ٻيونوجوان زخمي آهي. پر ان کي گولي مٿي ۾ لڳل آهي ۽ هو هوش ۾ نہ آهي. باقي زخمي ۽ مارجي ويلن جا تفصيل هن ريت آهن:

مارجي ويل 6

زخمي ٽوٽل ٻاونجاهہ جنهن مان 10 تمام گهڻو سريس حالت ۾ آهن.

ٻاونجاهہ مان 25 ڄڻا فرسٽ ايڊ ۽ شروعاتي بيان رڪارڊ ڪانپوءِ اسپتال مان فارغ ڪيا ويا آهن. ٽيهن ڄڻن کي گوليون ٽنگن ۾ لڳيون آهن. ٻي ڪابہ ڦر وغيره نہ ٿي. ٻاهر تي ڪارون ۽ اٺ موٽر سائيڪلون, ماڻهن جي جي اطلاع موجب, بيٺيون هيون جن ۾ ڪاروائي ڪري ويا هليا., هڪ ڪار جو نمبر بہ هٿ آيو آهي. سا جاچ ڪانپوءِ اج ڪان ڏهہ ڏينهن اڳ گن پوائنٽ تي چوري ٿيل آهي. پوليس يڪدم موقعي تي پهچي ويئي پر انهي ڪاروائي ڪانپوءِ پوري علائقي ۾ دونهون ايترو ڦهلجي ويو جو نظر نہ اچڻ ڪري ڪجهہ ڪرڻ ممڪن نہ هو.

هاڻ مارجي ويلن ۽ زخمين جا تفصيل هن ريت آهن.

1. ڊپٽي ڊائريڪٽر فوڊ ڪراچي — مارجي ويو.
2. انسپيڪٽر آف ڊرگس — مارجي ويو.
3. ريٽائرڊ چيف انجينيئر ايريگيشن — مارجي ويو.
4. سيڪريٽري ايڊوڪيشن — مارجي ويو.
5. ڊائريڪٽر فيڊرل اڪائونٽس — مارجي ويو.

6. ڪمشنر انڪم ٽئڪس مارجي ويو.

زخمين ۾ چار ايڪزيڪيٽو انجنيئر، ٻه ايس ڊي او ٽي ايس پي جن مان ٻه ريٽائرڊ آهن. هڪ مئنجنگ ڊائريڪٽر فشريز سخت زخمي آهي. انڪم ٽئڪس جا چار آفيسر زخمي آهن. ٽي اڳوٽا هوم سيڪريٽري آهن.

پوءِ ڪجهه سوال جواب ٿيا_ ان ڪانپوءِ چيف ايگزيڪيوٽو پر ۾ ٿيل چيمبر ۾ ويو هليو. ساڻس گڏ اعليٰ پوليس ۽ ايڊمنسٽريشن جا آفيسر هئا. اڌ ڪلاڪ ڪانفيڊنشل بريفنگ ٿي ۽ پوءِ چيف ٻاهر نڪري آيو ۽ سيني سياسي ۽ غير سياسي حاضرين سان ملندو رهيو.

چيف، علي بخش خان جو ڪلاس ميٽ هو. ٻنهي ڇٽن هاءِ اسڪول تعليم تي چار سال گڏ حاصل ڪئي هئي. چيف صاحب، ڇاڪاڻ ته پنهنجي تر جي وڏي پوتار جو وڏو پٽ هو انهيءَ ڪري ميٽرڪ تائين آخري ٽي سال، ڇهن سالن ۾ پورا ڪيائين. ڪلاس ٽيچر ريٽائر ٿي ويا چيف صاحب پڙهندو رهيو ۽ نيٺ وڏي پوتار جو اثر رسوخ ڪم آيو ۽ چيف صاحب 51 سيڪڙو مارڪون کڻي سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو. وڏي پوتار جي مرضي هئي ته وڏو پٽ آهي. ساڻس گڏ اٿي ويهي ۽ پوتاري سکي. پر تر جي ٻين سيڪنڊ ڪلاس پوتارن جا پٽ حيدرآباد ۽ ڪراچي جي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ هئا_ سو نيٺ ڪيس ٿنڌي آدم جي ڪاليج ۾ داخل ڪرايو ويو ۽ هڪ ٽيچر به رکيو ويو ته جيئن عمارت ڪي مضبوط بنيادن تي اڏجي.

جڏهن چيف علي بخش خان وٽ آيو ته ساڻس ياڪر پائي مليو.

”يار ڪڏهن ملڻ به ڪونه اچين.“

”آءٌ هاڻ ريٽائر ٿي ويو آهيان. پنجٽيهه سال نوڪري ڪيم. هاڻ ابن جي زمين جي پاڻ سنڀال ڪريان پيو ۽ ايگريڪلچر جي جونيئر آفيسرن کي سُور ڏيئي ماريو اٿم.“

”چو وڏا آفيسر تعاون نٿا ڪن ڇا؟“

”وڏا آفيسر هر ٻئي ٽئي مهيني بدلي ٿيو وڃن. انهن جا پير ڪُپن ته مدد

ڪن. اوهين خوش آهيو.“

”پاڻ يار اهي ساڳيا آخري بئنچ تي ويهڻ وارا وڏيرڪا پار آهيون.“

”پر هاڻ تہ سڀ کان اڳين ۾ مٿانهين ڪرسيءَ تي وينا آهيون.“

”ڏٽي جا ڪرم آهن. خير صبح جو ناشتو ائين ئي اوهان وٽ آهي. باقي اتي ڳالهائينداسين.“

چيف اڳتي وڌي ويو. علي بخش خان الائي ڪيترا مهينا اڳ هڪ محفل ۾ ڪيس پاڻ وٽ اچڻ جو چيو هو. قاعدي موجب چيف ها بہ ڪئي هئي پر پوءِ گهٽي عرصي گذرڻ ڪري شايد هنهي کي وسري ويو.

چيف پنهنجي آفيسرن سان گڏ شايد واردات واري هنڌ ۾ اسپتال ڏانهن ويو هليو ۽ علي بخش خان گهر پهتو. سيني نوڪرن ۾ هڪ بہ ويجهن دوستن کي گهرائي ورتو ۽ کين صبح جي نيرن جي بندوبست لاءِ چيو. شهر جي فائيو اسٽار هوٽل جي مئنيجر سان ڳالهائي انهيءَ کي سڄي انتظام لاءِ گهرايو. علي بخش خان هڪ نوڪر کان پڇيو.

”رات واري مئڊم آهي يا ستي پئي آهي؟“

”نہ سائين شام جو پنجين جاڳي ۽ ٻاهر نڪري آئي. اسين سڀ سندس قد بت ۾ سُڄيل اکين کان ڊڄي وياسين. چانهن پيتائين. هاف فراءِ بيدو ۾ ڪجهہ سلائس کائي، اخبارون گهرائي، اوهان جو پڇائين ۽ در بند ڪري ڇڏيائين.“

علي بخش، گلاب جي ڪمري تي ٺڪ ٺڪ ڪئي. گلاب اندران در کوليو“: Madam ڪيئن آهيو. ننڊ ۾ ٺڪ ۽ رات جو خمار لٿو؟“

گلاب جي چهري تي هلڪي مرڪ اچي ويئي ۽ سامهون آرام ڪرسي تي ويهي رهي. علي بخش خان بينو ئي هو.

”سر مون پنهنجي زندگيءَ ۾ شراب کي شراب طور رات پيتو هو. اڳ تہ فئمليز جي مڪس گيدرنگ ۾ منهنجي ناڪار باوجود ڪوڪا ڪولا ۾ اڌ منو پيگ ملائي زوري ڏيندا هئا جنهنجو اهڙو خاص اثر نہ ٿيندو هو.“

علي بخش خان مرڪيو: ”تنهنجي قدبت جي زال کي نشي ۾ آڻڻ لاءِ

سچي بوتل ڪپي. سُرور ۾ آڻڻ لاءِ Pint ڪپي. تو رات ذري گهٽ مُني بوتل پيتي هئي.“

”انهيءَ بوتل جو اثر هو جو مون چولو لاٿو؟“

”عورتون تہ بنا پيٽڻ جي بہ ڪپڙا لاهي وبهنديون آهن.“

”پر....“

”پر گلاب! آءُ سمجهان ٿو تہ تنهنجو مطلب ڇا هو؟“

”سر شروعات ۾ تفتيش ۾ يا ڪنهن dingnitary اڳيان مون کي ننگو ڪندا رهيا پر ڪوبہ انصاف نظر نہ آيو ۽ پوءِ مون انڪار ڪري پاڻ کي نارمل زندگيءَ ڏانهن گيهليو ۽ رات اوهان جي شخصيت، رويو ۽ وسڪيءَ جي اثر مون کان اهو ڪم ڪرايو جنهن لاءِ آءُ جيئڻ هوش ۾ آئي آهيان، شر مندگي پئي محسوس ڪريان. وري شايد وسڪي بہ مون کان اهو ڪم نہ ڪرائي سگهندي. مون کي معاف ڪجو.“

”خير forget it! صبح جو صوبائي چيف ايگزيڪيوٽو مون وٽ هتي ايندو۔ تنهنجو ڇا پروگرام آهي؟

گلاب مايوس نظر آئي پيئي ۽ ڪجهہ ڳالهائي نہ سگهي.

”ڪو مسئلو آهي؟“

”نہ ڪو بہ مسئلو ناهي! “گلاب چيو.“ منهنجي لاءِ ائين بهتر آهي تہ آءُ ڪجهہ وقت هت محفوظ رهان نہ تہ شهر ۾ جيڪو طوفان آيو آهي ڪٿ انهيءَ ۾ ڦاسي نہ پوان.“

”تو جيڪڏهن ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي ۽ واردات مهل هت مون وٽ هئين توڪي ڪير هٿ لاهيندو؟“

”مون کي خبر ناهي. پر الائي ڇو منهنجي دل ٻڏي رهي آهي.“

”خير ڪا ڳالهہ ناهي تون هت هن ڪمري ۾ رهہ ۽ هتان ٻاهر بہ نہ نڪر. جيڪي ڪجهہ کپيئي هت نوڪر ايندو.“

اڄا رات جا نو ٿيا هئا تہ علي بخش خان ٽيليفون تي چيف جي سيڪريٽري سان ڳالهائي رهيو هو.

”پروگرام تہ صبح جو هو؟“

”نہ صاحب يارهين بجي اوهان وٽ ايندو ۽ ڪلاڪ ڪن ويهندو. هينئر صاحب ڊنر تي ويل آهي. ٻيو ڪير بہ نہ هوندو. صاحب شايد اڪيلو هوندو. شيڊؤل ٽائٽ آهي. انهي ڪري معاف ڪجو اوهان کي تڪليف ضرور ٿيندي پر حاڪمن جا حڪم آهن.“

ڪجھ دير ڪانپوءِ چيف، سيڪيورٽي ۽ پروٽوڪال اسٽاف سان علي بخش خان جي گھر هو ۽ ٻئي ڄڻا علي بخش خان جي وسيع بيڊروم ۾ ويٺا هئا. چانھ جو دؤر هليو پئي.

اسڪول جون ڳالهيون، ٽيچرن جا ڏڙڪا، ٿڦڙون، ٽيچرن سان چرچا سڀ ڪجھ ڳالهيو هليون. پر علي بخش خان سمجهيو پئي تہ چيف سان اهي ڳالهيون ڪونہ ڪبيون آهن. چيف بہ ڪو انهيءَ لا ڪونہ آيو آهي.

”يار انهن ڳالهين کي پورو ڪريون. هاڻ اچو پنهنجي وطن جي ڳالھ تي.“

”وطن! علي بخش پڇيو. ”ڪهڙو پنهنجو وطن؟“

”چرچا ڇڏ. مون وٽ وقت گهٽ آهي. صبح جو 9 بجي ڪلهوڪي قتلام تي وڏي اهم ڪانفرنس آهي. هتان فارغ ٿي سڌو ڪراچي ويندس.

”اوهان ڪريو ڇا پيا؟ Gangarin بيماري پڌي اٿئي! وطن کي اها بيماري لڳي آهي جنهن بہ عضوي تي اثر پهچي ٿو اهو سسندو وڃي. وطن کي ڪئنسر تہ پنجاھہ سال اڳ diagnose ٿيو هو. پر خبر اٿو تہ ڪئنسر جو علاج ناهي. انهيءَ بيماري کي ڇڏي ڏبو آهي تہ وڃي پنهنجي منزل تي پهچي. اسين سمجهون ٿا شايد اسين پنهنجي منزل تي پهچي ويا آهيون.“

”رئيسن واريون ڳالهيون پيو ڪرين. ڇا هاڻ اسان کي پنهنجن کي مارڻ کپي؟ پنهنجن کي مارڻ مان ڇا ورندو؟ يلا هي سڀ ڇا پيو ٿئي. هي ڪالھ رات وارو واقعو اهم نہ آهي؟“

”نهايت اهم آهي. اوهان ڇا ٿا سوچو؟“

”منهنجي خيال ۾ هي نالي ۾ نهال ماڻهو sense of proportion وڃائي چڪا آهن.“

”پر منهنجي خيال ۾ انهن قوم پرستن منجهان گهٽي ياڳي ماڻهن کي sense of proportion اڃا حاصل ئي نہ ٿي سگهيو آهي جو اهو جذبو وڃائڻ شروع ڪن.“

”علي بخش! مون کي ٻڌائي اهو ڪتان جو عقل آهي جو پنهنجن ماڻهن کي مارجي؟“

”اهو صحيح آهي تہ هيستائين رڳو پنهنجي ماڻهن کي ڦريندا رهيا آهيون. اڳي رگ ويد جي زماني کان وطن ۾ رڳو چوپائي مال جي چوري ٿيندي هئي. هاڻ پنهنجن ماڻهن کي اغوا ڪري انهن کان پنگ ورتو وڃي ٿو.“

”منهنجو سوال اڃا پنهنجي جاءِ تي قائم آهي؟“

”پنهنجي سوال جي جواب ٻڌڻ کان اڳ اهو ٻڌائي تہ اهي ڪجهہ آفيسر ۽ سياسي ڪرگ مئا يا زخمي ٿيا آهن تن کي ڪنهن ماريو آهي. پنهنجن پنهنجن کي ماريو آهي. اوهان کي ڪنهن ٻڌايو؟“

”لا ۽ آرڊر جي ايجنسين جي ڪامورن جو خيال آهي. اها رپورٽ سينٽر کي بہ موڪلي ويئي.“

”پر ڇو؟ ڪو سبب ٻڌايو اٿن.“

”ها ڪين مال ڪيپي.“

”مال مارڻ سان تہ نہ ملندو آهي. اغوا ڪرڻ سان ملندو آهي.“

”ضروري انهيءَ پنيان ڪا سازش هوندي. منهنجي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻو آهي ۽ آءٌ ٻڌائي ڇڏيان ٿو تہ اهو منهنجو وزيرِ آهي جو وطن جي حڪومت اسان وٽ آهي.مون کي هٽايو ويو تہ اهو امڪان آهي تہ حڪومت بين مضبوط هٿن ۾ هلي ويندي جنهن کي منهن ڏيڻ اوهان جي وس جي ڳالهہ نہ آهي. منهنجا هٿ مضبوط ڪريو تہ وطن جي واڳ پاڻ وٽ رهي.“

”تنهنجو اليڪشن تڪ، واريءَ جي پٽن تي بڌل آهي ۽ تنهنجي حڪومت جي بنياد ۾ بہ واري پيل آهي. بنياد ۾ هميشہ ڪنڪريٽ، لوھ ۽ اونهائي هوندي آهي. تنهنجي پيرن هيٺان ڌرتي آهي. توکي ڇا آهي تون تہ واپس وڃي پٽن جي چؤطرف ڦهليل بي ست ۽ Without Direction ماڻهن جي پوتار جي role جي چارج وٺندين جيئن تپيدار موڪل تان موٽي اچي پنهنجي چارج سنڀاليندو آهي.“

”توکي سياست جي سچ جي خبر ناهي تڏهن ائين پيو ڳالهائين. پر مون کي اڃا بہ انهي سوال جو جواب کپي تہ پنهنجا پنهنجن کي ڇو پيا مارين؟“

”حقيقت ٻڌندين؟ توهان کي ٽائم آهي؟“

”تڏهن تہ رات جو آيو آهيان.“

”ڇا ٻڌايان! ٻڌو! I accuse you تون وطن جو سيني کان ڪمزور چيف ايڪزيڪيٽو آهين، هي جيڪي آءٌ ڳالهايان پيو منهنجي پنهنجي سوچ آهي. منهنجو ڪنهن گروھ سان واسطو ناهي. آءٌ تہ فقط هن وطن جو پٽ آهيان اوهان وڏيرا ۽ فيوڊل ذهنيت رکندڙ وطن کي آهستي آهستي لتمار ۽ ڦر ڪري، هين کي وطن جا ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڏيو پيا. جيترا غدار سنڌ ۾ ويهين صديءَ ۾ پيدا ٿيا آهن اوترا ڪنهن ملڪ ۾ ٻن هزار سالن ۾ بہ ڪونہ پيدا ٿيا هوندا.“

”آءٌ غدار آهيان؟“

”اوهين سنڌ جي هڪ غدار ڄام صادق عليءَ جي وطن کي ختم ڪرڻ جي روڊ ميپ تي هلڻ جو تسلسل آهيو. اوهان اڌ وطن ڌارين دهشتگردن کي اسيمبلي جي ليجسليشن معرفت ۽ ايڊمنسٽريٽو آرڊرن تحت ڏيئي ڇڏيو. اوهان وٽ ڇا آهي؟ ڪو اختيار ناهي. دستور کي ڪنهن صاحب ٽوائليٽ پيپر ڇيو هو. اسين پاڻ ٽوائليٽ پيپر وانگر استعمال ٿيا ٿيون. منهنجي خيال ۾ هيءَ ڪا آسماني مخلوق آهي جا وطن جي سار لهي پئي. اسان وٽ وڏيرا ائين ئي آهن. Ambitions ۽ ذهن ڏينهن جي

اقتدار لاءِ بہ ماندا آهن پر گڏ ٽيهن سالن کان جيڪو آفيسر شاهي ڪلاس ناهيو اٿو سو وطن کي ڀڄو نقصان پهچائي پيو. اهو آفيسر طبقو سمورو نہ، پر اڪثريت ۾ اسان جي شهرن ۾ elite ڪلاس جو رول ادا ڪري پيو ۽ وطن ۾ جت ڪرپشن جون پاڙون مضبوط ڪري پيو اُت ڌارين دهشتگردن لاءِ ملڪ کي ٻن حصن ۾ ورهائڻ ۾ مدد ڪري پيو. انهيءَ آفيسرن کي رڳو بهتر پوسٽنگ ۽ ٽرڊ ڪلاس، ڪرمنل ۽ هڪ مقصد رکندڙ سياسي اڳواٽن کي مدد ڪرڻ آهي. انهيءَ سان گڏ انهن کي ڪمائي جا رستا ٻڌائڻ، وسڪي جا گلاس پيري ڏيڻ ۽ پروفيشنل فيميل فرينڊس جي سنگت ۾ ويهارڻ آهي. تون پل پاڪ صاف هجين پر وطن ڪينسر جي انهي اسٽيج تي اچي پهتو آهي جيڪو آغا خان هاسپيٽل جي بهترين ڪمري ۾ هڪ ليٽيل لاعلاج مريض وانگر هجي. اهي ساڳيا ڪامورا رورل ايريا ۾ وڏيرن جو رول adopt ڪيو ويٺا آهن جيڪو اجا بہ خطرناڪ آهي. سياٽي وطن اڏ بہ نہ رهندو ۽ اوهان جهڙا چيف يا چام وانگر قبر ۾ هوندا جت قدرتي بم ڦاٽندا يا هڪ عوامي چيف منسٽر وانگر اشتهاري ملزم هوندا. اخبار ۾جيڪي پڙهيو اٿم انهي حساب سان انهن ڪامورن کي ماريو اٿن جيڪي پبلڪ فنڊس ۾ عام ماڻهن کان ڦري سنڌ جي مڊل ڪلاس پاران negative رول ادا ڪن پيا. اهي سڀ ڪامورا illitrate آهن. ڪين سنڌ جي خبر بہ آهي پر جنهن انگريزي زبان ۾ نوٽ، سمري ۽ رپورٽون لکن ٿا تنهن زبان جي ڄاڻ بہ پوري ساري اٿن. جهونن ڪلارڪن جي تجربي سهاري ڪم اڪلائن ٿا. سائين اسان کي مڊل ڪلاس ڪپي. مڊل ڪلاس ڇا آهي؟ پڙهيل ڳڙهيل، سرندي وارا، غير سرڪاري ۽ سرڪاري نوڪري وارا_ منهنجي وطن جا اهي سڀ ماڻهو جيڪي گذريل پنجاهہ سالن ۾ مڊل ڪلاس جي درجي تي پهتا. ذري گهٽ سڀ Corrupt ۽ ڪرمنل آهن ۽ پاڻ کي مجبوري هيٺ اپر ڪلاس جهڙو سمجهڻ ٿا ۽ ائين ئي هلن ٿا. شاطر سرڪاري سياستدانن کي French letter وانگر استعمال ڪن ٿا. سرڪاري سياستدانن کي ذريعا ڪپن ۽ So called مڊل ڪلاس جيڪي شهرن ۾ بہ سندن ڪمدار يا

Surf جو رول ادا ڪن ٿا. اوھان رڳو سيني آفيسرن جي ابن ڏاڏن جي ملڪيتن ڪي 1947ع ۾ 1970ع ۾ ڏسوڪيتري هئي ۽ هاڻ ايڪيھ صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ ڪيتري آهي! سندن پڳهار ڏسو ۽ سندن زندگيءَ جي رهڻي ڪهڻي ڏسو. انهيءَ ۾ رڳو ڪامورا سرڪار جا شامل ناهن پر ڊاڪٽر ڏسو، وڪيل ڏسو ڪجهه ويچارا واپار ڪن ٿا تن کي ڏسو. تن جي جسم ۾ ڪيترن هزار بيوس ۽ غريب ماڻهن جو رت ۽ مال سمايل آهي.“

”رئيس تون تہ هاڻ تقرير ڪري سکي ويو آهين ۽ فٽ ڪيس آهين تفتيش ۾ شامل ڪرڻ جهڙوا!“ چيف ٽهڪ ڏنو. ”يلا منهنجي مدد ڪر. ڪهڙي تنظيم تي سگهي ٿي جنهن کي حيا شرم ناهي جو پنهنجن کي پيا مارين. هونئن بہ انسان جو خون گناھ برابر آهي.“

”هڪ قاتل کي پڪڙيو اٿو نہ تنهن کان سچي ڪرايو.“

”اهو اسپتال ۾ فوت ٿي ويو ۽ ٻئي جي کيسي مان ڪجهه خط نڪتا آهن جيڪي ڪيس سابق صدر اسحاق خان لکيا آهن ۽ ڪجهه ڪاغذ اهڙا بہ آهن جن تي فحش چرچا لکيل آهن.

علي بخش خان کلي ڏنو: ”اهي بدمعاشي جون ڳالهيون آهن. پر منهنجا صاحب اهي قاتل پنهنجي ڌرتيءَ جا ناهن. اهي آسمان مان لٿا آهن. اسان جي نوجوانن جي ذهنن ۾ جيڪا باهہ ويهہ ٽيهہ سال اڳ ٻري هئي سا وسامي ويئي آهي. باقي سندن ذهنن ۾ ڪو سيڪ ذرو محسوس ٿئي ٿو.“

”تون بہ چرچا ڪرڻ لڳو آهين.“

”اهي چرچائي تہ آهن تہ مارڻ وارا بہ ساڳيا آهن ۽ مرڻ وارا بہ ساڳيا آهن ۽ پاڻ ٻئي انهن واقعن تي ڳالهايون پيا سي بہ ساڳيا آهيون. آءَ پانيان ٿو جيسين اسانجو مڊل ڪلاس جيڪو وجود ۾ اچي پيو سو Positive رول ادا نہ ڪندو ۽ جيسين وڏيرا ڪلاس ۽ فيوڊل مائنڊسيٽ وارا زورآور، عوام جي ووٽن جو غلط استعمال بند نہ ڪندو ۽ جيسين اسيمبليءَ ۾ اڪثريت اپوزيشن ۾ ويهندي ۽ اقليت حڪومت ڪندي، اهي واقعا اڪثر

ٽيندا رهندا ۽ ڪنهن مهل سڀ ماڻهو گهرن مان نڪري رستن تي اچي ويهي رهندا جن کي حق ڪپندا.“

چيف ٺهڪ ڏنو: ”اڪثريت ۽ا قليتا اهو سياسي term آهي. جنهن کي انهيءَ سياست جي شطرنج ايندي اُهي حڪومت ڪندا. زماني جو دستور آهي.“

”زماني جو دستور اهو ناهي تہ وطن کي بامبي بيڪري جي ڪيڪ وانگر ڪتجي. تاريخ پاڻ کي ورجائيندي آهي، ارغون ترخانن ۽ مغلن وطن جي شهرين کي ايترو ماريو ۽ ايترو لٽيو جو ماڻهو شهر ڇڏي جهنگ منهن ڪري هليا ويا. هاڻ چار سؤ سالن کان پوءِ اهي جهنگ منهن ڪري ويل شهري، جيڪي هاڻ پاڻ کي رورل ڪوٺا جا ٿا سڏائين، سي ڪجهہ پڙهي ۽ ڪجهہ عام ماڻهن جي ووٽن جي سهاري شهرن ۾ اچي، شهر ڏارين جي حوالي ڪن پيا ۽ چيف صاحب ڏسجو تہ دستور ۾ amendment ٿيندي تہ بہ حاڪم هجن هڪ اربن حاڪم ٻيو رورل حاڪم ۽ جيڪي ٻنهي کان زور آور صاحب آهن سي انگلش ريزيڊنٽ يا Political Agents جو رول ادا ڪندا. انهي ڪري مون سيٽاپ ڪري درياهہ جي ساڄي ڪپ تي لڪي ۽ سيوهڻ جي وچ ۾ پنجاهہ ايڪڙ ونئي ڇڏيا آهن. الائي ڪڏهن رورل ايريا ڏانهن لڏڻو پوي، توهين وچين پنهنجون پٽون وسائيندا ۽ پٽن جا شاهہ ٿي ويندا. ڪامورا، خوب ڪمائي، ڪنهن پنجابي، اردو ڳالهائيندڙ يا ڪشميري عورتن سان شادي ڪري، ذهني توڙي لساني جُوڙ مٿاڻي، سمنڊ پار settle ٿيڻ جي ڪوشش ۾ هوندا. وطن جو نقشو بدلجي ويندو. اسين شايد اتيئي وچي رهي سگهنداسين. جتان ۽ جنهن رستي تان وچ ايشيائي دهشتگرد لشڪر ساڻ ڪري نئي اچي پهچندا هئا ۽ وڙهي جهڙي ملڪ جا مالڪ ٿي ويندا هئا. هاڻ انهيءَ رستي تان قاتل ڪونہ ٿا اچن. انهيءَ ڪري شايد سلامتي جو علائقو ٿي پوي.“

”تون منهنجو اسڪول جي زماني جو دوست آهين پر nostalgic رويواسان کي وطن کي develope ڪرڻ نہ ڏيندو. ايڪيهہ صديءَ کي 19

19 صدي نہ ٿاهيو. جيڪي هت آيا آهن نيٺ هتي جا ۽ هتي جي ڪلچر جو حصو ٿي ويندا. اها پنهنجي وطن جي تاريخ آهي. عرب آيا، اسماعيلي آيا، ارغون آيا، ترخان آيا ۽ مغلن جا راڄ آيا، ٽالپر آيا ۽ جيڪي بہ هت رهي سگهياسي هن وطن جا ٿي ويا. تون بہ انهن منجهان هڪڙو آهين."

"منهنجا سائين اوهان جون ڳالهيون اکين تي ۽ سون جهڙيون آهن پر اهي سڀ ڌاريا حملو ڪري ملڪ فتح ڪرڻ آيا هئا. انهن حڪومت ڪئي ۽ وطن ٽوڙي ماڻهن کي ڦري لٽي، جڏهن منجهائن طاقت نڪري ويئي واپس ڪنهن ٻئي شڪار لاءِ ويا هليا يا پنهنجي پنهنجي وطن هليا ويا. جيڪي هت رهي پياسي پنهنجي سوشل لائف ۾ ڦاٿل هئا يا ڪين زمين ٽڪرا مليل هئا. پنيان سندن وطن ۾ ڪين ڪا اميد نہ هئي. ارڙهين صديءَ ۾ انگريزن جي مڪمل ڪنٽرول ڪري مغل هڪ Camouflage واري حالت ۾ سڄي انڊيا ۾ ڦهليل هئا. ايتري قدر جو دهلي لکنو ۾ مغل شهزادين کي ٻئي هنڌ جيئدان نہ پئي مليو تہ هو حسن جي بازار جي ڪلچر ۾ پنهنجي survival لاءِ سر لڪائڻ لاءِ پهتيون. پر هينئر اسان تي حملو آئيني ۽ ڪلچرل آهي. اقتصادي طور تي اسان وٽ سم سان پريل زمينون آهن جن کي پاڻي نٿو ملي. اُهو اُتر کان حال لاڳو ٿئي پيو. الائي ڪيستائين هلي ۽ ڇيهہ ڪري ڏکڻ ۾ سڄي economic development اسان جي هٿن ۾ ناهي. ڏکڻ جي علائقي ۾ اقليتي ووٽ وارا سڄي سنڌ تي حڪومت ڪن ٿا. هاڻ بيٺ انٽرنيشنل ليول تي develope ٿين پيا _ اتان نيشنل يا Cityليول تي حڪومت هلندي اسين ڌاڙيلن جي سرپرستي، وسڪي ائنڊ ومن، بئنڪن جي قرضن ۽ زورآور صاحب جي Serfdom جي Umbrella هيٺ مُڇون وٽي، ڪاٽن جا ڪلف لڳل ڪپڙا پائي، رئيس پوتار يا سردار سڏائڻ ۾ پورا هونداسين ۽ اهو ياد ڪري ڇڏ تہ هڪ وقت ايندو تہ اسين ڏکڇي وطن جي ڪنهن اولهہ اوير يا اتر پاسي وڃي پناهہ وٺنداسين ۽ پناهہ گير سڏباسين."

چيف صاحب ٺهڪ ڏنو: "اوهان ۾ همت آهي تہ محنت ڪريو.

Survival of the fittest ٿيندو اٿو. نا اهليت ۽ ڪمزور ٻانهون ڇاڪري سگهنديون؟ مڙسي ناهي. آءُ مڙس آهيان تہ هن حالت ۾ بہ ڪرسي سنڀالي ويٺو آهيان“.

”الله ڪري سدائين مڙس هجين پر وڏي صاحب کي تنهنجي ضرورت آهي. تون سر قربان ڪرڻ وارن aspirants ۾ هن وقت پهريون نمبر آهين. خير اچو ڪجهہ کائي پي وٺون.“

علي بخش اٿيو

” نہ منهنجا سائين آءُ فل ٿي آيو آهيان. مونکي گرين ٽي پيار. پر علي بخش اوهان باشعور شهري آهيو. ڪالهہ جيڪو حادثو ٿيو آهي انهيءَ ۾ منهنجي مدد ڪريو ۽ ٻين بہ اهڙن ساڃاهوند ماڻهن کي تيار ڪريو. آءٌ سيني سان ڳالهين لاءِ بہ تيار آهيان. پنهنجي وطن ۾ مثالي حڪومت هئڻ کپي.“

”بلڪل هئڻ کپي. وطن ۾ مڊل ڪلاس کي تيار ڪيو ۽ ڪرپشن تي ظابطو آڻيو. مڊل ڪلاس کي ايترا resources هئڻ کپن جيترا نارمل ڪورس ۾ وٺن هئڻ کپن. ڀهراڙين ۾ نالي ۾ نهال پوتارن جا اهي رستا بند ڪريو جتان هو ناجائز دولت جا انبار لڳائين ٿا ۽ انهيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙن ادارن ۽ پارٽين کي پنهنجي سگهہ ۽ مدد ڏين ٿا جو سندن علائقن ۾ ڪرائم جو ريٽ وڌي ٿو. اسان وٽ مڊل ڪلاس ۾ ڪامورا شاهي نهايت نا اهل ۽ ڪرپٽ آهي. سياسي وڏيرن کي ٽيڪ بہ اِهي ٿا ڏين. وڏيرا کين استعمال ڪن ٿا. اوهان ڊاڪٽرن کي ڏسو. هر ڇهين مهني ڪار جو نئون ماڊل وٺن ٿا. زال لاءِ الڳ ڪار ۽ نا اهل اولاد لاءِ الڳ ڪار. اهڙو نظام ناهيو جنهن ۾ مڊل ڪلاس ڪلچرڊ ٿئي. سموري وطن ۾ اهڙا ادارا هئڻ جتان اهي غريب ڇوڪرا جيڪي يونيورسٽين ۾ سال جو لک ربيا ٺٽا ڏيئي سگهن سي هنر سکن ۽ micro credit اسڪيمون شروع ڪريو. بنگلاديش جي محمد يونس جي گرامين بينڪ جو مثال سامهون آهي. اهڙي ايماندار ماڻهن جي هٿ ۾ ڏيو! سڄي معاشري کي تبديل ڪريو. لوئر ڪلاس ۽ مڊل

ڪلاس وٽ زندگي گذارڻ لاءِ مناسب ۽ جائز ذريعا هجن. هي ڪامورا سڀ اهي زخمي ٿيا آهن جيڪي هڪ ته پنهنجي وس کان وڌيڪ پئسا ڪمائي ويا آهن.ٻيو شهري توڙي ٻهراڙين جي بد معاشن کي خوش رکن ٿا. سرڪاري طور ڪرپشن کي روڪتام ڪرڻ وارا ادارا انهن جا زرخريد ٻانها آهن. سيني نقصان پهچائيندڙن کي خوش رکي, ملڪ جي ذريعن جا لاهه ڪڍن ٿا. انهن جون ملڪيتون چيڪ ڪرايو. هي دونها ٿيل انسان ڇا آهن؟ آءٌ سمجهان ٿو ته وطن کي بهتر راهه تي هلائڻ لاءِ ڪجهه جذباتي نوجوانن جي شايد آخري ڪوشش آهي. نوجوانن کي ايتري حد تائين وڃڻ ئي نه ڏيو. اهڙا ڪم نه ڪريو جيڪي وطن جي مفاد ۾ نه آهن نه ته مايوس نوجوان سڀ ڪجهه تباهه ڪري ڇڏيندا.

" مون سان ساٿ ڏين. منهنجي ايمانداريءَ تي توکي شڪ آهي؟"

"تنهنجو ساٿ ضرور ڏيندا. اوهان اهڙو ماحول ناهيو. پر جي اوهان جا پنهنجا بنا رولس جي لڳايل آفيسرن کي ڏسو اهي لکين ته ڇا ڪروڙين پيا ڪمائين. ڪڏهن اوڊر تي يا سنگت معرفت ديسي يا لوڪل شراب پئيندا هئا ته پاڻ کي عرش تي سمجهندا هئا. هاڻ فاءِ اسٽار هوٽلن ۾ اگهاڙين رنن ۽ ڊي لڪس وسڪي ۽ واپارين سان گڏ ڪانٽريڪٽ صحيح ڪن ٿا. 1970ع کان سنڌي ڪامورو اهڙا تي ڪم ڪندو آيو آهي. نا اهل به آهي ۽ نهايت ڪرپٽ به. حد تي ويئي آهي يونيورسٽي ٽيچر چوڪرن کي مجبور ڪن ٿا ته هُو کين پئسا ڏين. ٽيچر ويچارا ڇاڪن؟ انهن لاءِ وڏا پئڪيج ناهيو. اهي به مڊل ڪلاس جو حصو آهن. عزت ۽ احترام لائق آهن ۽ مونکي جڏهن ٽيچر جي ڪرپشن جا واقعا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته آءٌ سمجهندو آهيان ته اسين هاڻ ختم ٿيڻ لاءِ ڪوما ۾ وڃي رهيا آهيون. ڪوشش ڪريو ته اهڙو ڪلچر develope ڪريو جو اهڙا خوني واقعا نه ٿين. ڪرائم ڪا وڏي ڳالهه ناهي. سڄي دنيا ۾ ڪرمنل موجود آهن پر انهن ملڪن ۾ civilized culture به ايتري ئي سگهه سان موجود آهي جو ڪرائم جو عام اثر محسوس گهٽ ٿئي ٿو. هت اسان وٽ ائين ناهي.

هت عرش کان فرش تائين موجود وس وارا ڪرائم ۽ ڪرپشن ۾ رڌل آهن.“

” سمجهان ٿو اچ جي لاءِ اهو ڏوز گهٽو آهي. اختيار هيٺ تمام اهم ڳالهه آهي. آءُ پنهنجي وس آهر ڪم ڪريان پيو.“

” پارٽ کي مظبوط ڪريو ۽ سيني stakeholders جو تعاون حاصل ڪريو. طاقت جو stand off نهايت اهم جزو آهي وطن جي صحتيابي لاءِ ___ نہ تہ وطن مٿان واويلا واري ڪيفيت ڇانئجي ويندي“

” مٿئين هفتي ڪراچي اچ وڏيڪ ڳالهائيندا سين. مون پوليس کي ايڪشن جو آرڊر ڏيئي ڇڏيو آهي. انشاالله اهي تنهنجا آسماني بندا ڀڏجي ويندا. انسان جو خون ڪرڻ ڪنهن بہ معاشري ۾ جائز نہ آهي. مون ڊي آءِ جي کي چيو آهي تہ توسان ٿچ ۾ رهي ۽ صلاح مصلحت ڪري تنهنجا ليڪچر ڏکيا بہ آهن شايد رستو بہ ڏيکارين.“

علي بخش خان ٿهڪ ڏنو: ” مونسان صلاح منهنجي گهر تي ڪن. مٿان ٽاٽن جي لاڪ اپ يا سندن اسپيشل ڊرائنگ رومس ۾ عزت سان ويهي ڪن.“

”نہ توکي ڪير بہ هٿ نہ لائيندو؟ آءُ هت بنا پروگرام جي اچان ٿو ۽ توسان منهنجو رابطو رهندو. انهن صاحبن کي ٿي چوندس تہ رئيس علي بخش خان کي ڳولي مونسان ڳالهرايو. پوءِ ڳالهہ ٿي ٻي ٿي ويندي هونئن بہ هر شريف ماڻهوءَ کي پوليس کان ڊڄڻ گهرجي.“

”صحيح آهي پر آءُ رئيس ناهيان.“

” ڇاچو ۽ تنهنجو ڏاڏو تہ رئيس هئا.“

” اهي پنهنجي زماني جا رئيس هئا. اهو وقت ختم ٿي ويو. آءُ تہ منهنجي.نالي جيsuffix خان مان اڙجي ويو آهيان. هڪ ڏينهن ڪاوش اخبار ۾ ”ڏيان طلب“ اشتهار ڇپائيندس تہ اچ کان آءُ خان ناهيان.“

چيف مرڪڻ لڳو: ” انهيءَ ڏينهن پوليس وارا ڪٽي ويندئي جي آءُ پاور ۾ نہ هوندس. اهڙا ليڪچر ڀڏجڻ لاءِ ڪافي آهن.“

چيف ايگزيٽو جي وڃڻ کان پوءِ، علي بخش خان، گلاب جي ڪمري ۾ ويو.

"ننڊ پوري ٿي؟"

" ها اڃا اڪيون ۾ ذهن ننڊ سان ڀريل آهن."

" ڀلي سمهي رهه. صبح جو ملنداسين."

" منهنجي هتي هئڻ ڪري اوهان کي تڪليف ته نه ٿي آهي."

" نه بلڪل نه!"

" رحمان جي ڪا خبر؟ "

" مونکي ڪا خبر ناهي."

" شهر ۾ پنجويهه ٽيهه آفيسر سياسي وڏيرا يا مارجي ويا آهن يا زخمي ٿي پيا آهن." ائين چئي علي بخش خان وڃڻ لڳو. پر پوءِ بيهي رهيو. "گلاب هڪ ڳالهه ٻڌاءِ ____ هي دونهاٽيل نوجوان ڪير آهن!"

" مونکي پوري طرح خبر ناهي. ايتري خبر ضرور اٿم ته ڪو گروپ آفيسرن، ڊاڪٽر ۽ حڪومتي سياسي وڏيرن ۾ اهڙن ٻين کي مارڻ جو پلان ناهي رهيو آهي جيڪي اسان جي مڊل ڪلاس کي اُسرڻ ۾ نيگيٽو رول ادا ڪري رهيا آهن. ڏارين سان ملي، وطن کي نقصان پهچائي رهيا آهن. ڊاڪٽر غريبن کان ڦُري، ڪارن جا نوان ماڊل خريد ڪن ٿا ۽ سوسائٽي ۾ نيگيٽو رول ادا ڪن پيا. پر اهي ڳالهيون ته چار پنج مهينا پهرين مون ٻڌيون هيون."

" انهن ۾ ڇوڪريون به شامل آهن؟ " هونديون.

مونکي به ڇوڪرين کان اها ڄاڻ ملي هئي."

"تون انهن جي گروپ ۾ ته نه آهي."

" سر آءٌ پنهنجي سوسائٽيءَ سان نفرت ته ڪريان ٿي پر ائين عام انسانن جي خون ۾ ملوث نٿي ٿي سگهان. مون کي رائفل هجي ۽ منهنجي زندگي خراب ڪرڻ وارا جي ملي وڃن ته آءٌ ضرور کين عذابن سان ماريندس."

” نيڪ آهي تون آرام ڪر.“

علي بخش خان در بند ڪري ويو هليو. ٻن ڏينهن کان پوءِ علي بخش خان کي اها خبر ملي تہ ڪجهہ ٻيا آفيسر ۽ سياستدان جيڪي سرڪاري ۽ مخالف پارٽيءَ جا ميمبر هئا سي بہ انهي پراسرار گروپ جي هٿان زخمي ٿي پيا آهن ۽ پوليس شهر منجهان تعليمي ادارن جي هاسٽلن مان ڪيترائي نوجوان گرفتار ڪري شهر جا لاڪ اپ ڀري ڇڏيا آهن. پوليس پنهنجيون سموريون ڪوششون ۽ طريقا استعمال ڪيا پر ڪنهن بہ نوجوان حامي نہ ڀري تہ ڪين ڪا خبر آهي تہ انهي حادثي ۾ ڪير ملوث آهن. هڪ بہ ڏينهن گذري ويا هئا. گلاب اڃا علي بخش خان جي گهر رهي پئي هئي. شهر ۾ عجيب ڌهڪاءُ وارو ماحول ڦهليل هو. گهڻن آفيسرن پرائيوٽ آرمڊ گارڊ رکيا. گهڻا عيد ۽ اليڪشن وانگر موڪلون وٺي ڳوٺ هليا ويا.

شام مهل وراندي ۾ علي بخش خان ۽ گلاب ويٺا هئا. سندن اڳيان چانهہ بسڪٽ ۽ سئنڊوچ رکيا هئا.

” منهنجي ڪري اوهان کي ڪا ڏکيائي تہ محسوس نٿي ٿئي؟“

” نہ بلڪل نہ؟“ علي بخش خان چيو. ” تنهنجي پنيان ڪو مٽ مائٽ آهي؟ “

” نہ ڪو بہ ناهي امان سورن ۾ سڙي ويئي. پاءُ کي دهشتگردن الائي ماريو يا ڇا ڪيو. بابا سنڌوءَ ۾ ٻڏي تڙو ٿي ويو.“ گلاب جي اکين ۾ لڙڪ تري آيا. ” هاسٽل ۾ رهندي آهيان. ڪجهہ ڇوڪرن ڇوڪرين کي ٽيوشنز ڏيندي آهيان. مهيني ۾ ست اٺ هزار ملندا اٿم. قوم جا گهڻگهريا مرد، ڇوڪرا توڙي عورتون منهنجو خيال رکنديون آهن. سوشل گيدرنگس ۾ وٺي ويندا آهن.“

گلاب، چانهہ ناهي ۽ علي بخش خان کي ڏني.

”آخر زندگي گذارڻي آهي. ڇا سوچيو اٿئي؟“

” ڪئناڊا ۽ لنڊن جي ڪجهہ يونيورسٽين سان نيٽ تي ڪانٽيڪٽ

ڪيا اٿم. پوسٽ گرئجوئيشن ۾ ٻن يونيورسٽين ۾ داخلا به ملي ويئي آهي. هڪ فيءَ جا پئسا نه پيا ٿين ۽ ٻيو انهيءَ ڪري يونيورسٽين جي ڪليئرنس ليٽر نه هئڻ ڪري ويزا به نٿي ملي. هتي پنهنجي ڌرتيءَ تي ڏينهون ڏينهن سوُر وڌندا وڃن ٿا. سمجهان ٿي آءٌ به سوُرن ۾ ڳري ويندس.“

هتي ڪا نوڪري ڪر ___ شايد تنهنجو ماحول بدلجي وڃي.“

گلاب ٽهڪ ڏنو.”ٻن اين جي اوز ۾ ڪم ڪيم.مون وٽ ائنٿروپالاجي جي ڊگري آهي. هت سوشلاجي، رورل ڊيويلپمنٽ، ايم بي اي ڪپنديون هيون. پر انهن اين جي اوز جي انچارج ۽ Resource Persons مونکي تجربي جا سرٽيفيڪٽ ناهي ڏنا ۽ مون جوائن ڪيو. ٻن اين جي اوز ۾ ڇهه مهينا به ڪونه هلي سگهيس. انهن جا ڪرتا ڌرتا جن کي انگريزي ۾ Resource Persons چوندا هئا، سي قد ۾ ساڍن پنجن فوٽن کان مٿي مشڪل سان هوندا هئا اڌ ٽوڙها تمام eloquent ۽ Donor Agencies کي لفظن ۽ رپورٽن ۾ ائين گهمائي ويندا هئا جو پاڻ به خوشحال هوندا هئا ۽ وٽن ڪم ڪندڙ ڪجهه ڇوڪرا ڇوڪريون به پگهار کٽنديون هيون. ڪمپيوٽر هلائڻ ۽ رپورٽون لکڻ، ڇوڪرن کان خوشامد ۽ ڪم وٺڻ، ڇوڪرين کان به ڪم وٺڻ ۽ اين جي اوز جي هڪ نئين ماحول ۾ working girls بنائڻ ۽ عام طور تي جي سڀ نه ته ڪجهه ڇوڪرين کي پاڻ سان گڏ گهمائي گهمائي، مٿن پنهنجي قابليت ۽ اثر رسوخ جو اثر ويهاري آخري ڪوشش اها هوندي هئي ته ساڻن جسماني دوستي جو سلسلو به قائم ٿي وڃي. ڪيترين اين جي اوز صحيح به هيون ۽ اتي سماجي ڪم به ٿيندا هئا پر عام طور تي ڇوڪرين کان نظر هٽندي هئي ته فنڊس جي بي جا استعمال جا پروگرام تيار ٿيندا هئا. مون سان به اهڙا واقعا پيش آيا ۽ مون چپ چاپ اهي engagements ڇڏي ڏنيون. هڪ پنج فٽو سوشل ڪو آرڊنيٽر منهنجي ويجهو آيو ۽ نهايت رومانٽڪ ٿي چيائين: هڪ چمي ئي مونکي جنت ۾ وٺي ويندي، مون ڪيس آهستي سان جواب ڏنو : انهي لاءِ توکي ڏاڪڻ جي ضرورت پوندي. ٻئي ڏينهن مون انهيءَ

Resource Person کي ٽٽڙ هنئي ۽ چپ چاپ گهر هلي آيس. مون وٽ ڪجهه بيون چوڪريون آيون ته پريس ڪانفرنس ڪريون مون کين جواب ڏنو ۽ وري انهن Resource Persons جي هٿ نه چڙهيس. الائي چو مهذب مردن جي سوشل orbit ۾ ڪي مجبور يا بهتر مستقبل خاطر گهر منجهان نڪري جيڪي چوڪريون، NGOS جي عجيب ناهيل Male Chuanism واري نيٽ ۾ ڪجهه هزارن جي پگهار خاطر اچن ٿيون تن کي نه چاهڻ جي باوجود به ڪنهن ڪنهن هنڌ ۽ ڪني جسم جي زڪوات ڏيڻي پوي ٿي. مذهب ۾، زڪوات سال ۾ هڪ دفعو ڏبي آهي پر هت اهڙي زڪوات جو سلسلو پيو هلندو آهي. جي اهي سوشل ۽ مينٽل Coercive Methods نه هجن ته اسانجي گهٽين چوڪرين کي سٺو روزگار به ملي، بهتر ۽ مهذب ماحول به ميسر ٿئي ۽ اسان جي مڊل ڪلاس ۾ Male factor سان گڏ Female به گڏجي هلي. اهڙيون چڱيون NGOS به آهن جت موجود Resource Persons جا genitals بهتر cultured ۽ civilized حالتن ۾ آهن. آءُ سمجهان ٿي ته بهتر NGOS اسانجي مڊل ڪلاس کي ايرڻ ۾ بهتر مدد ڏيئي سگهن ٿيون. پر سواءِ ڪجهه چڱين NGOS جي باقي NGOS جو بنياد resource persons، NGOS working جي لباڙ corruption ۽ dubious character تي بڌل آهي جنهن ڪري هڪ اڌ ڪانسواءِ ڪا چڱي NGO وجود ۾ قائم رهي نه سگهي آهي ۽ جيڪي ڪجهه چڱيون هيون سي پنهنجن اهڙن فردن ڪري پنهنجي افاديت وڃائي رهيون آهن."

"مونکي هاڻ ٻڌاءِ ته تنهنجو پروگرام ڇا آهي؟"

"مونکي سمجهه ۾ نٿو اچي ڪجهه گڏ رهندڙ coleagues موبائل تي ٻڌايو آهي ته هاسٽل تي به ٿي پيرا پوليس منهنجي بابت پڇي ويئي آهي. منهنجا ڪپڙا ۽ سامان به اُتي پيو آهي. ڊپ اٿم ته جي پوليس جي ور چڙهي ويس ته وردين وارن جا ڪم به دهشت گردن کان گهٽ نه آهن. آءُ وڏيڪ مينٽل ٽارچر سهي سگهڻ جي حالت ۾ نه آهيان. پنهنجي ماءُ وانگر

شايد خودڪشي نـ ڪري وجهان شايد يا بابا وانگر پاڻ کي سنڌوءَ جي ميرانجهڙي پاڻيءِ جي حوالي ڪري ڇڏيان."

" رڳو هڪ ڳالهه ٻڌائي؟ " گلاب ڪيس ڏنو.

" تنهنجو ڪنهن اهڙي نوجوان ڪرمنل گروپ سان واسطو تـ ناهي"

"نـ بلڪل نـ! پر اهڙن نوجوانن سان واقفيت ضرور آهي جيڪي وطن لاءِ پاڻ ولوڙين پيا. انهن جي activities ۾ بـ شامل ناهيان. مون تي اعتبار ڪريو."

" مونکي اعتبار آهي. سڀاڻي صبح جو هلي هاسٽل منجهان پنهنجو سامان کڻي اچ ۽ پوءِ شام جو ڪراچي هلنداسين. منهنجي وائف بـ اتي پنهنجي پاءُ جي گهر ۾ رهيل آهي. تون اتي هلي رهـ. مونکي پنهنجا تعليمي ڪاغذن ڪان سواءِ يونيورسٽن سان contact ۽ انهن جو status بـ ٻڌائي شايد آءٌ تنهنجي ڪا مدد ڪري سگهان ۽ توکي ٻاهر وڃڻ جو موقعو ملي." اهو ٻڌي گلاب جومنهن ٽڙڻ لڳو.

" ڇا اوهان منهنجي مدد ڪندا؟"

"ها جيڪڏهن تنهنجي ڪابـ ڪرمنل activity پوليس ريڪارڊ تي نـ هوندي"

" آءٌ بلڪل صاف سٿري آهيان. ڪنهن بـ غلط ڪم ۾ involve نـ آهيان. پر ائين گهربل پئسا ڪٿان آڻيندس؟"

" رڳو مونکي خاطري ڏئي ۽ تنهنجا ڪاغذ ڏسان پئسا ۽ ويزا سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو."

ٽن ڇئن ڏينهن کان پوءِ علي بخش خان، گلاب کي وٺي پنهنجي ڪار ۾ سپر هاءِ تان ڪراچي وڃي رهيو هو.

" تنهنجو بندوبست ٿي ويو آهي. توکي پاسپورٽ آفيس ۾ هلڻو پوندو ۽ اتي پنهنجا تفصيل ڏيندءِ. شام جو پاسپورٽ ملي ويندو. اهو پاسپورٽ سعودي عربيا جي سفارتخاني ۾ جمع ڪرائي ٻن ڏينهن کان پوءِ اتان عمره جي ويزا وٺي سعودي عرب وڃ....."

" سعودي عرب ڇو؟"

" الائي ڪي گناهه ڪيا هجنئي سي واش آؤٽ ٿي ويندا ۽ مغرب جي ملڪ ۾ بلڪل پاڪ صاف ٿي وڃ!"

" سر مون اهڙو ڪو بہ گناهہ نہ ڪيو آهي. مون تي پاڻ عذاب نازل ٿيا آهن."

" بس رب سائينءَ کي ۽ سندس محبوب کي عذابن بابت ٻڌائجان تہ تنهنجي دنيا ۾ اهڙو زمين جو ٽڪر بہ آهي جت اهڙا عذاب آسمان تان لهن ٿا."

" سر الله تعاليٰ تہ هر هنڌ موجود آهي. انهيءَ جي مرضيءَ کانسواءِ پن بہ نٿو ڇري آءَ ڇا ٻڌايانس!"

" يلا اولهہ جي ملڪ ۾ expected ۽ future ۾ ڪي گناهہ ٿيڻا هجن تن جي اڳوٽ معافي گهري وٺجئين!"

گلاب ٺهڪ ڏنو: " سر منهنجي دل تہ ثواب لاءِ بہ تيار ٿئي نٿي سا گناهہ کي ڇا سمجهندي.

"يلا ٻيا گناهہ نہ ڪجائين. جيڪا وسڪي رات پيتي اٿئي انهيءَ جو اعتراف ڪجائين."

" اهي اعتراف اڳ ئي ڪري چڪي آهيان. دوزخ ۾ رهان پئي. اجان وڏيڪ عذاب مليا تہ پوءِ ويندس. لطيف منهنجي لڱن ۾ ائين سمايل آهي جيئن ذهن ۾ رب موجود آهي لطيف چواڻي اسين فضل جا دعويدار آهيون. عدل ٿيو تہ سزا ملندي، مون تہ پنهنجي نہ ڪيل گناهن جي بہ سزا پوڳي آهي اجا بہ سر حاضر آهي. هاڻ مون ۾ گناهن ڪرڻ يا ثوابن کي حاصل ڪرڻ جي سگهہ ئي موجود ناهي."

علي بخش ڪلڻ لڳو. " خير نئين دنيا ۾ وڃ. ماضي ۾ جيڪي ڪجهہ ٿيو سڀ وساري ڇڏ. نئين زندگي گذار. انسان ٿيڻ جا عذاب تو پوڳيا آهن. هاڻ ڪوشش ڪجائين تہ انسان ٿيڻ ڪري بهتر ڏينهن ۽ راتيون ڏسجان، محسوس ڪجان ۽ پنهنجي مرضيءَ سان جيڪو وڻيئي سو ڪجائين

توکي آسمان جي سزا هت ملي چڪي آهي هاڻ زمين جا مزا ماڻجئين. تون شايد پهريون انسان آهين جنهن جو معاملو سزا کان شروع ٿي جزا ڏانهن وڃي پيو. منهنجي دعا آهي تون خوش رهين.“

گاڏي هلي رهي هئي. گلاب ٻاهر ميداني علائقي سان گڏ ننڍن جابلو حصن کي ڏسي رهي هئي. ٻنهي پاسي ويراني هئي.

” ڇا پئي ڏسين؟“ علي بخش آخر پڇيس.

” آءٌ جڏهن ٻـ هن رستي تان لنگهندي آهي تہ مونکي عجيب خيال ذهن ۾ ايندا آهن.“ گلاب خاموش ٿي ويئي.

” ڪهڙا عجيب خيال؟ “

”سبب ڇا ٻڌايان ؟ “

” ڇو Pornographic تفصيل آهن ؟ “

”نـ !“

” پوءِ ٻڌائڻ ۾ ڇا آهي. ڪي رومانس وابستہ آهن؟ “

” نـ رومانس جا جذبا منهنجي ذهن ۾ لڱن جي مشڪن، رڳن، شريانن ۾ حواسن منجهہ آهن ئي ڪونہ!“

” پوءِ ڪهڙا عجيب خيال آهن؟“

گلاب خاموش هئي. علي بخش خان ٻـ خاموش ٿي ويو. ” مونکي ڪيڏي ڪيڏي مهل ائين محسوس ٿيندو آهي تہ مستقبل ۾ منهنجو وطن شايد پنيان ڇڏيل Toll plaza کان پوءِ شروع ٿئي.“

” مون ڳالهہ نـ سمجهي . “

” ڳالهہ سمجهو ٿا . سمنڊ ٽول پلازا تائين چڙهي ايندو ۽ وطن جا غدار سياستدان، ون يونٽ وانگر، سرحدن جي حد بنديءَ تي صحيحون ڪندا. اسان جو وطن اولهہ اتر ۾ درياهہ جي ساڄي ڪناري سان هوندو جتان صدين کان ڌاريا حملي آور دهشتگرد گهوڙن ۽ فوجن سميت ايندا هئا. هاڻ ڏکڻ منجهان سمنڊ اُيامندو ۽ اوير منجهان انسانن جا ريلا طوفان وانگر ايندا. اُتر جا گس انسانن لاءِ سرد هوائن وانگر صدين کان کليل آهن.

” تون اهي سڀ خيال دل مان ڪڍي ڇڏ. ائين ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. “

” سر آءُ جڏهن بہ سپرهاڻ تان لنگهندي آهيان. منهنجي ذهن ۾ ٽيپ ريڪارڊر هلڻ شروع ڪندو آهي. آءُ اکيون بند ڪري ڇڏيندي آهيان ۽ مونکي ڪو vision محسوس ٿيندو آهي ۽ نئن باران جي پل ڪان ونې نئن ملير جي ننڍڙي پل تائين رستي جي ٻنهي پاسي ڪجهہ فوٽن جي فاصلي تي بي شمار ٽنيا ڪُتل محسوس ٿيندا آهن. ڪاٻي پاسي ٽنين تي وطن جا غدار جن ۾ سياستدانن، ڪامورن، سردارن، وڏيرن ۽ پوتارن جا اڌ اگهاڙا جسم ٽنگيا پيا آهن جن وطن کي هن حال ۾ پهچايو آهي. سندن جسمن ۾ مونکي ڪڏهن ساهہ محسوس ٿيندو آهي تہ ڪڏهن مردا لڳندا اٿم. ٻئي پاسي، رستي تي ٽنيا ڪُتل آهن جت وطن جا دهشتگرد ۽ ڌاڙيل پڻ ٽنگيل نظر ايندا پيا آهن جيڪي اجا ساهہ کڻن پيا. ائين ڇو ٿيندو آهي؟“

” اهي سڀ نفسياتي مسئلا آهن ۽ اسين انهن بلائن م قاسي پيا آهيون. جي جسماني طور تي نہ، تہ ذهني طور تي انهيءَ جار ۾ وڪوڙجي ويا آهيون. انهيءَ جو علاج ضروري آهي. خير تون انهن ڳالهين منهجان نڪري اچ ۽ ٽرماس منهجان چانهن ڪيڍي تون بہ پيءِ ۽ مونکي بہ پيار. هاڻ ڊسمبر ختم تي رهيو آهي. اُتر لڳڻ شروع ٿيو آهي ۽ ڏهن پنڌرهن ڏينهن ۾ سردي بہ وڌيڪ شروع ٿي ويندي. مونکي اجا بہ سرديءَ جي موسم وڻندي آهي آءُ سيارو پنهنجي طريقي سان ملهائيندو آهيان.“

” پنهنجو طريقو؟ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي.“ گلاب سامهون رستي ڏانهن ڏسندي چيو. ” جيستائين منهنجي زال جا هڏ سنوان هئا ۽ She had some ambitions in her mind and body we always used to go to northern areas of our country and sometime southern countries of Europe.

” هاڻ ڪو نہ وڃو؟ “

” گذريل ڪيترن سالن کان اهو سلسلو بند ٿي ويو آهي ۽ هاڻ آءُ جنوري ۾ پنهنجن ڪجهہ دوستن سان ملڻ اُتر پنجاب ۽ ڪجهہ اجا بہ مٿي

ويندو آهيان. ڏهہ پنڌرهن ڏينهن رهندو آهيان.“

” اڪيلا ويندا آهيو؟“ گلاب مرڪي پڇيو.

” نہ هڪ ٻہ جوانيءَ جون دوست آهن. پوءِ جيڪا بہ تيار ٿئي . اهڙا trips اڪيلا ڪرڻ پاڻ سان زيادتي آهي. عورت جو ساٿ هزار سکن جي برابر آهي. ذهني ڪمپرومائز نهايت ضروري ڳالهہ آهي. اُن کان پوءِ محبت بہ شروع ٿئي ٿي، پيار جا ڏاڪا چڙهڻ بہ آسان ٿي پون ٿا ۽ نيٺ آخري منزل عشق جي ٿيندي آهي جيڪا لازوال آهي. رب سان بہ جڏهن عشق ٿيندو آهي تہ انهيءَ جو ڪو ڇيهہ نہ آهي. باقي سڀ رستا انهيءَ لازوال عشق تائين پهچڻ جا آهن.“

” اوهان جي زال کي انهن سيني ڳالهين جي ..... “

علي بخش خان ٿهڪ ڏيئي گلاب جي ڳالهہ ڪٽي: ” انهيءَ سان تعلقات هاڻ عشق جي مرحلي ۾ آهن. ڪيس خبر آهي تہ هڪ سهڻي جوان جماڻ ڇوڪري سندس گهر ۾ ٽڪيل آهي. ڪيس منٽ منٽ جي خبر پهچندي هئي. پر اعتماد هئس. عورتن ۾ اهڙو اعتماد نہ هوندو آهي. پر هاڻ اسانجا عورت ۽ مرد جا تعلقات ٻٽيهہ ٽيٽيهہ سال لاڳيتو محبتن جي پيچرن تي هلڻ ڪري cultured ٿي ويا آهن.“

گلاب ٿورو آهستي سان پڇيو: ” هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪريو. اوهان ڇيو تہ آءٌ سهڻي، جوان جماڻ ڇوڪري آهيان. آءٌ سهڻي نہ آهيان. آءٌ سهڻي نہ آهيان. منهنجو رنگ ميرانجهڙو آهي. عام ڏکهي ڇوڪرين کان بہ ڏکهي ۽ ٻي ڏولي آهيان. جسم سڄو داغيل آهي. سونهن واري ڪاڪشش ناهي. باقي مرد ائين ايندا آهن جيئن ڪتا ٻلا مادين ڏانهن ويندا آهن. بنا ڪنهن سوچ ۽ سمجهہ جي سواءِ هڪ biological act پورو ڪرڻ لاءِ. منهنجو ذهن ۽ جسم تہ انهيءَ so called biological act لاءِ بہ تيار نٿو ٿئي.“

” تون پليل آهين. تون تمام سهڻي ڇوڪري آهين جيڪا هاڻ mature woman ۾ تبديل پئي ٿئي. پر تون اها سهڻي ڇوڪري آهين

جنهن مرد ۾ دنيا ڀئي positive sense ۾ ڏٺائي ڪونہ آهن. اجا بہ وقت آهي. دنيا تمام وسيع آهي. تون پهرين پلي انسان بابت علم پڙهي ڇيهہ ڪر پوءِ ڪنهن چڱي انسان سان تعلقات رک. تعلقاتن کي محبت ۾ بدلي ماضيءَ کي وساري ڇڏ. ماضي، سچ وانگر ڏائڻ آهي. ڪڏهن ڪجهہ حاصل ڪرڻ لاءِ سچ کان پاسو بہ ڪبو آهي. تون وچين پڄي ۾ مونکي بہ عمر جو تقاضائون الائي ڪهڙي پاسي وٺي وڃن نہ تہ آءٌ توسان محبت ضرور ڪريان ها. پرهاڻ بہ ڪريان ٿو. تون مونکي وڻين بہ ٿين انهيءَ ڪري جو تون سهڻي آهين ۽ ذهين آهين . آءٌ تنهنجو انتظار ڪندس ۽ جڏهن بہ واپس پنهنجي وطن ايندينءَ تہ مونکي پنهنجي محبت ڪندڙ جي حيثيت ۾ ڏسندينءَ. آءٌ توکان وڏو آهيان. اها ڪا وڏي يا خراب ڳالهہ نہ آهي پر ".My dear always try to love and to be loved

گلاب کلڻ لڳي: " اوهان رومانٽڪ ٿيندا پيا وڃو. مونکي توهان جي لفظن تي ڀروسو آهي تہ آءٌ پيار ڪرڻ جهڙي آهيان. شايد سهڻي بہ آهيان. جسم ۾ جواني آهي پر سينوار جي وٺي آهي. آءٌ ائين سمجهان ٿي".

" نہ تون غلط سمجهين ٿين. تو ۾ سونهن آهي. تون جوان آهين ۽ تون Loveable آهين. اُهو مرد خوش نصيب هوندو جنهنکي تون هڪ عورت جي روپ ۾ پاڻ کي اربي پيار ڪندينءَ".

گلاب تمام آهستي سان پڇيو: " اوهان سچ چئو پيا؟"

" بلڪل سچ! جنهن عورت کي خوشبوءِ محبت سان لڳاءَ نہ آهي سا بنا ڪنهن مستقبل جي دنيا ۾ هڪ اجايو وجود آهي. محبت ڪرڻ لاءِ بہ انسان ڪپن ۽ ٻنهي انسانن منجهہ جذبن ۽ دنيا داري جو compromise هئڻ ضروري آهي. عشق تہ هڪ انسان بہ ڪري سگهي ٿو: وطن سان، ڌرتيءَسان، خوشبوءَ سان، سچ سان ۽ پنهنجي رب سان!"

" اوهان کي مون سان محبت آهي؟"

"ها مونکي توسان محبت آهي!" علي بخش خان ٿهڪ ڏنو ۽ ٽشو پيپر سان گلاب جي اکين مان وهي آيل لڙڪ اُگهڻ لڳو.

”پوءِ.... پوءِ آءٌ ملڪ کان ٻاهر نہ وڃان هت زندگيءَ جي نئين موڙ تي هلان. اوهانکي ڪابہ تڪليف نہ ڏيندس.“

”نہ گلاب تون وڃ!___ يورپ، گلاب جي خوشبوءِ سونهن جو انتظار ڪري پيو. مون ڪجھ دوستن سان ڳالهايو آهي. اهي سڀ تنهنجو خيال رکندا ۽ پوءِ واري ڪندا. باقي زندگي تون پنهنجي مرضيءَ سان گذارجئين. آزاد فضا ۾، سچ سان پريل! منافقت کان پري! جيتري زندگي وڃائي اتئي اُها بہ اُتي ڳولي لهجئين. پنهنجي اسٽڊي پوري ڪري پنهنجي مرضيءَ سان اچجئين. آءٌ تنهنجو انتظار ڪندس!

”اوهين ڪيستائين منهنجو انتظار ڪندا؟“

”جيستائين دل هلي پئي ۽ جيستائين ذهن ۾ يادداشت جي قوت باقي آهي.“

”آءٌ ڪوشش ڪري جلدي ايندس.“

” نہ! تون ڪوشش ڪري پنهنجو مقصد حاصل ڪجائين.“

” ڪهڙو مقصد؟ “

” Anthropology ۾ ڊاڪٽريٽ ڪجائين ۽ پنهنجي گم ٿي ويل زندگيءَ کي ڳولي حاصل ڪجائين ۽ پنهنجي زندگي گذارجئين.“

” زندگي هت بہ.... “

“No My dear change is always better.” آءٌ تنهنجو انتظار ڪندس. تون هُتي بہ انسانن وانگر رهجائين. دنيا جي اُنهي اڌ گول ۾ رهندڙ انسانن ڌرتيءَ کي ۽ فضا کي بهتر نموني استعمال ڪرڻ سکي ورتو آهي. اسان واري اڌ گول ۾ اسان زندگي گذارڻ تي گهڻيون پابنديون مڙهي ڇڏيون آهن. تون ڊاڪٽريٽ ڪيترن سالن ۾ ڪندينءَ؟

” بہ ڪان ٽي سال لڳندا.“

” نيڪ ٽي سال ڊاڪٽريٽ جا ۽ بہ سال ماحول ۾ جذب ٿي ڌرتيءَ تي زندگي گذارڻ جا. آءٌ نيڪ پهرين جنوري 2012ع تي ڪراچي ايئرپورٽ تي تنهنجي انتظار ۾ بيٺو هوندس. ڊاڪٽر گلاب جي لاءِ هڪ مرد ۽ انسان

جي روپ ۾! گلاب ۽ موتئي جا گل ڪنيو بيٺو هوندس..... ! تنهنجي لاءِ!".

گلاب خاموش ٿي ويئي. درياءَ مان ٻاهر ڏٺائين ته رستي جي پاسي سان ٿنڀن تي سردار، وڏيرا ۽ وطن جا ڪامورا ۽ سنڌ جي سول سوسائٽيءَ ڪي Stone age ۾ وني وڃڻ وارا ٻه منهنان ماڻهو ڪيس اڏ مٺا ۽ لٽڪيل نظر اچڻ لڳا پر هن پيري منظر صاف نه پئي لڳو. اوچتو علي بخش خان کي محسوس ٿيو ته گلاب سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ قابو جهلي ورتو آهي ۽ علي بخش خان ڪنڌ موڙي ڏٺو ته گلاب جي منهن تي آيل تازگي ۽ ميرانجهڙن، رت سان ڀريل ڳلن ۾ ڪا هلڪي هلڪي سرهاڻ ڦهلجي رهئي هئي. تنهن کي محسوس ڪري رهيو هو. آءٌ ڦهرين جنوري 2013ع تي نه ايندس پر اوهان منهنجو انتظار ڦهرين جنوري 2011ع ڪراچي ايئر پورٽ تي ڪجو."

" تون مغربي دنيا جي زندگي ڏسڻ ۽ محسوس ڪرڻ نه ٿي چاهين؟"

" هاڻ آءٌ محسوس ڪريان پئي ته آءٌ زندگيءَ کي هن ڌرتيءَ تي ڇڏي وڃان پئي. آءٌ واپس اچي ٻه اوهان جي گهريلو زندگيءَ کي خراب ڪرڻ يا مسئلا پيدا ڪرڻ نٿي چاهيان آءٌ سمجهان پئي ته منهنجي زندگيءَ ۾ ڪا وڏي تبديلي پئي اچي."

" گلاب توکي شايد ٻڌايو ٻه اٿم ته آءٌ سڪستي پلس آهيان. تون اجا Mid thirties ۾ آهين. آءٌ توکي آمريڪا ۾ رهندڙ سٽ جي ڏهاڪي جي مصنف ولاڊيمر نيبوڪوف جي ناول جي لوليٽ Lolita ٿيڻ نه ڏيندس."

" الائي ڇو..... ؟" گلاب خاموش ٿي ويئي.

"Express Yourself " علي بخش خان چيو."

الائي ڇو آءٌ مرد جي محبت جي Orbit يا Cobweb ۾ سِر ڪندي اچان پئي. اوهان مونکي جادوگر لڳوٽا. خبر ناهي جوانيءَ ۾ اوهانجي جادوءَ جي حد ڪيتري هوندي؟ " گلاب مرڪيو جڻ گلاب جو گل ٽڙيو.

"يار آءٌ اجا ٻه جوان آهيان." علي بخش خان چيو. " دل ۽ ذهن جوان هئڻ کپي. باقي بين عضون جي ثانوي حيثيت آهي. انسان، انسان کي يا مرد

عورت کي يا عورت مرد کي Sex کانسواءِ بہ پيار جي سرحدن ڏانهن وٺي وڃي سگهي ٿو. جڏهن بہ انسان انهن سرحدن تي هوندا آهن تہ ڪين Sexual Ecstasy کان بہ وڌيڪ احساس ٿيندو آهي. پر عورت ۽ مرد کي، نر ۽ ماديءَ هئڻ جي صورت ۾، هڪ ٻئي جي جسم ۾ لهڻ جي قدرتي گهرج بہ هوندي آهي. انهي گهرج کي جي محبت جون بنيادون مليل هونديون آهن تہ اُها گُهرج محبت جي معراج تائين پهچي سگهي ٿي. باقي عشق انسان سان بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ پنهجي رب سان بہ ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪيفيت کي انساني ذهن ۽ جسم جي شعوري Satisfaction ۽ آخري Destination چئي سگهجي ٿو." جڏهن عشق انسان سان يا رب سان ڪري سگهجي ٿو تہ پوءِ ٻنهي ۾ فرق کي آءُ پنهنجي سمجهہ مطابق define نٿو ڪري سگهان. رب بہ چئي ٿو سندس نافرماني يا حق پورا نہ ڪرڻ کي بخشي سگهي ٿو پر انسان سان ٿيل ناحق بخشڻ لاءِ هو تيار ناهي. انسان جو ايترو مرتبو آهي ۽ انسان تڏهن مڪمل آهي جڏهن مرد ۽ عورت محبت جي پاڪر ۾ هوندا آهن. محبت جو پاڪر هر وير و Sex ڏانهن اشارو نٿو ڪري، پر کين مڪمل انسان جي حيثيت ڏيئي ٿو. باقي سڀ ماڻهو آهن جن کي ماڻهپي جي ضرورت آهي."

گلاب وري دري جي ٻاهر ڏسڻ لڳي. وطن جا خشڪ جابلو علائقا، صدين کان جت ۽ جنهن حال ۾ بيٺل هئا ائين ئي اج بہ اتي اُنهيءَ حال ۾ هئا. گلاب جو وطن اج بہ پنج هزار پراڻي تهذيب جو شاهڪار آهي ۽ لاڳيتو صدين کان آهي. گلاب جي ذهن ۾ اکين منجهہ ٽنين تي لٽڪيل سنڌ جي مڊل ڪلاس جي شاعرن ۽ غدار سياستدانن جا لٽڪيل اڌ مئل مردا جسم موجود هئا. پر سندس. ذهن ۾ ڪجهہ ٻيا خيال بہ جاءِ وٺي رهيا هئا."

"اجا پاڻ کي گهر پهچڻ ۾ ڪلاڪ کن لڳندو. توکي سنڌ جي صفا لوئر ڪلاس جي هڪ همراهہ جي جاکوڙ جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿو جيڪا شايد اهڙن سيني همراهن سان لاڳو آهي____ هڪ ڳالهہ چوڻ وسري

وٺي!" گلاب پورو ڪندڙ ورايو ۽ ڪيس گھوري ڏسڻ لڳي.

"ڇوڙ تہ مونکي ائرپورٽ جي ڊپارچر لائونج ۾ ڪپي ها پر اُتي شايد مونکي وسري وڃي."

"ڪھڙي ڳالھہ؟"

"تون آزاد فضا ۾ وڃين پئي. انسانن سان نفرت نہ ڪجائين. اُتي محبت ائين ئي ضروري آهي جيئن مئڪڊونلڊ جي فاسٽ فوڊ فرنچائز جا جمبو سينڊوچ کائڻ ضروري آهن. سينڊوچ کاڌو پيٽ ڀريو ۽ هر ڪو پنھنجي منزل ڏانھن رمندو ويندو ____ توکي ضرور بک لڳندي. نفرت هتي ڊفينس سوسائٽيءَ جي قبرستان ۽ باٿ آئلنڊ جي رستن تي ڇڏي وڃ. اُتي پنھنجو مقصد حاصل ڪجائين. آءُ توکي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري سان واپس ايندي ڏسڻ چاهيان ٿو. ڪليل فضا ۾ رهجائين. يونيورسٽي ۾ گھڻا دوست ناهجئين. اوسي پاسي جا ملڪ ڏسجائين. اڪيلو هئڻ گناھہ آهي. ۽ آخري جملو: ڪجھہ محبت مون وٽ بہ ڇڏي وڃ ۽ هُتي ڪانڊم Condom ضرور استعمال ڪجائين. بس بي ڪابہ نصيحت نہ آهي." گلاب اڪيون ڦاڙي علي بخش خان کي گھوريو ۽ کلڻ لڳي.

"چڱو!" گلاب آهستي سان چيو: "ڊاڪٽريٽ جي ڊگري آءُ" ڪٽي ايندس. اوهان وٽ امانت ۾ رکيل منھنجي محبت رهندي. وعدو ڪريو!"

"وعدو ۽ پڪو وعدو! پر اها محبت تنھنجي اچڻ کان پوءِ بہ مون وٽ رهندي. ٺيڪ؟"

گلاب ٻنھي گرم هٿن سان علي بخش جو هٿ دٻايو ۽ چيو:

"منظور!" گلاب کي شايد پھريون پيرو مرد جي هٿن جو ڇھاءُ ۽ گرمائش محسوس ٿي ۽ گلاب چئي ڏنو: "اوهان تمام گھڻو سچ ڳالھايو آهي. هڪ سچ بيو بہ ڳالھايو: "اوهان هيترا لک رپيا خرچ ڪريو پيا هڪ اهڙي عورت تي جنھن کي پھرين سجاڻو بہ ڪونہ ٿا ۽ جنھن مان شايد..."

"ڪو آسرو بہ نہ هجي" علي بخش خان پنھنجي طور تي جملو پورو ڪيو.

گلاب مرڪي ڏنو. ” هيستائين يعني سپر هاءِ وي جي پهرئين ٿول پلازا تائين مون رڳو هڪ انسان جي حيثيت ۾ هڪ انسان کي ماضيءَ جي دهشت گرديءَ جي ڄار منجهان ڪڍڻ جي ڪوشش پئي ڪئي. آءُ تمام امير ماڻهون، تہ بہ سرنديءَ وارو ضرور آهيان. ڪجهہ لک خرچ ٿي ويا تہ ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. پر منهنجي اندر ۾ ويٺل انسان کي اطمينان ضرور ٿيندو ۽ توکي نارمل زندگي ڏانهن مائل ڪرڻ خراب ڳالهہ نہ آهي. پر جڏهن ٿول پلازا وٽ پهتاسين اهوئي ٿول پلازه جنهن لاءِ تو چيو مستقبل ۾ سنڌ اُتان شروع ٿيندي ۽ درياهہ جي ساڄي ڪناري سان گڏ اتر ڏانهن ويندي، اتي مون يعني علي بخش خان هڪ مرد جي حيثيت سان سوچيو تہ هي پرسان ويٺل عورت جيڪا پرڏيهہ وڃي پئي، سا تہ محبت ڪرڻ جي لائق آهي ۽ ٪100 اهڙي عورت جي فريم ۾ آهي جنهن کي ذهن ۽ دل ۾ سمائي سگهجي ٿو. منهنجو ذهن ڪار جي اسپيڊو ميٽر وانگر تنهجي بابت سوچ ۾ ورتل هو. ضرورت ناهي تہ تون بہ مون سان، منهنجين ڪيل مهربانين ڪري محبت ڪرين آءُ اڪيلو بہ توسان محبت ڪري سگهان ٿو. اهو منهنجو پنهنجو اختيار آهي. “

” آخر ۾ نتيجو اهو ٿيو تہ اوهان مون سان محبت ڪريو ٿا!“ گلاب چيو.

” ها آءُ علي بخش خان، عمر 61 سال، سونهن سان پريل، ذهين عورت گلاب سان محبت ڪريان ٿو ۽ اها بہ خواهش اٿم تہ تون مغربي ملڪن ۾ وڃي علم ۽ محبت حاصل ڪر. ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪا خوبصورت فضا آهي انهيءَ ۾ انساني جذبن ۽ خواهشن سان پريل fair sex جو بهترين ۽ نارمل مثال بڻجي زندگي گذار. پر مون سان وعدو ڪر. “

ڪهڙو وعدو؟“

” هڪ بهتر انسان ٿيڻ جو ۽ مايوسي ۽ ماضيءَ کي هٿ پٺي آءِ اي جي ڊپارچر لائونج ۾ رکيل ويسٽ بن ۾ ڇڏي وڃ!

گلاب پهريون ڀيرو هڪ ڀرپور ٽهڪ ڏنو ۽ چيو: ” اوهان سان وعدو

ڪريان ٿي.“

علي بخش خان خوش ٿي ويو. ”اهي محبت ۾ ان سان لاڳاپيل ڳالهيون هيون. هاڻ حقيقت ۾ ٿيل ڳالهه ٻڌ. جيڪا گذريل چاليهن سالن کان ملڪ ۾ سول سوسائٽي جي تبديل ٿيڻ جو هڪ negative مثال آهي ۽ اهو مثال اسان سيني مثالن تي لاڳو ڪري سگهون ٿا. پاڻ جت هلون پيا اهو منهنجي سالي جو گهر آهي منهنجو سالو مونکان ڏهه سال ۽ پنهنجي پيڻ کان پنج ننڍو آهي...“

”سويل جيڪي اوهان ڳالهيون ڪيون پئي سي ختم ٿي ويون؟“ گلاب پڇيو.

”سويل واري ڳالهه ته ڪُنڍ جي ناهي پر سيني معاملن سان ڪنهن نه ڪنهن طور لاڳاپيل آهي.“

”پوءِ ٺيڪ آهي. منهنجو مطلب ته سويل واري ڳالهه، اوهان ڪار جي دريءَ جو شيشو هيٺ ڪيو هو اُتان هوا ۾ ته ڪو نه شامل ٿي وئي.“

”مون دري کولي هئي چا؟“

ها هڪ مک بيزار پئي ڪيو. تنهنڪي ٻاهر ڪڍڻو هو.“

گلاب چيو. ”ڀلا سر آءُ مک ته ناهيان؟“

”يار توکي اجا اعتبار نٿو اچي!“

”اچي ويندو جڏهن آءُ توهانکي يار چوندس.“

”پوءِ چؤ نه!“ علي بخش مرڪڻ لڳو. ”نه آءُ چئي نٿي سگهان. شايد ولايت منجهان چئي سگهان.“

”تون مردن وانگر گاريون به ڏنيون آهن ۽....“

”ها پر اُن وقت آءُ الائي چا هئس. هاڻ شايد عورت جي فارم ۾ واپس اچان پئي.“

”جڏهن عورت جي فارم ۾ مڪمل ٿين ته تڏهن مونکي يارسڏ جئين آءُ انتظار ڪندس.“ گلاب ڪنڌ هيٺ ڪري مرڪي ڏنو.

گاڏي سپر هاءِ تي پنهنجي مقرر رفتار سان هلي رهي هئي ۽ ٻئي چٽا

خاموش هئا. گلاب ڳالهايو: ”اوهان ڪجهه مونکي اسانجي سوسائٽيءَ جي باري ٻڌائيڻ تي چاهيو.“

” ها مونکان ڳالهه وسري ويئي. پاڻ هاڻ جت هلون پيا اهو مون اڳ ۾ به ٻڌايو ته منهنجي سالي جو گهر آهي. منهنجو سالو هن ڏرتيءَ جو ماڻهو آهي. سندس آسمان سان تعلق مونکي محسوس نه ٿيندو آهي. اُتر سنڌ جي ڪنڌ ڪوٽ تعلقي جو آهي. سندس ڳوٺ سنڌو درياهه جي ڪناري تي آهي. هر ٻوڏ سان سندن ڳوٺ جي جاگرافي به بدلبي هئي. 1972 ۾ عوامي حڪومت آئي. سنڌي ماڻهن لاءِ پاڪستان نهڻ کان پوءِ ڪرچي شهر لاءِ هڪ پنهنجائپ وارو رستو کليو. منهنجو سالو به ميٽرڪ ڪنڌڪوٽ جي اسڪول مان پاس ڪري، هڪ ننڍي نيٽي زال ۽ هڪ پٽ کي ڳوٺ ۾ ڇڏي ڪراچي آيو. هت سندن حد جي ايم پي اي جون روز حاضريون ڀريندو هو. سولجر بازار ۾ هڪ فليٽ مسواڙ تي ورتل هو جنهن ۾ اٺ دوست رهندا هئا ۽ ساڍا چار سؤ رپيا مسواڙ چندو ڪري ڏيندا هئا. مون وارو سالو نائون ميمبر ٿيو ۽ کيس به مهنا مسواڙ نه ڏيڻ کان آجو ڪيائون جيستائين ڪٿي ڪا نوڪري مليس. نيٺ ايم پي اي صاحب کيس سنڌ انڊسٽريل اسٽيٽ جي آفيس ۾ ڪلرڪي وٺي ڏني. پوڻا به سؤ پگهار ملندو هوس. سؤ رپيا ابي ڏانهن مني آرڊر ڪندو هو ۽ باقي پئسن مان مسواڙ جي مٽس رکيل قسط به ڀريندو هو هڪ پٺاڻ جي هوٽل تي کندو کليل هوس جت نيرن ۽ رات جي ماني کائيندو هو ۽ منجهند جي ماني سائٽ ايريا ۾ به نان ۽ چٽن جو نهيل ٻوڙ وٺي کائيندو هو. ڪڏهن برياني جي پليٽ وٺندو هو. اُن وقت نان به آنا يعني اجوڪن ٻارهن پئسن ۾ ملندو هو ۽ ڳائي گوشت جي برياني چار آني يا ڇهين آني ملندي هئي. ڇهه مهنا اُهي آفيس ۾ ائين ئي نوڪري ڪيائين. فليٽ، پٺاڻ جي هوٽل تي نيرن، گرومندر کان سائٽ ايريا جي بس، آفيس ۾ نوڪري، منجهند جو لنچ پيدل اچڻ سٺيون ستابيون. ڪارين چادرين ۽ بناپردي عورتون ڏسي اکيون ٺاري، تڏا ساهه کڻندو صدر منجهان ايمپريس مارڪيٽ وٺان ترام ۾ چڙهي سولجر بازار ايندو هئو ۽

هڪ وڏي ڪمري واري فليٽ ۾ وچيل گلمر تي وهاڻو رکي سمهي رهندا هئا. ۽ ڇهين مهينن ڪانپوءِ منهنجي سالي کي سندس صاحب گهرايو ۽ پگهار سان ٽي سؤ رپيا مٿين ڪمائيءَ جا بہ ڏنائينس. مون وارو سالو شاهوڪار ٿي ويو ۽ هڪ ٻن شوقين دوستن سان سدو نيپئر روڊ تي پهتو ۽ هڪ اڇي متاري پناٽيءَ سان پندرهن رپئين ۾ وچي اچو منهن ڪيائين. مونکي هڪ دفعي ٻڌائين تہ ادا اها پناٽي گلابي رنگ جي هئي ۽ جڏهن هن ڪپڙا لاٿا تہ مون پنهنجي زندگيءَ ۾ اهڙي سهڻي ۽ گلابي رنگ واري عورت نہ ڏٺي هئي. اسان ڳوٺ جا ماڻهو ۽ زالون سجو ڏينهن اُس ۾ ڪم ڪريون ۽ جي اڇيون ڇوڪريون جمن تہ بہ جوان ٿينديون سانوريون ۽ ڪوجهيون ٿي اڏامي وڃن. باقي جواني بچي سا بہ لاڳيتو ست اٺ ٻار ڄڻي اُها بہ چاليهن سالن منجهہ ئي کپائي ڇڏين. لڱن ۾ رت جي ڪوٺ موچاري منهن کي بہ بي ڪشش بڻايو ڇڏي. مون وارو سالو مهني ٻئي ڳوٺ ويندو هو. ڪجهہ پئسا ابي امڙ کي ڪجهہ پئسا جوءِ جي هٿ تي رکي، بہ ٽي راتيون سهاڳڻ سان سمهي، ڪڏهن ڪيس ڏُکو ڪري ايندو تہ ڪڏهن هوءَ وري اوسيئڙي ۾ وينـي هوندي هئي ۽ ارهو ٽيڻ ڇڏي ڏنائين ۽ وڏڙين ڪان پئي ڏس پتا پڇندي هئي تہ بہ ٽي ٽي مهنا ٿيو وڃن ڏينهن چڙهن ئي نٿا. هو ويچارو تہ مهني سر اچي ٿو ۽ پنهنجي شهري سکيل اتڪلون ستڪلون سڀ استعمال ڪري ٿو. منهنجا ڪي نصيب اهڙا آهن. اهي لفظ انهيءَ مائي جا هئا جيڪا اڳ ئي ٻن پٽن ۽ هڪ نياڻيءَ جي ماءُ هئي."

گلاب ڪلي ڏنو: " اسين عورت کي رڳو انهيءَ راند جي قابل سمجهندا آهيون ۽ پوءِ عورت بہ پنهنجي سوسائٽيءَ جي اصولن مطابق هلندي آهي ۽ سمجهندي آهي تہ مرد سان ملڻ ڪري جي هوءَ pregnant نٿي ٿئي تہ شايد هن ۾ ڪا کوٽ آهي، ڪا ڪمي آهي___ ۽ سندس depression جو هڪ ڪارڻ اهو بہ آهي."

" پوءِ منهنجو سالي حاڪم علي، هڪ ٻہ سال ائين ڪلارڪيءَ ۾ گذاريا. جي تمام خوشحال نہ هئا تہ بہ گذر سفر چڱو هوندو هوس.

ڪراچيءَ جي بسن جا روٽ ۽ انهن جا نمبر سڀ ياد هوندا هئس. ميريويدر ٽاور کان ٽرام هلندي هئي ۽ سچو بندر روڊ هلي، ڪانڊوا والا بلڊنگ کان، ڪينٽ اسٽيشن ڏانهن مڙندي هئي ۽ پڻي پاسي گانڌي گارڊن ڏانهن ويندي هئي. ٽيئن پاسي ٽورو اڳتي هلي سولجر بازار ڏانهن مُڙندي هئي. آچر ڏينهن حاڪم علي ٻه ڪلاڪ ڪن ٽرام جي سست رفتار سواريءَ ۾ هڪ آنو ڏيئي سوار ٿيندو هو ۽ ڪراچي جون رونقون، بلند عمارتون ۽ سهڻيون بنايل عورتون ڏسندو هو ۽ دل ئي دل ۾ ماڻهن وٽ دولت جي موجودگيءَ متعلق حساب لڳائيندو هو. سندس ذهن حسابن ۾ تمام تيز هو. نيٺ هڪ دفعي سوچيائين ته جي ڪيس هيڊ ڪلرڪ واري پوسٽنگ ملي وڃي ته جام پئسا ڪمائيندو. پر مشڪل اها هئي ته هي سينئر ڪلرڪ، سو به صفا جونئر هو ۽ قائدي موجب ڪيس اها پوسٽنگ ملي نه پئي سگهي. هن سندس ايڊمن آفيسر جي گهڻي خوشامد ڪئي. ڪم جو به هوشيار ۽ اڻ ٿڪ هو. صاحبن جي گهرن جا ڪم به خوشيءَ سان ڪندو هو پر 1974ع جا قائده قانون سندس آڏو ايندا هئا. هڪ ڏينهن صدر ۾ مرينا بار ۾ هن مرجينا جي جن ويٺي پيتي. ڪجهه پڳڙا ۽ چٽا ويٺي ڪاڌا. سامهون هار مونيم تي هڪ ٻي سرو هندوستاني. لال موري پٽ رکيو الا سيوهڻ دا سنڌڙي دا جهولي لالڻ ڳائي رهيو هو. ات ڪيس سندس پنجابي ائڊمن آفيسر پنهنجي هڪ دوست سان مليو. حاڪم علي زوري ٻنهي کي پنهنجي ٽيبل تي ويهاري خوب پياريو. ڪباب ۽ جيرا کارايا ۽ ٻئي مست ٿي اُٿيا ۽ هن کي چيائون اسين صدر جي ڪرسچئن ايريا ڏانهن وڃون ٿا اُت هڪ پراڻي سنگيتاڻي آهي. هن کي دعوت ڏنائون پر هي دل ٻڌي نه سگهيو. پر انهن جي وڃڻ کان پوءِ، هن جو تيز دماغ هلڻ لڳو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو همت ڪري پنهنجي آفيسر کي وسڪيءَ جي دعوت ڏنائين. هن پهرين ته ڪلي انڪار ڪيو پوءِ ڪٿي ها ڪيائين ٻئي ڏينهن آفيس ٽائم کان پوءَ پنهنجي آفيسر کي ٻڌايائين ته سائين مون وٽ جڳهه ناهي. پنجابي آفيسر چيس ته پرواهه نه ڪر منهنجو فليٽ خالي آهي. پر ويڪ ائنڊ تي محفل ڪنداسون. ٽئي

ڏينهن حاڪم علي چيو تہ سائين ويڪ اينڊ تي آءُ پنهنجي هڪ فيميل فرينڊ سان سمنڊ جي ڪناري ويندو آهيان. آفيسر چيس يار انهيءَ فرينڊ کي بہ وٺي اچجانءِ تہ محفل ۾ رونق ٿيندي. انهيءَ وچ ۾ هن نيپئر روڊ جي هڪ ٽيهن پنجٽيهن سالن جي پناڻ ڇوڪريءَ کي رات لاءِ تي سؤ ۾ تيار ڪيو تہ محفل ۾ بہ ٽي ڄڻا هوندا پر توسان سمهندو هڪڙي ڄڻو يا آءُ يا منهنجو صاحب! تي سگهي ٿو صاحب خوش ٿي توکي سؤ ٻہ خرچي بہ ڏيئي ڇڏي پراهو تنهنجي اخلاق تي آهي تون ڪيئن ٿي ڪيس خوش رکين. اها ڇوڪري حاڪم علي سان اڳ ئي واقف هئي ۽ حاڪم علي ٻئي ٽئي هفتي وٽس ايندو هو. انهيءَ ڪري هن سان ٻاهر بہ ويندي هئي. That was turning point مهيني کن کان پوءِ منهنجو سالي هيڊ ڪلرڪ جي اڊيشنل چارج سنڀالي جو پوڙهو هيڊ ڪلارڪ چار مهينا موڪل وٺي ويو. پوءِ حاڪم علي کي ڪوڙ سارا پئسا ملڻ لڳا. سنڌس دوستيءَ جو دائرو بہ وڌڻ لڳو. دوستن مان جان ڇڏائي قسطن تي هڪ فليٽ طارق روڊ تي ورتائين. ان زماني ۾ وسڪي اسڪاچ جي بوتل ڏيڍ سؤ کان بہ سؤ هئي. عورتن جي سڄي رات جي محنت جو اجورو بہ سؤ کان هزار رپيا حاڪم عليءَ کي ڪاسمو پوليٽن شهر ۾ رهڻ جا سڀ گُر سمجهہ ۾ اچي ويا. سائٽ ايريا ۾ پلاٽ ورتائين ۽ وڪيائين. صاحب سياستدانن ۽ بااثر سرڪاري ماڻهن جي سرڪل ۾ اٿڻ ويهڻ لڳو. شهر جون ڪيتريون مئڊم ۽ ڏوتا سنڌس واقفڪارن جي لسٽ ۾ هئا. پوءِ آهستي آهستي ريئل اسٽيٽ جي بزنس ۾ بہ پئسو هڻڻ لڳو. فليٽ وڪڻي، پي اي سي ايچ سوسائٽي ۾ ٽي سو وال تي بنگلو ورتائين. پنهنجا بہ پٽ ۽ ڌيءَ ڳوٺان گهرائي ڪين گرامر اسڪول جهڙن اسڪولن ۾ داخل ڪرائي، هڪ نئين ترقي ڪندڙ فئملي جو بنياد رکيائين. ان وقت اهڙا ماڊرن فئملين جا بنياد ڪراچيءَ ۾ هزارين وجود ۾ آيا پئي. هر فئملي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ آپا يا باجي قرباني جو ٻڪرو بڻجي سڄي فئمليءَ جي اعليٰ عمارت جو پلر بڻجي پئي. ڪٿي مرد بہ اهڙائي ڪم ڪري رهيا هئا. 1970ع جو ڍاڪو ملڪ جي شهرن

خاص ڪري ڪراچيءَ ۾ هڪ نئين ماڊرن ڪلچر کي جنم ڏيئي رهيو هو. حاڪم علي ٻاڻ شاعر ڪونه هو پر اردو ۽ سنڌيءَ جا سوين شعر ۽ بيت، موقعي جي مناسبت سان ياد هئس. هڪ فوجي آفيسر ۽ سول بيورو ڪريسي جي خاص آفيسرن سان سندس تعلقات وڌڻ لڳا. انهيءَ وچ ۾ گرئجوئٽ جي ڊگري بہ حاصل ڪري ورتائين ۽ انهن آفيسرن ڪري ڪيس 18 گريڊ جي نوڪري بہ ملي جت روز ڀهرين هزارين پوءِ لک بہ ڪمائڻ لڳو. ٽن سؤ والن واري بنگلي کي ڇڏي ڪلفٽن تي ڇهہ سؤ والن جو بنگلو خريد ڪيائين. پٽن کي پيٽارو ڪاليج ۾ داخل ڪرائي گهر خالي ڪيائين ۽ ڌيءَ کان فاطمہ جناح ومين ميڊيڪل ڪاليج لاهور ۾ داخل ڪري هاسٽل ۾ بندوبست ڪري ڏنائين. زال کي ڪراچي وٺي آيو ۽ سال کن رهائي سندس منهن تان نون ڪليل بيوٽي پارلرن مير لاهي ۽ پير جي ڪڙين کي ڪريمن ۽ مساج سان سان ڀيهر لسو ڪرائي، ڳوٺ ۾ پٽس کي حويلي ٺهرائي ڏنائين ۽ جوءِ کي بہ واپس اوڏانهن موڪلي، هڪ پنجابي بيورڪريٽ جي پنجتيهہ سالن جي عمر واري بيوه ڀيڻ سان شادي ڪري ڪراچيءَ ۾ رهڻ لڳو. نوڪريءَ مان جام پئسا ڪمائڻ لڳو ائنٽي ڪرپشن وارن کي خوش رکندو هو ۽ سول ۽ مليٽري بيورڪريٽ سان دوستي جي ناطي، تعلقات واڌائڻ لڳو. انهيءَ تعلقات جو بنياد عورت ۽ وسڪي هئي. سندس گهر ۾ بار هئي ۽ دوستن لاءِ هڪ جدا حصو ٺهيل هو. ڪيس سڀ اهڙي قسم جا ماڻهو سڃاڻين ٿا. ڇهہ سال اڳ پري ميچوئر رٽائرمنٽ وٺي ڪاروبار ۾ شروع تي ويو. منهنجي شادي سندس ڀيڻ سان ان وقت تي جڏهن هن شروع شروع ۾ ڪراچيءَ ۾ پئسو ڏسڻ شروع ڪيو. هن جي ماءُ منهنجي ماءُ جي ڳهٽو ڀري جي ماٽتياڻي هئي. منهنجي زال ننڍپڻ کان سدوري هئي امان کي وڻندي هئي امان ڪيس اسان جي گهر وٺي آئي ۽ رهندي ۽ پڙهندي بہ اسان وٽ هئي ائين منهنجي شادي انهيءَ غريب ۽ سلڇڻي ڇوڪري سان ٿي ويئي جيڪا هاڻ ڪراچيءَ جي ڪروڙپتي ٻاءُ جي ڀيڻ آهي. هاڻ ٻاڻ اوڏانهن هلون پيا. گهر جي ٻاهر انگريزي ۾ نيم پليٽ

لڳل آهي: ايـج اي جمالي. اصل ذات, اپر سنڌ جي ڪانڊڪي اٽس پر همراهہ پاڻ ڪي شاعر سمجهندو هو تنهنڪري پنهنجو تخلص جمالي رکيائين ۽ مير بحر مان جان ڇڏائين. هاڻ گهر ۾ نوي سيڪڙو اردو ۽ انگريزي زبان هلي ٿي. اسين جڏهن ويندا آهيون يا پٽس يا پائر ڪڏهن ڳوٺان ايندا آهن تہ ويچاري سنڌي بہ ڪٿي ڪنڊ پاسي نظر اچي ويندي آهي. سندس پنجاپڻ زال تمام سهڻي, قدآور ۽ جوانيءَ جي آخري ڏاڪن تي بہ چڱي موچاري لڳندي آهي. ڪنهن پارلر مان تازو ٿي ايندي آهي تہ هر وڳرو جوان ڇوڪرين يا عورتن ۾ قد, رنگ ۽ فگرجي حساب ۾ پوئتي نہ هوندي آهي. ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ سلڇڻي آهي ۽ سندس مرڪ ۽ سيني کي پنهنجائپ جو احساس ڏيارڻ, سندس سوسائٽيءَ ۾ سوشل ٽيڻ جو وڏو ڪارڻ آهي. هرڪو سمجهندو هو تہ مونکي وڏيڪ پائنئين ٿي يا خيال ڪري ٿي. ڪيس حاڪم عليءَ مان بہ نياٽيون ٽيون جيڪي هاڻ او ليول ۾ هيون ۽ فر فر انگريزي ڳالهائينديون هيون پنهنجي ڏاڏي کي ڏاڊو پيار ڪنديون هيون انهيءَ ڪري ٽورڙي ڀڳل ٽٽل سنڌي بہ سندن زبان جو حصو هئي. سندن ماءُ آنٽي شاداب اردو بہ ڏکيو ڳالهائيندي هئي ڪيس پنجابي ۽ انگريزي تي عبور حاصل هو. آنٽي شاداب جي دوستي وسيع هئي ۽ سندس ڊفينس واري گهر ۾ هفتي ۾ هڪ بہ دعوتون ضرور ٿينديون هيون. وڏي ڊرائنگ روم جي پرسان هڪ ڪمري منجهہ وسڪي, ووڊڪا, وائن ۽ چلڊ امپورٽيڊ بيئر جا ٽن رکيل هئا. مهمانن کي خبر هوندي هئي ۽ آزادي بہ هوندي هئي. جنهنکي ضرورت هوندي هئي تہ پنهنجو گلاس يا ٽن کڻي ايندو هو ۽ هڪ ٻئي جون زالون بہ ڪمري ۾ وسڪي لاءِ وينديون هيون تہ ڪنهن جوان کي يا لهندڙ سج جهڙي چاڻ سجاڻ رکندڙ مرد کي ڪس ڪرڻ ڏينديون هيون يا پاڻ نوجوانن کي زوري پاڪر ۾ جهلي, ترت چمي ڏيئي ۽ ڪو وعدو بہ ڪري, گلاس کڻي ٻاهر نڪري اينديون هيون. آنٽي شاداب هڪ ٻيو بہ نيڪيءَ جو ڪم ڪندي هئي تہ نوجوان ڇوڪرن ڇوڪرين کي تعارف ڪرائي کين ٻاهر لان ۾ موڪلي ڏيندي هئي ۽ ائين

الائي ڪيترن جوڙن جون شاديون بہ ڪرائيندي هئي ۽ اڏوڙات بيورو ڪريٽ ۽ ڪن ريٽائرڊ فوجي آفيسرن کي بہ سهٽيون، احتياط سان استعمال ٿيل عورتن سان تعارف ڪرائي کين بہ مستقبل جي راهہ تي لاهي ڇڏيندي هئي. تہ بنهي ڌرين جا شاناٿتو ميل ميلاپ پيو هلندو هو ۽ عورت لاءِ بہ Extra پئسن جو بندوبست ٿي ويندي هو. اهي سڀ ڪم سولي سنڌي ۾ خدا ڪارڻ ڪندي هئي. عام طرح سنڌس گلابي پريل چپن تي هڪ ئي جملو هوندو هو Make others happy, God will make you happy. ۽ ڪڏهن چوندي هئي تہ God creates pairs in heaven and celebration starts at my home. My home is part of Heaven, I love Jamali. علي بخش کي هڪ انتهائي ويجهي Source يا Deep Throat ٻڌايو. جنهن ڏينهن آنٽي شاداب چوندي هئي I love Jamali انهيءَ ڏينهن جماليءَ کي ايترو پياريندي هئي جو هو صبح تائين هوش ۾ ڪونہ هوندو هو ۽ آنٽي شاداب ڪنهن Gym جي صحتمند Gigolo کي مدهوش ڪري، سڄي رات، جنهن مهل بہ موقعو ملندو هوس کيس چميون ڏيندي هئي ۽ پنهنجي ڪا هڪ ڇاتي کيس چمڻ لاءِ پئي آڇيندي هئي. آنٽي شاداب جون ڇاتيون هن عمر ۾ بہ پرڪشش، سخت ۽ Shape ۾ هونديون هيون. نيٽ سيني مهمانن جي وچڻ کان پوءِ انهيءَ نوجوان کي هڪ ڪنڊائتي ڪمري ۾ وٺي ويندي هئي پنهنجو سڄو جسم کيس ڏيندي هئي تہ هو ان کي چٽي چمي ۽ نوجوان کي بہ ٿي بيا پيگ پياري مٿان چڙهي ويهندي هيس. جنهن مهل نوجوان ڪجهہ هوش ۾ ايندو هو تہ پاڻ آنٽي شاداب سنڌس هينان heart quakes سهندي هئي. جمالي صاحب جا ڪونگهرا اوسي پاسي ٻڌڻ ۾ پيا ايندا هئا. ڇوڪريون فرسٽ فلور تي پنهنجي ساهيڙين سان 0 ليول جي اسٽڊي ڪندي ڪندي سمهي رهنديون هيون. آنٽي شاداب سڄ اڀرڻ کان پهرين فل ڊوز ڪري ونندي هئي ۽ جوان کي لائم جوس جا بہ گلاس پياري بہ تي هزار سنڌس کيسي ۾ وجهي، نوڪر کي چوندي هئي صاحب کي گاڏي

بڻاڪر، مين روڊ ڪا رستا بتا دو اور ڦر بند ڪردو.“

پٺي ڏينھن ٻنپھرن جو آنٽي شاداب بيڊ تي پيئنديءَ پئي آھي تہ جمالي صاحب لنچ لاءِ گھر ايندو ھو ۽ ڪڏھن ڪڏھن چوندو آ: ” ڊارلنگ رات تم ني شيخ صاحب، چيف انجنيئر ڪو صحيح طرح لفٽ نھي دي. ابھي ھماري ٽينڊر ڪلئر نھي ھوئي. آنٽي شاداب جواب ڏيندي: ”نيڪ ھي نيڪسٽ ٽائيم ديکھين گي. مگر مجھي شيخ صاحب ڪلچرڊ ڪم اور رورل اورينٽيڊ زياده لگتا ھي. اس مرتبا رعنا عباسي ڪوڪھونگي. وه ايسي مرد ڪو سنڀالنا جانتي ھي.“

” ھان مگر خيال سي. وسڪي نھين پيتا. رعنا عباسي اسي باتون کي وسڪي پلائيگي نيڪ ھو جائيگا. لي آؤ ڪبھي آف ڊي پر. ڪارلٽن ۾ ڊنر ڪرڪي گھر آئينگي. رعنا خودھي سنڀال ليگي.

"But you ensure we should not loose this contract. Also think about Unner Sahib. He is going to be special advisor to chief Minister and land utilization port folio will go to him!"

"O.k Don't worry! I will do it some thing tomorrow. I am still having last night's hang over". جمالي صاحب لنچ ڪري وري ڪنھن آفيس ڏانھن ويندو ھو ۽ شاداب کي چوندو ھو. Take full rest! Don't drag parties till "azaan" of molvi Sahib."

پٺي چٽا ٽھڪ ڏيندا ھئا. اوسي پاسي جي مسيتن جا اڏاڪري پنهنڻ ملا ۽ ڪجھ درگاھن جا جوان سجاده نشين بہ سندن ڪشاده دلي، سخاوت ۽ عزت ڏيڻ ڪري سندن وڏو خيال ڪندا ھئا. حاڪم علي گذريل ويھن سالن ۾ جنھن خيابان ۾ رھندو ھو اُت تمام چڱي، ڪشادي ۽ سنگ مرمر سان ھڪ جديد ڊيزائين جي مسجد بہ تعمير ڪرائي ھئي جنھن کي ھاڻ سال بہ ڪن اڳ اسپلٽ ايئر ڪنڊيشنر ھٽائي علائقي جي ماڻھن لاءِ سک ميسر ڪيائين ۽ پاڻ سمجھائين تہ ثواب انھن ايئر ڪنڊيشنر جي ٽرمو

اسٽيٽ منجهان ٽڏي هوا وانگر ” صدقئہ جاريہ“ وانگر پيو ايندو. آنٽي شاداب, عبدالله شاهہ غازي کي تمام گهڻو مڃيندي هئي. اُت دل کولي خيرات ڪندي هئي. ڪيس عبدالله شاهہ وڏي وزير جو زمانو ۽ شخصيت بہ وڻندي هئي. انهيءَ زماني ۾ جمالي صاحب کي سرڪاري نيڪا بہ جام مليا ۽ جمالي صاحب پري ريٽائر منٽ وٺي سرڪاري نوڪريءَ جو لعنتاڻو طوق بہ ڳچيءَ مان لاهي ڦٽو ڪيو هو. ڪجهہ لک ڏيئي اينٽي ڪرپشن وارن کان سڀ ڪيس سڏا ڪرائي ڪميٽي نمبر ون منجهان ڪلئر ڪرايائين. ڪميٽي نمبر ون جو چيئرمين سنڌي پنجاهہ کان چڙهيل ڪامورو هو ۽ آنٽي شاداب جي هڪ ننڍپڻ جي دوست ڏيءَ, مهتاب شمسي بہ لک رپيا ورتا ۽ سنڌي ڪاموري کي بہ ٽي ڏينهن دنيا ۾ بهشت ۽ حورن جا اهڙا مزا چکرايائين جو حاڪم عليءَ جا اهڙيئي ڪيس Exonerate ٿي ويا ۽ پاڻ ساڻو ٿي وڃي هڪ ريسٽ هائوس ۾ آرامي ٿيو. جڏهن ريٽائرمنٽ جو نوٽيفيڪشن ۽ No Demand Certificate وٺي سنڌ سيڪريٽريٽ منجهان لهي, لفٽ مئن گارڊس ۽ ٻين سرڪاري خدمت گذارن منجهہ بہ ٽي هزار رپيا انعام طور ورهائي پنهنجي نيئن ڪاري 2.0D ڊيزل ڪرولا ۾ ويٺو تہ الائي ڪيترن سرڪاري خدمتگذارن ڪار جا دروازا کوليا ۽ الائي ڪيترن گارڊس ڪيس سلام ڪيا هئا. پر هي سيني کي نئڙت منجهان هٿ ٻڌي سندن ٿورا مڃي رهيو هو. هڪ پنڌڻ اي ايس آءِ, مڪراني پٽيوالي کي چيو: ” يہ صاحب وزير بنني کي لائق آهي. هماري دعا هي ايک دن هم اِس وزير صاحب کي ڊيوٽي ڪريگا. آمين!“ مڪرانيءَ جواب ۾ چيو: ” اڙي لائق ڪيا يہ ابهي بهي منسٽر سي بڙا صاحب آهي. منسٽر تواس ڪي گهر ڪي چڪر لگاتي رهتي هين.“ حاڪم علي عرف ايڇ. اي. جمالي ٽيهہ سال سرڪاري نوڪريءَ جا عزت ۽ احترام سان پورا ڪيا. سيني کان پهرين الله جي گهر سلطان مسجد ۾ شڪراني جي نماز ادا ڪيائين پوءِ آنٽي شاداب ۽ ٻن ڏيئرن سان گڏ, عبدالله شاهہ غازي, مڪليءَ تي عبدالله شاهہ صوابي ۽ سيوهڻ ۾ شهباز قلندر جي حاضري ڀري ۽ هڪ ڏڪئي دؤر

جي ڪاميابيءَ سان پوري ٿيڻ تي انهن درگاهن ۾ بہ شڪراني جون نمازون پڙهيون ۽ هر هنڌ دعا گهريائين تہ اڳتي بہ زندگي عزت احترام سان گذري. بلڊ پريشر، ڊاءِ بيٽڪس ۽ وڌنڌڙ اسڪيميا جي بيمارين مان بہ ائين ئي exonerate ٿئي جيئن سنڌ سرڪار جي نوڪريءَ منجهان نڪري آيو.

آنٽي شاداب، پنجابي ۽ انگريزيءَ ۾ دعائون گهريون ڪيس خبر هئي تہ الله تعاليٰ سڀ ڪجهہ ڄاڻي ٿو ۽ انگريزي زبان ضرور سمجهندو هوندو. ايڇ. اي جماليءَ، قومي زبان ۾ دعائون گهريون. ٽيهن سالن جي عادت هڪ ملٽي اسٽوريڊ بلڊنگ جي پيڙهہ وانگر هوندي آهي. جمالي غريب مسلمان منجهان سچو مسلمان ۽ زماني جو مسلمان ٿيو هو. ڪيس اها ڄاڻ ڪانہ هئي تہ عبدالله شاهہ غازي، سنڌ تي محمد بن قاسم کان سوين سال پهرين مسلمانن جي ناڪام ٿيل حملن جو هڪ گمنام ويڙهاڪ هو. چوڏهن سؤ سال اڳ انهي ٽڪر تي ڪئين دفن ٿيو ۽ اُن وقت ڪراچيءَ جي پاسي جي ڪهڙي حالت هئي. اُت ڪيئن جنگ ٿي هئي. پهرين لڙائي محمد بن قاسم بہ ديبل وٽ وڙهيو هو. ڪراچي تہ هڪ پڙپانگ سمنڊ جو ڪنارو هو. محقق ڏاهن ڪي انهيءَ واقعي جي چند ڄاڻ ڪرڻ ڪپي. مڪليءَ تي بہ عبدالله شاهہ صوابي هڪ پناڻ هو. رسول ڪريم صہ جو اصحابي نہ هو صوابي ڊسٽرڪٽ پشاور پاسي هڪ ڳوٺ آهي. عام ماڻهن ۾ اها ڄاڻ آهي تہ اهو پهتل شخص نبيءَ صہ جو صحابي سڳورو هو. قلندر شهباز ڪي بہ اتر پنجاب ۾ سنيئر صوفي بزرگ جو حڪم ٿيو تہ هت تنهنجي جاءَ ناهي. اڳ ئي بوعلي قلندر موجود آهي تون سنڌو وڃ اُت قلندر جي وئڪنسي آهي. هت قلندر شهباز اسلام ڦهلائڻ لاءِ ڇا ڪيو انهيءَ متعلق تحقيق ٿيڻ ڪپي. اهڙا گهڻي ئي پير فقير سڄي سنڌ ۾ پکڙيا پيا آهن سنڌ ۾ هڪ تمام وڏو دؤر جا هليت جو رهيو آهي جنهن ڪري اسان ڪي راءِ سهاسي کان اڳ جي خبر ناهي. چچ ڪير هو ڪٿان آيو. 712ع کان ڪجهہ تاريخ، هڪ عرب جي لکيل ۽ هڪ ايراني جي فارسي ۾ ترجمو ڪيل چچنامو هٿ آئي آهي. هندستان ويچاري وٽ تہ 712ع کان اڳ، جي بہ تاريخ ناهي. اُن کان

پوءِ سنڌ مٿان علميت کان وانجهيل ۽ جهالت جو دؤر الائي ڪيترا سؤسال چانيل رهيو ۽ انهيءَ عرصي جا واقعا ڏند ڪٿائون محسوس ٿين ٿا. سمن سومرن جي دؤر جا ڪچا پڪا واقعا اهڙا ملن ٿا جو انهن تي يقين ڪرڻ به ڏکيو لڳي ٿو. خود ڪلهوڙن جي بڻ بنياد ۾ گهڻائي شڪ شبهه موجود آهن. ڪلهوڙا عباسي ڇو ٿيا؟ اسانجي ڏاهن ۽ تاريخ نسويسن کي نور نچوئڻ کپي.

صبح جو علي بخش خان پنهنجي سالي حاڪم علي مير بحر عرف ايچ. اي. جمالي صاحب جي گهر پهچي ويو هو. گهر ۾ هُو هوا لڳي پئي هئي. سادا يارهن به لڳي چڪا هئا پر سڀ پنهنجي بيڊ رومس ۾ هئا. جمالي صاحب ڏهين بجي نڪري ويو هو. ڪيس شهر ۾ نهندڙ هڪ ملٽي فلاءِ اوور جي ايڪسپريشن آف انٽرسيٽ جي ميٽنگ ۾ پنهنجن ٻن پارٽنر سان شريڪ ٿيڻو هو. هڪ پارٽنر دبئي منجهان آيو هو ۽ هڪ شهر جي لوڪل سياسي پارٽيءَ جي آڏار تي جمالي صاحب سان گڏ ٿيو هو. آنٽي شاداب جو انهيءَ ۾ وڏو رول هو. سندس اسڪول جي ڏينهن جي ساهيڙي جو مڙس ڪجهه سال ٿيا هئا ته ليفٽيننٽ جنرل جي عهدي تان ريٽائر ٿيو هو. ريٽائر ٿيل هو ته ڇا ٿيو؟ مئل هاٿي به سوا لک لهي. بيو سندس ڪرنل جي زماني ۾ اوچتو اسلامي مارشل لا وارن ڏينهن ۾ آنٽي شاداب سان هڪ رات گذارڻ جو تجربو به هڪ دائمي يادين جي ڊائريءَ ۾ لکيل هو. ان زماني ۾ شاداب رڳو شاداب هئي. آنٽي جو prefix لڳل ڪونه هوس. آنٽي جو Prefix ته ويچاري حاڪم علي مير بحر کي نڪاح سان لڳل مليو. اُن وقت به هوءَ آنٽي جي نيٽ ورڪ ۾ اچڻ جهڙي عورت نه هئي پر هڪ مڪمل عورت هئي جنهن جي هر مرد خواهش ڪندو آهي. آنٽي انهيءَ ڪري ٿي جو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ سندس ياڻيون ۽ ياٽيجيون ڳٽپ کان مٿي هيون ۽ بيو ڪراچيءَ جي سوشل لائف ۾ ڪجهه نوجوانن کي پهرين پاڻ چکي پوءِ انهن کي سٺين سنڌين ، پنجابين ۽ پناڻ فئملين ۾ فضيلت وارين ڇوڪرين سان شادي ڪرائي ڇڏيائين ۽ نوجوانن جي زندگي سڌاري

چڏيائين. انهيءَ ڪري شاداب اجا چاليهہ سالن جي هئي تہ ڪيس آنٽيءَ جا لفظ نوجوان ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن جي واتان ٻڌڻا پيا. منجهس برداشت جو مادو گهڻو هو پر ڪيس خبر هئي تہ جڏهن هوءَ واش روم ۾ قد آدم آرسيءَ جي اڳيان بناڪپڙن جي بيهندي هئي تہ سندس قد, سيني جي بيهڪ, چليهہ جا Curves ۽ ڏگهيون, gym منجهان cultured ٿيل ٽنگون نهايت خوبصورت هيون ڪيس اجان ياد آهي تہ اسلامي مارشل لاجي ڏينهن ۾ سندس ساهيڙيءَ جي ڪرنل مڙس سندس ڇاتيون ڏسي چيو هو Weigh its weight in gold ۽ جڏهن سندس چپ چميا هئائين تہ انهيءَ ڪرنل نشي ۾ ڪيس چيو هو تہ ڪجهہ گولڊ هُتان ڪٽي تلخيق ڪار هٿ سجائي ڇڏيو آهي پر اهي سڀ عضوا سنپالي رک نہ تہ مونکي خبر آهي تہ الائي ڪيترا مارشل لا ريگيوليشن ۽ حدود آرڊيننس جا آرٽيڪل, انهيءَ گولڊ جي غلط استعمال تي لاڳوتي سگهن ٿا. شاداب کلي ڏنو. اُن وقت بہ سندس تجربيڪار ذهن اهو سوچيو تہ اسلامي ڪرنل بہ عام مردن وانگر سوچين ٿا. عورت ساڳي آهي جيئن ڏٺي تعاليٰ ٺاهي هئي. مردن ڪيس گهڻن قانونن جي cobwebs ۾ آٽي ڇڏيو آهي. !Male Chauvinism ۽ height of jealousy دنيا ۽ مخلوق جي خالق الائي ڇو عورت جي جسم ۾ ايتري لذت ۽ ڪشش سموئي آهي جنهن ڪري ڌرتي تي ٿيل فسادن ۾ عورت جو ذڪر ۽ سبب ضرور شامل آهي. پهرين عورت جيڪا جنت جي هوائن ۾ رهندي هئي, انهيءَ ئي اهڙو ڪم ڪيو جو حدود آرڊيننس ۾ اچڻ جهڙو هو. مرد ۾ بہ عقل ۽ ڏاهپ آهي پر لذت ۽ عورت جو جسم وڏي طاقت آهي. ايچ اي جمالي جهڙو مرد بحث ڪندي چوندو هو تہ عورت جي جسم جي ڪشش ۽ لذت نہ هجي تہ دنيا مان اڌ فساد ختم ٿي وڃن ها. ٻن ساٿين کي زندگي سک ۽ نارمل انداز ۾ گذارڻ گهرجي. هڪ ٻئي جو خيال رکڻ گهرجي. جڏهن اولاد جي خواهش ٿئي تہ هڪ ٻئي جي راضپي سان اولاد لاءِ ميلاپ ڪجي. لذت لاءِ ميلاپ جي بدران اولاد جي گهرج هڪ ٻئي کي پاڻ ڏانهن اچڻ ڏي. مامتا جو جذبو عورت ۾ رکيل لذت جو نيتجو ناهي

عورت هڪ ساٿي، ٻارن جي ماءُ ۽ زندگي جي مڪمل فلسفي لاءِ هجي تہ ڪي لذتن جي نون اندازن ڪي سندس ذهن ۽ جسم منجهان ڳولجي. ايچ اي جمالي، ڪاسمو پوليٽن شهر جي هاءِ سوسائٽيءَ ۾ رهڻ ڪري، ڪجهہ عام ادب بہ پڙهڻ لڳو ۽ گهڻن پڙهيل ريٽائرڊ آءِ سي ايس ۽ سي ايس پي آفيسرن جي سنگت ۾ رهڻ ڪري سنڌو درياهہ جي ڪڇي واري علائقي جو رهندڙ عام ۽ تهذيبي انسانيت کان وانجهيل ڪٽنب جو ماڻهو ويهين صديءَ جي آخري سالن جو groom ٿيل ۽ ذهني طور تي convert ٿيل انسان هو. عورتن جي جسم منجهان سڀ عمر لذتون حاصل ڪري، هاڻ انهيءَ نتيجي تي پهتو هو تہ عورت بنا لذت جي مخلوق هجي ها تہ دنيا ۾ فساد گهٽ ٿين ها ۽ عورت بہ وڌيڪ محفوظ رهي ها. دنيا ۾ آدمشماري جو ratio بہ گهٽ هجي ها ۽ اناج جي کوٽ ۽ پئسي جي چاهت ۽ inflation ۽ اقتصاديات ۽ ورلڊ ٽريڊ جي مقابلي ۾ اعتدال رهي ها. هُن ڪي هڪ bohemian ٽائيپ پروفيسر ٻڌايو هو تہ: The most important thing looks about a female body is not what it does but how it

اهي ڳالهيون جمالي صاحب کي عمر جي انهيءَ حصي ۾ ياد اچڻ لڳيون جڏهن هو رڳو پئسو ڪمائڻ جو سوچي ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي سگهہ بچائي سگهيو هو. وٽس دنيا ۾ مرد جي زندگي جي شريڪ حيات سان لذت، محبت ۽ اعتماد واري زندگي گذارڻ وارا هٿيار پنهوار پنهنجي utility وڃائي چڪا هئا.۽ ها اُها سگهہ بہ نہ هئي. انهيءَ جي بدران ڪيس بلڊ پريشر، ذيا بيطس ۽ دل جي بيمارين گهيري ورتو هو. انهن بيمارين سان گڏ هن وٽ چالاڪ ذهن، چاليهن سالن جو اعليٰ تجربو جام ملڪيت ۽ پئسو ۽ هڪ آنٽي شاداب هئي. اهي سڀ سندس assets هئا.

علي بخش خان جڏهن، پنهنجي سالي ايچ اي جمالي جي گهر پهتو تہ سندس زال بہ موجود هئي جيڪا دل جي ڊاڪٽر کان ٽائم وٺڻ لاءِ گذريل مهيني کان هت رهيل هئي. سدوري زال هئي. بنگلي جي پٺيان ٺهيل Annexe ۾ ٺهيل ٽئن ڪمرن منجهان هڪ ڪمري ۾ رهندي هئي. هڪ

نوڪرياڻي، اڄڪلھ جي تهذيب ۾ جنهنکي ”ماسي“ چون ٿا سا سندس خدمت ۾ موجود رهندي رهئي. گلاب کي بہ سندس پرسان ڪمرو مليو هو. پهريون ڏينهن آنٽي شاداب گلاب کان فل انٽرويو ڪيو ۽ اعلان ڪيائين تہ گلاب نهايت ذهين ڇوڪري آهي. هن کي depression مان ڪڍڻ لاءِ ضروري آهي تہ ٻاهر موڪلجي ۽ علي بخش خان کي چيائين: ” سر اوهان سماجي خدمت ڪرڻ ۾ بہ choosy آهيو.“

شام مهل جمالي صاحب هڪ ٻن دوستن سان وينو هو ۽ هڪ ٻہ ڪاروباري ماڻهو بہ هئا. هڪ ڪاروباري ماڻهوءَ چيو: ” سر ڊسمبر شروع ٿي ويو آهي ۽ Whisky جون consignment اچڻ پيون. ريٽ بہ چڙهندا پيا وڃن. اوهان کي جيترو مال کپي ٻڌائي ڇڏيو نہ تہ پوءِ ڏکيائي ٿيندي هينئرئي پير صاحبن، شيخ فئمليز ڪيترن منسٽرن ۽ ايم پي اي ۽ ايم اين ايز جا آرڊر اچڻ لڳا آهن. اهي آرڊر تہ وڏا آهن پر ننڍا آرڊر ڇئن پنجن بوتلن وارا بہ اچن پيا. سڀ پراڻا دوست ۽ گراهڪ آهن. هن ڀيري بليڪ ليبل ۽ شواس ريگل جون consignments گهٽ آهن. tinned بيئر جام آهي. ٻيا ۽ اسٽينڊرڊ ليبل آهن. آفيسرن جا تہ ايترا آرڊر آهن جو هڪ شپمينٽ جڻ انهن جي آهي.“

جمالي صاحب انهيءَ ڪاروباري دوست کي ٻن لکن جو چيڪ ڏنو: ” في الحال هي رک. باقي پوءِ نئون سال اچي تہ حساب ڪنداسون.“

اهو ماڻهو چيڪ وٺي ويو هليو ۽ جمالي صاحب ٻئي همراهہ ڏانهن مڙيو:” جناب مال اڇها اور تازه هونا چاهئي اور ساري رات مجرا هوگا شهر کيا صوبي کي کريم هوگي. پوري گورنمنٽ هوگي سمجهہ لو اور بندوبست ڀهي ميري فارم هائوس پي ڪيا هي جو ملير سي دو تين ميل پرهي. ايڊوانس صبح دس بجي لي جانا اور تفصيل ڀهي صبح ڪوٺي کرين گي.“

” سر ڪوئي فڪر کي بات نهين هي. بس ڪڇهہ پئسي هونا چاهئي جو ايڊوانس ڀهيجنا هي تو بڪنگ هو جائي.“

" صبح دس بجي!"

جمالي صاحب چيو ۽ همراهہ اٺيو ۽ هزار جو نوٽ جمالي کان وٺي کيسي ۾ وجهي، سلام ڪري ويو هليو. جمالي، علي بخش ڏانهن مڙيو:

"ادا نيوئيئر اڇي پيو.... "

" اهي بندوبست نيوئير جا آهن اڃا تہ سڄو مهنو پيو آهي."

جمالي ٿهڪ ڏنو:

" ادا بندوبست وقت کان اڳ ڪرڻو آهي. ويهين ڊسمبر کان پوءِ شهر ۾ وسڪيءَ جو ڪال پئجي ويندو آهي، رنون جيڪي ريلن ۾ چڙهي اينديون هيون. هاڻ موقعي کان هڪ ٻہ ڏينهن اڳ باءِ ايئر اچن ٿيون. هاڻ تہ پنهنجو صوبو بہ گهٽ ناهي. هاڻ تہ اُتان بہ ڪارون پرجي اچن ٿيون. اقتصادي حالتون سيني جي مجبوري آهي. سنڌ جا شهر تہ تبديلي هيٺ آهن پر ڀهراڙين ۾ وڏي اُٿل پٿل آهي. گذريل پنجن ڏهن سالن کان سنڌ جي تهذيبي صورتحال بدلجي پئي. سياسي صورتحال بہ بدلجي ويئي آهي پر ان ۾ اسانجا سياستدان، ان سان لاڳاپيل ڪامورا، ڪجهہ ٻئي نمبر جا دانشور ۽ ڀهرئين نمبر جا سياسي چمچا، وقت جي حساب سان هلن پيا. مفاد! اداسائين وڏي بلا آهي. سنڌين صدين کان اقتدار ۽ خوشحالي نہ ڏٺي آهي. هاڻ انهن ٻنهي لاءِ سڀ ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار آهن ۽ اصل روايتي بي غيرتي بہ سهي ويندا آهن. سنڌ سمنڊ ڪناري ڪنهن پٿر جي چيپ وانگر پئي آهي ۽ چوويهہ ڪلاڪ ايندڙ ويندڙ ڇوليون انهيءَ پٿر کي ڳاري رهيون آهن. ادا سائين سنڌ ڳري رهي آهي ۽ لاڳيتو ڳري رهي آهي. اوهان روايتي سنڌ جا عاشق، روايتن جا علمبردار واردات تان گم ٿي رهيا آهيو. نئين دؤر ۾ ضم ٿي وڃو نہ تہ ايندڙ دؤر جا عذاب اوهانکي ماري ڇڏيندا."

علي بخش خان ڪليو:

" سنڌ عذاب تہ الائي ڪيترين صدين کان پئي ڀوڳي. تنهنجا اکر پيل صحيح بہ هجن پر تنهنجي زبان تان اِنهيءَ ڪري نڪرن ٿا. جو تون حاڪم علي ميربحر منجهان ڪاسمو پوليٽن ماحول جو ايڇ. اي جمالي

تي پيو آهين. تون سمجهي ويو آهين ته سمنڊ جون چوليون پٿر ڳاري چڏينديون. تون ڪاسموپوليٽن جمالي آهين جي برو چ سنڌي جمالي هجين ها ته اهڙا اکر زبان تي نه آڻين ها.“

” ادا سائين جذباتي نه ٿيو ground realities کي به ڏسو. دنيا ڪيڏانهن وڃي پئي.“

” تون انهن سنڌين مان آهين جيڪي پنهنجي مفاد خاطر پنهنجو ڪلچر، پنهنجي سڃاڻپ ۽ پنهنجي ماضيءَ کان ڏار ٿي هلنڌڙ دؤر جو حصو ٿيڻ چاهين ٿا ۽ اُنهيءَ کي ترقي سمجهن ٿا.“

” ادا سائين ڪيتريون صديون ٻيڙين ۽ ٻتيلن ۾ ميريون گنجيون ۽ گوڏون ٻڌي درياهه منجهه جيئدان پيا ڳوليندا هئاسين. هت اڻ ڪٽ سمنڊ آهي. اسان کي به پنهنجو حصو سمنڊ منجهان ڪٽڻ گهرجي. نه ته جيئن اوهانجو درياهه سُڪي ويو آهي اوهين سڀ سُڪي ويندا ۽ پوءِ انساني نفسيات جي سهاري لڏپلاڻ ڪندا ۽ جت به جيئڻ جا موقعا هوندا اُت پڙاءُ وجهندا. سنڌي مستقبل جا nomad ٿين، انهيءَ کان بهتر آهي ته هاڻ ڪنهن مناسب حد تائين تبديل ٿي پنهنجي Survival جو بندو بست ڪن. Survival ڪنهن به صورت ۾ انسان ذات چا هر جاندار لاءِ پهريون مسئلو آهي. خير هينئر تورو ڪلاڪ به آرام ڪريو. اديءَ سان ڪچهري ڪريو ۽ الله جي ڏکهي مخلوق کي به تورو ٽائم ڏيو. اديءَ لاءِ انجيو گرافي جو وقت ملي ويو آهي. اوهان کي هفتو ڪن هت رهڻو پوندو. الله ڪندو سڀ نيڪ ٿيو ويندو.“

” تون ڪيڏانهن وڃين ٿو؟“

” مان ڪجهه ٽيليفون لاهور ملتان ۽ سکر ڪندس. ڪجهه دوست آهن ۽ ڪجهه نيوٽير جو بندوبست به ڪرڻو آهي. مغرب جي نماز آهي. هڪ پارٽي ايندي انهي سان بزنس جي باري ۾ به ڳالهڻو آهي. پوءِ عشاءَ کان پوءِ پاڻ ڪچهريءَ تي ويهنداسين. هڪ ٻن دوستن کي به چيو اٿم. نيڪ؟ مان هلان ٿو. اوهان اديءَ سان ڪچهري ڪريو.“

جمالي صاحب اتي پنهنجي ڪمري ۾ ويو ۽ فرسٽ فلور تي علي بخش خان جي زال ويني هئي. وٽس گلاب به هئي.

” تنهنجي انجيوگرافي جي تاريخ ملي ويئي آهي.“

” ها ادا ٻڌايو آهي.“

علي بخش خان جي زال قمر النسا هڪ ڪمبل ۾ ويڙهيو ليٽي پئي هئي ۽ پرسان پلنگ تي گلاب به ويني هئي. ٻنهي جي ڪچهري اڳ ئي هلي پئي.

” الله خير ڪندو نه ته ڪنهن پناڻ جي مظبوط دل ڪيرائي هٽائي ڇڏيندا سين.“

” پوءِ آپاجي دل ۾ اوهانجي لاءِ جيڪا محبت موجود آهي سا ته پناڻ واري دل ۾ ڪونه اچي سگهندي“ گلاب کلندي چيو.

” هيءَ نيڪ ٿئي پوءِ دل ڪنهنجي به لڳل هجي. اسين سڄي محبت نئين سر ڪنداسين.“

” هاڻي نئين سر محبت ڪندا؟ اوهان ته چوندا آهيو ته نوڪري ۽ محبت تان ريٽائر ٿي چڪا آهيو ۽ هاڻ رڳو نوڪريءَ جي ياد باقي رهي آهي ۽ محبت به ياد جي سهاري هلي پئي. باقي مُئي پناڻ جي دل مونکي نه کپي. سڄو ڏينهن نسوار جي طلب لڳي پئي هوندي“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنو. گلاب به کلي ڏنو: ” منهنجي زال هاڻ هوشيار ٿيندي وڃي.“

” نيٺ هوشيار ٿيڻ کپي.“ قمر چيو.

” اجايو وڌيڪ محبت نه ڪر. جيئن آهين اسانکي اڳ به قبول هئين هاڻ به قبول آهين. توسان عمر جو ساٿ آهي. گلاب هي مسمات قمرالنساءَ زوجه علي بخش خان. پنهنجي مڙس لاءِ Ideal زال رهي آهي. سڄي عمر محبت ڪئي اٿس ۽ تمام سني ماءُ به آهي. مطلب ته اسانجي ماحول ۾ مرد لاءِ بهترين عورت اُها آهي جيڪا هر حال ۾ پنهنجي گهر ۽ گهر وارن لاءِ

آهي. ہي دنيا جي ڪيس ڪا پرواهہ نہ آهي.“

”بهتر عورتن کي ايئن ئي ڪرڻو پوندو آهي.“ گلاب چيو.

”تنهنجو مطلب تہ اهڙو ساٿ ڏيڻ ۽ زندگي گذارڻ اهڙين عورتن جي مجبوري آهي؟“

”نہ منهنجو مطلب اهو ناهي. هي مردن جي دنيا آهي. مونکي اوهانجو چيل جملو عجيب لڳو: ’اسان جي ماحول ۾ مرد لاءِ بهترين عورت آهي!‘ اها ڪيفيت جي ايئن هجي تہ ’عورت لاءِ بهترين مرد آهي جنهن سان هوءَ سک ۽ محبت سان زندگي گذاري‘ تہ اوهانجي مردانگي ضر بجي پوي!“

علي بخش خان ٺهڪ ڏنا.

”صحيح تہ چئي ٿي.“

قمر چيو.

”عورت کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو. هيءَ مردن جي دنيا آهي.“

”هاڻي ڳالهہ بدلجي پئي.“ علي بخش خان چيو

”هيٺ گرائونڊ فلور تي شاداب جي دنيا آهي. ويچارو حاڪم علي پئسن ناهڻ جي مشين آهي. هوءَ سک جي زندگي پنهنجي انداز ۾ مڙس کي خوش ڪري گذاري ٿي. هاڻ عورت جي برتري جو اهو ڏينگ شروع ٿي رهيو آهي. مرد بهترين زندگي گذاري سگهي ٿو رڳو ٿورو برداشت جو مادو پاڻ ۾ سمائي سگهي. اسان جي دؤر ۾ فئمليءَ ۾ مرد خوش آهي تہ سڀ خوش آهن. هاڻ مئڊم خوش آهي تہ سڄي فئملي خوش آهي. دنيا ۾ انقلاب اچي پيو.“

”اهو فئملي لائف جو negative انقلاب آهي.“ گلاب چيو.

”اهو مڊل ڪلاس جو ايرڻ آهي. جنهن سوسائٽيءَ ۾ مڊل ڪلاس نہ هجي تہ اها سوسائٽي ملڪ جي لاءِ هاڃيڪار آهي.“

”سر اهو pseudo middle class آهي ۽ وڌيڪ هاڃيڪار آهي.“

عشاءَ جي نماز کان پوءِ جمالي صاحب جي مين ڊرائنگ روم ۾ تي جٽا

ويندا هئا. جمالي صاحب، علي بخش خان ۽ جمالي صاحب جو جوانيءَ جو دوست جميل احمد سومرو! سومرو صاحب هاڻ ڳوٺ ويندو آهي. يا اڄڪلهه جي اندرونِ سنڌ ۾ آهي تہ پاڻ کي سومرو لکندو بہ آهي ۽ سڏائيندو بہ آهي. ڪراچيءَ ۾ يا اسلام آباد ۾ جت نوڪري ڪري آيو. اُت سومرو لکڻ سان identify تي پوندو هو اُن ڪري عام طور صرف جميل احمد لکندو هو. پر جت سندس ڏاهپ ڪيس ڏس ڏيندي هئي اُت سومرو ضرور لکندو هو. بنيادي طور تي سنڌي شاعر بہ هو. انهيءَ ڪري پاڻ کي موقعي مهل تي سنڌي دانشور بہ سڏائيندو هو. 1970 کان بہ اڳ هڪ خانگي ڪاليج ۾ ليڪچرار جي نوڪري هئس ۽ ٽن هزار پگهار تي صحيح ڪري پنڌرهن سؤ گهر کڻي ويندو هو. حڪومت تعليم کي نيشنلائز ڪيو تہ همراهہ ڪاليج جي پرنسپل کان جيڪو سرٽيفيڪٽ ورتوسو ارڙهين گريڊ جي پگهار کان بہ مٿي هو ۽ پهرين سرڪاري ڪاليج ۾ اسسٽنٽ پروفيسر ٿيو. سندس تجربو ست اٺ سال تي ويو ۽ پوءِ وقت جي حڪومت جي ناهيل Lateral Scheme تحت فيڊرل گورنمنٽ جي سروس ۾ 18 گريڊ ۾ چونڊجي ويو ۽ ڪامرس ڊپارٽمنٽ جي رائس ايڪسپورٽ ڪارپوريشن ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر ايڪسپورٽس تي ويو. آهستي آهستي قدرت سندس ڏينهن ڦيريا ۽ دنيا جا ڪيترائي ملڪ بہ گهمي آيو. محمد علي سوسائٽيءَ ۾ چار سؤ والن تي بنگلو پنهنجي چاچي جيئندي سومري جي نالي تي ورتائين. پوءِ بہ ڪارپوريشن ۾ بہ ويو ۽ نيٺ 1996 ۾ ريٽائر ٿيو ۽ ريٽائرمنٽ کان اڳ لنڊن جي ڪراميل هاسپيٽل منجهان دل جو باءِ پاس آپريشن ڪرايائين ۽ جيئندي سومري جي ڏيءَ حاڪم زاديءَ کي بہ لنڊن مان ئي بريسٽ ڪئنسر جي آپريشن ڪرائي هڪ ڇاتي ڪٽائي جان بچائي آيو. بہ نياڻيون هئس سي هڪ ڊي ايم جي گروپ جي پناڻ اسٽنٽ ڪمشنر سان شادي ڪرايائين ۽ ٻي هڪ پوپال جي نواب جي پائنٽي جي بہ پائنٽي جي پٽ سان پڇي ويئي ۽ شادي ڪري دبئي هلي ويئي. ياءَ جي نياٽي پالي هئائين سا ڪراچي يونيورسٽيءَ

منجهان فلسفي ۾ اردو ۾ ايم اي ڪري گهر ۾ ويهي رهي. هاڻ گهر ڊفينس ۾ هزار والن تي هو. گهر وانگر سندس عمر بہ شاديءَ کان وڏي ٿي چڪي هئي. پر پائڻي بہ ڪنهن سينئر شهزادي يا مئچوئر نواب صاحب يا civilized سردار صاهب جي آسري ۾ هئي. پر ڪيس اهڙي تڪڙ نہ هئي جيتوڻيڪ انهتيهہ سال ٽپي چڪا هئس. ايتري ۾ نوڪر اطلاح ڏنو تہ نظير احمد صاحب آيو آهي. نظير احمد، جماليءَ جو ننڍپڻ جو يار هو. اسڪول ۾ ڪاليج ۾ انٽر تائين گڏ پڙهيا. نظير ذات جو تڳڙ هو پر ڪراچي، سيڪريٽريٽ جي سروس، هوم ڊپارٽمنٽ، فوڊ ڊپارنمنٽ ۾ پوءِ يڪو هيلٿ ڊپارٽمنٽ ۾ اسسٽنٽ، سپرنٽنڊنٽ ۾ سيڪشن آفيسر رهڻ ڪري سندس اردو بہ صاف ۾ اهل زبان وارن جهڙي ٿي پئي. بي بہ سهولت اها هئي تہ شاعر تہ ڪونہ هو پر صاحبِ ذوق هو ۾ اردو انگريزي ادب پڙهيل هئس. اهڙي طرح رهندو بہ پي اي سي ايچ سوسائٽي ۾ هو. ڪجهہ سنڌي ادب جي خبر هيس. نيٺ گذريل سال ريٽائر ٿيو. ڊفينس جي فيز 5 ۾ چڱو خاصو ڏٺارٽمنٽل اسٽور هوس جنهن تي پاڻ ويهندو هو ۾ پٽس کي هيلٿ ڊپارٽمنٽ منجهان فارما سيوٽيڪل انڊسٽريز لاءِ را ميٽيريل امپورٽ ڪرڻ جو NOC ۾ امپورٽ ايڪسپورٽ کاتي منجهان لائسنس وٺي ڏنائين. ٽي دفعا سي ايس ايس جي امتحان ۾ پاس نہ ٿي سگهيو انهيءَ ڪري نظير تبسم ڪيس بزنس ۾ آندو. سيني سان مليو. علي بخش خان سان پهريون دفعو مليو هو.

” ادا هي اسانجو دوست نظير احمد تبسم آهي. گذريل سال ايڊيشنل سيڪريٽريءَ جي پوسٽ تان ريٽائر ٿيو آهي. شعر ادب سان بہ ذوق اٿس. سندس گهر مشاعرا اڳي ٿيندا هئا. هينئر پوڙهو ٿي ويو آهي.

نظير کليو: هيلٿ ڊپارٽمنٽ وارا پوڙها ڪو نہ ٿيندا آهن.“

” نظير سائين اڳ ڪراچيءَ ۾ جام مشاعره ٿيندا هئا. ڪڏو بغدادي ۾ لياريءَ جا علائقا سنڌي شاعريءَ جا مرڪز هوندا هئا ۾ ڪلاڪ جي نوٽيس تي پنجاهہ سٺ شاعر ۾ ايترائي شوقين اچي گڏ ٿي سگهندا هئا. اُن

محفل ۾ مصرع طرح بہ ڏيندا هئا ۽ جيستائين چانهہ پڪوڙن ۽ منائي جي تواضع ختم ٿئي تيسين شاعرن وٽ غزل تيار هوندا هئا. هاڻ مونکي ليـاري ۽ ڪڏي ۾ شاعرن جي بدران نارڪو ٽيڪس جون مافيا نظر اچن ٿيون. الائي اُهي شاعر ۽ اُهو ماحول ڪيڏانهن ويو هليو. گهڻو وقت ڪونہ ٿيو آهي. ستر اسي جي ڏهاڪي ۾ مون جهڙو بي ذوق بہ دوستن سان گڏ ڪنهن نہ ڪنهن مشاعري ۾ ڦاسي پوندو هو."

" اوهين مونکي بي ذوق نٿا لڳو. اوهانجي ڳالهائڻ منجهان ئي ذوق ۽ موزون طبيعت نظر اچي ٿي. باقي جمالي صاحب بلڪل بي ذوق آهي. غالب جي غزل کي ڪا سهڻي ڳائڻي ڳائي تہ کيس غزل وڻي. باقي پيو مڙيئي خير آهي."

" يار منهنجي خيال ۾ سونهن، ساز آواز سان گڏ شاعري بہ دل تي اثر انداز ٿئي ٿي." جماليءَ چيو

" حاڪم علي ميربحر نہ ٿي. جمالي صاحب وانگر ڳالهائي. آخر ڊفينس ۾ وينو آهين. يارو لُنڊ يا پيڙي چانڊئي ۾ ڪونہ وينو آهين. شڪر ڪر سنڌي ڪرمنل ايليمنٽ اجا مڊل ڪلاس ڏانهن نظر ڪا نہ ڪئي آهي. حيدرآباد ۾ تہ ڪجهہ ڏينهن کان الائي ڪيترا هاءِ رينڪ جا آفيسر مارجي ويا آهن ۽ ڪجهہ نئين دؤر جا سرنديءَ وارا بہ گولين جو کاڄ ٿي ويا آهن. جناب علي بخش اها ڪا چڱي ڳالهہ آهي ڇا تہ پنهنجا ئي پنهنجي مڊل ڪلاس کي جيڪو هاڻ مَس فارم ۾ اچي پيو ائين بي گناهہ مارين!"

" نہ! اها ڳالهہ صحيح ناهي تہ پنهنجا مارين يا پراوا مارين. انسان جي حياتي ڏاڍي قيمتي آهي. پر تبسم صاحب اوهان اهو پڌايو تہ بقول اوهان جي تہ مڊل ڪلاس کي پنهنجا مارين پيا. منهنجا سائين اسان وٽ مڊل ڪلاس ڪٿي آهي؟ يا وڏا پوتار آهن جيڪي پنهنجي انداز ۾ پنهنجو مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ پاور گروپ سان هر طرح جو تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهن. يا غريب طبقو يا هيٺيون طبقو آهي جيڪو ورلڊ بينڪ جي انگن اکرن مطابق بہ سنڌ ۾ 34 سيڪڙو آهي. 34 سيڪڙو تہ اهو آهي جيڪو بُهرا ڙين

۾ رهي ٿو. آسمان ڪائنن دور آهي ۽ هيٺ زمين اٿن جيڪا يا تہ گرم آهي يا سرد آهي يا سندن چهرن وانگر سڪل ۽ ابوجهہ آهي.“

” سائين اوهان تہ حيدرآبا منجهان آيا آهيو جت پهرين ڏهہ ويهہ سالن کان اردو ڳالهائيندڙن سان ويڙهہ هلي پئي. هڪ وڏو ambush بہ ٿيو. اوهان اهو سوچيو نٿا تہ اُن جو اثر ڪراچيءَ ۾ اسان تي ڇا پوندو؟“

” سائين ڪراچي بہ تہ سنڌ جو حصو آهي. اُت بہ اهو ساڳيو قانون آهي جيڪو ملڪ جي ٻين حصن ۾ آهي. حيدرآباد ۾ ستراسي ۽ نوي جي ڏهاڪن ۾ ڇا ٿيو اوهان کي شايد خبر ناهي ۽ اوهين پنهنجي خوشحاليءَ جي حالتن ۾ اهو ڄاڻڻ بہ نٿا چاهيو. سائين حيدرآباد ۾ تہ اردو سنڌي ڳالهائڻ وارا وڏيڪ ويجها هئا ۽ سندن تعلقات دوستن ۽ ڀائرن جهڙا هئا. ڪجهہ ملائڪن کي اهي رشتا پسند نہ هئا. سندن سياست جو انداز ٻيو هو. هُو آيا، پنهنجو ڪم ڪيائون ۽ آرام سان ويا هليا ۽ بهتر تعلقات جي شهر ۾ نفرت جا ٻج پوکي ڇڏيائون.“

” جناب اسين تہ امن چاهيون ٿا. ڪراچي تہ ڪاسمو پوليٽن سٽي ۽ هڪ مِني پاڪستان آهي.“ تبسم صاحب چيو.

” تبسم صاحب اُتي ٿورو ترسو ۽ انهيءَ جملي کي درست ڪريو تہ ڪراچي هاڻ ڪاسمو پوليٽن سٽي آهي ۽ سنڌ جو اُهو شهر، جيڪو اڳ مهاڻن ۽ مير بحرن جو ننڍڙو ڳوٺ هو سو هاڻ جڻ تہ مني پاڪستان ٿي پيو آهي. پرهت هن شهر ۾ سنڌ کي ڳوليو. هن شهر کي ٻيهر سنڌ جي ليبل سان نقشي تي آڻيو جت سنڌي تهذيب ۽ سنڌي سڃاڻپ محسوس ٿئي. سنڌ ۾ اچڻ رهڻ ۽ روزي ڪمائڻ جو سيني کي حق آهي جو اسين هڪ ئي ملڪ جا رهواسي آهيون پر جيڪا تهذيب ۽ سياسي حالت ڪراچيءَ ۾ نظر اچي ٿي تنهنڪي مني پاڪستان يا ڪاسمو پوليٽن سٽي چئي اصل حقيقت کان پاسو نہ ڪريو. ڪراچي کي سنڌ جو حصو سمجهو ۽ سنڌ ملڪ پاڪستان جي فيڊريشن جو هڪ صوبو سمجهو. تعصب جا پوکيل ٻوٽا ساڙي ڇڏيو. سنڌ ۾ سياست سنڌ جي ٽيڻ ڪپي جت پنجاهہ سيڪڙو

رهندڙ ڪٽنب غربت جي انٽرنيشنل ليڪ کان بہ هيٺ جيئن پيا. ورلڊ بينڪ جا انگ آهن تہ ڀهراڙين ۾ 34 سيڪڙو غربت آهي ۽ شهرن ۾ 19 سيڪڙوا ڪٽي آهي مڊل ڪلاس جنهنجي اوهان ڳالهہ ڪريوپيا. ٻي رپورٽ ۾ ٪51 سيڪڙو ڪٽنب غريب آهن"

" ادا 1970ع کان پگهار دار طبقو ايريو آهي. اهو طبقو ظاهر آهي تہ شهرن ۾ رهندو...." جمالي ڳالهائڻ شروع ڪيو. " صحيح آهي. شهرن ۾ پگهاردار طبقو وجود ۾ آيو آهي ۽ هت شهرن ۾ Corruption ڪي هٿي ڏيئي، بنگلن ۽ ڪارن جا ۽ بزنس جا مالڪ ٿي ويا آهن ۽ وقت جي زور اڳيان نہ رڳو جهڪي هلن ٿا پر انهيءَ زور جي سماج جو حصو ٿيڻ لڳا آهن. هُت ڀهراڙين ۾ اوهان فيوڊل لارڊس، وڏيرا ۽ ڀوتار چڙهي آيا آهيو ۽ ان کانسواءِ ٻيو طبقو غريب آهي جنهن وٽ اجهو لٽو ۽ کائڻ لاءِ بہ مس ڪجهہ آهي، اُهي نيٺ ڌاڙيلن کي جنم ڏيڻ لڳا. شهر جي سياسي مڊل ڪلاس دهشت گرد پيدا ڪيا. ملڪ جي اسلامي صدر اسيءَ جي ڏهاڪي ۾ اهڙيون پاليسيون ناهيون تہ جيئن اسلام، هٿيار ۽ منشيات گڏ ڦهلجن. اسانجو مسئلو جت تهذيب جي بقا ۽ هزارن سالن جي رهڻي ڪهڻيءَ کي هن هلندڙ دؤر سان گڏي تهذيبي ترقي ڏانهن هلڻ آهي انهيءَ سان گڏ پنهنجو تهذيبي وجود کي بہ بچائڻو آهي."

جمالي چيو: "پر ادا انهيءَ ۾ ڪهڙي ڏاهپ آهي تہ اسانجي نوجوانن پنهنجن ئي آفيسرن کي مارڻ شروع ڪيو آهي. ڇا انهن ماضيءَ جي اهڙن واقعن مان سبق نہ سکيو آهي. اها ڳالهہ تہ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي."

علي بخش خان چيو : " ياءَ ڪوبہ ساڃاهہ رکندڙ انسان نہ چاهيندو تہ انسان، انسان جو قتل ڪري. آءُ بہ انهي اصول جو آهيان. انسان جي زندگي، سياست، اقتصاديات ۽ ڪلچر سڀ کان مٿي آهي. پر حالتون ڪجهہ ماڻهن کي غلط ڪمن ڏانهن ڇڪي وڃن ٿيون. جيڪي ڇوڪرا 1970 ۾ ايم پي اي يا ايم اين اي جي معرفت يا ڪنهن پارٽيءَ جي

ڪارڪنن جي حيثيت ۾ صحيح يا غلط طور تي نوڪريون وٺي هڪ اسرندر ڪلاس ۾ شامل ٿي وياسي هاڻ نوي جي ڏهاڪي ۾ نهايت تجربيڪار ۽ دنيا دار طبقي ۾ بدلجي ويا آهن. سڀ نه، پر اڪثريت انهن چوڪرن جي هاڻ هڪ ميچوئر بيوروڪريٽ ڪلاس ۾ تبديل ٿي وئي آهي، انهن ۾ وڏيرن جا پٽ، غريبن جا پٽ ۽ انهن جا پاڻتيا پاٺيجا سڀ آهن جن ۾ خوشحال ٿيڻ ۾ سماجي Status حاصل ڪرڻ جي Race لڳل آهي. ٻئي پاسي وڏيرن ۽ فيوڊل لارڊس جي 1970 کان پوُاسريل ٿهي، اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ هر غلط ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهي. هر انهيءَ سياسي پارٽيءَ ۾ شامل ٿين ٿا جن ۾ ڪين شهري، ضلعي، صوبائي يا مرڪزي اقتدار ملڻ جو آسرو آهي. مزي جي ڳالهه آهي ته انهن آفيسرن ۾ اُهي فرد به شامل آهن جن پنجاهه ۽ سٺ جي ڏهاڪن ۾ ايوب خان مرده آباد جا نعرا به هنيا هئا. جيل به ويا هئا. بک هڙتالن تي به ويٺا هئا. سي هاڻ سٺي پوسٽنگ ملڻ لاءِ، ڪرپشن ۾ ملوث ٿيڻ لاءِ ۽ سياسي وڏيرن يا سياسي وردي پاتل حاڪمن لاءِ هر بي غيرتيءَ جو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ائين ئي جيئن وڏيرا وزير ۽ صلاحڪار ٿيڻ لاءِ زورآور صاحب اڳيان سڙڻ لاهڻ لاءِ به تيار آهن ته جيئن سندن مفاد جون پتلونون پائي هر اهو ڪم ڪن جن مان پاور ۽ پئسو ڪمائجي، صاحبن کي خوش ڪجي ۽ پنهنجو وجود، اقتدار جي شاهراهه تي موجود رکجي. پر اڳتي نه وڃو. 1970 جي شروعات جو وقت انهن سيني وڏيرن ۽ آفيسرن جي حيثيت کي سرڪاري طور تي به نه پر ڪيو پر ان دؤر جا ماڻهو اڃا جيئرا آهن تن کان ڪچهريءَ ۾ پڇيو. سموري ڳالهه سامهون اچي ويندي. ترقي ڪرڻ خراب ڳالهه نه آهي پر پنهنجي ذاتي عزت ۽ سنڌ کي داءُ تي هڻڻ ڪهڙي دانش مندي آهي. ائين بي غير تيءَ جي دائري ۾ داخل ٿي رهيا آهيون."

" سر اها ڪهڙي دانشمندي آهي ته ٽيهن سالن ۾ محنت سان اُپريل حيثيت جي آفيسرن کي ambush ڪري مارجي؟" تبسم صاحب سوال ڪيو.

” آءُ اوهان سان متفق آهيان. انسان کي مارڻ نهايت گهٽ درجي جو فعل آهي. پر اسانجي انهن آفيسرن جا فعل به پر کيو. مونکي هڪ نوجوان کي هڪ سيمينار ۾ ٻڌڻ جو موقعو مليو هو جنهن چيو هو ته جيڪو عنصر سنڌ جي حيثيت، سنڌي تهذيب ۽ صوبي جي ماڻهن جي سڃاڻپ کي تباه ۽ برباد ڪرڻ جي ڪردارن ۾ شامل آهي سو اسانجو ويري آهي. اسان کي به ترقي ڪرڻ جو حق آهي پر سڃاڻپ وڃائڻ ۽ هزارن سالن جون سرحدون، بامبي بيڪريءَ جي ڪيڪ وانگر سلائس ڪري ٻين کي ڏيڻ يا خاموش تي ڏسڻ ان کان به وڏو گناه آهي. انهيءَ ڪري ڄام صادق اهڙو ئي ڪم ڪيو جهڙوڪ بنگال ۾ مير جعفر ڪيو ۽ دکن ۾مير صادق. ڄام صادق طاقتور ڌرين کي پنهنجي ڏاهپ سان سياسي روڊ ميپ ٺاهي ڏنو جنهن ڪري صوبي جي اڪثريت سدائين اقليت ۾ رهندي ۽ پاڻ سال به اقتدار چکي ۽ دوستن ۽ سري آيل دشمنن کي سرڪاري خزاني منجهان سخاوت جا اهڙا جذبا ڏيکاريائين جو اڄا به ڪي ماڻهو ڄام جي سخي مڙس هئڻ جي ساراه ڪندي ڍاپن نه ٿا. هاڻ سنڌ جي حڪومت جي ايوانن ۾ انهيءَ روڊ ميپ مطابق Jam Syndrome هلي پئي. اصل اقتدار يا ته ملڪ کان ٻاهر وارن Macho man وٽ آهي يا P.I.A جي جهازن ۾ ٽيڪ آف ڪري ٿو ۽ لينڊ ڪري ٿو. طاقتور ڌرين کي هڪ ڄام کان پوءِ ٻيو ڄام ملي ويو ٿو. الائي ڪيترا ڄام اقتدار جي لائن ۾ سٽڻون لاهي ڇڏيون پائي بيٺا آهن. مستقبل ۾ الائي ڇا ٿيندو؟ مونکي خبر نه آهي. پر هڪ ساڃاهوند انسان جي حيثيت ۾ آءُ سمجهان ٿو ته ڪجهه ٿي رهيو آهي ۽ ڇا ٿيندو؟ هڪ معصوم ڇوڪريءَ مونکي ٻڌايو هو ته سر سنڌ جون نيون سرحدون ڄامشورو ٽول پلازه کان پوءِ شروع ٿينديون ۽ درياه جي رائٽ بينڪ آئوٽ فال ڍرين سان گڏ مٽي اُتر تائين ويندي يون جيستائين سنڌو درياه جو ڪڇو آهي ۽ باقي ليفٽ بئنڪ آئوٽ فال ڍرين وارو علائقو ٻين جي اقتدار ۾ هوندو ۽ اسين assalage ۾ يا Senfdom جي دائري ۾ پنهنجي عاليشان پنج هزار سالن جي تهذيب جي برتري ۽ noostalgia کي سنڀالي ويٺا

هونداسين ۽ جمهوري انداز ۾ ساليانِي بجيٽ جي هڪ حصي جا حقدار هونداسين. اُها ڇوڪري گهٽو pessimist هئي. اهو بہ چيائين. سائين اسانجي تهذيب اڳ زمين جي surface تي هئي هاڻ Sub Surface ۾ Salinity وانگر Drain out ٿئي پئي. نيٺ وچي سمنڊ جي حوالي ٿيندي باقي اهي ڇوڪرن جا ٽولا چا پيا ڪن. آءٌ انهن سان متفق نہ آهيان پر انهيءَ ڳالهہ تي يقين رکان ٿو تہ انهن ڇوڪرن سان، گڏ اسانجي موجوده جوان ٿهي آهي، ڳالهيون ڪرڻ کپن. هُو مستقبل جا وارث آهن. ساڻن ڊائلاگ ڪري، سندن مسئلا حل ڪجن نہ تہ وٽن ذهانت بہ آهي، سمجهہ بہ آهي ۽ ٽارين طرفان مليل هٿيار بہ آهن. اهي ٽيئي element ملن تہ جيڪو Compound ٺهندو سو اسان جي سماج لاءِ نهايت هاڃيڪار ثابت ٿيندو. الائي ڪيترا Jam Dynasty جي خيالن جا نوازيل انهن منجهان، رد عمل طور نڪري اچن. اسان کي پنهنجي مستقبل جو Positive روڊ ميپ ٺاهڻ گهرجي. انهيءَ روڊ ميپ ۾ سياسي اقتداري وڏيرن ۽ پوسٽنگ ۽ ڪرپشن سان پرپور ذهنن وارن آفيسرن جو خاتمو ضروري آهي. خاتمي سان منهنجو مطلب ڪو ambush ناهي پر تدبير آهي.

”سائين اوهانجيون ڳالهيون واهہ جون آهن.“ جميل احمد چيو. ”سنڌ جا ماڻهو صديون اپوجهہ رهيا آهن. چڏيو تہ ڪجهہ دنياوي فائدو وٺن. سنڌ جي زمين ۾ طاقت آهي تہ هت سڀ ضم ٿي ويندا آهن. سڀ ڳالهہ نيچر تي ڇڏيو. سنڌ ساڳي رهندي رڳو ٿورڙي جُوڻ مٽائيندي. عرب آيا. مغل آيا. سيد آيا. ٻروچ آيا. پنجاب مان هندو ۽ ٻيون سماٽ ذاتيون آيون. سڀ سنڌي ٿي ويا. پلا ٻروچ پاڻ سان سرائيڪي ڪٽي آيا. اجان بہ گهرن ۾ ۽ ٻاهر سرائڪي ڳالهائيندا آهن. پر سندن مفاد سنڌي ٽيڻ ۾ آهي. هو بلوچستان سان ڪنجي ۽ بلڪل الڳ ٿي ويا آهن. حيدربخش جتوئي بہ ٻروچ هو. سنڌ جو پٽ هو. غلام محمد لغاري ڪامريڊ بہ ٻروچ هو سو بہ سنڌ جو پٽ هو. هي سڀ سنڌ جا پٽ ٿي ويندا. هنن مهاجرن وٽ جيڪو روڊ ميپ آهي تنهنجو ڇيهہ بہ اهوئي آهي. رڳو ڏرتيءَ جا پٽ ٿين. هينئر آفاقي

آهن ۽ هوائن ۾ هلن ٿا. سندن ڏوهه ناهي. برهمڻ جي ظلم کان بيزار ٿي مسلمان ٿيا. سندن پنهنجي ڪابه سڃاڻپ ناهي. اهي اڪثريت ۾ شودر ڪلاس مسلمان اورنگزيب جي زماني کان مسلمان ٿيا. هت پهريون پيرو کين پاڪستاني لفظ مليو. مسلمان منجهه ايڏو charm کين نظر نه آيو. پاڪستاني سان گڏ پاڻ کي مهاجر جي identification ڏنائون. اها Identification به ڪا مظبوط فوٽنگ تي ناهي. سندن مضبوطي جا سبب ايڊيوڪيشن ۽ بهتر economic conditions آهن. اسان کي به جڏهن اهي ٻه عنصر حاصل ٿي ويندا ته اسين سڀ گڏجي ويندا سين. اها حڪمت سنڌ جي زمين ۾ قدرت رکي آهي. باقي ڪرپٽ آفيسر سوسائين وانجهيل ۽ بيوس ماڻهن کي جڏهن وسيلا ملندا آهن سي ڪرپٽ ٿيندا آهن ۽ ٻين جي مفاد خاطر خادم ٿيندا آهن. هِن وقت مهاجر گهٽ ڪرپٽ آهن؟ پر انهن جي ترقي به هِن ملڪ ۾ ڪرپشن جي هاءِ ليول سان شروع ٿي. هاڻ اصول پسند ڪرپشن ڪن ٿا _ مٿين ليول تي ۽ ٻيا سڀ غلط ڏنڌا هيٺين ليول تي. ڳالهه رڳو اها آهي ته هنن وٽ اسان وانگر روايتي ڏاڙيل ۽ وڏيرا ڪونهن شهري ڏاڍا مڙس آهن. پر ڳالهه مڙيئي ساڳي آهي. کين اڳتي وڌڻ ۽ پلاٽ حاصل ڪرڻ جو شوق شروع کان هو. هاڻ پلاٽن جي بدران تعلقه ضلعا ۽ ٻيٽن تي قبضا ڪن پيا _ ۽ انهيءَ قبضن ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ نفرتن جا ٻج پوکين پيا. اهو سڄي معاملي جو تمام خراب پهلو آهي. انهيءَ ڪري نفرتن جي machomen ٺيڪيدارن کي ختم ڪرڻ گهرجي ۽ وڏيرن کي انساني روپ ڏجي جنهن لاءِ سندن علائقي جي غريبن ۾ education ۽ اقتصادي حالتون بهتر ڪجن ته جيئن انهن وڏيرن جي چوڌرائپ ختم ٿئي. باقي الله وڏو آهي. سنڌ گڏرن ڪونه کاڌي آهي. تي سگهي ٿو ڪو نوجوان ڪنهن شهر جي چونڪ تي بيهي رڙ ڪري ته اسان وٽان لفظ وڏيرو رئيس، سردار، ڀوتار وغيره ختم ڪريو ۽ ملڪ جي يڪجهتيءَ خاطر وڏا ماڻهو سڀ "چوڌري" بنجي وڃن. پوءِ شايد شرم اچين. اڳي انگريزن جي وقت ۾ اِهي لفظ گهٽي عرصي کان پوءِ رائج ٿيا. نه

تہ "نيڪ مرد" جو لفظ رائج هو. پوءِ وڏيرو ميدان ۾ آيو. پوءِ جنهن جيتري خدمت ڪئي تنهنکي اهڙو لقب ۽ خطاب ملڻ لڳو. مثال طور نواب، سردار، خان بهادر، راءِ بهادر _ مثال طور انگريزن جي شروعاتي ريڪارڊ ۾ وڏيرو غيبي خان لکيل هو ۽ سڏبو هو. پوءِ خدمتن جي عيوض نواب غيبي خان تي پيو. اهڙا تمام گهڻا مثال آهن. انگريزن کان پهرين نواب يا سردار، خان بهادر يا راءِ بهادر ڪير ڪونہ هئا. رڳو مير صاحبان هئا ٻيو ڪُل پيران دا خير!"

جميل احمد ٿهڪ ڏنو ۽ ٻيا بہ کلڻ لڳا.

"اوهان جي اها ڳالهہ وٺي. مثال طور منهنجو نالو چوڌري علي بخش خان هجي. اوهان جو نالو چوڌري جميل احمد سومرو هجي. مون واري سالي گهڻو ڪمايو آهي. نالي وارو آهي. سو بہ چوڌري حاڪم علي ميربحر هجي. هونئن بہ مونکي وڏيري، سردار يا نواب کان لفظ چوڌري وڌيڪ وڻي ٿو. چوڌرين جي بہ مرضي آهي تہ جيئن سنڌو درياهہ اتر کان ڏکڻ تائين وهي ٿو. سڀ درياهہ ننڍا وڏا انهيءَ ۾ اچيو ملن ٿا. اُتر کانSubsoil ۾ affluent واٽر بہ ايئن ئي رستو وٺيو اچي تہ پوءِ انسانن جي وڏ ماٺهپائيءَ، غداري، سازشن ۽ حرص جا جذبا بہ ساڳيا آهن تہ پوءِ قومي يڪجهتي خاطر جي اسين چوڌري احمد بخش شيخ تي پياسين يا چوڌري نياز احمد ميمڻ تي پياسين يا چوڌري چنگيز خان بگٽي يا مغل تي پياسين تہ ڇا اها ڳالهہ ملڪ جي مضبوطي لاءِ چڱي ناهي. سڀ چوڌري! ڇاجا وڏيرا، ڇا جا سردار ۽ ڇاجا مَلڪَ وغيره!"

"سوچڻ لاءِ سنو نقطو آهي." جماليءَ چيو. "منهنجي تہ خيال ۾ آئين ۾ ترميم ٿيڻ کپي."

"پر سائين آءٌ وري بہ انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيان ٿو تہ نوجوانن کي سمجهائڻ کپي. پنهنجن کي ماربو ناهي. انسانن جو قتل تمام خراب ڳالهہ آهي. الائي ڪيئن اِهي آفيسر انهي رتبي تي پهتا آهن." جميل احمد افسوس ظاهر ڪيو.

”ها اوهين صحيح ٿا چئو!“ علي بخش خان چيو. ”هو ملڪ جا ذريعا ڦرين ٿا ۽ نوجوان ڪين ڦرين. ائين تہ نوجوان ڪرپٽ ٿي ويندا. پوءِ آفيسر ڪوٺا هوندا ۽ نوجوان سندن پنيان ڇڄ ٻلا هوندا. مونکي هڪ گرم دماغ نوجوان چيو هو تہ هن ڌرتيءَ کي رت ڪپي....

”پنهنجن جو رت؟ شير شاهہ جا شڪرا .....!“ جماليءَ چيو.

”نہ هن چيو تہ پنهنجن غدارن کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ختم ڪرڻ ضروري آهي يا اهڙن عناصر کي castrate ڪجي. قانون اهڙا ناهجن ۽ انهن تي عمل ٿئي تہ جيئن ڪنهنکي بہ محروميءَ جو احساس نہ ٿئي. باقي جي ائين نہ ٿيو تہ تاريخ شاهد آهي ڌرتي، ناانصافيءَ ڪري، ڪربلا ٿي پوندي آهي ۽ وطن سڄي ۾ واويلا ڦهلجي ويندي. واويلا جا نعرا نوجوان هڻندا آهن. منهنجي نظر ۾ ڪربلا ڪنهن هڪ ڦمئلي کي تباهہ ڪرڻ نہ هو پر ڪر بلا جو حادثو هڪ انقلابي نظام کي موڙ ڏيڻ جو ڪارڻ بڻيو. ڪربلا ڌرتيءَ تي ٿيل بي انصافي جي نتيجي ۾ ٿيل اڳرائي جو نتيجو هو جنهن بهتر نظام زندگيءَ جي وهڪري کي هلڻ نہ ڏنو ۽ اهو چئڻ پنجن ڪلاڪن جو قتلام ۽ ڦٽڦ ۾ تمام ٿورن انسانن جي جانين کي ختم ڪرڻ، انسان ذات ڌرتيءَ تي جيڪي بہ انڌير ڪيا آهن، انهن منجهان هڪ آهي. ائين آءُ ڀانيان ٿو تہ منهنجي ملڪ ۾ بہ، منهنجي وطن ۾ بہ واويلا ٿيڻي آهي. ڪڏهن واويلا ٿيندي؟ وقت انهيءَ جو فيصلو ڪري رهيو آهي. وقت جي بادشاهي اٽل آهي.“

علي بخش خان اٿيو: ”اوهان نيو يئر جي تيارين جا بندوبست ڪريو. وسڪين جي ڪريٽن جو بندوبست ڪريو ۽ تفريح لاءِ خلقيل عورتن کي بہ جهازن جي سيٽن وانگر بڪُ ڪرائي ونو _ اعليٰ آفيسرن، معتبر ڪاروباري طبقي ۽ وزير سفير، ريٽائر يا جيئرا جاڳندا ياد ڪري ونو جن کي سندن بيگمن يا وانديون ٿيل بيگمات سان گڏ دعوتون ڏيڻ جو سوچي ونو. اهي وسڪيون، رنون، اعليٰ آفيسر، معتبر سياسي صاحب، وزير سفير، انهن سڀني جون بيگمون ۽ ٻيون فري ڪيڊر جون ميڊمس يا فري لانسر عورتون

جن وٽ زبردست تجربو آهي. سونهن ۽ بيوٽي پارلرس جي عطا ٿيل خوبصورتي آهي. سي سڀ ڪن ٻين دعوتن ۽ اهتمامن ۾ engage نہ ٿي وڃن ۽ اوهانجون محفلون ساموندي ڪناري جي هن وطني شهر ۾ بي رونق نہ ٿي پون. مونکي مهرباني ڪري اجازت ڏيو. مونکي ڪجهہ ڪم آهن."

علي بخش خان جي آواز ۾ هاءِ بلڊپريشر جي ڪُهراڻ هئي. سندس اکين جون ماٽڪيون پوسرائڻ لڳيون. دل جي دڪ دڪ بہ پنهنجيءَ سنئين واٽ تي نہ هئي.

"يار هن سائينءَ کي ڇا ٿيو؟" جميل احمد، جمالي صاحب کان پڇيو.

"منهنجو پياءُ آهي." جمالي صاحب بيزار ٿي چيو. "چريو ٿي پيو آهي."

علي بخش خان ڊرائنگ روم منجهان نڪري ٻاهر لان ۾ پسار ڪرڻ لڳو. سندس طبيعت ۾ هيجان هو ۽ کيس ائين پئي لڳو تہ جيڪا باهہ رت ڪنيو دل ڏانهن اچي پئي تنهنجا اُلا ذهن ۾ دُکن پيا. پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ بہ لڳو: "هي راسپوٽن جا پوئلڳ آهن. پر راسپوٽين جنسي، ذهني ۽ جسماني طور تي ڪرپٽ هو. هي منهنجا يار جنس، ذهن ۽ جسم کي مالي ڪرپشن لاءِ استعمال ڪن پيا. هو راسپوٽين جي عقيدي جا پوئلڳ آهن جنهن چيو هو تہ "گناهہ کان سواءِ زندگي، زندگي ناهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي تہ گناهہ کان سواءِ ندامت نٿي ٿئي ۽ اگر جي ندامت نہ هجي تہ خوشي نٿي ٿئي!" انسان آخر ڪيترو گناهہ ڪري سگهي ٿو؟ گناهہ جي حد آهي! انهيءَ حد کان پوءِ سندس ذهن ۽ لڱن ۾ سگهہ نہ آهي. پر نيڪي هر حال ۾ سڄي عمر ڪري سگهي ٿو."

علي بخش خان ڪجهہ دير خاموش رهيو. وري پنهنجو پاڻ ڳالهائڻ لڳو: "آءَ ڀانيان ٿو تہ سنڌ جي ماڻهن لاڳيتو مار کاڌي آهي، ڦتلام سَٺا آهن. ڏارين جو ڏاڍ ۽ غلامي جا زخم ۽ ڦٽ محسوس ڪيا آهن. انهيءَ ڪري لکيل تاريخ جي دؤر کان 1947ع تائين هڪ قوم جي حيثيت ۾ گناهہ بہ ڪري نہ سگهيا آهن. پوءِ ڪين گناهہ ڪرڻ جا ڀيڇرا نظر آيا ۽ گناهہ شروع ڪيائون ۽ پاڻ کي ڍڪڻ شروع ڪيائون تہ جيئن ندامت ٿئي تہ مسرت

حاصل ٿئي. ذهن جي ور وڪڙن ۾ سمايل خوشي ۽ خوف نيٺ خدا ڏانهن رجوع ڪري ٿو ۽ جسم منجهان شيطان کي تڙي ڪڍي ٿو."

ڪجهه دير خاموش ٿي، شام جي وقت ڦهليل اوندهه ۾، لان ۾ اڇڻ ڪان اڳ نهيل سنگ مرمر جي ٽيريس ۾ پيل ڪرسين منجهان هڪ تي ويهي رهي ٿو. ٿڌ جا آثار به شروع ٿيڻ لڳن ٿا. سندس لڳن ۾ اچا ايتري سگهه هئي جو ڊسمبر جي شام جي ٿڌ کي برداشت ڪري سگهي. مات ڪري وينو هو.

وري ڳالهائڻ لڳو پر آهستي آهستي: "ماڻهو ڇو عجيب ٿيندا وڃن؟ ڌرتي ڇو سُڪندي وڃي. وڻن جا پن پنهنجو گهاٽو رنگ وڃائي چڪا آهن. گلابن منجهان سرهاڻ اڏامي ويئي آهي. آسمان رن زال جي سُڪل ڇاتين جيان نظر اچي ٿو. مون جهڙا ماڻهو ڪيڏانهن وڃن؟ ڇا آءٌ به ماڻهپو ميونسپالٽيءَ جي ڪچري جي دٻي ۾ ڇڏي اچان. سمجهه نيشنل هاءِ اٿارٽيءَ جي ٺاهيل ڪنهن سب اسٽينڊرڊ روڊ جي وچ تي رکي اچان جت روز هزارين ٽرڪون ۽ بسون سمجهه کي چيڀاڙي اڳتي نڪري وڃن ٿيون. ڪا وڏي ڪڏ کوٽي غيرت کي اُت غرق ڪري اچان. ڇوڪرا جيڪي دونهين ۾ ويڙهيل آهن سي پنهنجي مڊل ڪلاس جي آفيسرن کي، ڊاڪٽرن کي، وڪيلن کي ڇو ٿا مارين؟ آفيسر اهو ملڪي پئسو هٿ ڪن ٿا جنهن سان غريبن جي غربت جي ليڪ مٿيرو ٿئي. پاڻ ڪائن ٿا ۽ سياسي ۽ بيورو ڪريسيءَ جي صاحبن جا جهول ڀري وڌيڪ بهتر پوسٽنگ وٺي وڌيڪ ڪمائين ٿا. پر انسان کي انسان ماري سا ڳالهه اجوڪي روشن دور ۾ چڱي ناهي. پر ڇو انسان ٻئي انسان جي بدن تان ماس ڪوري ۽ لاهي لک پتي ۽ ڪروڙپتي ٿئي ٿو. مڊل ڪلاس جو رول ادا نٿو ڪري بدمعاشي جو شريف روپ اختيار ڪري ٿو. پنهنجي سمجهه کي corrupt ڪري ٿو. هي ڇوڪرا آفيسرن ۽ سياسي ماڻهن کي مارين پيا يا ڪرپشن کي ختم ڪن پيا. پر ڪيترائي نوجوان ڪر پٽ آهن. ڪيترائي نوجوان پنهنجي واري جي انتظار ۾ وينا آهن. نيٺ ڇا ٿيندو؟ ڪيڏانهن پيا وڃون؟ ڪجهه

نوجوان ڪرپٽ آهن. ڪجهه نوجوان ڪرپٽ ٽيڙ جي انتظار ۾ آهن ۽ ڪجهه وطن لاءِ پاڻ پتوڙين پيا تہ وطن کي ڪربلا ٽيڙ کان بچايون. ڪربلا جي ميدان جنگ نہ هو. حق و باطل کي اُتي ملٽو نہ هو_ پر ايندڙ سچي تاريخ ۾ ظلم ۽ ناانصافي جو symbol هو تہ وطن ۾ واويلا ڇو ٿيندي آهي؟ اسين بہ انهيءَ واويلا منجهان گذرون پيا. اسان وٽ يزيد ۽ شمر جهڙن ماڻهن جو رول ڪانسٽيٽيوشن ۾ لکيل ۽ legislate ٿيل آهي ۽ آئيني ڪربلا جي دؤر منجهان لنگهي رهيا آهيون. لڳي ائين پيو تہ نيٺ بادشاهي بدلٽي آهي. وطن جو عوام ۽ نوجوان لوهر وٽ ڳريل لوهہ وانگر موجود آهن جنهن ۾ انتها درجي جي گرمائش آهي پر ڪنهن گهربل قالب ۾ اچي پنهنجو رول ادا نہ پيو ڪري سگهي! انهيءَ جا سبب هن وقت اسان جي سينيئر ٿهي جا اهي سفيد وارن پنهنجا صاحب آهن ۽ lagislate ٿيل وطن جي حدن کان ٻاهر جا يزيد جهڙا انسان آهن جيڪي اقتدار جا طالب آهن. مون کي مستقبل ۾ اوندهہ نظر اچي پئي ۽ اوندهہ ۾ گولين ۽ بمن جا ٺڪا آهن. ڪهاڙين منجهان ڳن نڪري رڻ ۾ ڦهلجي ويا آهن. پوءِ شايد ملٽي اسٽوريڊ بلڊنس، 6 لين روڊس، ڪئنٽومينٽ جا صاف سٿرا ويڪرا رستا 16 هيلر ٽرڪن ۽ ائرڪنڊيشنڊ بسن ۽ ريلن جا آواز ثقافتي ميلا جنهن ۾ شيخ اياز ۽ ۽ آغا سليم جا ترجمو ٿيل شاهہ جا ڪلام امير خسرو جي ايجاد ڪيل سُرن ۽ شيما ڪرماني جي ماضي جي جوان ۽ ان جي فن سان ڀرپور موهيندڙ جسم منجهان راڻي ۽ مارئي جا سُر نڪرن، نيٺ شاهہ کي بہ تبديل ٿيڻو آهي. يونيورسل اصول آهي Change is a always better شاهہ جي مقبري ۾ غالب جي مقبري جي replicas real sized آرٽ ڪائونسل جي پرسان نهندڙ شهر فن ۾ تعمير ڪرائن. ملهہ ۽ باڪسنگ جا ميدان rings بہ تيار ٿين. پر اُنهن سان گڏ مڪليءَ جهڙا بہ ڪيترائي قبرستان شايد موجود هجن جيڪي ايندڙ صدرن ۾ relics جو ڪردار ادا ڪندا ۽ سنڌ جي سڃاڻپ قائم دائم رهندي رڳو ماڻهو گهٽي پاڳي بدلبا ۽ تهذيب تمدن بہ ساڳيو پر نئين انداز ۾ هوندو. اهل نظر نيون وستيون قائم

ڪنداآهن_ ۽ لوهر وٽ ڳريل. ڳاڙهو لوهہ محفوظ هوندو! ڪڏهن ٿالب جُڙندا؟ ڪڏهن وطن ۾ موجود واويلا ختم ٿيندي؟ اهي سڀ موجوده نوجوان ٿهي يا ايندڙ ٿهيءَ ڪي ڪرٽا پون يا ڪين انهيءَ مامري جي ساڃاهہ ۽ سمجهہ اچي ۽ سگهہ جي ڳولا ۾ پريشان هجن. نيٺ هماليا پرزا پرزا ٿيندو ۽ درياهہ پنهنجي صدين اڳ جي اوڄ تي ايندو. نوان راڳ رچبا. زالون مردن کي پنهنجو ساهہ اربيندِيون ۽ مردن جي ڏورن ۾ مکڻ ماکي ۽ زماني جي سمجهہ جي قوت هوندي. پوءِ ڇا ٿيندو؟ ائين ئي ٿيندوجيئن وطن ۾ تاريخ پاڻ ورجائيندي آهي. آخر تاريخ کي پاڻ ورجائڻو آهي. غدار ۽ موذي مرندا! سنڌ ۾ نہ رهُو سڪار ٿيندو پر عالم بہ آباد ٿيندا!“

علي بخش خان جي اکين منجهان ڳوڙها وهي آيا ۽ ڪيس خبر نہ هئي تہ گلاب سندس اڳيان بيٺي آهي. ڪجهہ حيران ڪجهہ پريشان.

”اندر هلو_ هٿ ٺڌ وڌي ويئي.“

علي بخش اندر پنهنجي بيڊروم ۾ صوفاتي ويٺو. گلاب کي ملول لڳو پئي.

”طبيعت نيڪ آهي؟“ گلاب اڳتي وڌي سندس پيشاني تي هٿ رکيو. پيشاني ٿڌي هئي. گلاب جا هٿ گرم هئا. علي بخش خان گلاب جي هٿن تي پنهنجا هٿ رکيا.

”اوهان پلنگ تي ليٽو ۽ بلانڪيٽ وجهو تہ ڪجهہ گرم ٿيو اجايو ٻاهر ٺڌ ۾ ويهي رهيا.“

علي بخش خان پلنگ تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيو ۽ گلاب ڪيس بلانڪيٽ ۾ ويڙهي ڇڏيو.“

”آءُ نيڪ آهيان.“

”اوهان آرام ڪريو. آءُ اوهانجي مسز کي سڏي ٿي وٺان.“

”عورتن وارا ڪم نہ ڪر. پاٽيهي ايندي. تون هتي سامهون صوفي تي منهنجي سامهون ويهہ.“

گلاب کي ٿورو اچرج لڳو ۽ هوءَ ٿورڙو پرتي ٿن چئن فوٽن تي پيل

صوفا تي ويهي رهي.

"اوهان جي اکين ۾ ڳوڙها هئا."

علي بخش خان ڪليو: "ڪنهن جي لاءِ هوندا؟"

"مون کي ڪهڙي خبر؟"

"تنهنجي لاءِ نہ هئا ۽ نڪي منهنجي زال لاءِ ۽ نڪي ڪيترين عورتون منهنجي زندگي ۾ محبت سان گڏ آيون تن لاءِ هئا. نڪي الاءِ ڪيترا سور سنا اٿم زندگي ۾ـ انهن لاءِ هئا...؟ مون واقعي رنو پئي. هڪ مرد جي حيثيت ۾ تو عورت اڳيان اعتراف ڪريان پيو."

ګلاب خاموش کيس ڏسندي رهي.

"ګلاب مون کي ٻڌائي انسان کي وطن سان ايڏي محبت ٿيندي آهي!"

"ڇا اهي لاڙڪ وطن لاءِ هئا!"

"مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي. مون کي ڇا ٿي ويو. مون کي الائي اُن وقت ڇا نظر آيو پئي. اونده ۾ مڪمل اونده! اونده جو سمنڊ چوڌري ڦهليل هو. مون کي ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڪنهن ٻئي ملڪ جا رهواسي ٿيون پيا. سنڌ جي سر زمين تي نہ اهي ساڳيا ماڻهو آهن نہ ساڳيو تمدن آهي. الائي ڪير پيا رهن شايد مون ڪليل اکين سان خواب ڏٺو آهي."

علي بخش خان اُتي بينو ۽ ګلاب سان گڏ اندر وڃڻ لڳو.

"hallucination" سمجهين ٿين؟"

"ها_" ګلاب چيو.

"آءٌ الائي ڪيترن ڏينهن کان hallucinate ٿيان پيو. پنهنجي وطن ۾ بي وطن ٿيان پيو. ائين ٿيندو آهي! جت بہ وڃان ٿو تہ اُت وطن جي ماڻهن جي روين ۾ هڪ تبديلي محسوس ڪريان ٿو. دنيا ۾ بہ تبديليون ٿينديون ٿينديون آهن. ملڪ جي ماحول ۽ رهڻي ڪهڻيءَ ۾ تبديلي نہ پر ترقي يا بهتر قسم جي واڌ ٿيندي آهي. هت پنهنجي وطن ۾ تہ ائين لڳي ٿو تہ هر پنجاهہ سال کانپوءِ نئون وطن بنجيو پوي. 1947ع ۾ آءٌ موجود هئس هينئر پنجاهہ سالن کان مٿي وقت ٿي ويو آهي. وطن جي سر زمين تي لڳي ٿو اُهي

ساڳي ماڻهو ناهن. اهي ساڳيون رسمون رواج ناهن. اها ساڳي تهذيب ۽ زبان نہ آهي. ڇا ڪرين؟ ڇا تي سگهي ٿو؟ اسان کي change اهڙي ڪيپي جيڪا اسان جي ماضيءَ جي development هجي. وڏيڪ development اها هجي جنهن ۾ا سان جي ماضيءَ جو پڙ لاءَ نظر بہ اچي پڌرُ ۾ بہ اچي.“

علي بخش خان خاموش ٿي ويو ۽ گلاب سان گڏ هلڻ لڳو. ”سگهہ ضروري آهي پر نوجوان nagative نہ ٿين. سگهہ سان گڏ positive ٿين.“

علي بخش خان خاموش ٿي ويو ۽ ڊرائنگ روم ۾ داخل ٿيو تہ جت سندس زال ڏکهي صوفي تي بلانڪيٽ سان ويڙهي ويٺي هئي.

علي بخش خان ۽ گلاب جدا جدا صوفن تي ويٺا هئا.

”گلاب تو چڱي مڙسي ڪئي اٿئي جو هن کي اتان اتاري آئي آهين نہ تہ صبح تائين انهن بيڪار ماڻهن سان وينو هجي ها.“

علي بخش خان کلڻ لڳو ۽ پوءِ ڪجهہ ياد آيس ۽ چيائين ” اوهان ٻنهي جا پروگرام اچي ويا آهن. سياڻي رات جو انين بجي واري فلائيٽ ۾ تنهنجي سيٽ ڪنفرم ٿي ويئي آهي. سڄو ڏينهن پئڪنگ لاءِ اٿئي ۽ ٻئي ڏينهن قمر کي بہ OMI هاسپيٽل ۾ داخل ٿيڻو آهي.“

”ڇا ڪندا دل جي آپريشن؟“ قمر رڙ ڪئي.

”نہ نہ دل جي آپريشن نہ پر انجيو گرافي ڪندا.“

گلاب جي دل ٻڏي ويئي. هوءَ ايترو جلدي پنهنجو وطن ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئي. پر ڪجهہ بہ نٿي ڪري سگهي.

ٻئي ڏينهن چئين بجي، علي بخش خان، گلاب کي ايئرپورٽ وٺي ويو پئي. ٻي گاڏي ۾ سندس ڊرائيور گلاب جا بہ بيگ ۽ ڪجهہ ٻيو سامان جيڪو علي بخش خان دوستن لاءِ ورتو هو سو کڻي آيو پئي. گلاب خاموش هئي.

۽ ڪجهہ منجهيل پڻ نظر آئي پئي.

”تون خاموش آهين؟“

"ائين جلدي وطن ۽ وطن جا ماڻهو ڇڏي وڃڻ ڪري واقعي پريشان آهيان."

"هميشہ لاءِ ٿوري وڃين پئي. صرف پنج سال! ......

گلاب وچ ۾ ڳالهايو: "..... صرف ٽي سال!" ۽ علي بخش ڏانهن ڦيريون پيرو گهوري ڏٺو. هوءَ اڃا تائين علي بخش خان کي نوجوان سمجهندي هئي جو هن جا ڪم ۽ ڳالهائڻ جو انداز نوجوانن جهڙو هو. علي بخش خان سٺ سال کان چڙهي ايڪهٺ ۾ پئي هليو. پر سندس بدن جي بيهڪ نوجوانن جهڙي هئي. ويڪري ڇاتي، جوانن جهڙي چيلهہ. پينٽ قميص بہ ڪيس ٺهندي هئي. وار اڃا هئس پر ايترا نہ. اکيون روشن ۽ چهري ۾ تازگي موجود هئس. قد گلاب جيڏو تہ نہ هوس. پر گلاب جي بيهڪ، چيلهہ، ڇاتيون ۽ ڏکيون متناسب ٽنگون، ڪنهن آمريڪن هيروئن جهڙيون هيون. رڱو سندس رنگ سنڌوءَ جي پاٽي جهڙو ميرانجهڙو هو. علي بخش خان جو رنگ صاف هو جنهن ۾ هن عمر ۾ بہ ڪشش هئي.

"ٽي سال تڏهن جڏهن تون پنهنجا ٽارگيٽ پورا ڪري اچين."

"ڪهڙا ٽارگيٽ؟"

"اينٽرو پالاجي ۾ ڊاڪٽريٽ، روشن انسان، فرسٽريشن ۽ انسان ذات سان نفرت اُتي ڪنهن dump yard ۾ ڦٽو ڪري اچجائين.

گلاب هلڪو کليو.

"اها صحيح ڳالهہ آهي. تنهنجو کلڻ بہ سنو آهي."

.اوهان وٽ مرد جو جيڪو positive تجربو آهي. سو تمام قيمتي آهي."

"مرد جو قيمتي تجربو نہ پر انسان هئڻ جو قيمتي تجربو! Please correct yourself.

"هڪ ڳالهہ ٻڌايو؟"

علي بخش ڏانهنس ڏسڻ لڳو: "رحمان متعلق ڪا ڄاڻ اٿوَ!"

"ها. هن کي گرفتار ڪيو اٿن. ڪيترائي نوجوان گرفتار ٿيا آهن. ڇا

ٽيندو. خبر ناهي. تون اهي سڀ خفا هتي ڇڏي هڪ نئين صاف ۽ روشن دنيا ۾ وڃ! پنهنجي زندگي خوش ٿي گذار. ڪير توکي ڪونه ايذائيندو. بهتر ماڻهن ۾ هلجان. بهتر زندگي گذرندي! منهنجا دوست اتي ورهين کان settle آهن. مون کين خط لکيا آهن. پاسپورٽ سان گڏ اتئي انهي کان علاوه ساڻن ٽيليفون تي بہ ڳالهايو آهي. توکي ڪا تڪليف نہ ٿيندي جنهن سان بہ دوستي رکڻ چاهين ضرور رکجائين. منهنجي دوستي تہ سدائين قائم هوندي. پر توکي ايڏي وڏي زندگيءَ لاءِ گهڻن دوستن ۽ همدردن ۽ چاڻ سڃاڻ وارن جي ضرورت آهي. توکي خبر ناهي تون تمام بهتر ۽ سهڻي ڇوڪري آهين ۽ اُن سان گڏ ذهين بہ. سڀ ڪو توکي چاهيندو. پنهنجو attitude پازيٽو رکجانءِ. جڏهن بہ واپس اچين تہ وزن ايترو ئي هجي. يا ڪٽي هڪ بہ ڪلو گرام وڌيڪ هجي. بس. تون سدائين سونهن سان اپريل ۽ بهترين عورت هوندينءَ. دنيا ۾ رهڻ لاءِ سونهن ۽ ذهانت, منهنجو مطلب positive ذهانت نهايت ضروري آهي. مرد يا بهتر ڇوڪرا تنهنجي ويجهو ايندا. انهن کي ڌڪا نہ ڏجئين. انهن جي ڪمپني زندگيءَ جي نشاني آهي. الله زندگي ۽ جواني هڪ دفعو ڏيندو آهي. بهتر استعمال ڪريو. گناهہ جا طريقا بيا آهن. جسم جي جنهن ڪم منجهان ڪريپ محسوس ٿئي ۽ بدبوءَ اچي اُهو گناهہ آهي ۽ جنهن کي تنهنجو شعور ۽ ساڃاهہ گناهہ سمجهي. باقي زندگي پاڪ صاف طريقي سان گذاري سگهجي ٿي. بهتر زندگي گذارڻ لاءِ بهتر انسان ٿيڻ تمام ضروري آهي_ انهي کان علاوه زندگيءَ گذارڻ لاءِ ڪي مقصد پنهنجي اڳيان آڻجن. بنا مقصد زندگي اجائي آهي ۽ جانور بہ بنا مقصد زندگي خوشيءَ سان گذارين پيا."

"گناهہ ۽ ثواب کي ڇڏيو. مون کي اهو ٻڌايو تہ اسان جي ڌرتيءَ جا نوجوان ڪيترو وقت ذکين راهن تي هلندا رهندا. اوهان کي رحمان جي خبر ناهي تہ هو غريب گهر جو نوجوان آهي. سندس پاءُ ڪٽنب جي پيٽ جا دوزخ ڀرڻ لاءِ پنهنجو هڪ گردو وڪڻي ڇڏيو. هن ڌرتيءَ تي بيا الائي

ڪيترا رحمان جي پاءُ جهڙا ماڻهو هوندا. اسين پهرين سمجهندا هئاسين تہ سنڌ جا ذريعا سڀ ماڻهو وڏيرا ۽ پير مير پيا کائن. شايد اهو سندن حق آهي. پر گذريل پنجويهن ٽيهن سالن کان آفيسر ملڪ جي بجيٽ جو اڌ کائي وڃن ٿا. سندن گهر بنگلا، گاڏيون ۽ رهائش ڏسو ۽ سندن پيءُ جا گهر گسيل جتيون ۽ ڪچا پڪا گهر ڏسو ۽ پڙهيل نوجوانن کي ڏسو. ملڪ ۾ ڪا طاقت آهي، ڪو ذهن آهي جيڪو نوجوانن جي ذهنن ۾ burner ٻاري رهيو آهي. آءُ ڏسان پئي تہ سندس ڏرتيءَ تي طاقت ۽ بهتر مالي حالتون، هڪ طرف وڃي رهيون آهن ائين ئي جيئن اسين ننڍي هوندي راڻي باغ ۾ see saw جي تختي ويهي، وڏيڪ بار هيٺ ڪري هڪ پاسي جهڪي ويندا هئاسين. هاڻ اهي آفيسر مال ڪمائڻ ۽ وڏيرن، وزيرن ۽ سياستدانن جا instrumental ٿي ويا آهن. ڪين مال ڪمائڻ واري پوسٽنگ ڪپي ۽ وڏيرن وزيرن ۽ سياستدانن کي نوٽن سان ڀريل بريف ڪيس ڪپن. آفيسر اينٽي ڪرپشن، نيب، ايجنسين ۽ انڪوائرين کي بہ منهن ڏين ۽ دل جي بيماري، بلڊپريشر ۽ ذيابيطس جا شڪار ٿين. پر مال ڪمائڻ کان پاسو نٿا ڪن. سال ۾ چار چار عمرا ڪن، حج ڪن، پنج وقت نماز پڙهن، تبليغي جماعت وارن سان بہ گڏ هلن پر چيف انجنيئر، ڪمشنر، سيڪريٽري، ڊي آءِ جي ۽ ٻين ڪاتن جي سٽيپ کي ڪونہ ٿا ڇڏين."

"پلا تون لنڊن وڃين پئي يا ڪنهن انقلابي جماعت جي جلسي ۾ وڃين پئي؟" علي بخش ڪلي ڇيو.

"نہ! پر پوءِ رحمان جهڙا نوجوان پيدا ٿين ٿا. رحمان جي پاءُ جهڙا ماڻهو جيئڻ خاطر گردا وڪڻن ٿا. جيڪي positive سوچ جا نوجوان آهن تن جو ذهن اڏما کائي پيو ۽ اهڙا ماڻهو جيڪي پنهنجي وطن جي مال پنيان بہ آهن ۽ طاقت جي ڏٺين لاءِ instrumental بہ آهن. شايد هاڻ پنهنجا ڏينهن ڳڻين يا اهي نوجوان پنهنجي سر جو آهو لاهين. حالتون الائي ڪيڏانهن پيون وڃن!"

"اهي تہ تيا positive سوچ وارا نوجوان ۽ negative؟"

"اهي criminal آهن. انهن کي اوهان پنهي طرفن ڏانهن استعمال ڪري سگهو ٿا. اهي ambitious آهن. پئسو ملندن تہ وطن بہ وڪڻي ڏيندا. واندا هوندا تہ پوءِ پيا بہ ڪڏا ڪم ڪري سگهندا. قوميت جا نعرا بہ ضرورت پئي تہ هڻندا. اهي سيني کان وڌيڪ خطرناڪ آهن. اوهان رحمان ۽ انهن جي گهر وارن جو خيال ڪجو."

گلاب جي اکين ۾ لڙڪ پرجي آيا ۽ سندس آواز بہ پرجي آيو. علي بخش خان ڪيس ڏنو ۽ سندس هٿ کي پنهنجي هٿ ۾ رکي آهستي سان چيو: "تون انهن جو خيال نہ ڪر. پر هڪ ڳالهہ ٻڌائي؟

گلاب اکين مان لڙڪ اگهي، ڏانهنس ڏٺو"

"رحمان سان محبت ڪرين ٿي؟"

"مون کي هر انهي نوجوان سان محبت آهي جيڪو وطن ۾ واويلا وارو ماحول ختم ڪري. رحمان منهنجو دوست آهي.

"نوجوان دوست ڪٻا آهن!" علي بخش خان مرڪندي چيو.

"هڪڙي ڳالهہ چوان؟"

علي بخش ڏانهنس ڏٺو.

"نوجوان تہ دوست ٿي سگهن ٿا_ پر اوهان سان مون کي محبت آهي. هڪ نوجوان ڇوڪريءَ جي هڪ ميچوئر، ذهين، همدرد ۽ سمارٽ سٺ سالن جي مرد سان! آءٌ پنهنجي وعدي تي قائم رهندس. ٽن سالن کانپوءِ موٽي ايندس. اوهان وٽ ڪو فئملي پرابلم تہ ڪونہ ٿيندو."

"نہ! ڪو فيئملي پرابلم نہ_ بس آءٌ رڳو چاهيان ٿو تہ هڪ انسان جيڪو نفرت جي لبادي ۾ ويڙهجي ويو آهي، سو محبت جي bikni پائي مون وٽ اچي ۽ دنيا جي ماڻهن سان مثبت انداز ۾ ملي."

"bikni ڇو؟"

"جنهن عورت سان مون کي پيار ٿيو آهي، اُن جي ذهانت ۽ جسم کي مون ڀرپور پيار ڪيو آهي."

”مردن جي عام طور سوچ اهائي آهي. اوهان لفظ ذهانت کي وڌيڪ احتياط خاطر استعمال ڪيو آهي.“

”نہ ائين نہ. عورت کي قدرت فياضيءَ سان سونهن ڏني آهي....“

”نہ عورت کي عام مخلوق وانگر سمجهو.“

”عورت پاڻ ئي پاڻ کي عام مخلوق وانگر نٿي سمجهي. هي bikni ڇا آهي؟ ايٽم بم جي تباهين ۽ ڦهليل تباهہ ڪارين کان مردن جو خوف ڇا آهي؟ ايٽم بم جي تباهين ۽ ڦهليل تباهہ ڪارين کان مرد خوفزده ٿي ويا هئا. آخر عورتون انسان ذات جي rescue لاءِ آيون ۽ مغرب ۽ سمنڊ جي ڪناري، قدرت جي ڦهليل ۽ ساموندي لهرن سان گڏ. ٻي جنگ کانپوءِ بڪني پائي beach تي آيون. انسان جو خوف. انسان جي خوبصورتي ۽ جسماني ڪشش ۾ جذب ٿيڻ جا بندوبست قدرت ڪيا. اهڙا بندوبست ڌرتيءَ جي هر حصي تي ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ رائج ٿي ويا آهن. هونئن بہ سونهن سان گڏ ذهانت هجي تہ ڌرتيءَ تي رهندڙ مخلوق جي معراج آهي. عورت جي مرد کي پاڻ ڏانهن نہ ڇڪي ۽ مرد موت ۾ پنهنجي جيءَ ۽ جان سان عورت جي وجود کي نہ ويڙهي تہ_ يار ڪتابن ۾ لکيل قيامت ڪڏهوڪو اچي وڃي ها.“

”قيامت کي اچڻ نہ ڏينداسين.“ ”گلاب کلي چيو.“ پر آئون بڪني ۾ نہ ايندس تي سگهي ٿو انهي کي پائي اچان جنهن کي فيشن جي دنيا ۾ maxi چون ٿا.“

”انهي جي اندر بہ ڪجهہ هوندو يا....“

.انهي اندر آءَ هوندس. آءُ پنهنجو پاڻ کي مغرب جي ٿڌين موسمن ۾ ڪونہ ڇڏي ايندس. اوهان کي جي کوٽي ۽ ڪري جي پرک هوندي تہ پرکي ونجو.“ گلاب جي سڄي بدن ۾ ڏڪٽي ڦهلجي ويئي. هڪ عجيب احساس جيڪو هن پهرين محسوس نہ ڪيو هو. گلاب کي پنهنجي پرسان ويٺل مرد جو احساس ٿيڻ لڳو.

ايئرپورٽ اچي ويو. گلاب جو مختصر سامان ۽ پاسپورٽ ۽ ٻيا

ڪاغذات بينل بن پريوينٽو آفيسر ۽ ايف آءِ جو انسپيڪٽر ڪٽائي ويا ۽ ڊرائيور گاڏي پارڪنگ ڏانهن ڪٽي ويو. علي بخش خان ۽ گلاب، ايئرپورٽ جي جونئر آفيسرن سان اندر ايئرپورٽ ويا ۽ کين خبر هئي ۽ فلائٽ ليٽ آهي. انهي ڪري هُو ريسٽورنٽ ۾ ويهي رهيا ۽ آفيسر گلاب جي سفر جي فارملٽنز پوريون ڪرڻ ۾ مشغول ٿي ويا.

"بڪ لڳي آهي؟" علي بخش پڇيو.

"اوهان کي لڳي آهي."

"ها توسان ضرور ڪائيندس."

"آءُ بہ ڪائيندس.!

علي بخش خان مينوڪارڊ گهرايو.

"ڇا ڪائيندين؟ ڏس!"

"نہ آءُ نٿي ڏسان. جيڪو اوهان گهرائيندا اهو ڪائيندس."

"تنهنجي پسند نہ آهي؟"

"نہ مون کي گهڻيون شيون پسند آهن. پر آءُ فلائٽ ۾ دنيا جي هن پاسي، هنن گهڙين جون يادون ۽ اوهان جي پسند جي ڊشز جون يادون پاڻ سان گڏ ڪٽي وڃڻ چاهيان ٿي_ ۽ هي جيڪي ساعتون گذرن پيون انهن جي سرهاڻ بہ ڪٽي وڃڻ چاهيان ٿي. اهي سڀ لمحا مون سان گڏ هوندا ۽ مون کي جيئڻ جي سگهہ ڏيندا."

علي بخش خان ٿهڪ ڏنو: "پر آءُ چاهيان ٿو تہ اهي لمحا ۽ وٽامنس سڀ هت ڇڏي وڃ ۽ هُت زندگيءَ جا نوان پاسا ڳول. ڏس، پاڻ کي جذب ڪر ۽ قدرت جا رنگ ۽ اُتي جي ماحول جي رنگيني ۽ ماڻهن کي ويجهو ڏسي، انهن جو ماضي ۽ حال پرکي، پنهنجي سبجيڪٽ جي اسٽڊي کي انهيءَ رنگ ۾ رچي اچ ۽ پوءِ هتي جي ماڻهن کي بہ پنهنجي سبجيڪٽ جي expertise ۾ تاريخ ۽ روين جي canvass تي پينٽ ڪري، رنگن ۽ جذبن سان، هتي پنهنجي وطن ۾ نفرت جي پوکيل ٻجن کي ناس ڪري، انهن جي جاءِ تي ڪٽڪ جا سونهرا رنگ ڦهلاءِ ۽ سرنهن جي پيلن گلن

سان ڏرتيءَ کي ڀڪي ڇڏ. انهي سان پيار وڌندو. گلاب! اسان جي ڌرتيءَ تان محبت جا سمورا فصل جبري لُٽجي ويا آهن. اوهان نوجوان وري ڳاڙها گل زمين تي ڦهلايو. سارين جا فصل پوکيو ۽ بي نور اکين ۾ سج ايرڻ تائين ٽئگور جي ڏيئن جي جوت جلايو. پنهنجوپيار وڌندو_ وطن واويلا جي اونداهي جهنگ ۾ بي سمجهه رڻ مان نڪري ايندو.“

گلاب خاموشي سان ٻڌي رهي هئي. بيئرر رشين سوپ ۾ اٽالين سيلئڊ کڻي آيو.

”هٿ هيڏانهن ڪر!“

گلاب اچرج منجهان ساڄو هٿ وڌايو. علي بخش کيسي مان هڪ ننڍڙو باڪس ڪڍي کوليو ۽ اُن مان سونو بريسليٽ سندس ڪرائي منجهه هو. جنهن ۾ سنڌ جو نقشو نهيل هو ۽ چوڌاري لکيل هو. you are mine! گلاب جهڙي پنڊ پهڻ تي ويئي. ائين ڪڏهن به سندس زندگيءَ ۾ نه ٿيو هو. وري سندس اکين منجهان لڙڪ نڪري آيا.

”جيڪي به لڙڪ سانڍي ويئي آهين. سي پل سپ ڳلن تان وهي اچن. زندگيءَ جو ڳاڙهو رت, انهيءَ لڙڪن بدران تنهنجي سڄي سنڌءَ جي پاٽي جهڙي لڳن ۾ ڦهلجي وڃي. لُڙڪ ڪونه ڳاڙيا آهن زندگي گذاربي آهي. جيئن تون گلاب آهين تيئن گلاب جي گلن وانگر_ سرهاڻ سان ڀريل!“

گلاب آسمانن ۾ الائي ڪٿي پاڻ کي محسوس ڪري رهي هئي. انائونسمينٽ ٿيو ته مسافر جهاز ۾ اچن.

گلاب اٿي پرس کڻي, علي بخش خان سان گڏ انهي هنڌ تي آئي جت کيس علي بخش خان کي ڇڏڻو هو.

آخر موڪلائي اڳتي وڌي ويئي ۽ هڪ ڪاغذ جو ٽڪر سندس ڪوٽ جي کيسي ۾ وجهي ويئي.

ڪجهه دير ڪانپوءِ هوءَ آسمان تي هئي ۽ چؤطرف تارا مستقبل ٻرندڙ ڏيئن جيان چؤطرف ڦهليل هئا. گلاب بريسليٽ کي ڏٺو ۽ پوءِ ان جو پئڪيٽ کولي ڏٺائين ته ان ۾ ڪاغذ جو ٽڪرو پيو هو جنهن تي لکيل

هو.“ انسان پيار لائق آهن ۽ آءُ توکي پيار ڪريان ٿو! ”گلاب محسوس ڪرڻ لڳي زندگي ستارن وانگر ڪيتري روشن ٿيندي ويجي.

علي بخش خان ڪار ۾ ويٺوهو ۽ گلاب جو وڏل ڪاغذ کوليو اُن ۾ لکيل هو: ”سر! رحمان جهڙن نوجوانن جو خيال ڪجو. رحمان جي گهر وارن جو ٻـ! ۽ سنڌ ڌرتيءَ جو ٻـ!

❊❊❊